ture

odern
orld:
writers
correspondence,
encounters,
reminiscences

3	4	5
10	11	12
17	18	19
24/31	25	26




A rich multi-national literature
government. Soviet writers and poet
been translated into many foreign
familiarize themselves in their native
literature — people who are the creat
and of their own country. Works by So
are published in the magazine "Sovi
languages.

The magazines "Culture and Lif
achievements of Soviet culture and

APRIL

MONDAY	TUESDAY	WEDNESDAY	T
	1	2	
7	8	9	
14	15	16	
21	22	23	



MARCH

MONDAY	TUESDAY	WEDNESDAY

کھاڻي هڪ ڪامل جي

ليکڪ

ڀڳوان

■

مهاڳ ليکڪ

پروفيسر سنتداس جهانگياڻي،

ايم. اي، پي. ايڇ. ڊي.

ديش بنڌو گپتا ڪاليج، ڪالڪاجي (دهلي)

■

پرڪاشڪ

شري پرمانند ڀنڊار،

کنکل (هردوار) ۽ کار (بمبئي) - ٥٢.

■

ڏهون ڇپرائون]　　مارچ ١٩٨٠　　[ڪاپيون ٣٠٠٠

ڀيٽا ٨ روپيه


ين جن جي
حد وشال
اننت نظر

سهه نمرتا سمرپڻ

"ميرا مجهه ۾ ڪڇ نهين، جو ڪڇ هئه، تيرا؛
تيرا تجهڪو سونپتي، ڪيا لاگي ميرا."

قبول پوي شال هيءَ ڪچي ڦڪي سوغات منهنجي ڪامل مرشد جي ڪمل قدمن ۾ اها اٿم ارداس منهنجار محبوب جي موهيندڙ محل ۾.

شيوا ۾
ڀڳوان

✳

شڪرگذاري

لفظ اٿم ڪونه، جنهن سان ڪريان اظهار،
دل سندي جذبات ڪي، جا آهي پرپور.

آءٌ ذاتي طور ڊاڪٽر سنتداس جهانگيانيءَ جي بيحد شڪرگذاريءَ سان، جنهن هڪ ئي دفع ٽيليفون تي عرض ڪرڻ سان خوشيءَ سان قبول ڪيو هن ناچيز بندي کي نوازڻ ۽ مهاڳ لکي ملهه ڳڏائين هميشه لاءِ دل جي دوستي ۽ درويشن جي دعا.

شيوا ۾
ڀڳوان

وشيه سوچي

نمبر	وشيه	صفحو
	پاڱو ڀيو (ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ)	
٢٥.	هندستان جو ورهاڱو ۽ پاڪستان جو ٺهڻ	٢٣٤
٢٦.	ڀارت جو ڀاڱو جاڳڻ	٢٣٨
٢٧.	هردوار آشرم جو ٺهڻ	٢٤٩
٢٨.	ماتا صاحب جن جو شڪلوڪ پڌارڻ	٢٥٩
٢٩.	بمبئي آشرم جو ٺهڻ	٢٦٢
٣٠.	سمرت سروپ استاپنا	٢٦٨
٣١.	هردوار آشرم جو وڌڻ	٢٧١
٣٢.	آدرشي نرمل جيون	٢٧٦
	(١) ويدانتي جيون	٢٧٦
	(٢) روزاني رهت	٢٧٧
	(٣) سال جي ڊائري	٢٨١
	(٤) پريم جو ساگر	٢٨٣
	(٥) آنند جا ڀنڊار	٢٨٤
	(٦) ايڪتي	٢٨٤
	(٧) ليائڪي	٢٨٥
	(٨) اپسوري	٢٨٦
	(٩) گرهست ۽ مريادا پرشوتم	٢٨٨
	(١٠) دَيا، دان، شيوا ۽ نهٺائي	٢٩١
	(١١) سادگي	٢٩٤
	(١٢) سرو ڪلا سمپن	٢٩٥



مهاڳ

سنڌ جي ٻين ڀوميءَ گهڻن ئي سنتن ۽ صوفين، ڪوين ۽ آچارين، داني ويرن ۽ راڄنيتي نيتائن، وڻجارن ۽ واپارين کي جنم ڏنو جن وقت بوقت پنهنجي جنم ڀوميءَ جو نالو ديس پرديس ۾ مشهور ڪيو. تنهن ۾ شڪارپور جو شان نرالو آهي. شڪارپوري واپارين سنڌ جو نامچار دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي ڇڏيو. اهڙو ڪو هنڌ ڇڏو ملندو جتي شڪارپوري واپاري يا سنڌس دلال نه هجي. سندن هنڊيون نقد ناڻو ڪري ليکيون وينديون هيون. شڪارپور جون مٺايون نه مشهور هيون ئي پر اتي جا ماڻهو به منهن جي مٺاج ڪان مشهور هئا ۽ ان ۾ به خاص ڪري زالون. سنڌي ڪوين جي ترمورتيءَ مان هڪ مورلي ساميءَ جي پيدائش جو شرف به شڪارپور کي ئي حاصل آهي. ڀائي چئنراءِ ٻچومل ڏتاراماڻي ”سامي“ پهرون ئي ويدانتي ڪوي هو، جنهن سلوڪن سان نه صرف سنڌي ڪوتا کي مالا مال ڪيو پر ويدن جي واڻيءَ

جيون ڪا ليون سيٺ چوڪسرام وٽ وري پڌاريا ۽ اڳڪٿي ڪيائون ته ”هيءُ ٻالڪ راڄ يوگي آهي ۽ سندس دل هميشه گيان يوگ جي ٻل سان ڀرپور رهندي. جوانيءَ ۾ هنجي ملاقات هڪ وڏي مهاپرش سان ٿيندي ۽ هيءُ ٻالڪ سڀني ڪل جو ڪلياڻ ڪندو.“ انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته سوامي جن جي اها اڳڪٿي ١٠٠ پيسا في روپيه صحيح ثابت ٿي. سائين پرمانند صاحب نه رڳو پنهنجي ڪل جو اُڌار ڪيو پر سڀني سنڌي جاتيءَ ۽ ٻين جاتين جي ماڻهن کي موڪش جي واٽ ڏيکاري ۽ ڏيکاري رهيا آهن. سندن صوفيانه خيال ۽ ويدانتي ويچار دل سان هنڊائڻ لائق آهن جي پرماتما جي پانڌيئڙن کي صحيح دڳ لڳائين ٿا. مثال طور ملاحظ فرمايو هيءُ خيال:

”لو ۾ آهي سو سر سارو، جنهنجا ٿون پنڌ پڇين ٿو،
مرد ٿي ميڙ مَن مون، وهم ڀانهپ وارو،
ڏس پنهنجو پاڻ نظارو، ڪڍي خيال خوديءَ جو سارو،
مرشد ڪون معنيٰ وٺي، ڪر وحدت لي ڪو وارو.“

سندن ويدانتي ويچار هيٺين ڪوتا مان ليکا پائي رهيا آهن:

”لوڪي سنگر شبد سڻايو،
سرو ويا پي برهم بتايو؛

۽ اُپنشدن جي سکيائن جو پرچار پڻ ڪيو جنهن سندس هيٺين سلوڪ مان ڏسڻ ۾ ايندو:

"جو نڪري ناپ منجهار، تون سهي سڃاڻج ساه کي،
اڇي گهراڻ گهٽيءَ مون، واءُ ڪيو وستار،
دامودر تنهن دم ۾، آهي اونڪار،
ويدن جو ويچار، سو سنديءَ ۾ سمايو."

اهڙو ٿي بيو گياني، ڏياني، لاطمع، ڪرم يوگي، پراُپڪاري ۽ نروڪاري جو شڪارپور پيدا ڪيو سو آهي سائين پرمانند صاحب جنهن لاءِ ائين چوڻ وڌاءُ نه ٿيندو ته:

"آهن يوڄڻ جوڳ، ساڌو جن سنسار ۾،
ڪڍيو جن اندر مون، سمجهي سنسو سوڳ،
ساکي سار سروپ تي، يوڳن يوڳ ايوڳ،
اوديا ڪلپت روڳ، سامي ڪٽن سڀ جو."

جنهن هن ڪتاب "کھاٹي هڪ ڪامل جي" مان ظاهر آهي، تنهن سائين پرمانند جن جو جنم پرم هنس اوڌوت سوامي جيوڻ ڪاليون جي آسيس سان ١٤ جنوري ١٨٩٨ع تي، ترموري (مڪر سنڪرات) جي شڀ ڏينهن تي ٿيو. سندن پتا سيٺ چوڪسرام کي ٦٥ سالن جي عمر تائين پتر سنتان نه ٿي جيتوڻيڪ کيس ٽي نياڻيون هيون. سائين پرمانند جن ٽن سالن جا هئا جو سوامي

٢- گهر گهر ۾ ليلا ڪئي جنهن ڪان،
ارجن کي ڏنئي ڌڌ ۾ گيان؛
مون کان جدا نہ آهي ڀڳوان،
آدم ٿي هت آيو آهي.

٣- مايا اوديا پيد وڃائي،
ڇدا ڀاس ڇدا ڪاش ٿئي آهي؛
من ڇڏي ڏي غير گمان،
آدم ٿي هت آيو آهي.

٤- سمرت وٺي سرت جاڳائي،
لاهوتي آهي لڪ لڪائي؛
پرمانند پاڻ حيران،
آدم ٿي هت آيو آهي."

سائين پرمانند صاحب جن جي اهڙي واڻيءَ وچار عوام اڳيان آڻي، ڀاءُ ڀڳوانداس ٻلواڻيءَ سنڌي پبلڪ سان ڀال ڀلايا آهن. سنڌي ساهتيہ ۾ سنتن جي ساکين ۽ مهاپرشن جي جيونين جي اڻاڻ آهي تنهنڪري ان ڏس ۾ سندس هيءَ ڪوشش قابل تعريف آهي. ٦٥ سالن جي پڪي اوستا ۾، محنت ڪري اٽڪل ٤٠٠ صفحن جو ڪتاب لکڻ مڪڻ جي شيخ پڇائڻ کان ڇا ۾ گهٽ آهي سو بہ جڏهن ڀاءُ ڀڳوانداس صحيح ڪٿ ۾ ڪو ساهتڪار نہ آهي. جيتوڻيڪ سنڌي ساهتيہ ۾

آئي نہ ڪو جيو نہ ڪو ڀوڳڻ هار،
نظر ڏري تون نوڙي نهار؛

گرمک سو جو غير نہ ڄاڻي،
لڪ چشون جون مؤجان ماڻي؛

نہ ڀا نہ ڪي آڻي اعتمار،
نظر ڏري تون نوڙي نهار؛

پرمانند پڙرو تيو پاڻي،
اول آخر اوم وکاڻي؛

وچ ۾ مان تون جو وهنوار،
نظر ڏري تون نوڙي نهار."

سامي صاحب جو اهو وچار تہ "نراڪار آڪار ڏاري آهي جڳ ۾" سائين پرمانند صاحب جن هيٺين ڪوتا ۾ گهڻي نہ خوبصورتيءَ سان بيان ڪيو آهي:

"بس ڪر بس ڪر آهي ڀڳوان،
آدم تي هت آهو آهي.

١- جنهن ڪي تيو بنواس تمام،
جو دسرت گهر آيو رام؛
مٽي رانوڻ جو ايمان،
آدم تي هت آهو آهي.

نويدن

كيڏي وڏيائي، ڪريان سا پرسن جي؛
سر درسي سيتل سدا، سڀ جا سڪدائي؛
ممتا مڱل اندر ۾، رکن نہ، رائي؛
سامي سدا ئي، ڪن اُپڪار اڃاھ ٿي.

ارڙھن سال اڳ شري ھري اوم لال پوڄيہ پاد شري ست چت سوامي پرمانند صاحب جن جي الوڪڪ جيون ڪٿا ھڪ ”جيون پالرا“ نالي سندر پستڪ جي روپ ۾ لکي ١٩٦١ ۾ ڇپائي پڌري ڪئي ھئي. جنھن ۾ اُن وقت تائين سوامي جن جي آدرشي ۽ من موھيندڙ جيون جون مکيہ گھٽنائون گڏ ڪري عام ماڻھن جي اُنتيءَ لاءِ ظاھر ڪيون ويون ھيون. اُن ڪانپوءِ ڪيترن پريمين جي وقت بوقت آگره ڪرڻ تي ھن داس جي دل ۾ پريرڻا اُٿڻ تي تہ ھن الستي اللھ لوڪن جي ھن ڇولي ۾ صفر جي کھاٽي نئين سر سوڌي اڄ تائين جيتري قدر مڪمل ٿي سگھي اولڙي گڏ ڪري ڇپائجي. اھا پنھنجي بالڪ جي ليبر اڃا ڏسي ۽ جڳت جي ڪلياڻ ڪي خيال ۾ آٽي سوامي جن ڪرپا ڪري پوشر آگيا ڏني. اُنھي پٺاندر اڳئين پستڪ جي آڌار تي ۽ وڌيڪ ارڙھن سالن جو احوال گڏ ڪري ھي نئون املول پستڪ پاٺڪن جي اڳيان پيش ڪجي ٿو. اُميد تہ ھي ناياب سوکڙي سڀ

دلچسپيءَ هئڻ سبب مشهور مخزن ”سنڌو“ جو نائب سمپادڪ به رهي چڪو آهي. هن صاحب راشننگ آفيسر جي عهدي کان وٺي ويندي اُدوگ منتراليه جي جدا جدا آفيسري پدن ۽ هندستان پيپر ڪارپوريشن (سرڪاري محڪمو) جي سيڪريٽريءَ جي عهدي تان پنهنجي ڀومڪا ڀليءَ ڀانت نباهي آهي ۽ هينئر سماج شيوا جي ڪارج ۾ رڌل آهي. سائين پرمانند صاحب جن جي هنديءَ ۾ لکيل ڪن ڪتابن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو اٿس. هيءُ ڪتاب ”ڪهاڻي هڪ ڪامل جي“ (ٻن ڀاڱن ۾) سندس پهرين اصلي ڪوشش آهي، جنهن مان پنهنجي گروءَ لاءِ سندس صدق سمي رهيو آهي. شل سندس هيءَ نماڻي ڀيٽ قبول پوي!

پروفيسر سنتداس جهانگياڻي،

٢٩ مارچ ١٩٨٠ — سنڌي وڀاڳ،
ديش بنڌو ڪاليج،
ڪالڪاجي، نيو دهلي-١٩.



ٻه اکر

"اچا پيءِ آهن، سڀ نه، ويا سنسار مان؛
ڦٽل ڦاٽل دلين کي، ٽٽا جوڙي جاڳائين؛
ڀولا ڀرم اندر جا، هڪ لحظي منجهه لاهين؛
"پرمانند" پائين، آنجن ايڪتا عام کي."

سوامي جن پنهنجي هڪ پستڪ ۾ لکيو آهي ته جيون هڪ لمبو سفر آهي جنهن ۾ مانش جنم اُن ڊگهي ياترا ۾ هڪ موکيه جو دروازو آهي جنهن ۾ هن جيوَ کي پرماتما وجهه ڏنو آهي ته هوُ اِنهي ياترا کي جلد ئي طئه ڪري اصل منزل مقصود تي پهچي وڃي ۽ اهو اکٽ خزانو پائي جنهن جي پائڻ کان پوءِ هن کي ٻئي ڪڇ حاصل ڪرڻ جي ضرورت ئي نه ٿي رهي. پر جيڪڏهن هي جيوَ پنهنجي مليل وجهه جو قدر نه سڃاڻي، مانش چولي ۾ به پشن جي جوڻين وانگر ئي وشيه پدارٿن سان ليهن اُڙائي ڪري ڀنگر سک لاءِ ڀٽڪي ڀٽڪي جنم وڃائي ٿو ته وري اِنهيءَ لمبي سفر جي اڻ ڪٿ ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ وڃي پوي ٿو.

سمجهو ماڻهو اِنهي دُرلڀ مانش جنم کي سڦل بڻائڻ پنهنجو مکيه فرض سمجهن ٿا ۽ جنهن وقت به، جتي به ۽ جنان به اُنهن کي سچي سمجهه حاصل ڪرڻ جو وجهه ملي ٿو ته هوُ پنهنجو فرض سمجهي اُن مليل موقع جو

جي راهه تي هلندڙن لاءِ هڪ اُتساهه ڏياريندڙ ۽ راهه روشن ڪندڙ مشعال ثابت ٿيندي. سوامي جن جي مهما نه اپر اپار آهي:-

وڏراهه سڀ قلم ڪريان،
سمندر ڪريان سڀ مس؛
پرٿوي سڀ ڪاغذ ڪريان،
لکڻ وهان سُ جس؛
نه به بندي جو چا وَس،
جو ڪٿي سگهي هن اڪٿ کي.

* * *

"هوُ اوچو منجهه آڪاس، اسين پيرڙا مٿي پوُن."

* * *

"سڻ گلان آڪاس ڪي، ڪيئنا آئي ريس."

الهيءَ هوندي به پنهنجي وت آهر، سندن اُي بخشيل بڌيءَ ۽ ٻل سان هي پشپ سندن چرنن ۾ ڀيٽ ڪريان ٿو. آشا آهي ته پنهنجي ٻالڪ جي ڀيٽا ضرور قبول ڪندا ۽ ٻانڪ گرهڻ گرهڻ گراهي ٻڌجي هن مهان آدرشي جيون مان جيڪي به ۽ جيترو به لاڀ وٺندا، اولرو ٿي انهن جو به جيون سڦل ٿيندو. اوم آنند!

شيوا ۾،
پيچوان

١-٩-١٩٧٩

کھاٹي ھڪ ڪامل جي

پاڳو ڀڙبون

(ڀڙيان پنجاھ سال)

وجهه هٿان نٿا وڃائين.

”وڃي ئي ٿو هاڻي هليو، وقت يار ويچار جو؛
ٻڌ ڪم هوشيار ٿي، ڇڏ سنگهه وشيه وڪار جو؛
ماڻهو ڏيڻ مشڪل ادا، سو نه ڏيندين ڪون سدا؛
جلد ميٺي ڪم منڊا، درس ڪر دلدار جو.“

مهاپرشن جا جيون چرتر الهي سچ جي راهه ۾ هلڻ لاءِ هڪ چمڪندڙ چانڊاڻ مثل آهن ۽ جڏهن ته هن پستڪ ۾ هڪ اهڙي ئي ڪامل، ادويت يوگي راج، برهم نشٽي ۽ برهم سروتري جي پوتر جيون جو ورتانت ڏنل آهي، سو هي ضرور هڪ راهه روشن ڪندڙ ثابت ٿيندو ڇاڪاڻ ته هو پاڻ گرهست آشرم ۾ رهي ۽ اسان جيون وانگر گرهست ۾ سيدي آيل ڪٺنائين سان مقابلو ڪري، هر هڪ قسم جو پارٽ مڪمل طرح سان ادا ڪيو آهي ۽ ڪندا رهن ٿا ۽ انهيءَ طرح اسان رواجي انسان لاءِ هڪ آدرش قائم ڪيو اٿن.

اميد ته قرب وند ۽ سچ جا شائق پنهنجي هن زندگي جي سفر ۾ هي مها آدرشي جيون سامهون رکي پنهن جي خيالي سقل بڻائيندا ۽ هن جهان ۾ رهندي به اصلي آنند جو لطف ماڻيندا، ڪنول جي گل جيان ٽڙندا رهندا ۽ سونهن جي سڳنڌ ڦهلائيندا رهندا. ان سان گڏ سنسار جي گپ ۽ ڪيچڙ کان آجو سدا نرمل، نيارو ۽ نوراني نور جو ظهور ٿي رهندا.

ٿيندي هئي. پرديسي مهمان کي ايشور جو روپ سمجهي شيوا ڪئي ويندي هئي. سراء ۾ هر وقت حقو پاڻي هڪيو هوندو هئو. چهل پهل هر دم هوندي هئي. ليل لماڪو جي ڪمي ڪانه هوندي هئي. مطلب ته سچ پچ اتي شيوا جا آستان اهي اوطاقون هونديون هيون ۽ اهڙين اوطاقن مان سڀني کان وڌيڪ مشهور سيٺ موليرام جي سراء هئي.

سيٺ موليرام جن هنڊي پانڊي جو صرافڪو ڌنڌو ڪندا هئا. شڪارپور جا صراف جڳ ۾ ولايتي بئنڪون هيون. هونئن به سنڌ ۾ شڪارپور هڪ تمام جهونو شهر آهي جنهنجو سڌو ولايت سان واپار هلندو هو جهڙوڪ اولهه ۾ ڪابل، قنڌار، ايران، روس، بصره ۽ عدن کان وٺي، اوڀر ۾ سينگاپور، بئنڪاڪ، انڊونيشا ۾ جاوا سوماترا وغيره تائين سندن واپار هلندو هو. انهي ڪري شڪارپور جا واپاري سنڌ ۽ هند ته ڇڏيو پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هئا ۽ سندن هنڊين جو مان اهڙو هوندو هو جهڙوڪ اڄ ڪلهه جي بئنڪن جي چيڪن جو. انهي ڪري صرافن کي بئنڪر به سڏيندا هئا. سندن ڪوٺيون بمبئي، ڪراچي، مدراس، ڪلڪته جهڙن سڀني وڏن شهرن ۾ هونديون هيون ۽ سندن وڏا ڪارخانا پنجاب، اتر پرديش، دکن هندستان وغيره ۾ سڀني هنڌ پکڙيل هئا. سائين جن اهڙي هڪ دانور، اُدار دل

اوائلي احوال

سائين سَت چِت پرمانند صاحب جن جا وڏا اصلي ڪٿان آيا ۽ شڪارپور ۾ ڪڏهن اچي رهيا، تنهن جو پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. هت ڪيل احوال مان اهو ئي معلوم ٿو ٿئي ته هو بزرگ شڪارپور ۾ ئي گهڻي وقت کان وٺي ويٺل هئا. جيئن ته سوامي جن چگهه آسراڻي گهراڻي جا آهن ۽ انهيءَ گهراڻي جا ڪيترا پنجاب ۾ به رهندڙ آهن، انهيءَ ڪري انومان لڳائي سگهجي ٿو ته سندن وڏا ايامن کان پنجاب جا رهاڪو هوندا ۽ گهڻي وقت کان شڪارپور ۾ اچي ٽڪاڻو ڪيو هوائون.

چگهه آسراڻي گهراڻو تمام جهونو ۽ ڀلو گهراڻو آهي. شڪارپور ۾ اهو گهراڻو وڏي وچڙ سبب ان جون ئي مکيه آکاهيون (شاخون) ٿيون. هڪ آسراڻي، ٻيو طوطلاڻي ۽ ٽيان شراف جن کي صراف به سڏبو آهي. انهن مان آسراڻي آکهه وڏيڪ پرقلمت ۽ ناميارِي آهي.

هن پستڪ جا نائڪ سائين پرمانند صاحب انهي آسراڻي آکهه مان آهن. سندن ڏاڏو سيٺ موٽيرام هڪ ناميارو سيٺ ۽ مشهور بزرگ ٿي گذريو آهي جن جي ناليءَ جي سراءِ اڃا تائين شڪارپور ۾ مشهور آهي.

سنڌ ۾ وڏن ۽ اُدار دل سيٺين جون سرايون هونديون هيون جتي آئي وئي مهمان جي دل وجان سان خاطرداري

سيٺ چوڪسرام جن کي شڪارپور جي ٻاهران هزاري واهه ۽ سول ڪورٽ جي نزديڪ هڪ باغ به هو. سندن رهڻي رئيسن وانگر شان شوڪت واري هئي.

سيٺ چوڪسرام ۽ سندن ڌرم پتني مائي هيرل ٻائي هڪ آدرش دمپتي هئا. ٻئي شروع کان وٺي اوچن خيالن ۽ ڌرمي سڀاءَ جا هئا.

هميشه پرڀات جو اُٿي، ايشور جي سمرڻ ۽ ڌيان ۾ ويهندا هئا. ان کانپوءِ صبوح جو ٻئي ڪم ڪار کي لڳندا هئا. سندن سنتن ۽ مهاتمائن سان ڏاڍو سنيهه هوندو هو ۽ اُنهن جي سيوا ٽهل دل وجان سان ڏاڍي پريم سهت ڪندا هئا ۽ ڏاڍا اُدار آتما ۽ ڌرماتما هئا.

مطلب ته نه فقط شاهوڪار گهراڻو هو پر اُن سان گڏ گرمکه ۽ ست پرشن جو ڪُل هو جنهن ۾ اسانجي سائين جن اچي اوتار ڌاريو.

سيٺ چوڪسرام جي ٻئي نمبر ڀاءُ سيٺ کيولرام جن جي شادي ٿي هئي پر سندن ڌرمپتني جلد ئي سرڳواس ٿي ويئي. اُن کانپوءِ هُن وري شادي نه ڪئي ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ سيٺ چوڪسرام جن سان ئي گڏ رهندا هئا.

سيٺ ڪوڙومل سيني ڀائرن ۾ ننڍو هو. انهيءَ کي ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي. جن مان ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي سرڳواس ٿي ويل آهن باقي هڪ پٽ حيات آهي جو بمبئيءَ ۾ رهندو آهي.

بزرگ سيٺ موتيرام آسراڻي ڇڪهه جي خاندان جا آهن.

سيٺ موتيرام کي ٽي پٽ هئا- (١) سيٺ چوڪسرام (٢) سيٺ کيولرام ۽ (٣) سيٺ ڪوڏومل.

سيٺ چوڪسرام اسانجي سائين جن جو پتا هو ۽ ڪين ٽي ڏيئر ۽ هڪ نؤنهال فرزند ٿيا.

سيٺ چوڪسرام جن جو به صرافڪو ڌندو بمبئي ۾ هلندو هو ۽ پاڻ به گهڻو ڪري اُتي رهندا هئا. بمبئي ۾ پاڻ سان گڏ هڪ نؤجوان بالڪ پؤن داس کي به وٺي ويا هئا.

بمبئي ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪاڻپوءِ ڪين اُتان جي هوا ۽ پاڻي پاءِ نه پوڻ لڳا ۽ ان سبب اِهو شهر ڇڏي سکر ۾ اَچي ڌندو شروع ڪيائون. بمبئي جو سمورو ڌنڌو پؤن داس کي ڏيئي آيا جو اڄا تائين پونداس ۽ ڪمپنيءَ جي نالي سان مشهور آهي.

سکر ۾ صرافڪي ڌنڌي سان گڏ ٺيڪيداريءَ جو ڪم به شروع ڪيائون ۽ ريلوي ڪاٽا کي مال ڏيندا هئا.

سيٺ چوڪسرام جي شادي سيٺ لٽيمدرام همدوجا جي نياڻيءَ ماتا هيرل بائي جن سان ٿي. سيٺ چوڪسرام جن جو گهر شڪارپور ۾ آسراڻين جي حويلي ۾ هو. اِها حويلي سٽوئرٽ گنج (Stuart Gunj) جو عام طور "سٽول" جي نالي سان مشهور هو، اُن جي پرسان داد وائي روڊ جي اندر، جماخان جي مڏي جي وچهو هئي.



سري ١٠٨ سوامي جيون ڪا ٹيون

جنم

"رکي رکڻ هار، آپ اُبارين؛
گور کي ڳنڍري ٻاءِ، ڪاج سوارين."
(مهلا پنجوان)

سيٺ چوڪسرام جن جي گهر ڀريائين ٽن ڪنيائن جنم ورتو ۽ ٦٥ ورهين تائين سندن گهر ۾ ڪو پٽ رتن پيدا ڪونہ ٿيو. سندن ڪنيائن جا نالا هئا ميگهي بائي، ٽيرٿ بائي ۽ جمنا بائي ۽ ستئي نياڻين کي هڪ ڀائٽي ڪانسواءِ گهر ٻسو محسوس ٿيڻ لڳو. هوڏانهن ماتا پتا کي بہ اُداسائي انهيءَ ڳالهہ جي ڏاڍي هئي. هيڏي ڌن سمپتي هوندي ۽ ٻئي هر ڪنهن جهاني پدارٿن، سکن ۽ سهوليتن موجود هئڻ تي بہ اُنهنجي جيون ۾ هڪ وڏو خال هو جو اُنهن کان وسري ئي نہ پيو.

سيٺ چوڪسرام جي ڪيترن سنتن مهاتمائن سان صحبت تہ شروع کان وٺي رهندي پئي آئي. سو چونہ ايشور ڪرپا سان هڪ ڏينهن هڪ اؤڌوت، ڪلا جي صاحب، ڪامل پرش "جيوُن ڪا ليوُن" نالي مهاتما جن اَچي شڪارپور ۾ هڪ باغ ۾ ڏيرو ڪيو.

پرم هنس اؤڌوت سوامي جيون ڪا ليون اصلي ڀارت جي اُتر اولهہ پاسي جا هئا. سندن ٺيڪ جنم ۽ جيون ڪهاڻي جو پتو ڪونہ ٿو پوي. پر هو هڪ

سٺ پرش، پورڻ گياني، بي پرواهه ۽ سيني رڌين سڌين جا مالڪ هئا. استرين کي وڃهو به اچڻ نه ڏيندا هئا.

سيٺ چوڪسرام انهن سنتن ۾ پورڻ چرنن ڪمل ۾ پاڻ ارپڻ ڪيو. جهڙا هو هئا ڪامل ملاح لڌؤ و هو سيٺ چؤڪسرام سڪايل، شرڌالؤ ۽ دردوَند سيوڪ!

سوامي "جيون ڪا ليون" جن وڏي منزل جا مالڪ هئا ۽ برهم گيان جي پرم اوچي پد جا واسي هئا. جڏهن هو شڪارپور پڌاريا ته شهر جا ڪيترا قدردان پريمي سندن درشن لاءِ آيا. پرڻام ڪري ڪالهن پڇڻ لڳا ته هي ڀڳون! توهانجو شڀ نالو ڇا آهي؟ سوامي جن جواب ڏنو ته "جيئن سمجهو." پريمين پڇيو ته توهانجي ڪهڙي سيوا ڪريون؟ تڏهن به جواب ڏنائون ته "جيئن سمجهو."

توهان هتي ڪيترا ڏينهن رهندا؟

چيائون ته "جيئن سمجهو."

هتان ڪهڙي طرف ويندا؟

تڏهن به وراڻيائون ته "جيئن سمجهو."

پوءِ ته پريمي عجب ۾ پئجي چوڻ لڳا ته هي ڀڳون! اسانکي ڪرپا ڪري پنهنجي وچنن جو مرم سمجهايو. جنهن تي اوڌولن فرمايو ته مان توهانجي وشيه جي بدلجندڙ نام، روپ ۽ ڪريا کان پري ڳالهائي رهيو آهيان. جيڪو سدا هڪ رس آهي، انهي نتيه آتما لاءِ ته توهان پڇيو ئي نه رهيا آهيو! رڳو مون ۾ شرير جي

هڪ نؤنهال ٻالڪ جنم ورتدو. آخر اُها انمول ۽ سڀاڳي گهڙي آئي.

"بسنت بهار مانگهہ جي منڍ ۾ ملبو مانو اوتار."

اُهو شڀ ڏينهن هو ١٤ جنوري ١٨٩٨ع يعني وڪرم سمبت ١٩٥٤، آرمؤ ريءِ، مڪر سنڪرات جو ڏهاڙو. سمو هو گائين جي موٽڻ جو شام جو، جنهنکي شاسترن انوسار ڏاڍو سٺو مهورت سمجهيو ويندو آهي. اُنهي سڀاڳي گهڙيءَ ۾ سائين جن هن جڳت جي ايڪ جيون جي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ اوتار ڌاريو.

پوءِ ته گهر گهر واڌايون وريون ويون ۽ پرمالما جا لک لک شڪرانا مڃيا ويا. دان پڃ لاءِ دروازا کليا ويا ۽ چؤطرف شادمانا ٿيڻ لڳا.

"واهہ واهہ جي واڌائي آئي، واهہ واهہ جو جهنڪارو،
واهہ واهہ جا واڪا وڄا، واهہ واهہ جو واڌارو."

مهد پوشن جي آسيس واهہ جو لڳي!

سٽگر ساچي ڏينئا پيبچ،
چر جيون اُپجيا سنجوڳ.
اُدري ماهہ، ڪيئا نواس،
ماتا کي من بهت بگاس.
جنمئا پوُت پڳت گووند ڪا،
پرگٽيا سڀ مهہ لکئا ڌرڪا.

❀ ❀ ❀

ڪلپنا، شيوا جي ڪلپنا، ڪائڻ پنڻ جي ڪلپنا ۽ اُچڻ وڃڻ جي ڪلپنا ڪري ٿڪجي رهيا آهيو. پر مان توهان کي انهن سڀني ڪلپنائن کان پري سڌو جواب ڏيئي رهيو آهيان. ٻاقي هت جيترو سمو هولڊو اوترو رهو. جهڙو ڀوڄن ڏيندءُ، سو کائيندس ۽ جيڪا شرير جي ٿوري گهڻي شيوا ڪندا، تنهن ۾ مان راضي آهيان ۽ جڏهن خوشي ٿئي هتان هليو ويندس. اَهڙا هئا هو سچي منزل جا مالڪ!

سيٺ چؤڪسرام کي هونئن ته ڪيترن ئي سنتن ۽ مهاتمائن وٽان دلاسو پيو ملندو هو ته اوهان کي پٽر سنتان ضرور ٿيندو پر هن دفعي اوڌولن جي مک مان ازخود آسيس نڪتي ۽ سيٺ چؤڪسرام کي چيائون ته پوري ٻارهين مهني اوهان وٽ هڪ لعل پيدا ٿيندو. سنت ته پنهنجي موج جا مالڪ آهن. خبر ناهي ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي ڳالهه تي تا راضي ٿين. ضرور سيٺ چؤڪسرام جي اَپار شرڌا ۽ سچي سک ئي ڪين موج ۾ آندو هوندو جو سندن مک مان اهڙي آسيس نڪتي.

پلا اهڙي شي ۽ آنندايڪ آسيس پائي ڪنهن جو نه من پرفلت ٿيندو! سيٺ چؤڪسرام اهو فلدايڪ ۽ آنندمي سماچار سڀني سنبنڌين کي سڻايو جنهنجي ٻڌڻ سان سڀني جي آنند جي حد نه رهي ۽ چوڻ لڳا ته مهاپرش جا وچن اَٽل آهن ۽ ٻارهين مهني اندر ضرور

بالپڻ ۽ وديا

"اڄ اڱڻ منهنجي آنند ڇايو،
بالڪ روپ ۾ "پرمانند" پايو.
ڏک درد ويو موڪلائي،
سک سورج منڙي نُور ڪي پائي."

سائين جن جو سولو جنم وقت پورن نون مهينن جي بجاءِ اٺن مهينن جو هو. انهيءَ ڪري سندن ماتا پتا شروع کان وٺي سندن پالڻ پوشڻ ڏاڍي خبرداريءَ سان ڪندا هئا ۽ حڪيمن جي صلاح سان ٻالڪ کي گهربل طاقتور کاڌن ۽ دوائن تي پاليندا هئا.

هڪ سڪيلڌو ٻار، ٻيو شاهوڪاري ڪٽنب، تنهن ماتا پتا جو بي حد پيار! انهن حالتن ۾ ٻالڪ گڻ پاڻ سمجهي سگهندا ته سائين جن جو نيپاج ڪهڙي نه لاڏ ڪوڏ ۽ چوچ سان ٿيو هوندو. ٻيج جي چنڊ وانگر هر روز سندن تيج سوايو ٿيندو ويو.

اٽڪل ٽن سالن جا ٿيا ته اُن وقت پڻ هنس اوڌوت شرومڻي سوامي جيون ڪا ٿيون شڪارپور ۾ وري پڌاريا ۽ سيٺ چوڪسرام جي باغيچي ۾ اچي لٿا.

مهاپرشن جي پڌارڻ جي خوشخبري ٻڌڻ تي سيٺ چوڪسرام سيٺي سمبنڌين کي پاڻ سان وٺي ننڍي ٻالڪ سميت سوامي جن جي درشن لاءِ شيوا ۾ اچي پهتا.

ڏسي ماسي ڌڪم ٻالڪ جنم ليئا،
مِتَرئيا سوڳ ، مها آنند ٿيئا.
گور ٻاڻي سکي آنند گاويءِ،
ساچي صاحب ڪي من ڀاويءِ.

❁ ❁ ❁

وڏي ويل ٻهه پيڙي چالي،
ڌرم ڪلا هر هنڌ ٻهالي.
من چنديا ستگور وِدوائيا،
ڀئي اچنت اِڪ لوَ لائيا.

❁ ❁ ❁

جنم ٻالڪ پتا او پرڪري ٻهه ماڻ،
ٻلائيا ٻولي گر ڪي ڀاڻ.
ڪجهي چنني ناهين ٻات،
گر نانڪ تنا ڪيني دات.

(آسا محلا پنجوان)

■



پرم پوج سیٹ چوکسرام صاحب

ڪامل درويش هڪ وڏي وڻ هيٺان بيحد آنند ۾ مگهن ويٺا هئا. سيٺ چوڪسرام نمرتا سان ڏنڊوت پرڻام ڪري سنتن تي قدمن جي ورکا ڪئي ۽ ٻالڪ کي سندن چرنن ۾ وهاريو.

مهاپرش ڪرپا ڪري ٻالڪ کي پنهنجي ڪاٻي گوڏي تي وهاريو ۽ سيٺ چوڪسرام کي کلي چوڻ لڳا ته "تم ڪيا سمجهتي هو! تم ٻڙي ڀاڳيه شالي هو جو ايسي راج يوگي ٻالڪ ڪا آپ ڪي گهر ۾ جنم هوئا هئه. اسڪا هرديه گيان يوگ ڪي ٻل سي سديو پرڦلت رهيگا اؤر يوا اوستا ۾ ئي اسڪي ايڪ ٻڙي مهاپرش سي ڀيٽ هوگي اؤر يي ٻالڪ ساري ڪل ڪا ڪلياڻ ڪريگا."

ورلي ماءُ جڻي، ڪو ڌرم وير پت گرب مان،
جنهنکي سمجهه سلوڪ جي، سهجي ڳالهه وٽي.
جيوت جڳهه ورتاو ۾، پرجهي پيير ڪٽي،
پوري ڀاو ٻڻي، ڀائي ٻنڌو سڀ جو.

سک ۽ آنند جي ڏينهن گذرندي ڪا ويرم ئي ڪانه ٿي لڳي. انهين ئي وقت گذرندو رهيو ۽ سائين پرمانند جي عمر پنج سال اچي ٿي. هاڻي ماتا پتا کي ٻالڪ کي ودِيا ڏيارڻ جو خيال ٿيو.

اُهو سمو ۲۰ صديءَ جي شروعات جو هو يعني

١٩٠٣ع جي ڳالهہ آهي. اُنوقت هاڻوڪي زماني جا وديالیہ
۽ سڪول گهٽ ڪري ڪونہ هئا. نڪي انگريزي نموني
وديا ڏيڻ جو ڦهلاءُ اهتري قدر ٿيل هو. مسلمان پنهنجي
ٻارن کي مدرسن ۾ موڪليندا هئا جتي ملان کين عربي
۽ پارسي ۾ مذهبي تعليم ڏيندا هئا. هندو پنهنجي ٻارن
کي پنڊتاڻي پاٺشالائن ۾ موڪليندا هئا جتي اخلاقي ۽
ڌرمي سکيا سان گڏ هٽ واڻڪن اکرن ۾ وهيون کاغذ
لکڻ وياج وٺڻ ڪيڻ ۽ هندسن وغيره جو علم سيکاريو
ويندو هو. جئن ٻار ساماڻجڻ کانپوءِ ڌنڌي وهنوار ۾ هوشيار
بڻجي ۽ پنهنجي پيءُ ۽ سنبنڌين جو مددگار بڻجي. تن
ڏينهن ۾ سمجهو ويندو هو:-

" اُتم کيتي، مڌيم واپار،
نيچ نؤڪري، پنڊ بيڪار."

اِنهي پٺاندر انگريزي وديا پڙهي ۽ نوڪري ڪرڻ
جو خيال ڪن جزوي ماڻهن کي هوندو هو نہ تہ
هرڪو پنهنجي ننڍي وڏي روزگار تي ڀاڙيندو هو. تن
ڏينهن ۾ اُنهن پاٺشالائن کي "اوجهو" پڻ چوندا هئا.
سانجهي سائين جنکي ڏنؤ جي اوجهي ۾ پڙهڻ لاءِ وهاريو
ويو هو. اُهو اوجهو ميگهي ڀڙواري جي پرسان هو.
سيٺي ٻار قطار ڪري نڪرندا هئا ۽ وديا گرو اُنهن
ي ليم ۾ هلائي هري رام هري رام چوائيندو پاٺشالا
، ولي ويندو هو.

شاسترن مان سائين جن کي سلوڪ ياد ڪرائيندا هئا.

هندي سکڻ سان وڏيڪ چاهه ان ڪري ٿين جو ڪين ننڍي هوندي ٿي "يوگ وسشٽ" هندي ۾ لکيل ملي ويو. اُنجي پڙهڻ مان سائين جن کي ايڏو ته رس آيو جو سڄو پوري ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهيا.

سائين جن جي اِنهي طرح اوائلي سکيا نه فقط اَکري وديا هئي، پر اُن سان گڏ مانڪ، سارُڪ ۽ آتمڪ اُنتي جي سکيا هئي جا فقط ڪن وڏ ڀاڳين ٻچن آلمائن کي نصيب ٿيندي آهي. اِنهيءَ ڏس ۾ ڏسو ته وڏن جو ڪيڏو نه اَثر ٿئي ٿو! جيئو ويهي ٿو نه سندن ماتا صاحب جو سڀاءُ سرل، سرو پريمي ۽ اهڙو مٺو هو جو سڀ گهر جا ڀاتي سندس وس ۾ هوندا هئا. ماتا صاحب جڏهن پنهنجي ٻالڪ کي ٻين ٻارن جيڏن ٻارن سان گڏ ڏسندي هئي تڏهن ڏاڍو خوش ٿيندي هئي. سڀني ٻارڙن کي پنهنجي پٽ سمان پيار ڪري ڪين گهر ۾ سڏ ڪري اچي ميوا ۽ مٺايون کارائيندي هئي. ساري ڪٽنب ۾ سندس سادگي ۽ ست وچارن جي هيڪار هوندي هئي. سندن چت ته اِنهي سد گڻن سبب هميشه شانت ۽ پرسن رهندو هو. پوءِ ڇونه پلا اهڙي والو منڊل ۾ پيار سان پلجي ۽ ڪوڏ مان لپايل ٻالڪ اڳتي هلي هڪ روشن مشعال بڻجي! ٻالشالا چڏڻ ڪالپوءِ ۽ مٿي جا ٽايل ڏرمي پستڪن پڙهڻ ۽ ڏنڏي سکڻ بعد جيڪو وقت

ٻارن جي ٻڌ رِس سادي پر دماغ تيز هوندو هو. رهڻي ۽ كهڻيءَ لـي وڏن ۽ ماسترن جـو پورو ڌيان هوندو هو. كتابن جو بوجهه كونه هو، سڀ كم زباني ۽ كاٺ جي تختين ۽ كارڪن جي ككڙين جي مدد سان ٿيندو هو.

اسانجي پستڪ جي نائڪ کي ٻه انهيءَ پٺاندر هت واٽكن اكون ٻه سكيا ڏني ويئي جنهن ٻه ڏهـن سالـن جي عمر تائين جيكي سِكڻو هو سو سِکي چكا.

هت واٽكن اكرن كانسواءِ سائين جن هندي ۽ گرمكي اكر پڻهنجو پاڻ سكيا.

سكول جي ودها پوري كرڻ كان پوءِ سندن پِتا صاحب جن كين پنهنجي هڪ پريتوان سيٺ گرڌاري داس هندوجا جي كوٺيءَ لـي ڌهين كاغـذن جـي عملي سكيـا وٺڻ لاءِ وهاريو. اُتـي سائين جن سان گـڏ سيٺ گرڌاري داس جو فـرزند موٽومل ٻه كم سكـڻ ويٺو. پراٺين ڌهين کي نين ڌهين ۾ اُتارڻ سان سندن روزاني كم ۾ ايندڙ سكيا شروع ٿي. سندن واٽكا اكر اُهڙا هوندا هئا جهڙا موتي.

اكري ودیا سان گڏو گڏ ٻا ائين كٽي چئجي تہ اُن كان ٻه اڳي، سائين جن جي روحاني يا آتمڪ وديا ٻه شروع ٿي چكي هئي. ننڍي هوندي ئي سندن پِتا صاحب كين سوٻر اُتـاريندا هئا ۽ گيتا، سكمني ۽ ٻين ڌرمـي

اوچتو ڦيرو

(١) پتا جو ديهانت (٢) وڏراڳ
(٣) ماتا جو سرڳواس (٤) ٻيهر وڏراڳ

١. پتا جن جو شلوڪ پڙارجڻ

"مات پتا سُتَ ٻنڌُ جَنَ، هِتُ جا سِڀُ ڪينا.
جيئڻ چِتَوُ جپ ديهه ٽي، ڏارَ اگن مهه ڏينا."
(ٽلنگ محلا ٩)

"ڏن ٽي پهر، پهر ٽي گهڙيئان،
آو گهٽي ٽن ڇيجيءِ،
ڪال اهيري ڦرئه ٻڌڪ جئه،
ڪهه ڪون ٻڌ ڪيجيءِ.
سو ڏن آون لاڳا،
مات پتا ڀائي سُت ٻنتا،
ڪهه ڪوئو هئه ڪاڪا."
(ڏنا سري ڪبير)

هيءُ سنسار مکيه ٽن ڀاڱن ۾ ونڊيل آهي؛ ديش، ڪال ۽ سمبنڌ. اهي ٽيئي ڪرط ڪرط ۾ بدلجندا رهن ٿا.
اسان جو سنڌ ديش ڪيڏو نه سندر ۽ سڀاڳو هو! اُتي ڪال يعني سمي جون ڪيترئون نه سهوليتون هيون

سائين جن کي ٻڌمد و هو، اهو سمو خود به خود ٻوگ ابياس ۾ وليت ڪرڻ لڳا. اهو سڀ آهي وڏن جي شڀ سنسڪارن ۽ اڳين جنمن جي ڪيل تپسيائن جو ڦل! سائين جن جي وڏيڪ آتمڪ اُنتي ۽ پورنتا کي پائڻ جو ذڪر هيٺ اڳتي هلي ظاهر ٿيندو پر هت ايترو چوڻ ڪافي آهي ته:-

"سلو اهو جو انگورين پلو."

سائين جن جي ظاهري وديا گھڻي نه ڪانه هئي پر هوُ اَندران ئي اَلدران لعلون لعل ٿيندا ويا ۽ آخر اُنهي منزل تي رسيا جتي هزارن ورهين جي تپسيا ۽ محنت جي جاء نه آهي.

"ظاهر جوت جوڳين جي، ذات منجهون جاڳي،
سڌ سنياسي سيوڙا، اُهي ويس نه وئراڳي.
منزل لا مڪان جي، جن جهد ڪري جهاڳي،
سچ ٿيا ساڳي، "پرمانند" اڳه آڳه جا."

اوم شانتي

■

پرواھ ۾ اوچتو ئي ھڪ زبردست ڦيرو آيو.

اِھا سائين جن ١١ سالن جا مس ٿيا تہ سندن پتا صاحب جن جو اَٽڪل ٧٧ سالن جي عمر ۾ سنہ ١٩٠٨ع جي آخر ۾ اوچتو ديھانت ٿيو. ڪال ھڪ ڀھانو ٻڌجي آيو. ھٿ ۾ اَچانڪ لڪڻ جو ڦلم لڳي ويو ۽ ٿورو زخم ٿي پيو. اِھا ھڪ رواجي ڳالھ سمجھي وئي ۽ پوري خبرداريءَ سان علاج نہ ٿيو. ڦصو اِلي وڃي پھتو جو زخم جي زھر خطرناڪ روپ ڌارڻ ڪيو ۽ ملم پٽي ڪرائڻ کان پوءِ بہ ڪو خاص فائدو ڪو نہ ٿيو. سکر مان ٽانگي تي چڙھي شڪارپور آيا، ۽ سائين گڏ حڪيم ويرومل بہ ھين پر گھر پھچڻ سان ئي سندن شرير شانت ٿي ويو. ھي سڀ قدرت جو کيل آھي. جيترا ڏينھن ڪنھن بہ جيوَ کي ڪرمن جي لِکتا ڏيوٽي چڪائڻي آھي اوترا ڏينھن ھن کي اوشيہ پورا ڪرڻا آھن. اُن کان پوءِ ڪنھن نہ ڪنھن بھاني اُن کي ھي ناٽڪ سماپت ڪري وڃڻو ئي پوي ٿو. بس، ھڪ اَبھم ٻالڪ لاءِ جنھنجو اِھا ننڍون جوين ڦٽو ھو ۽ جنھن ڪڏھن خواب ۾ بہ نہ سوچيو ھو تہ ڪو ھُن منھنجي مٿان پتا صاحب جو سونھري ڇٽ اوچتو ئي لھي ويندو، ھي ھڪ وڏو ڏکڏيندڙ حادثو ھو.

٢. ويراڳہ اوستا

سائين پرمانند لاءِ ھي اَسھہ وِيوڳ ھن جيوَن پرواھ

۽ اُنان جا سڀئي ٻارڻ ۾ ڪيڏا نہ سڪ ۽ وڇوڙائي وارا هئا! مگر هڪ ئي قدرتي چڪر اچڻ تي ٻيئي ڪافور ٿي ويا!

هن وقت جيڪو اسان کي ڏسڻ ڪال ۽ سڀئي ٿيو مليو آهي اُن ۾ مسافرن جيان گهر ڪاٽي ۽ ڏلڏو ڪاٽي ڪري رهيا آهيون. وري ڪال يعني سمي ٻہ ڀرالهہ ڪالهہ ڪان وٺي هر هڪ سيڪنڊ ۾ بدلجندو رهي ٿو ۽ آخر سارو ڏيکهن رالــري جي اونده ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. ٻيون سڀئي ٻہ پوءِ ڇونہ آهي ٻين شرطن، مٿن ۽ سهوليت ڏيندڙ پدارٿن سان هجن. سي ٻہ ٻرکيہ جي ڇايا وانگر وڃن ٿا بدلجندا. آخر جهوُ اڪيلو آيو ۽ اڪيلو ئي هليو ويندو.

"ٻارو ُ ٻيت بنائي، رچ پڇ،
رهت نهي دن چار؛
ٽمَسي هي اي سکہ مايا کي،
اُرجهئو کهان گنوار."

(سورت محلا ٩)

"سڀ دن هوت نہ ايک سمانا."

سو اِلهيءَ قدرتي قانون اَنوسار سائين ست چت پرمانند صاحب جي اڳيا پوري ڪشور اوستا ۾ ٻہ نہ پهتا هئا تہ اُن جي ڪيڏي ڪڏڻ، سکي ۽ اَلبيلي جيوَن

بس! رات ڏينهن انهيءَ اداسائيءَ سندن دل کي دنيا مان ڪٽو ڪري ڇڏيو.

سندن چاچو ڀائي ڪيولرام گهر ۾ گڏ رهندو هو. سائين جن کي هو پنهنجي پٽر سمان سمجهي پتا جهڙو پيار ڏيندا هئا. هر ڪنهن طرح آٿت ڏيئي پاڻ جيڏن مٽن سان گڏ گهمڻ لاءِ چوندا هئا. اُن سان گڏوگڏ ڌنڌي وهنوار مان واقف ٿيڻ لاءِ هڪ شرافي جي دڪان تي به ڪين وهاريائون.

پر هت ته اهو دُونهون دکجي چڪو هو جنهنجي وسامڻ جا ته ڪي آثار ئي نظر ڪونه ٿي آيا. ڏينهون ڏينهن روز سوايو! سو انهنجي اِنهن ڳالهين تي ڪيئن ٿي پلا دل هرڪجي! دڪان تي نالي ماتر وڃي، باقي وقت جتي به ڀڳوان جو ڪيرتن يا ڪو اُتسو ٿيندو هو، اُتي هليا ويندا هئا. وڌيڪ بچيل سارو وقت ڌيان ۾ ويهي گذاريندا هئا.

ڏينهون ڏينهن سائين جن جي اصليت جي پائڻ ۽ زندگيءَ جي راز سمجهڻ جي پياس وئي وڌندي. سيٺ ڪيولرام خيال ڪري ڏٺو ته هن ٻار جو مَن شڪارپور ۾ ته ڪنهن به ڳالهه ۾ لڳي ئي ڪونه ٿو، سو ماتا صاحب سان صلاح ڪري کين سندن پيٽيولي سيٺ ڪشنداس رهيجا وٽ نوشڪي (بلوچستان) ۾ موڪلي ڏنائون ته من اُتي من لڳيس!

۾ تمام زبردست ڦيرو آڻيندڙ ثابت ٿيو. جنهن گوتم ٻڌ لاءِ هڪ ٻڍي، هڪ بيمار ۽ هڪ مرڪ شرير جو ڏسڻ وئراڳيہ آڻيندڙ ثابت ٿيو تنهن سائينءَ جن لاءِ هي دکدائڪ واقع هڪ ٻهانو بڻجي آيو. هن وڌيڪ کين دنيا کان اُداس ڪري ڇڏيو. دل ۾ دنيا جي بي بقائي جو پڪو خيال ويهجي ويو.

”ڪيا ڀروسا هئہ زندگاني ڪا،
اِنسان ٻلبلا هئہ اِڪ پاڻي ڪا.“

دنيا ۾ دک بہ وقتي موهہ روپي ڳجهي مرض جي دوا جو ڪم ڪن ٿا. ماڻهو سنسار ۾ ڪيترئي آشائون ٻڌي ٿو وهي ۾ ٿوري ئي وڌيڪ ۽ نراسائي اچڻ لڳي ڪنهن نہ سندس ڪانٽو ئي ڦري ٿو وڃي!

سو هِن ننڍي ٻالڪ جي دل ۾ بہ هردم اِهو خيال گهر ڪرڻ لڳو تہ ”جڏهن پنهنجن نہ رهيا، تڏهن ٻيون ڪيئن رهندين!“

”جل ڪي ڀيت، پوَن ڪا ٿنڀا،
رڪت بند ڪا گارا؛
هاڏ ماس، ناڙين ڪا پنجر،
پنکي بسي بچارا؛
پراني ڪيا تيرا ڪيا ميرا،
جئسي سروَر پنکہ بسيرا.“
(سورت روداس)

"نيڻين ننڊ آهي ڪانه ڪا، اکڙيون رت روئن،

❀ ❀ ❀

"ڏرس پياس ڏن سه رات، ڇنڊوءِ اُن ڏن نيڻ."

هت نه الاهي عشق جي مستي چڙهي ڇڪي هئي اُن کي ڀلا ڪير ٿو روڪي سگهي!

هڪ رات اوچتو ئي جڏهن ڪمري ۾ سيٺ ڪشنداس سان گڏ سهيل هئا، اُن کي ٻاهران ڪڙو ڏنائي، پيرين پيادو اولڏه ۾ جهنگل ۽ ڏنڊيون ٽالا لتاڙي اچي اسٽيشن تي پهتا. وڏو ڪيس ڪٽي مٿي تي وڌو هئائون. ٽي ميل پنڌ لتاڙي اچي اسٽيشن تي پهتا.

هو لڳن ٻه پهر وارن کي ڏونگر ۽ جبل جهل ڪوله ڏيندا آهن. اُنهن کي دهشتي درياه ۽ ڀيانڪ ٻن سڪ مان سڏ ڪندي چوندا آهن ته ٻيا رواجي ماڻهو نه اسان وٽ ڪو نه ٿا اَچن، اوهان ئي اَچي اسان سان ڪا روح رهاڻ ڪريو.

سو سائين جن ٻه ٽڪيٽ وٺي اچي ريل گاڏيءَ ۾ ويهي رهيا. پنهنجي پيٺيوئي صاحب کي نه هو لڳن ئي ڪڙو ڏنائي آيا هئا، تنهن ڪري اُنهنجي جلد پيڇي ڪرڻ جو خطرو نه هو ڪو نه. آخر صبح جو گاڏي هلي ۽ شام جو شڪارپور پهتي. اسٽيشن تي لٿا ۽ سڌو گهر جو رستو ورتائون. عجب نه اِهو جو گهر وٽ پهتا ته، پر اَندر وڃڻ تي دل چوئي نه ڪين. اَهڙو ڪو

نوشڪي بلوچستان ۾ سبي (سِوِستان) ڪانپوءِ سفيد جهنڊي سٽيشن کان ٻي لائين لي آهي ۽ هڪ ننڍو شهر آهي ۽ هيٺئر پاڪستان ۾ آهي. نوشڪي جو قدرتي نظارو چوڌاري پهاڙن جي وچ ۾ هئڻ سبب واهه جو دلڪش آهي. هوا موافق ۽ ماڻهو سرل سياءِ جا سادا ۽ پنهنجي قوم جا آهن. اُتي به شڪارپوري هندن جو ڌنڌو ۽ واپار هلندو هو.

سائين جن جي وچين ڀيڻ تيرٿ ٻائي جو گهوٽ سيٺ ڪشنداس رهيجا اُتي ڪپڙي، چيٽ ۽ سوُسين جو ٻڌو ڌنڌو ڪندو هو. اُتي سائين جن کي ڌنڌي ۾ لڳائڻ جو يتن ڪيو ويو پر هيتِ نه "عشق لڳو هو زوران زور".

"سڪ دنيا جا آهن رائي،
وجهه ڌنڌي جي منهن ۾ چائي؛
دم نه ڏيئي ويو ڳي!
من ڪئن پلي ڏٺين پيو ڳي!"

اُن درد جي دوُد جي خبر اُنهن کي هوندي جن کي برهه جي ڪا چيٽ لڳي هوندي نه ته نه –

"بي دردان نوُن ڪل نه ڪائي،
درد دي دوُنهين دکاوڻ دي،
نهين حاجت پڙهڻ پڙاوڻ دي،
سڪ رمز وجود وڃاوڻ دي."

عيوَض ڏيندا هئا ۽ دال اُن ونان مفت ملندي هئي.
رونيون جيڪي ڏينهن جو پچائيندا هئا، اُن مان اَڌ
اُن وقت کائيندا هئا ۽ باقي اَڌ رات لاءِ رکي ڇڏيندا هئا.
رات جو هڪ پئسي جا چولا وٺندا هئا ۽ اُن سان روٽي
کائيندا هئا. کير جي بدران ڳنڍيريون ڪي جون وٺي چوسي
ڇڏيندا هئا. ان ڏينهن ۾ سستائپ هئي ۽ اِنهيءَ طرح
ڇهن آنن روز مان به ڪجهه بچائي، هڪ ڇهنيءَ جي
پليٽ ۽ هڪ جست جو ڪٽورو ورتائون. جيڪو وقت
بچندو هون، سو اَڪيلو ايڪانت ۾ يا ڪنهن ڪنيل
باغيچي يا ڪنهن گاهه جي ميدان ۾ پنهنجي ڌيان ۾ ويٺا
هوندا هئا. جنهن دڪان تي تورو گهڻو ڪم ڪندا
هئا، اُن سيٺ جي وڏي جڳهه ۾ ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل
هونديون هيون، جن مان هڪ سائين جن کي رهڻ لاءِ ڏني
هئائون، اُلي فقط رات جو اَچي سمهندا هئا. اُها موسم
سياري جي هلڪي شروعات جي هئي. شايد آڪٽوبر
جي پهاڙي هئي.

هوڏانهن شڪارپور ۾ واهه ويلا مچي ويئي. ڏاڍي
ڳولا شروع ٿي. هر ڪنهن پاسي ماڻهو ڀڳا. آخر هڪ
ماڻهو جنهنجو نالو به پرمانند هو، سو ڪيئن ڳولهيندي
ڳولهيندي اَچي اَمرتسر پهتو. اُهو هئو سنڌي ۾ ڪو
سڃاڻي ڪونه سگهندو هوس ته سنڌي آهي يا پنجابي.
ڇاڪاڻ ته ڪپڙا پنجابين جهڙا پائيندو هو. اُن سائين جن

ٻرن جي ٻار جو پُور ڀين جو واپس سٽيشن تي پهتا ۽
سڌو اَمرتسر جي ٽڪيٽ ورتائون. ٻئي ڏينهن تي اچي
گروُ نگري ۾ پهتا.

١١ ورهين جي ننڍڙي ٻيڪر، اَڻ ڄاتل شهر، سو به نه سنڌ پر پنجاب ۾ اڪيلو اچي، هڪ مالڪ جي آسري اُتي ايڪانت واس جو پڪو پهه ڪيو. پئسا نه ختم ٿي ويا هين. ڀيک پنڻ يا ٻئي ڪنهن ڌرمائو آستان تي بوجهه ٻوڻ سندن خودداريءَ جي خلاف هو ۽ انهيءَ طرح گذر ڪرڻ سندن خواب ۾ به نٿي اچي سگهيو. سو ڇا ڪيائون جو روزمره ڪونه ڪو ڪم ڪندا هئا، جنهن ۾ چار آنا ڪمائجن. اهو خيال ڪونه ڪندا هئا ته مزوُري ٿي ڪرڻي پوي يا ڪٿي چمڙ ڦوُڪ ۽ صفائي جو ڪم ٿو ڪرڻو پوي. بس فقط چئن آنن ڪمائڻ جيترو ڪم ڪندا هئا.

ٻالڪو! ڏسو ڪٿي شاهوڪاري ٻار، ناز جو پليل ۽ ڪٿي هيءَ حالت! پر ان ۾ ڪنهنجو زور نٿو هلي. پريم وارن جي اِهائي ڪار آهي. شهزادي پنهونءَ کي سسئيءَ جي پريم ڌوٻي بڻايو هو ۽ سعيد بلاشاهه کي مرشد جي عشق بازاري عورتن جون منڪيون پرايون هيون.

هت به اها ڪار هئي. چئن آنن مان ڇهن پئسن جو اَنو وٺندا هئا. ٻه پئسا جهينوَر کي روٽين پچائڻ جي

جي هيءَ وڏائيءَ ۾ حالت ۽ اُنجو ئي اوچتو غائب ٿي وڃڻ! سا پنهنجي وڇڙيل پٽ سان ائين ملي جئن گهڻن ڏينهن جي وڇڙيل ڳانءِ پنهنجي وڇڙي سان ملي.

سائين جن گهڻو چپ ۾ رهڻ لڳا. ڪجهه ڏينهن بعد ماما صاحب جن جي گهڻي زور ڀرڻ تي کين ٻڌايائون ته شهر جو وايومنڊل ۽ هاءِ ٻاءِ کين اصل ڪونه ٿيو وڻي ۽ چڱو ائين ٿئي جو جيڪر ڪنهن ننڍي ڳوٺ ۾ هلي سادگيءَ سان گذر ڪجي.

اُن وقت سائين جن جو مامو سيٺ لوڪرام داس هندوجا به اُتي حاضر هو. هو هڪ ٺيڪيدار هو ۽ P. W. D. ۾ سرڪاري ٺيڪا کڻندو هو، اُنهن صلاح ڏني ته جئن سندن ٺيڪيداريءَ جا ڪم سکر تعلقي جي باگڙجي سٽيشن کان ٿورو پري چڪ ڳوٺ جي ٻند تي هلي رهيا هئا سو سائين جن ڪجهه وقت اُتي هلي رهن ۽ ڳوٺن جي سادي جيون جو تجربو حاصل ڪن.

اها صلاح سڀني کي وڻي ۽ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ئي سانباهو ڪري مامي جي هڪ آدميءَ سان سائين جن چڪ ڳوٺ ڏانهن روانا ٿيا.

ٽن ڏينهن ۾ اُتي انجنيري بنگلا ٺهي رهيا هئا. هڪ بنگلي ۾ سائين جن به اچي رهيا. اُن وقت سڄو ڪم هڪ ديوان آڏواڻي انجنير جي نظرداريءَ هيٺ هلي رهيو هو جو پڻ هڪ نيڪ انسان هو. وايومنڊل ڏاڍو

کي هڪ ايڪانت هنڌ ميدان ۾ وٺي ڏسي سمجهائي ورتو. سائين جن کان پيار سان حال احوال ورتائين ۽ چيائين ته رسوئي رات جو اسان سان کائجو. سائين جن چيس ته رسوئي اسان سان ساڻ آهي ۽ رومال ۾ ٻڌل روٽي ڪڍي ڏيکاريائونس. انهيءَ کي اها روٽي ڏسي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. ڪين پاڻ سان گڏ رسوئي کارايائين ۽ رات جو سمهي به سائين جن سان گڏ پيو. صبح جو ڪين چيائين ته اوهان ڪرپا ڪري ڪيڏانهن نه وڃجو، مان ٻاهران ٿي اچان ٿو.

ايتري ۾ سائين جن ڇا ڏسن ته اهو پاڻي پرمانند، سائين جن جي معرفت آسودي مل کي ساڻ وٺي پهتي آيو. شايد آسودي مل کي اڳ ۾ تار ڪئي هئائين.

آسودي مل جو مامو سيٺ گرداس مل پنجاب ڪانن مل پتوڪي جو منيجر هو ۽ آسودو مل اُن وقت رهندو هو. پتوڪي لاهور جي ڀرسان آهي ۽ آسودو مل اُتان ئي امرتسر پهتو هو. پوءِ ته ٻنهي ايلاض منٿون ڪري سائين جن کي پتوڪي وٺي ويا ۽ اُتان شڪارپور تار ڪيائون ته نيڪر لڏو آهي.

اُتان جلد ئي شڪارپور وٺي آئين. اهڙي طرح امرتسر ۾ اٽڪل مهنو کن رهيا. انهيءَ وچ ۾ ماتا صاحب جن جي ڇا حالت ٿي هوندي سو پاڻ پاٺڪ سمجهي سگهندا. هڪ پٽيءَ جو تازو وڇوڙو ۽ پيو سڪيلڌي ڪٽوان پٽ

خوب ڪالي رڃ ڪري، جيڪي ٻچي سو اوڙي پاڙي ۾ ڏيندو آهيان. پوءِ نہ خدا کي ياد ڪري لت ڏيئي سمهي پوندو آهيان. ڏاڍي يار جي موج آهي.

چڪ ۾ سائين جن ۷–۸ مهنا رهيا. وقتي شڪارپور وڃي ماتا صاحب کي مهن ڏيکاري ايندا هئا.

اهڙي نشپاپ ۽ سادي سٽري جيون سائين جن کي موهي ڇڏيو. سندن دل ۾ اهو ويچار اُٿيو تہ ڇو نہ هت اُتي ڪو زمين ٽڪر خريد ڪجي جتي هڪ ڪوه بہ هجي. هتن سان پوکہ ڪجي ۽ هڪ ڪٽيا بہ ٺهرائجي جتي ماتا صاحب کي وٺي اچي رهائجي. پر ان لاءِ پهريائين ماتا صاحب کي مڃائڻو هو، تنهن کان پوءِ سيڪا سهوليت ملي سگهڻ ممڪن هئي. اهي ويچار سندن ۾ ايا اُٿيا ئي ٿي تہ وري اچي پي درگهٽنا بڻي.


۳. ماتا جو سرڳواس

”نت نہ ساوڻ مينهن وسندا،
نت نہ هي برسات آهہ؛
نت نہ باغن ۾ بهاري،
نت نہ بلبل لات آهہ؛
نت نہ شاديون شادمانا،
نت نہ جمشيدي جشن آهہ؛
نت چاندوڪيءَ جي پنيان،
اچڻي انڌيري رات آهہ.“

سانتيڪو ھو. چوڌاري ٻوڪون ٽيل ھيون. سرسبز ھريالي ھئي. ٿڌيون ھيرون پئي لڳيون. شھر جو گوڙ شور ڪونه ھو. ڪٿي رُھٽ جو مٺڙو رينگٽ ھو ته ڪٿي ڪڙمي لوڪ سريلا گيت ڳائي رھيا ھئا.

ڳوٺن جا ماڻھو سادو کائين ۽ ٿلھو پھرين. ٿوري ۾ ئي خوش ۽ رب جي رضا تي راضي. پگھر جو پورھيو ڪن ۽ جيڪي ملين، اُن مان گذران ڪري، خدائي خوشيءَ ۾ گھارين. ڏينھن جو جوئر جو ڍوڍو بصر يا لسيءَ سان کائي ۽ رات جو مٽرن يا چٽڻ جي ڀليءَ جو ساڳ کائي به ڏاڍا تندرست پئي لڳا. کھڙو به سنو ڪم ڪندڙ مزور ھجي ته ٻه روزاني مزوري چئن يا پنجن آنن کان وڌيڪ ڪانه ھئي پر اُن ٿوري ڪمائيءَ ۾ به برڪت ھئي.

سائين جن جو ڪم ھوندو ھو مزورن جي حاضري پورڻ. ڪم مان جيڪا فرصت ملندي ھين، اھا اُنھن مزورن ۽ غريب ڪڙمين سان حال احوال اورڻ ۾ گذاريندا ھئا. ڳالھ ٿا ڪن ته اُنھن ۾ پيرل نالي ھڪ مزور ھوندو ھو. پڇندا ھئن ته پيرل! ڪر خبر، وقت ڪيئن ٿو گذري؟ جواب ڏيندو ھو ته سائين! خدا جو شڪر آھي. ڏاڍي بھاري آھي. چار آنا ڪمائي گھر ويندو آھيان ته پت جو ڪُمو اڳئي ۾ تيار رکيو ھوندو آھي، پوءِ ته اُن ۾ ٻارڙن سميت ٽٻيون ڏيندو آھيان.



پرم پوجنيہ ماتا صاحب هيرل بائي

اوچتو ئي هڪ ڏينهن شڪارپور مان هڪ خاص ماڻهو سائين جن کي وٺڻ لاءِ اچي سهڙيو ۽ چوڻ لڳو ته "مون کي جلدي اوهان کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو اٿن." سائين جن واڳڙا ٿي ويا. جڏهن ٿڏن تياري ڪري چڪ ڳوٺ مان ٽانگي تي چڙهي باگڙجي اسٽيشن تان شام واري ٽرين پڪڙي اٽڪل ساڍي اٺين بجه رات جو گهر اچي پهتا.

اُتي ڪيترن ئي سيپڪن کي ڪتو تيل ۽ شوڪائو وينل ڏٺائون. ڪن جا ته مٿي جا وار به لٿل ڏٺائون. سائين جن سڀني بابت پڇڻ لڳا ته هي ڪهڙو سبب آهي ۽ منهنجي ماتا ڪٿي آهي؟

ٿوريءَ دير بعد سمورو احوال معلوم ٿين ته اڄڪين ڏينهن تي ٽنڊڙي هڻڻ ڪري سندن ماتا به ٽدو ڪاڏو هو ۽ رات جو هميشه جيان سيني سان ڳالهائي ٻولهائي وڃي سمهيا هئا. پرانهه ڪال جو هوُ سيپي کان اڳه اٿندا هئا پر اَج اُٿيا ئي ڪون. پوءِ ته وڃهو وڃي ڪيترا دفعا سڏ ڪيا ويا پر هڪ به سڏ ڪون ڏنائون. جان ڪٽي نيٽرون ڏانهن نهاري ڏسن ته اَکيون صفا کليون پيون هيون پر پراڻ هلن ئي ڪون پيا. سڀ جاڻ تڏي ٿي وڃي هين. اُن وقت ماتا صاحب جي آيُو اٽڪل ٦٥-٦٦ ورهيه هئي ۽ سائين جن جي عمر اَٽڪل ٽيرهن ورهيه هئي.

هڪ اڳ ۾ ئي سائين جن جو من دنيا کان ورڪت لڳو پيو هو، وري هي مالا صاحب جن جو اوچتو وڇوڙو! انهيءَ نه هيڪاري سندن دل کي اهڙو ته صدمو رسايو جو گهر کان ٻاهر هڪ پاسي چپ ڪري ويهي رهيا. سائين جن جي ڪٽنب جي رهائش مٿي هوندي هئي. هو ٻارڻ هيٺ اچي ويهي رهيا، مٿي وڃن ئي ڪو نه. اهو خيال ور ور ڪري پيو اچين ته مالا صاحب ڪيڏانهن هلي ويئي! مالا صاحب ئي هلي ويئي ته هاڻي مٿي ڪير رهندو.

”ٻارڻ پرين ڪئي دانت، عشق مڪائون ايلچي؛
ريڙهي ويو رهت سان، جت ڏينهن نه رات؛
مٿي ويئي من مان، سامي ڇئي سڀ ڳالهه؛
عشق الاهي ذات، ٿي ذات سڃاڻي ذات کي.“

۴. ٽيهر وڇوڙو

”ڪو نه رهندو ڪو هت پائي،
هي سڀ هلڻ هارا وو؛
سڀ لڏي ويا ساٿي سويرو،
مت سڱا جي پيارا وو؛
ڪرڪو فڪر لڏڻ جو جاني،
وڃندا ڪوچ نغارا وو؛

سائين جن سنسار کي سچ پچ مسافرخانو سمجهڻ لڳا ۽ چاچي صاحب کي چيائون ته هاڻي شڪارپور ڇا هلي ڪبو. اتي ڪي ڇڱا آهيون. پر پوءِ ڪيولرام جي گهٽي ڇوڙي شڪارپور موٽي آيا.

مالا صاحب جي سرڳواس ٿيڻ کان پوءِ سائين جن جي وڏي ڀيڻ ميگهي بائي به سندن گهر ۾ اچي رهي ۽ سڄو گهر جو ڪاروبار سنڀاليائين.

دادي ميگهي بائيءَ جو پتي سيٺ ليکراج گذاري ويو هو. پنهنجي اولاد فقط هڪ پٽ ڪشنداس ڇڏي ويو هو.

دادي ميگهي بائيءَ جو سائين جن سان ڏاڍو سنيهه هو ۽ مالا صاحب کانپوءِ ته آهي باقي اهو ته سائين جن جي سار لهندي هئي جو مالا جون سڪون لاهڻ لڳي. ڪين اُکين کان هڪ پل به پاسي ڪرڻ نه چاهيندي هئي. سندس پٽ ڪشنداس ڪراچي رهندو هو.

سائين جن جي وئراڳ ميه حالت ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي، جنهنڪري منجهن ڏاڍي اُپرامتا اچي وئي. ننڍڙي ڪٿيا ۾ گذارڻ لڳا. ڪٿيا ڪهڙي هئي! گهر ۾ ڏاڪڻ جي هيٺان هيٺين منزل تي ننڍڙي ڪوٺي هئي، جنهنجو دروازو ايڏو ننڍو هو جو ٻِوڙي اندر گهڙڻو پوندو هو. سڄو ڏينهن اُن ۾ گهاريندا هئا. فقط رات جو جڏهن هٺو مٺو ٿيندو هو تڏهن اُن مان نڪري

جانب جاڳي، سڀ ئي ٻچو پيارا،
ھل سائينءَ جي دربارا وو."

بس! سائين جن جي اُن وقت جي ليهر وڳاڙي اوستا ڪٿن ڪرڻ کان ٻاھر ھئي.

"ڪائڻ پيئڻ سڀ وسري ويو؛
نيڻن نير وھي زارون زار پيو؛
سڄڻ سڪ بنا، پيو سڀ زھر ٿيو؛
ننڊ آرام سڀ حرام ٿيو، سڪ سورو وھي نہ ويو؛
دل درد پري، اونھو زخم ٿيو؛
جنھنجو دارون سڄڻ، اچي ھاڻ ڏيو."

ھي حال ڏسي سيٺي مائٽن، خاص ڪري سيٺن چاچي ڪيولرام کي ڏاڍو خيال ٿيو. ھو ڪو علاج نہ ڏسي جلدئي ماتا صاحب جي ڪرپا ڪرم ڪرائڻ لاءِ سائين جن کي ھردوار وٺي ويا. ھردوار ۾ ڪجھ وقت رھيا. ھردوار جي اُن وقت جي سانتيڪي واھو منڊل ۾ سنتن مھاتمائن جي درشن ۽ ستسنگ ٻڌڻ ڪري سائين جن جو چت ڏاڍو شانتيءَ ۾ اچي ويو.

"مايا منجھ اداس ورلو ڪو گرمک رھي،
جو درشتمان سنسار کي، نشچي جاڻي ناس.
سامي ساڌ سنگت جو وٺي پنور جان واس،
جڻن گھڻن ۾ آڪاس، تئن سا کي ڏسي سڀ ۾."

مثال:- هڪ ماڻهو دنيوي سهولتن جي اڻپوراڻن
ڪري جيوت مان نراس ٿي شهر ڇڏي جهنگل جو رستو
ورتو. هلندي هلندي رات جو ٿڪجي هڪ وڻ
هيٺان وشرام لاءِ اچي ويٺو. اُن وڻ ۾ اُلوءَ پکين جا
آکيرا هئا. جن پاڻ ۾ جهيڙو مچائي سندس ننڊ ڦٽائي
ڇڏي. جنهن تي هن اُلوءَ پکين کان پڇيو ته جيوت ڇا
آهي؟ پکين وراڻي ڏنس ته جيوت آهي اونده انڌڪار
ڀري رڳو هيڏانهن هوڏانهن ٺوڪرون کائڻ. اهو پرش
نراس ٿي اڳتي وڌيو مس ته ڪيس ٻه باندر وڙهندا
ڏسڻ ۾ آيا. تن باندرن کان پڻ ساڳيو سوال پڇيائين ته
جيوت ڇا آهي؟ باندرن جواب ڏنس ته جيوت آهي
ڀٽڪڻ ۽ بي آرامي. سارو ڏينهن پيو هيڏانهن هوڏانهن
لهه ۽ چڙه. سو مسافر جيوت مان بيزار ٿيندو اڳتي
هليو ته اُٺن جي قطار نظر آيس. اُنهن کان به جيوت
جو مقصد پڇيائين. اُٺن اکين ۾ آب آڻي وراڻي ڏنس
ته جيوت آهي هڪ بوجهو. سارو ڏينهن انهي بوجهي
جي هيٺان ٿي زندگي گذري. اهو جواب ٻڌي هو
مسافر هيڪاري وڌيڪ جيوت مان ڪڪ ٿي پيو. جيئن
تيئن رات گذاري پرڀات ٿيڻ تي هڪ باغيچي ۾ لنگهي
ويو جتي منوهر گلن جي مٿان ڀؤنرا سڳنڌ جو واس
وٺي رهيا هئا. تن کان پڻ پڇيائين ته جيوت ڇا آهي؟
ڀؤرن مشڪي موٽ ۾ چيس ته جيوت آهي پريم؛

واجهو دان وائي روڊ تي تورو سفر ڪري ايندا هئا.

انهي پوءِ وڻراڳ واري اوستا ۾ انهي اونهي ويچار ۾ رهندا هئا تہ آخر هيءَ جيوت ڇا آهي؟ هيءَ ڌن پدارٿ، سمبنڌي وغيره هميشه لاءِ تہ ساڻ ڪونہ هوندا!

"ويڙا سڀ لڏي سامي هن سنسار مون،
ملڪ الموت مٿن ڪون، راتيون ڏينهن سڏي؛
جي پرين پاڻ ڳڏي، تہ جاڳي ملي ساٿ سان."

* * *

"ويڙا سڀ لڏي، سوروير سنسار مون،
هاٿي گهوڙا پالڪيون ويا لشڪر ڪوٽ ڇڏي؛
ڪون ڪئن وينين گهر اڏي، متيءَ جو مستان ٿي."

اهي پڻ ويچار اُٿڻ تيڻ لڳا تہ هي پراڻ ڪنهن جي آسري ٿا هلن؟ مون ۾ ايڏي چيتنتا ڪٿان اچي رهي آهي! ماڻهو هتان مري ڪيڏانهن ٿو هليو وڃي؟ وري اهو بہ ويچارڻ لڳا تہ رڳو اهوئي محسوس ڪرڻ تہ مان دکي آهيان يا سکي آهيان، ان مان تہ ڪو لاڀ ڪونہ رسندو پر اُلٽو جيوت موهہ جي مونجهاري ۾ ئي گذري ويندي.

"جاڳ مسافر جيئڙا ڪنهن جي ويل تہ وهاڻي،
سک سيٽي سنسار جا جهٽن پٽر ڪي پاڻي.
ڪٽنب قبيلي ڪل مان، سنگي نہ ڪو ساڻي،
موج ڪنهين ماڻي، جيڪي دل ۾ دلبر سان مليا."

اهڙا الساه ڏيار بندڙ ماڻهيءَ جا وچن ٻڌي اهو نراس ٿيل پرش اسچرج ۾ اچي وڏو آشاواڊي ٿي پيو ۽ لڳو ڪيائين ته براٻر هيءَ جيوت سچي اُنتيءَ جو پنڌار آهي. اَڻڄاڻائپ ڪري ماڻهو پنهنجي اصل مقصد کي وساري پنهنجي واستوڪ سروپ جي مهما کي نه ڄاڻي هي اَمولڪ جيون کي اُلوُ پکين وانگر اوديا جي جيوت اونده ۾ گذاري ڇڏين ٿا. ڪي چنچل سڀاءَ وس ٻاندرن وانگو ٽڪي حياتيءَ جو عرصو پورو ڪن ٿا ۽ ڪي موه ممتا جي بوجهي هيٺان اُن جيان غمگينيءَ ۾ زندگي بسر ڪن ٿا.

ٻئي طرف ڪي وچاروان جگت ڪي قدرت جو باغيچو سمجهي ڀنوَرن وانگر پنهنجي پريم مه جيوت ٻٽائي سچي پرشارٿ ۾ لڳي وڃن ٿا. ڪي ڀاڳيه شيل ماکيءَ جي مک جيان گڻ گراهي ٻڻجي سڀ سان آتم ڀاوَ وارو سنبند رکي ايڪتا روپي مڌرتا هٿ ڪن ٿا. ڪي مموکشو اَن گياتوان ماڻهيءَ وانگر هڪ مان انڌت ٿيا آهن ۽ اهو ادويت برهم جو گيان پنهنجي آتما ۾ پرڪش اُنڀوَ ڪري جيون مڪتيءَ جو سچو حق حاصل ڪن ٿا. لڌهن چيل آهي:-

"جي آهين توُن جيءَ ته جڙيو رهه جگديش سان،
جي ديهي مڇي پاڻ ڪي، ته مري مٽي ٿيءَ.

بيحد ٻهاريءَ جو ڀنڊار. اُتان ٿي وڃهو وري هن کي ماکيءَ جون مکيون اچ وڃ ڪنديون ڏسڻ ۾ آيون. جن کان بہ ساڳيو سوال ڪيائين تہ زندگي ڇا آهي؟ ماکيءَ جي مکين جواب ڏنس تہ جيوت آهي مڌرتا؛ گڻ گراهي پڻو. جنهن بہ ٻرڪيہ اڳيان وڃو، ڀوءِ چاهي انب هجي يا ٻير، نم هجي يا ليمون؛ سڀ مان ماکيءَ روپي امرت جهڙو رس پيو ملي.

سو جيوت مان نراس ٿيل پانڌيئڙو ڀؤرن؛ مڌُ مکين جا اهڙا وچن ٻڌي بيحد اُتساهہ ۾ ڀرجي ويو، اڳتي هليو تہ باغ جو مالهي گڏيس. ڏٺائين تہ مالهي زمين ۾ ٻج ڇٽي رهيو هو. اُن کان بہ جيوت جي باري ۾ پڇيائين. مالهي هڪ مهاتما پرش هو. اُن اُتر ڏنس تہ جيوت آهي اَصل مقصد جي سڦلتا، هن معمولي جيوت جي اَندر اَننت جيون لڪل آهي جا اسان کي هٿ ڪرڻي آهي. ڏس هي هڪ سرنهہ جو داڻو جنهن جي هن وقت ڪابہ قيمت ڪانهي. جي ڪِري پوي تہ جيڪر ڪو کڻيس بہ نہ. پر ڏس! مان هن کي زمين ۾ پوکيان ٿو تہ هڪ داڻي مان سوين داڻا پيدا ٿيندا. جي اِهي سوين داڻا پوکيندس تہ هزارين پيدا ٿيندا. جي هزارين ٿي ڇٽيندس تہ لکين ٿي پوندا. جي لکين داڻا پوکيندس تہ ڪروڙين ٿي پوندا؛ جي ڪروڙين ٿي ڇٽيندس تہ اَننت ٿي پوندا.

"نينهين نماڻو، ماڻ نه رکي من ۾،
جاڻي جوٽ جڳت کي، سن ۾ سماڻو."

* * *

"اچي ٿيو مامور، عشق اڻانگو جيءَ ۾
لنهن شڪتي سڀ کسي ڪري کيو چڪناچور
ڪنهن کي سليمان سور، سامي سپرين جو."

سائين جن جي اِنهيءَ اوستا سيٺي کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. سڀ مت مائٽ چوڻ لڳا ته پنهنجي پتا جو ڌندو سنڀاليو. لوهان سان پائي کيولرام گڏجي رهندو. اهڙيءَ طرح گهڻي قدر ڇڪتاڻ ٿيڻ لڳي سائين جن سيٺي کي چيو ته ٿورو وقت شانت ۾ رهو. جنهن ڌنڌي ۾ منهنجو چت لڳي سگهيو، اُهو ڪم مان اوهان کي پاڻهي ٻڌائيندس.

پر سڀ قدرت جي ڳالهه آهي. ٿوري ئي وقت ۾ پائي کيولرام جي طبعيت ناچاڪ ٿي پيئي. ناچاڪائي ايتري قدر وڌي ويئي جو ڪنهن به ڌنڌي ڪرڻ جو خيال ئي ڇڏڻو پيو. سائينجن کي سندن ننڍو چاچو پائي ڪوڏومل پاڻ سان گڏ ڪراچيءَ وٺي ويو.

ڪراچيءَ وٺي ته ويو پر اُتي به ساڳي حالت هئي اُهي ئي ويچار پيا اُٿن ته:

جي آهين ڏـون آئما، ڏ، ڪي سنسي جو سيءَ،
ائين پلي نـہ بـبهہ، بي قياسي بازار ۾."

اهڙي طرح سائين جن ۾ وويڪ ۽ وچار ويـو زور وٺندو. جيوت جي ڦرندڙ حالتن کي ڏسي، سندن چت ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو. ليبر وئراڳـہ جـي اوستا ھئي. سندن ڪاڏ و پيتو گهڻو گهٽجي ويو. ڪنهـن سان بہ ملڻ جهلڻ ڪونہ چاهيندا هئا.

"ايڏڙي عشق عجيبن جو ٺٽي،
عاشق اؤکن کان اؤکو.
اندريون مارڻ ساهہ سڌارڻ،
ڳوڙها ڳـاڙڻ جـيءَ جوکو.
ايندي ڏـارڻ ويندي مارڻ،
چال چلي چنچل چوکو.
ايشور سان جـي عشق اڙايئہ،
سمهج ذہ سيج اُلي سؤکو."

اصل عاشقن کي اُچ ۽ بکہ جي پـرواه ڪالہ تيـندي آهي.

"بکہ وڏائون بـگڙين، اولبيون پيٽن اُچ."

اِنهيءَ اوستا جو بيان ڪرڻ قلم جي وت کـان ٻاهر آهي.

بازار جا چيو ۽ جهڙي قسم جو دڪان جيڪو اوهان فائدي
وارو سمجهو ته اهو ڪيائي ڏجي. سائين جن ڪجهه
ڏينهن کان پوءِ گهڻي پڇڻ تي جواب ڏنو ته اسان جا چيو
آهي ته هر هڪ سودي جا گهڻي ئي دڪان کليل آهن.
اسان خواه مخواه ڪنهن به سودي جو دڪان ڪڍي
اجايو وڃي هلندڙ دڪانن جا گراهڪ ڪاريون! هزارين
ماڻهو ڌنڌي ۾ لڳا پيا آهن. اسان هڪ جهڙي جي ڌنڌي
نه ڪرڻ ڪري نه سنسار ڪو ٻيهجي ڪو نه ويندو.
وري ٻاڻ سڌارڻ ۽ آڏ ڀائڪ اُنتيءَ لاءِ اڳتي قدم کڻندو
رهڻ به ته هڪ قسم جو ڌنڌو ئي آهي.

ڀائي ڪوڏومل کي "ڪوڏومل موليرام" جي
ٿالي سان ڀلاوڻ جي ڪوٺي هوندي هئي ۽ اُن سان گڏ
مجار جو به ٻڌو واپار ڪندا هئا. ٻاڻ ۽ سندن ٻيا ماڻهو
جڏهن بزار ۾ خريد فروخت ڪرڻ ويندا هئا ته سائين جن
کي پنهنجي ڪوٺيءَ تي سنڀال لاءِ وهاري ويندا هئا.
واپس اچڻ تي ڇا ڏسندا هئا ته سائين جن هڪ ڪنڊ ۾
منهن ٻاسيرو ڪري سڄو ڏينهن ويٺا سکمني پڙهندا هئا.

ڀائي ڪوڏومل چوندو هون ته هي ڇا ٿا ڪريو!
ائين ته ڪو دڪان تان ڪجهه کڻي به وڃي ته اوهان
کي پتو ئي ڪو نه پوندو.

پوءِ ته پنهنجي وڏي ڀاءُ سيٺ ڪيولرام کي شڪارپور
لکي موڪليائين ته چوڪر جو ڌنڌي ڌاڙيءَ ڏانهن

”هت پاڻ مسافر آهيون،
هاڻ ٿاهه ڪهڙا ٻيا ٿاهيون.
۱- جڏي پيو آسان کي پُور،
سليون ڪنهن کي وڇوڙي جو سور.
هاڻي وائي نه ٻي ڪا واهيون،
هت پاڻ مسافر آهيون.
۲- دم ٽڪي رکي قدم،
ٻيو ڪيون ٿا ڪو ڪم.
هاڻي راز اِنهيءَ ۾ رهيا هون،
هت پاڻ مسافر آهيون.
۳- دل ۾ دلبر جو دلاسو،
ٽنهن کون ڪيون نه هڪ پل پاسو.
هاڻي ڪيئن ٻئي کا ڏي کاهيون،
هت پاڻ مسافر آهيون.
۴- پرمانند جي آس اهائي،
هيڪر ملي ڪريون هيڪڙائي.
هاڻي پلوَ ڪهڙا ٻيا پايون،
هت پاڻ مسافر آهيون.“
سائين جن جو چت وهنوار ۾ لڳي ٿي ڪو نه پيو.
سندن چاچي ٻائي ڪوڏومل جو چوڻ هون ته اوهان



سائين جن جو ننڍپڻ ۾ ويراڳ

رليءَ ماڻر بہ خيال ڪونهي. سڀڪو ڏينهن ويٺو ٿو سڪندي پڙهي. پوءِ ڇا لاءِ ناحق پرديس ۾ رهي جنهن ۾ ڪو بہ لاڀ ڪو نہ ٿو نظر اچي.

اهو مهنو ڪارڪت جو هو. سائين جن مؤن ۾ گذاريندا هئا ۽ اُپواس رکندا هئا. فقط ٿوري کير تي گذر ڪندا هئا.

صبح جو مهاراج جڳہ ڪرشن شرما جي مندر ۾ ويندا ويندا هئا. باقي سڀڪو ڏينهن پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مگهن هوندا هئا.

ڀائي کيولرام سائين جن ڏانهن زماني جي سمجهاڻي جا خط لکڻ لڳا پر هت تہ مالڪ جي مستيءَ ڪانسواءِ ٻي ڳالهہ ئي ڪانہ هئي. آخر ڪارڪت جي مهني گذرڻ بعد ڀائي کيولرام سائين جن کي واپس شڪارپور گهرائي ورتو جو هن آخر سمجهي ورتو هو تہ سائين جن کي هو پنهنجي راهہ تي هلائي ڪو نہ سگهندا ۽ دل ۾ خيال ڪيائون تہ جنهن صورت ۾ ٻار جو خيال ۽ ويچارن جو پرواهہ پرماتما پاسي پرٻل آهي تہ ڇو نہ ان حالت ۾ اُنهيءَ جو ئي راهو رکجي! سو روبرو اچڻ تي سائين جن کي چيائين تہ جيڪڏهن اوهان کي سچ پچ من جي شانتي ۽ ايشوري گيان حاصل ڪرڻو آهي تہ اوهان صبح جو باغ ۾ وڃي ڌيان سمرڻ ڪريو ۽ منجهند کان پوءِ گهر ۾ اچي رسوئي کائي آرام ڪريو. اُن کان پوءِ پنهنجي پٽسي ڏوڪڙ جو

وياج وَڌو سنڀاليو. بس ٻي ڳالهہ لاءِ ڌوهان کي ڪوئي
بہ ڪجهہ نہ چوندو.

چاچي صاحب جا اهڙا همدردي سان ڀريل وچن
ٻڌي سائين جن ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ اُن کان پوءِ پرالهہ ڪال
جو اٿي ڇپ چاپ پنهنجي باغ ڏانهن هليا ويندا هئا.
اُتي ايڪانت ۾ ويهي من کي ايشور جي پرارٿنا ۽ ڌيان
۾ ايڪاگر ڪندا هئا.

"صاحب جي ڪر صفت سدائين،
ناءِ مٿو نيزاري ڪر،
دين ڪرپال ديال دامودر،
پيهي ايندءِ پاڙهي گهر."

گهڻو وقت ٻوڳ آسڻ ۽ پراڻايام ڪرڻ ۾ گذاريندا هئا
ان سان گڏ ٿورو وقت ست شاسترن جو بہ وچار ڪندا
هئا. منجهند جي وقت موٽي گهر ايندا هئا ۽ اچي
رسوئي کائيندا هئا. اُن کانپوءِ ٿورو آرام ڪري پنهنجي
ڏوڪڙ جي ڏي وٺ جو بہ وهنوار پورو ڪندا هئا.

اُن وقت سندن عمر اٽڪل ١٥ سال هئي. ڌنڌي
جو مکيہ ڪم هلائيندڙ سندن ڀاڻيجو سيٺ ٽهلداس هو
جو سندن وڇين ڀيڻ ليرت بائيءَ ۽ ٽوشڪي واري سيٺ
ڪشنچند جو پٽ هو. ڀاڻ اهوئي شام جو لڪري هليا
ويندا هئا هاسارام جگياسي جي ٽڪاڻي ۾ جو لڪي در

رهبر جو ڏس

١- ستگروءَ لاءِ جڳياسا

”جي سَئہ چندا اُگوي، سورج چڙهي هزار،
ايندين چانڻ هوديان، گُر بن گهور انڌار.“

* * *

”سهسين سجن اُڀِرئي، چوراسيءَ چندن،
ٻلهاه ريءَ پرين، سڀ اونداهي پايان.“

پيارا ٻانڪو! پوروَ جنم جي سنسڪارن انوسار سائين جن جي چت ۾ اُڌخود، سچا وڪ لئي ٻوڱ اُڀياس ۽ ساڌن سمپن تيڻ جي ڏاڍي اڇا هوندي هئي. تنهن ڪري ايڪانت ۾ وهڻ وقت خودبخود سواس کي چاڙهيندا، لاهيندا ۽ ڪجهہ وقت روڪيندا هئا. پر يوڱ جي مڪمل ساڌنا ٻنا ڪامل رهبر جي ڪرڻ مشڪل آهي. سو هيئنئر سائين جن جي دل ۾ لگن پئدا ٿي ته ڪنهن پورن گرو جي ملڻ جي، جنهن جي چرنن ۾ سيکي اُري سندن مهر حاصل ڪجي. سندن اِهائي چاهنا هئي ته گرو نہ فقط پورن يوڱي هجي پر تنهن سان گڏ پورن برهم گياني بہ هجي. يوڱ وسشت جو هڪ سڌانت آهي ته برهم آتما جي ايڪتا جو پرلڪيہ انڀوُ ”مدو ناس، واسنا کيہ“ اوستا ۾ ئي جلد تيڻ لڳندو آهي. گيتا ۾ بہ يڱوان يوڱ ۽ سالکيہ ٻنهي کي موکيہ جو دروازو ٻڌايو

جي اندران هوندو هو. اُتي اهو آستان ڏاڍو سانتيڪو هوندو هو ۽ سائين جن اُتي مٿي وهي وهندا هئا.

سنڌ ۾ ٺڪاڻا ۽ درباريون، سادن جا ٽلها ۽ آستان اصل آتمڪ اُنتيءَ جي لاءِ مکيه سادن هئا، جتي نت نيم سان ڪٿا ڪيرتن ٿيندو هو. سائين جن ڪٿا ٿيڻ کان اڳ ايندا هئا ۽ اُن کانپوءِ گهر روانا ٿيندا هئا.

"جنهن سچ پلي، ٻڌو ٻيائيءَ ڪي ڪيي،
سو راتيون ڏينهان پاڻ ۾ پل پل من پلي،
جڳ ۾ جڳ جهڙو ٿي، ٻنا چاه چلي،
ڪنهن کي ڪين سلي، اصلي ڳجهه اندر جو."

سائين جن جا پرمارٿڪ ويچار ويا وڌندا ۽ پڪڙيندا ۽ سندن اُصليت کي پائڻ جو ارادو ويو پڪو ۽ پختو ٿيندو. هن ئي ڀي ٻقا جيوَن ۾ اُننت اَمرپڻو حاصل ڪرڻ جو نشچو ويو وڌندو.

"ٻڌي جنهن ڪمر پڪي پرمارٿ جي،
سو گرمکهه غم لنگهي ڪري پهتو پريم نگر،
رهي پنهنجي حال ۾ راتيون ڏينهان ڏر،
هار جيت ۾ هر، حاضر ڏسي هٿ ٿي."

سائين جن اِنهيءَ اوستا ۾ دم جي ٻه ڏاڍي محنت ڪئي. اِهي محنتون ڪري ڪيئن اُنهيءَ نيڌي اوستا ۾ آخر ويا لعلون لعل ٿيندا تنهنجو ذڪر هيٺ ايندو.

ٻ نه نهاري ۽ اڳتي وڌندو رهي. آخر وڃي اُنهي
نُور محل ۾ پهچي جتي اَزخود واه واه جو هوُڪارو
پيو نڪري ۽ جهان جي چاه ۽ چنتا جو پاڇو به نه هجي.
خود مستي جو خمار ولـي وڃي ۽ سڄو سنسار سپني
والـگر ڀاسڻ ۾ اچي ۽ سڄو پسارو پاڻ ۾ ئي ڪلپت پيو
سمجهي. اڳ جو پاڻ کي سنسار ۾ سمجهندو هو سو آخر
۾ سنسار کي پاڻ ۾ هڪ خيالي دُونهي جو پهاڙ پيو
سمجهي.

”گيان بنا يوگ هٺ سوڳ، يوگ بنا گيان هٺ ڀوڳ،
گيان يوگ جان ۾ بني، ٽان کي پاڳ اموگهه.“

اهڙي منڙي مرشد جي ملڻ لاءِ سائين جن جي دل ۾
رات ڏينهن تڙق پئدا ٿي ۽ من ۾ اُمنگ اُٿڻ لڳا ته جيڪر
اُتراکنڊ ۾ بدري ناٿ آدڪ ڀاسي وڃي، هماليه جي
غفائن ۾ اهڙي پورن ڪامل کي وڃي ڳولهي هٿ ڪجي
۽ اُنهي جي شرن پئجي.

” اُڏائون چرن کي ڏوُلي،
بنون بي حال در ڪوُلي،
پائي سر پريم کي سوُلي،
ديکون ديدار اديتي ڪا.“

ايشور در ٻاڏائڻ لڳا. چوندا آهن ته ”ساچي دل

آهي. پر هن چالو سمي ۾ به موکيه جي اَڌڪاريءَ کي
گيان يوگ جي سخت ضرورت آهي. سائين جن کي
انهيءَ نديءِ اوستا ۾ ئي اَنڀوُ ٿيو هو ته گيان کانسواءِ
يوگ جي سڌنا صرف سنڪلپ سڌي جو ڦــل ڏيندي
جنهن ڪري ساڌڪ پنهنجي نام ۽ روپ جي چڪر مان
نڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي ئي جوڙي مان سمان جي ڦهلاءُ
۾ ڦهچي ويندو ۽ اَصليت کي اَڌ ۾ ئي ڇڏي ڏيندو.
هوڏانهن ٻئي طرح يوگ سڌي کانسواءِ فقط گيانـي رڳـو
واچـا مڪت ٻڻجي ٻيهي رهندو. ڳـالهيون گيان جون
گهڻيون ئي ڪندو پر اَندر اَنيئي ڏٺي جو ٻرڻ محال
ٿي پوندو.

— هي پند سولو نه آهي. هت دل ڇڏي ٻي دل ٿي
هلڻو آهي. مرادون ڇڏي نامراد ٿي رهڻو آهي يعني
صفا نيستي ۾ اچي پوءِ اثبات يعني پرلکيه پنهنجو ديدار
ڪرڻو آهي ۽ اَڳتي هلي ”نفعي ۽ اثبات کـان به اچا
پند اونهو آهي.“ حد ۽ بي حد ٻنهي کـان مٿي چڙهڻو
آهي. سو اهڙي بي حد بي پرواهي واري اصلي منزل
تي پهچڻ لاءِ پنهنجي اَندر جون ڪلوُن ڪولڻيون آهن.
ان لاءِ هت اَنهي لاثاني رهبر جي گهرج هئي جو گيان
۽ يوگ ٻنهي ۾ پورن هجي جو ساڌڪ کـي اَنهي پند
وٽي وڃي جتي رڌيون سڌيون هٿ ٻڌيو بيٺيون هجن
ته به پانڌيڙو اُنهن کي اَوديا ۽ اَگيان سمجهي اَکـ کڻي

۳۵-۳۰ ورهين جي عمر جو هو. شڪارپور ۾ جماڻين
جي پاڙي ۾ هڪ گرهستي ساڌ ڀائي ٽوڙارام جو ننڍڙو
هو. ڀائي گوبنداس اُنجو ڀاءُ هو. هوُ هڪ رمتو ساڌوُ
هو ۽ ولندو هو رڻ ڪندو. اُنهي ڀاڳيشالي اُتراکنڊ ۾
جهڙي مهاپرش جي سائين پرمانند کي پياس هئي، اهڙي
ئي هڪ اَديت چمتڪاري يوگيشور ۽ ستپرش جو
درشن ڪيو هو. اُنهجي مهما ٻڌڻ سان سائين جن جو
چت آنند جي لهرن ۾ ٽٻيون هڻڻ لڳو. گوبنداس
ڪيترو ئي سمو اُنهجي چرڻن جي شيوا ۾ گهمندو رهندو
هو ۽ هو هينئر ئي اُنهن وٽان ئي واپس آيو هو.

۲. وچتر ڪهاڻي

اُهي اديت مهاپرش هئا پوجيه پاد اُتراکنڊي سمرٿ
يوگيراج ۱۰۰۸ شري سوامي ستيرام ديو هو هڪ ڏگمبر،
بي چاه، بي پرواه، ڪارڪ گياني، سرو ڪلا سمپن، ستپرش
هئا، جي سدائين اگم ديس جا واسي، نوراني نور
۾ پرپور، شاهن جا شاه پنهنجي موج ۾ گذاريندا هئا.

وچاري گوبنداس کي اُنوقت اصلي آتمڪ خزاني
حاصل ڪرڻ جي بدران من ۾ ڪي لڪ دنيوي ڪامنائون
پيدا هيون. انهي ڪري شري سمرٿ ديو جن ساڻس
گهٽو رخ ڪرڻ ڏيندا هئا. گوبنداس جون مکيه ٻه
ڪامنائون هيون- هڪ ته رسائڻ وديا هٿ ڪرڻ يعني

لي صاحب راضي، جوئي لي شهه پاڳيا. " سو ننڍي
نئونهال ٻالڪ جي درد ڀري دانهن ليڪ مالڪ ٻڌي ۽
اهڙي ڪامل رهبر جو ڏس ڏياري موڪليو. هوُنئن
به ايشور جي ڪرپا سان سچي ستگرو جو ملڻ ٿيندو
آهي ۽ پوءِ ڪامل قربدار جي ڪرپا سان ئي پنهنجي
آتما جو ساکيااڪار ٿيندو آهي، جنهن ۾ اسٿت ٿي جگياسوُ
ٽان جيوڻي جو جادو لهي ويندو آهي ۽ هو پنهنجي
اَصلي سروپ ۾ اَنل جان اسٿت رهندو آهي.

٢. هڪ ساڌوءَ جو ڀڌارجڻ ۽ پريتم جو ڏس

" اڄ نينهن نياپو آئيو، جوڳين سندي جوءِ جو،
سڻي ساز سرندو، دوُدون دوُد دکايو،
لنؤ لنؤ پوءِ لالن لئه، ويهي واجهايو،
ڪڏهن رانجهن ڪندو رايو،
اچي ملندو هن بنديءَ کي."

ايشور جي مهما اپر اپار آهي. سندس ڪرپا به بي
اَنت آهي. خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته ڪڏهن تو
ڪنهنجو ڪٿو اگهامي ۽ دردوندن جي دانهن وڃي ٿي
همت ڪري.

اهو هڪ سياڳو ڏينهن هو. هڪ سنڌي ساڌو
گوبند داس اوچتو اچي سائين جن جي باغ ۾ لڪتو.

ست پرش اچي هڪ تمام سنو ڪمبل چرڻن ۾ پيش رکيو.
وڏيڪ عرض ڪيائين ته هو رساين وديا جي ذريعي
هزاراڻو سون ٺاهيندا آهن ۽ مهاپرشن جي شيوا ۾ ڪندا
آهن. شري سمرٿ ديو جن تنهن تي ڪلي چيس ته
اسان جتي پيشاب ڪندا آهيون اتي سون ٿيو پوندو
آهي. ائين چئي هليا ويا ۽ رساين وديا وارو حيرانيءَ
۾ دنگ رهجي ويو.

”چاهه مٽي چنتا گئي، منوئا بي پرواهه،
جس ڪو ڪڇو نه چاهيئي، سوئي شاهن شاهه.“

شري سمرٿ ديو جن هلندا هليا ۽ اڳيان پهاڙن تي
ڪيترائي پيچرا پئي ويا. اوچتو هڪ اهڙي پهاڪ
گرجنا ٻڌڻ ۾ آئي جو گوبند داس ته ڏاڍو ڏڄي ويو.
تڏهن شري سمرٿ ديو جن چيس ته ”ڏس! جيڪڏهن
تنهنجي سامهون شينهن به اچي وڃي ته ان تي چڙهي
ويهجانءِ. ٻي جي ڪو اجگر ڏسڻ ۾ اچيئي ته ان کي به
پڪڙي وٺجانءِ. نه ته تون هليو وڃ.“ اهو ٻڌي
گوبند داس ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ آهستي شري
سمرٿ ديو جن جي پٺيان هلڻ لڳو.

ان کان پوءِ اڳيان هڪ ڏکي سرنگهه ڏسڻ ۾ آئي
جنهن ۾ اندر ڪو ويهي ڪري به نه وڃي سگهي.
شري سمرٿ ديو جن انهيءَ ۾ اجگر وانگر ليٽي ڪري

هزارن سون ناهيا ۽ پيو سندس پاڻ کي پتر سمجهندو هو. اُن سان گڏ سندس اهو به ويچار هو ته شري سمرٿ ديو جن جو چيٽر بڻائي اُن مان فائدو حاصل ڪرڻ. پس سندس شردا فقط جهالي ڪامنائن پورين ڪرڻ واسطي ئي هئي. اُنهي سبب ئي سمرٿ ديو جن جي پنيان پنيان جهنگلن، پهاڙن ۽ ڪندرائن ۾ گهمندو رهندو هو. هن اها ڳالهه نه سمجهيو هو ته "اِهو مانش جنم دُرلڀ هئي، نام بنا برٿا سڀ جائي." لکو ڪو سمرٿ ديو جن کي پورو سچو هئائين ته هو هڪ اَلک جا اوتار هئا.

"نرمل نرالا ساڌو جن سنسار ۾،
ڪانه ڪين ڪنهنجي سدا سُکالا،
رتا رهن رنگ ۾، مگهن متوالا،
پيا ۽ پالا، سامي ٿين ڪين ڪي."

(شري سمرٿ ديو جن پوءِ جڏهن سائين جن سان گڏ هئا تڏهن هڪ دفعي گوبند داس لاءِ فرمايو هئائون ته "گوبند اَچا تا، پر سالا اَگيان تا.")

هڪ دفعي هڪ گهاٽي بن ۾ گوبند داس شري سمرٿ ديو جن جي پنيان پنيان وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ڪڙاڪي جي سردي هئي. شري سمرٿ ديو جن بي گمبر اوستا ۾ گهمي رهيا هئا. اُن وقت هڪ

رستي ۾ ڪيترئي ٻيون جڙيون ٻوٽيون جهنگل ۾ پيدا ٿيل هيون. شري سمرٿ ديو جن فرمايو ته هي ٻوٽيون اوهان به کائو ۽ ٻين جي لاءِ به جيتريون کڻي سگهو، اوتريون کڻو. پوءِ ته ٻنهي گوبندن وڏيون پريون ٻوٽين جون ٻڌي کنيون. پهاڙيءَ تان هيٺ لهي، سوامي جن اُهي ٻوٽيون ڪيترن دکي بيمارن ۾ ورهائي ڏنيون.

رستي ۾ گوبندداس کي اهڙو هڪ ماڻهو مليو ويو جو هندستاني ۽ تلنگي ٻئي ٻوليون ڄاڻندو هو. پوءِ ته انهي جي معرفت سندي گوبندداس دکني گوبندا کان سڄو حال پڇيو ته ڇا جي ڪري هن ست ڏينهن اُنهي پهاڙ جي هيٺان ڏيرو ڪيو هو. هن پنهنجي ڏکن ٻوليءَ کاڻي ٻڌائي ته هو سرير جي دکن کان بي حال ٿي هر روز ڀڳوان بالاجي تروپتي جي مندر ۾ ويندو هو. هڪ رات سپني ۾ هنکي آواز آيو ته فلاڻي پهاڙ جي غفا جي هيٺان هڪ پاڻيءَ جو چشمو آهي اُتي وڃي وهه. اُتي توکي هڪ ست پرش ملندو جنهنجي ڪرپا سان تنهنجو سارو دک دُور ٿيندو. انهي پريوڻا سبب هو اُتي ويو هو ۽ ستن ڏينهن کان بکيو ٿي پيو رهيو. اُن ڪانپوءِ ڀڳوان جي ڪرپا سان هي ست پرش غفا جي منهن مان نڪرندو ڏسڻ ۾ آيو. پوءِ ته مان اُنهنجي چرنن ۾ ليٽنجي پيس ۽ ڏاڍو رنم. سمرٿ ديو جن ڏاڍا ديالو

اَندر وڃڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي اکين کان غائب ٿي ويا. گوبند داس ٻاهر ڏسندو ئي رهجي ويو ۽ ڊپ ۾ سوامي! سوامي! ڪري پڪارڻ لڳو، پر جواب ئي نه آيو. پوءِ ته هو گهٻرائجي ويو. ويچار ڪرڻ لڳو ته هينئر ڪيڏانهن وڃان! سج لهي چڪو هو. هيٺ لهڻ رستو اجهان به وڌيڪ خطرناڪ هو. هن پاڻ کي موت جي منهن ۾ سمجهي ڪري اُها ساري رات جيئن ليئن ڪري پهاڙ جي اوٽ ۾ گذاري. صبوح ٿيڻ سان به سمرٿ ديو جن ڪٿي به نظر ڪونه آيا. ڏاڍو اُداس ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڳولها ڪرڻ لڳو. مس وڃي منجهند جي وقت ڏٺائين ته سوامي جن هيٺ پهاڙ جي ڏري ۾ هڪ ٻاٽيءَ جي ڇهرٽي جي نزديڪ هڪ آدميءَ سان گڏ ويٺا آهن. گوبند داس ڏاڍو خوش ٿيو ۽ جئن لئن ڪري هيٺ لهي وڃي سوامي جن وٽ پهتو. تڏهن مهاپرشن چيس ته "ڏس! هي به گوبندو اُٿئي، جو سٺن ڏينهن کان اسان کي ڳولهي رهيو هو. جي اسان هن وٽ نه اچون ها ته هنجا پران نڪري وڃن ها. هاڻي هلو." ائين چئي شري سمرٿ ديو جن اُٿي کڙا ٿيا. هينئر هڪ جي بدران ٻه گووندا پنيان پنيان هلڻ لڳا. هڪ ٻئي جي ٻولي ئي نه سمجهن. هڪ هندستاني پيو ڳالهائي ته ٻيو تملي. انهيءَ ڪري هڪبئي سان ڪجهه خاص ڳالهه ٻولهه نه ڪري سگهيا.

ڪيس ٿو ڳڻي جو هڪ آسڻ سيکاريو، پر هو اهڙي ٿو ڳڻي ڪنهن سمجهي ڪري نه سگهيو. من پر ساڳيون ئي دنيوي خواهش پوري ٿيڻ جي اپيا ٿيئي اُٿيون ٿيس نه شري سمرٿ داس جن راضي ٿين ۽ اهي پوريون ٿين. اُلٽي کائڻ پيئڻ جو ڪو به بندوبست ڪو نه هو. گوبند داس کي پائي مرداني وانگر بک ڪٽي ئي ڇڏي! سو هٿ جوڙي وينتي ڪرڻ لڳو ته، سوامي جي! آگيا ٿئي ته هيٺ وڃي شهر مان ڪجهه وٺي اچان. سمرٿ داس جن جواب ڏنس ته "جنهن گووندا اسانکي گهرايو آهي، اُن کي ئي سارو بندوبست ڪرڻو آهي. اسانجو ڇا؟"
اُلٽي لڙوهني بالاجي ۽ کي گهڻو ڪري گووندا نالي سان پڪاريو ويندو آهي.
پوءِ جئن جئن رات گذرندي ويئي، تئن تئن گوبند داس کي بک ڏاڍو ستائڻ لڳي. اٽڪل رات جا ١١ وڄڻ تي هٿا نه غفا جي ٻاهران آواز اچڻ لڳا ته اچو، پوڄن وٺي وڃو. گوبند داس ٻاهر اچي ڏٺو ته ٻه آدمي پوڄارن جي ويس پر پوڄن جا ٿالهه هٿن پر جهليو بيٺا هئا ۽ چيائونس ته هي پوڄن سوامي جن وٽ کڻي وڃ. جڏهن گوبند داس آگيا وٺڻ لاءِ اندر ويو ته سوامي جن کليءِ چيس ته پنهنجي مهمانن کي اڌري رات گذرڻ کان پوءِ ڪيئن ڪارائيو آهي! اسان ٻکيا ٿورو ئي آهيون!
گوبند داس کي ته بک ستائي رهي هئي، تنهن ڪري

آهن جن پنهنجو سمورو ڏک، هڪ لحظي ۾ لاهي ڇڏيو ۽ هي جڙيون ٻوٽيون کائڻ لاءِ پرساد طور ڏنائون. اگر جي سوامي جن نه اچن ها ته مان مري وڃان ها.

"بي حد بي پرواه، ڪامل ڪرامت جا ڌڻي،
انساني صورت مان، جن اُلٽي ڪيو اُمراءَ،
ڪرم ڪوٽ ڪلپن جا جن ڪٽي ڪيو نرواه،
پرمانند پساءِ، ٿيو رهڻ سهڻ سڪدام ۾."

* * *

"اچان ٻه آهين، ساڌو جن سنسار ۾،
سڀن ورهين جا ڏکڙا، هڪ لحظي منجهه لاهين."

ساڌو گوبند داس انهي ٽملي گووندا جو سارو ورتانت ٻڌي ڏاڍي تعجب ۾ پئجي ويو ۽ جلدئي پوءِ شري سمرٿ ڏيو جن جي شيوا ۾ واپس موٽي آيو. ڏٺائين ته جٽي سوامي جن کي ڇڏي ويو هو، اُتي هتا ئي ڪونه. پوءِ ته ڪيترئيون جهڳهيون ڇڳهه ست ڏينهن ڳولهيندو رهيو. آخر هڪ غفا ۾ گهڙي ويو، جٽي بي پرواه بادشاه براجمان هئا ۽ ڪلي رهيا هئا. گوبند داس سندن چرنن لي ڪري پيو. سوامي جن چيس ته اسان وٽ ڇا رکيو آهي. ٽون ڪن ساڌن مهاتمائن جو سنگ ڪر. پر هن گهڻي پرارٿنا ڪري چيو ته ڪجهه وقت شيوا ۾ رهڻ لاءِ آگيا ڏيو. جنهن کان پوءِ شري سمرٿ ڏيو جن

وري درشن نه ٿيو. آخر ۾ اُداس ٿي پنهنجي گهر
واپس آيو. اُتي اچي ڇا ڏسي ته سنڌس ڀاءُ جي گهر
اڳ ۾ ئي پٽ سنتان ٿي هئي؛ ڌنڌي ۾ به ڏاڍو پئسو
ڪمايو هئائين. سنت آهن ڪلپ برڪيو.

"دلگير نه هو دل، دلاسا فقر ڪا هئه،
فقر ڪي جهولي ۾، خزانه غئب ڪا هئه."

*　　*　　*

"رام جهروکي بئٺ ڪي سپ ڪا مجرا ليت،
جئسي جئسي ڀاونا، تئسا هي ڦل ديت."

سائين جن کي ڳالهين ڪندي گوبند داس هڪ ٻي به
مزيدار ڳالهه ٻڌائي ته هڪ ڏينهن سوامي جن لاءِ کير وٺي آيس.
گهٽو ئي کير هو. لن ڏينهن ۾ ڀارت ۾ کير مفت ملندو
هو. کير جون جوڻ نه نديون وهنديون هيون. سوامي جن
کي کير گهڻو پيارو هو. ٻئي ڏينهن ٽي چوڻ لڳا، "اي
گوولدا! تمهي ڪال دوُڌ خود ڪيون نهين پيئا ٿا؟
همکو سب کيوُن پلايا ٿا؟" گوبند داس چيو مان ته
هڪو ٻڪو ٿي ويس. سوامي جن وڌيڪ پڇيو ته
"ڪيوُن اُس ۾ مکي پڙ گئي ٿي، اس ليئي تمهي
نهين پيئا ٿا؟" ڳالهه ته برابر هئي. مون کي اچي ڊپ
ورتو. پر سوامي جن وٽي تمام وڏو ٽهڪ ڏنو. اهڙا
هئا سمرٿ ديو جن!

هن ٻاهر اچي ٻوڄارين کان ٽورو ٻوڄن ٻنهي جي ڪاڻ
لاءِ وٺي ٻاقي سڄا ٽالهه واپس ڏيئي ڇڏيا. اُن کان پوءِ
نه اڳتي لاءِ نيڪ وقت ٿي پوڄن روزانو هڪ دفعو
پاڻهي ايندو رهيو.

”جسڪا ڪون هئه فقير، سمجهه اُسي کو يار،
مانگو ٿو مانگه اُس سي، ڪيا نقد ڪيا اُڌار،
اُسڪي سوا اؤر سي، ڪون رکه نه ڪاروبار.“

هڪ ڏينهن سمرٿ ديوجن اوچتو ئي اُنهي غفا مان
لهي ٽرو پتي بالا جي مندر ۾ اچي پهتا. اُتي ٻچوان جي
آمهون سامهون وڃي ٻچوان سان ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ
لڳا ته اسان کي ڇا جي لاءِ گهرايو اٿو؟ ڪهڙو ڪم
هو؟ وغيره وغيره.

انهن ڳالهيون ڪري ڪلندا ڪلندا ٻاهر نڪتا ۽ اڳتي
هلڻ لڳا. ساڌو گوبند داس پٺيان پٺيان هلي رهيو
هو. هڪ گهاٽي جهنگل ۾ اچي پهتا. اُتي شري
سمرٿ ديوجن اهڙو ته وڏي پيالڪ روپ ڌارڻ
ڪيو جو گوبند داس سهي نه سگهيو. سندس اکيون
اهڙيون ته بند ٿي ويئون جو ڪولڻ سان به نه پيئون کلن
اُتي ئي نند اچي ويس. آخر ۾ جڏهن جاڳيو تيس ته
ڏٺائين ته هڪ بستيءَ جي نزديڪ اچي پيو آهيان.
پوءِ ته شري سمرٿ ديوجن کي ڏاڍو ڳولهيائين پر ڪٿس

لڳي ويئي. ڳرو ڪندس ته اهو. سر ڏيندس ته انهيءَ سرو سمرٿ ساجن کي. پر اهي ملندا ڪٿي! ڪنهن کان پڇجي؟ ڪٿي ڳولهجي، نه گهر نه ٺڙ، نه نانءُ نه ٺانءُ؛ نه نشان. اَلاجي ڪٿي هوندا؟ راتيون ڏينهن ٻره جا شوڪارا پيا نڪرن. عجيبن جي ملڻ لاءِ من ماندو. اِئين پيا پور اٿن ته جيڪڏهن مون کي اهي مالڪ ملن ته مان سواءِ گيان ٻوڌ جي ٻيو ڪجھ نه گهران.

"ڪوئي اَن منگي، ڪوئي ڌن منگي،
ڪوئي منگتا مان وڏائي منگي،
ڪوئي تخت منگي، ڪوئي بخت منگي،
ڪوئي لوڪ پرسا پائي منگي،
لاغرض دا عرض اِهو ئي،
جو دم دم عشق الاهي منگي."

رات ڏينهن اِهائي تات ته شل محبوب سان ميلو ٿئي. ٻوءِ جيڪي ڪجھ مون وٽ هجي سو سڀ پيش ڌريان.
"ڌڻيسر جان ڌڻ سبون، ڌڻئي هوند ڌيان
ڌڙ مٿي سر هيڪڙو، ڏيندي لڄ مران."
اهي پيا اُڌ ماند اٿن:-

"جي پريم خريد ڪرين، ته سر لاهي وجھه ڪاٺ مڙ؛
ڏيئي دل دلال کي، سمجهي اجر جرين؛

گوبندداس واپس گهر اچي ڏاڍو پڇتايو ۽ ٻئي هٿ هڻڻ لڳو ته افسوس! مون هي ڇا ڪيو، هيرو هٿن مان وڃائي، ڪسيري جون ڪوڏيون مٽڙي آيس. پر ويڙي ويل وري هٿ نه آيس.

"ٿيا ڳي وئرا ڳي، مايا سڀ مستان ڪيا،
ورلو ڪو گرمکھ بچيو ساميءَ وڏ ڀاڳي،
ڏنو جنهن جاڳي، پنهنجي اکين پاڻ ڪي."

٣. پريتم جي پياس

اڻ ڏٺو عشق

(ڪاهوڙن جي ڪوڃ)

"پاڻ پرين ڪئي دات، عشق مڪائين ايلچي."

* * *

"عاشق ٿيا آئيت، پسڻ ڪارڻ پرين جي."

* * *

"نيڻهين نماڻا، رئن رت اکين مان،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، ڦريائون پاڻا،
اٿ ئي ڦير اندر ۾، اورن اوراڻا،
ساميءَ سماڻا، رهن پنهنجي حال ۾."

سائين جن گوبندداس جي والان شري سمرت ڏيو جن جي اڌيت وارتا ٻڌي چڪت ٿي ويا. اڻ ڏٺي ميڪ

"گيان سروپ اکنڊ اُجيالا،
برهم ۾ لين مگهن متوالا.
بي چاھ بي پرواھ،
بابا اُترا کنڊ سي آيا."

لڇمڻ پنڊت پرمانند جي شرڌا روپي پرڀرٽا سان شري سمرٿ ديو جن اُن اُجاڙ بن مان اچي هن وقت ملتان ۾ گيان ٽلهي جي وچهو پڌاريل هئا. گوبندداس وڌيڪ ٻڌايو ته اُلي کيترا پريمي درشن لاءِ وڃي رهيا آهن ۽ مان به اَڄ اوڏانهن روانو ٿيان ٿو.

۴. رهبر سان ملڻ جي تڙپ

سائين پرمانند جن اِهو اَحوال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. ڪجهه پشپ پتر ساڌو گوبندداس کي ڏنائون ۽ کيس وينتي ڪيائون ته، اُلي پهچي شري سمرٿ ديو جن سان ملي ڪري اُتان جو سربستو اَحوال لکي موڪليندا ته مهاپرشن جو پروگرام ڪهڙو آهي ۽ ڪهڙي اوستا ۾ هن ٿا، وغيره وغيره.

ساڌو گوبندداس ملتان روانو ٿي ويو ۽ هيڏانهن سائين جن هرڪنهن طرح جون تياريون ڪرڻ لڳا. گهرڀاتين ته سنبنڌين کي موڪل ڏيڻ لاءِ چتاءُ ڏنائون ته جڏهن ملتان مان تسلي بخش اَحوال اچي ٿو ته هڪدم

جيڪي جاٽين پانهنجو، سو سڀ پيٽ ڏرين؛
ڏنهنڪان پوءِ پرين، مڪتا بار پنڌار مان."

چوندا آهن ته "ساچي دل لي صاحب راضي، جوتي لي شهه پاڳا." اهو ٻه سورهن آنه سچ آهي ته "سڪي ٻ ساجن نه ملي!" آخر دردولد جي دانهن هٽي وڃي هنڌ ڪيو. ساڳيو سادو گوبندداس هڪ ڏينهن وري سائين جن وٽ باغ ۾ آيو. ٻڌايائين ته مان ڪن مهاتمائن جي واتان ٻڌو آهي ته ملتان جي پرسان هڪ بن ۾ شري سمرٿ ديو جن جو درشن اُتان جي هڪ پڳت پرمانند کي ٿيو آهي.

پيارا پاٺڪو! ملتان واري پڳت پرمانند جي ڪٿا ذرا لمبي آهي ۽ اُنجو سارو ورتانت هڪ الڳ پستڪ "چمتڪار جيون" ۾ ڏنل آهي. اهو پستڪ به شري پرمانند پنڌار مان ئي ڇپيل آهي. هت فقط هي ٻه اکر لکڻ ڪافي ٿيندا ته اُنهي پڳت پرمانند کي هڪ دفع ڪاشيءَ ۾ شري سمرٿ ديو جن جو درشن هڪ پرڌ يوگيشور جي روپ ۾ ڪجهه ڪال پهريائين ٿيو هو. جنهي گهٽي وٺنني ڪرڻ ڪانپوءِ مهاپرشن کين وچن ڏنو هو ته اسانجو وري درشن توکي ملتان جي آس پاس فلاڻي وقت ٿيندو پر اُن وقت اسان جوان اوستا ۾ هونداسون ۽ اسان نرآهاري ۽ موُن اوستا ۾ هونداسون.

ته ڪير ڪنهنجي رکيا ڪري سگهندو. وشين ۾ ڳن ۾ آسڪت منش کي اُلٽ سمي ۾ به جي ڪوئي چرندو آهي ته "ڄئه رام!" ته هڪدم غصو وٺي ويندو اُٽس ته رام ڇو چوان، ڊاڪٽر جواب ڏنئي ولو آهي ڇا! هي سڀ ڪجهه ڇڏي ويندس ڇا!

"ڪيون نه پايا گر گيان، جب ديهه ۾ آرام ٿا،
ڪيون نه ڪيا ڪڇ دان، جب گهر ۾ سامان ٿا.
ڪلي ڏي رستم بازار، سؤدا نا ڪيا،
جب هو گئي هٿ ڪاڙ، غافل رو ديا!"

آخر هفتي ڏيڍ ڪانپور منهن ساڌو گوبند داس جو پٽر آيو. اچان ڪا محبوب جي ميلاپ ۾ ديرپوٽي هئي جو انهي خط ۾ جو سماچار آيل هو سو نراسائي جو هو. لکيو هئائين ته مون کي هنڙي جيترا به ڏينهن آئي ٿيا آهن ته هن وقت سوڌو شري سمرت ديو جن مون سان نه ڇا پر ڪنهن سان به ٿوري ماٺر به ڪونه ڳالهايو آهي. هو اهڙي ته نروڪلپ اوستا ۾ اسٿت آهن جو ڪنهن ڏانهن نهارين به ڪونه ٿا. ڪيترائي ماڻهو اچن ٿا پر فقط درشن ڪري هليا ٿا وڃن. هتي رهڻ ڪرڻ جو ڪوبه بندوبست ڪونهي. مان پاڻ انهي ڪري ٻي وس ٿي هتان روانو ٿي ٿو وڃان.

اهو سماچار واچي سائينجن جي دل ۾ نراسائي ڇانئجي،

اوڏانهن وڃڻ ۾ هڪ ڏينهن به دير نه ٿئي. ڪين من ۾
ڏاڍو اُتساهه، اُتاهه ٿيو ۽ اُمنگ اچي جاڳيا ته هاڻي جاڻ
ته دوس جو ديدار ٿيئي!

چاچو ڪيولرام ۽ ٻيا مائٽ پاڻ ۾ اهوئي سوچڻ
لڳا ته جي هاڻي هنکي وڃڻ ڏيو ته واپس اچي
نه. هنکي جهان ۾ نڪائڻ لاءِ هڪ ئي رستو آهي ته
سندس مڱڻو ڪجي. سائينجن کي اها سڌ پئجي وئي
پنهنجي وڏي ڀيڻ کي چيائون ته منهنجي عمر اڃا هيٺ
١٧ سال مس ٿي آهي. سو هينئر ئي اهو ٻنڌڻ مون
تي ڇو ٿو مڙهيو وڃي. مون کي ملتان مان موٽي اچڻ
ڏيو، پوءِ سوچ ويچار ڪيو ويندو.

اَڄ ڪلهه جي زماني جا مائٽ اهوئي سوچيندا آهن
ته اسانجي ٻارن جي ڪڏهن ٿي سڳائي ٿئي ۽ ڪڏهن
نونهن گهر ۾ ايندي. ڪڏهن ڪين ٻار ٻچا ٿيندا. گيان
ڌيان ته جڏهن سندن پراربڌ ۾ هوندو تڏهن ٿيندو.

پر سائين پرمانند جن جو شروع کان ئي اهو دڙ
نشچو هو ته پهريائين گيان پوءِ جهان. اَڄ ڪلهه قصو ئي
اُبتو آهي. عام ماڻهو چون ته پهريائين جهان پوءِ گيان
اهو ائين آهي جئن ڪو ماڻهو چوي ته پهريائين زهريلي
نانگ کي پڪڙجي ۽ نانگ جي مارڻ جو منتر پو
سکجي. ائين ءِ طرح آتم گيان روپي منتر کانسواءِ جيڪڏهن
اَگيان وَس، وشيه ڀوڳن روُپي زهر چت تي چڙهي و

سائين جن جي اهڙي اداسائي واري اوستا ڏسي گهر
ارا سڀ گهٻرائجي ويا. هن کان پيار سان پڇڻ لڳا ته آخر
وهانجي کهڙي منشا آهي، اها ڪولي پڌائيو ته اسان
ن لي سوچ ويچار ڪنداسين.

سائين جن سڀ کان پهرين تيرٿ ياترا ڪرڻ جي
ڇا پرگهٽ ڪئي. سڀني سنبنڌين اها ڳالهه قبول ڪئي.
ر سندن وڏي پٽڻ ڪين اڪيلو ڇڏڻ نه ڀانيو. انهيءَ
ڪري اها به گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي. انهيءَ ڪانپوءِ پنهي
عي واسطي هردوار جون ٽڪيٽون گهرايون ويئون ۽
ت ٻئي پٽڻ ۽ پاءِ تيرٿ ياترا لاءِ روانا ٿيا.

رستي ۾ ملتان جي اسٽيشن آئي. سائين جن ڏاڍو زور
رايو ته ملتان ۾ ڪجھ ڏينهن رهي پوءِ اڳتي هلون. پر
پٽڻ مجبور ٿي نه. شايد محبوبن جي مرضي سڪايلن کي
ورتيڪ سڪائڻ جي هئي ۽ چاهيائون پئي ته نينهن جي
نهائينءَ مان پرتڻ اجان چڱي طرح پڇي راس ٿئي!

"نهائين کان نينهن، سکه منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، باهر ٻاڦ نه نڪري."

* * *

" اُلٽي بازي عشق جي آهي،
بره بنا بيو سمجهي ڪير."

پٽڻ ويچاريءَ کي کهڙي خبر ته سائين جن جي دل

ويئي. هو سوچڻ لڳا ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي! جڏهن ساڌ واڳوبند داس جهڙي سچالل شيوڪ سان ئي نه ڳالهايائون ته مان جهڙي رواجي ٻالڪ جي ڪهڙي ڳالهه آهي!

هيڏانهن گهر وارا مٺي مائٽي جون ڳالهيون هلائڻ لڳا. اُنهي سمي سائين جن سڄو ڏينهن پنهنجي باغيچي ۾ رهندا هئا. اهڙو ساڌو رهڻ شروع ڪيائون جو مائٽي ڪرڻ وارا لوڪ هن کي ٻڙاڳي سمجهي پنهنجو ارادو ئي ڦيرائي ڇڏيا وڃن. مٺي جا وار ڪوڙائي لوڙها تي وينا. پيرين اُگهاڙا هلڻ لڳا. ڪپڙا ڏاڍا سادا پائڻ لڳا. پوءِ فقط هڪ دفعو ڏينهن ۾ کائڻ شروع ڪيائون؛ سدائين مؤن ۾ رهڻ لڳا. ويچارڻ لڳا ته:

"مت جانو دنيا ميري هئه،
غافل دنيا ڪب تيري هئه،
سائين کي جئسي ڦيري هئه،
ڦرنا هئه تئسا تؤن بابا."

پنهنجي دل جو درد دل ۾ سانڍي، هي ننڍڙو نؤجوان صفا ورڪت رهڻ لڳو:

"جنهن جي ڪنهن کي ناهي کل،
اُني عاشق ويا ٿي اجهل،
ماڻهن ليکي مامرو، اُني سورهين ڪيڙا سل،
جنهن جي ڪنهن کي ناهي کل."

جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد روانا ٿي اچو. پوءِ ته سائين جن جلد ئي برندابن مان ٿي شڪارپور پهچڻ جو سنڪلپ ڪيو ته جئن رستي ۾ ملتان ۾ لهي شري سمرٿ ديو جن جي درشن جو به لاڀ حاصل ڪجي.

ايشور جي اِڇا ۾ ڪير ٿو هٿ وجهي سگهي. سائين جن کي سڀ وڇوڙا شايد اُنهي عمر ۾ ئي سهڻا هئا. جئن ئي برندابن مان واپس متّرا پهتا ته اڳ ۾ ئي اَرجنٽ تار رکي هئي ته شري ڪيولرام جن سرڳواس ٿي ويا. توهان هڪدم پهچي وڃو.

پوءِ ته شڪارپور جون سڀون ٽڪيٽون ورتائون. سائين جن لاءِ هينئر ٻيو چارو ئي ڪونه هو. من جي ڀاونا من ۾ ئي سانڍي سڌو شڪارپور واپس آيا، جتي سيٺ ڪيولرام جو سارو ڪريا ڪرم پاڻ اچي ڪيائون، ڇاڪاڻ ته هو کين پنهنجي پٽ وانگر پاليندا هئا ۽ پنهنجو ٻار ٻچو به ته هئن ڪونه. پنهنجي ماتا ۽ پتا جي سرڳواس ٿيڻ کان پوءِ جنهن چاچي سان سائين جن سارو وقت وڏي پيار ۽ لاڏ ڪوڏ سان گذاريو هو، سو به سائينءَ سنڀالي ورتو. پر وقت بادشاه آهي. ڪنهنجي لاءِ به ترسندو ڪونه آهي. جئن هو وقت نه رهيو تئن هي به نه رهندو.

اُن ڪانپوءِ لاچار سائين جن کي پنهنجي ڪاروبار ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻو پيو. پر تنهن هوندي به گهبرايا

ڪيترو پريم جي آڳ ۾ پچي رهي هئي. سائين جن به اڪ رڪڻ جا صاحب! هونئن به پڇڻ ۽ چپ رهڻ جو پاڻ ۾ وڏو ڪو لاڳاپو آهي. پڇ نہ چپ! سو لاچار مات ڪري ڇڏيائون، پيٽس ڇپس نہ تيرٿ ياترا کان موٽندي ملتان لهنداسين.

آخر سائين جن پيڻ سهت هردوار اچي پهتا ۽ شڪارپوري ڌرمسالا ۾ اچي رهيا. اُتي ڪجھ وقت شانتيءَ ۾ گذارڻ ڪانپوءِ، ڪاشي، گيا، ايوڌيا، پرياگ آدي تيرٿن ڪرڻ ڪانپوءِ مترا اچي پهتا. تيرٿن تي بہ سائين جن سڄو وقت شانتيءَ ۾ گذاريندا هئا ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڪونہ گهمندا هئا.

سانتيڪو وايو منڊل ڪين ڏاڍو وڻندو هو. نديءَ جو ڪنارو، سادن مهاتمائن جا درشن ۽ قدرت جي هرياليءَ اهي درشيہ اَزخود تنهن دل تي چٽيو وجهندا آهن. هيءَ اٽڪل ٦٥ سال اڳ جي وارتا آهي. ان ڏينهن ۾ پوتر تيرٿ استانن تي اڄ نئين زماني جي ڇهل پهل جو اَثر پاڇو ڪونہ پيو هو. اُتي سائين جن ايشور جي جي ڌيان ۽ سمرن ۾ رتا رهندا هئا ۽ ڏاڍي سنجم سان هلندا هئا.

متھرا ۾ پهتا مس نہ اُتي اڳ ۾ ئي ڌرمشالا ۾ سيٺ کيولرام وٽان آيل چٺي رکي هئي، جنهن ۾ لکيو هئائون تہ سندن تندرستي ٺيڪ نہ آهي، انهن ڪري

پالي پوءِ اچي گرهست آشرم کي گلزار بڻائيندا هئا.

ذرا ويچار ڪري ڏسبو ته ماڻهو جنم جنم درلڀ آهي لکين ڪروڙ ڀيرا گهڻو ڪري آهي. درلڀ اُن کري ته جو هيءُ ئي چولو آهي جنهن ۾ جيوُ چاهي ته اصليت کي حاصل ڪري سيگهي دکن جي نورليءَ سدا قائم رهڻ واري سک جي پراپتي ڪري سگهي ٿو. ڪروڙ ڀيرا انهيءَ ڪري چئجي ٿو جو اُن دم جو به ڀروسو ڪونه آهي. ڪنهن ڪڻ ۾ هي شرير ڪيرڻ تيندو تو رهي.

"جنسي جل ٿي بدبدا، اُپجئي بنسي نيمت،
جڳ رچنا تئسي رچي، جان ليهه ري ميت."

جئن جئن سائين جن جا ويچار اندر اونها ٿيندا ويا تئن تئن سنهن جي ووڪ جو پرڪاش وڌيڪ ٿيندو ويو. اُن جي پورنتا جي چوٽي تي پهچڻ لاءِ ڪنهن ڪامل ستگورو جي ضرورت تهان ئي وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳي. انهيءَ ڪري سائين جن جي شري سمرٿ ديو جن لاءِ سڪ روزون روز سوايي ٿيندي ويئي؛ رانجهن ٻنا هڪ ڏينهن به هڪ ورهيه سمان گذرڻ لڳو.

ميري من پريم لڳو هر تير،
همري بيدن هر پرڀ جاني،
ميري من انتر کي پير.

(اِڪ رهاءِ)

اَصل ڪونه. اهو به هڪ ڀرارٿ جو ڀارت سمجهي انهي
۾ به ڀرمارٿڪ درشٽيءَ سان وقت ڏيندي هوندي بہ
ڀنهنجي چت ۾ اُن وهنوار جو ڪوبہ منهنجو پڙو اچڻ
ڪونه ڏنائون. اهو سبق ڀڪو ڪيو هئائون تہ:

”بيتي هئي کو ياد نہ ڪرو،
بدلي سمیہ کي فرياد نہ ڪرو،
اوس ڀاوي ڀوڳہ ڪي وسماد نہ ڪرو،
ڀايا ڀرمانند ڦر اُنماد نہ ڪرو.“

ٻاهران سڀ وهنوار ڪندا هئا پر اندر ۾ ساڃن جي
تلوار اُهائي لڳل هئي. جيئن ٽيڪ ڪنڌائي ٻاهرونہي
وگهن اَچي پيا هئن ۽ ڪتنايون سامهون آيل هئن، تنهن
هوندي بہ اُن سروگيہ سمرٿ ديو جن سان ملڻ لاءِ لڙٽ
جاري هئي. چاڪاڻ تہ ڪيئن ست شاسترن مان اِها ڄاڻ
ڀئجي چڪي هئي ۽ سندن بہ ڀڪو نشچو ٿي ويو هو تہ
برهم وديا گروءَ جي شرڻ وڃڻ کانسواءِ هردي جي آورڻ
جي ٽورڻي ڪڏهن بہ ٿي نہ سگهندي. انهي ڪري ئي
اَڳيان ڀارلواسي وويڪ ۽ ونراڳ سمپن ٿي ڪري پوءِ
برهم نيشٽي ۽ برهم سرولري سنگورو جي ڳولها ۾
لڳي پوندا هئا ۽ وڃي ڪنهن نہ ڪنهن اَهڙي ٻهشل
مهاپرش جي چرنن ۾ ويهي اَنمول برهم وديا جي ڀيک
منگندا هئا، جتان شيوا ڪري، پاڻ وڃائي، اَصل تن

دوست جو ديدار

(پريتم جو پسڻ)

"ديو ملبيو اڏوٺ، چاه ڇڏي ٻي چاه وني ويو.
مست ملبيو مضبوط، ڪاه ڇڏي ٻي ڪاه وني ويو."

پيارا پاٺڪو! هي ڳالهه ١٩١٥ع جي آخر جي آهي. سائين جن جي عمر ١٨ سال اچي پوري ٿيڻ تي هئي. اُن وقت شڪارپور ۾ اوچتو زبردست اچي مليريا جي بيماري ڦهلي. بيماريءَ اهڙو نه نڳرو روپ اختيار ڪيو جو ڪو پيو نه آهي نه ورو نه آهي. اُنهي سال جو نالو ئي پئجي ويو "ماري وارو سال". اِنهيءَ ڪري ڪيترا ماڻهو شڪارپور ڇڏي شهر ئي خالي ڪندا پئي ويا. پوءِ نه سائين جن به پنهنجن مائٽن سميت ڪراچيءَ ڏانهن روانا ٿيا. اُتي رهڻ جو بندوبست ننڍي چاچي ڪوڙومل ڪري ڇڏيو هو. سندن گهر مڇار ڪي بزار ۾ بولٽن مارڪيٽ جي پٺ ۾ هوندو هو. سائين جن اُتي پنهنجي سچي ڏينهن جو پروگرام پنهنجي مرضيءَ موجب ٺاهي ڇڏيو هو. ايڪانت واس لاءِ پراڻه ڪال جو ڪجهه وقت سيٺ چيلارام دلومل جي بنگلي تي وڃي گذاريندا هئا. سيٺ چيلارام ڪراچيءَ ۾ هڪ مڪيه لڳر سيٺ هو ۽ ڪيترائي وڏا ڪپڙي وغيره جا

١- هر درس کو ميرا من ٻهہ لپٽي،
جڳہ ٽڙڪا وٽ بن نير.
٢- ميري پريتم کي ڪوئي بات سڻاوي،
سو ڀائي سو ميرا ميت.
٣- مل مل سکي، گڻ ڪهہ ميري پريپ کي،
لي سنگور کي مت ڏير.
٤- جن نانڪ کي هر آس پڄاوہ،
هر درسن سانت سرير.
(گوبند محلا ٤)



هو وڏو گياني ۽ وڊوان برهمڻ هو. سندس انڀوي
سلوڪ ۽ پستڪ اڃا به مشهور آهن. گياني ۽ وڊوان
هئڻ سان گڏ هڪ وڏو جوتشي پڻ هو. ڳالهه ٿا ڪن ته
هڪ دفعي ڪيس هڪ پٽ ڄمڻ جو سماچار مليو. خبر
ڏيندڙ عرض ڪيو ته پنهنجي پٽ جو لڳن جاچيو. لڪن
جاچي ڇيائون ته بس! پيءُ ڇٽ يا ماءُ ڇٽ! ان لئي
اُنهي ماڻهوءَ ڇيو ته سائين، هي ڇا پيا چئو! ڇيائونس
ته لکهجو ڇا؟ پوءِ سچ پچ ٿيو به ائين. اُنڪانپوءِ پنڊت
جڳڪرشن جن ڀاڻ جلد ئي سرير ڇڏي ويا. سندن
ديهانت به عجيب نموني ٿيو. مندر ۾ ڀڳوان جي مورتي
سامهون پٽ سان ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو ۽ درشن ڪندي
ڪندي سندن پران نڪري ويا ۽ شرير ڍري ڍري
هيٺ ڀرڪي ويو.

اِهي پنڊت جڳڪرشن شرما جي پٽ گوبندرام شرما
سان سائين جن جو گهڻو سنبنڌ هوندو هو. ٻئي هم خيالي
هئا ۽ عمر ۾ به ٿورو فرق هون. گوبندرام سائين جن
کان ۷-۸ سال وڏو هو. سائين جن کي باقي جيڪو وقت
بچندو هو سو پنڊت گوبندرام سان گڏ گذاريندا هئا.
سانجهيڪال جو اُتي اُپنشدن مان ويدانت جي وشيه تي
ڪٿا ٿيندي هئي جا چاهه سان ٻڌندا هئا ۽ پوءِ رات جو
گهر اچي آرام ڪندا هئا. ان حالت ۾ به رات ڏينهن
ڪين شري سمرت ديو جن جي ٽن ۾ لات لڳل هئي-

ڏنــدا هئس. سندس بنگلو ۽ باغيچو سرڪاري باغيچي جي اوريان هوندو هو جتي ايڪانت ۽ شانتي لڳي پيئي هوندي هئي. (ڳالهه ٿــا ڪن تـه سيٺ چيلارام پوئين وقت ۾ سائين جــن وٽ شڪارپور ۾ آيــو هو، تڏهن عمر جو ڏاڍو وڏو ٿــي ويو هو. اکين جي نظر به گهٽجي ويئي هئس. سائين جن وٽ اچي مٿي جي دان لاءِ پرارٿنا ڪئي هئائين.)

سائين جن اُتان مونـــڻ کان پوءِ ناڪواڙي ويندا هئا جتي ميونسپل باغيچي ۾ سوامي ودياننـد سرسوتي جن وچار ساگر گرنٿ پڙهائيندا هئا، اُن جي سروڻ ۽ منن ڪرڻ ۾ سائين جن گهڻو وقت گذارڻ لڳا. منجهند جي پوڄن وقت گهر پهچي ويندا هئا.

وديانند سرسوتي هڪ وڏو گيانـــي مهاتما هو جو پنجاب جي پاسي کان آيل هو. اُن وٽ ڪيترائي جگياسو وچار ساگر پڙهڻ ايندا هئا. اُن ۾ هڪ ڊاڪٽر اُتل رام به هو جو اڃا تائين بمبئي ۾ وچار ساگر پڙهائيندو آهي. ڊاڪٽر نه آهي ئي، پر اُن سان گڏ وڏو ودوان پڻ آهي.

پاڪ اڳ ۾ ئي پڙهي آيا آهن ته ڪراچي ۾ جڏهن سائين جن پـهرئين دفعي چاچي سيٺ ڪوڏومل وٽ اچي رهيا هئا، تڏهن پنڊت جڳڪرشن شرما جي مندر ۾ ڪارڪت جي ڪٿا ٻڌڻ ويندا هئا.

پنڊت جڳڪرشن شرما اُصل گدو بندر جو ويٺل هو.

آهيو؟ ته انهي جي جواب ۾ چيائون ”هان.“ پوء ته سوامي جن کي گاڏيءَ ۾ وهاري ٿاڻي ڏي وٺي ويا. اُتي اُنهن کي هڪ ڪمري ۾ وهاري، سيخن وارو دروازو بند ڪري ڇڏيائون. اُتي به سوامي جن چئي رهيا هئا ”هم جرمن هئن، هم جرمن هئن.“

اهو سارو سماچار سڄي شهر ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويو. پوء اُتان ڪراچيءَ جو نگر نائڪ سيٺ ڇيلارام ڊلومل جلد وڃي پوليس ٿاڻي ۾ پهتو؛ اُتان جي وڏي گوري آفيسر کي وڃي سمجهايائين ته اوهان هي ڇا ڪيو آهي؟ هي درويش ته وڏا پوڳي پرش آهن. پوء ته پوليس سوامي جن کي ڇڏي ڏنو. جنهن وقت پوليس وارن کين آزاد ڪرڻ لاء دروازو اچي کوليو تڏهن به چون پيا ته ”هم جرمن هئن“ ائين چوندا، ٻاهر نڪري اهڙو ته زور سان ڊوڙندا ويا جو ڪو به پريمي سندن وٽجهو پهچي نه سگهيو. پوء ته ڪيترن به ڳولها ڪرڻ لي پتو نه پئجي سگهيو ته ڪٿان آيا هئا ۽ ڪيڏانهن هليا ويا. تڏهن چيل آهي ته ”سنت کي مهما ويد نه جاني.“

”نہ کسکو ساتھ لایا، نہ کسکي ھاتھ آیا،
ڈھونڈھا تھا چمن ہر، نہ نج نام ہہ سمایا.“

سائين جن سمرت ڊيو جن جي اديت ليلا بڌي، سندن اُنو پريم موريءَ کي من ڏئي من ۾ وارون وار پرڻام

"ڳاوين ڳاوين هنن ڦران، سنئن ٻڙو سڪار،
جس دي طلب ملن دي، اُسڪا ٻڙا ڏڪار."

هڪ ڏينهن سائين جن پنڊت ڄڳ ڪرشن شرما جي مندر ۾ هڪ ليلاڳي مهاتما جي اَديت مورتي ڏني. جنهن لاءِ هو ساري سنسار تي ڪلپي رهيا هئا. لڏهن پنڊت گوبندرام کان اُنهيءَ مورتيءَ جي باري ۾ پڇيائون ته هيءَ ڪهڙي مهند جن جي تصوير آهي ۽ سندن نالو ڇا آهي. پنڊت گوبندرام ٻڌايائون ته هي هڪ وڏا سد پرش آهن. هنن جو نالو اوڌوت مسترام ٻابو آهي. وڌيڪ ڳالهه ڪيائين ته ڪجھ وقت ٿيو ته هو اوچتو ڪراچي ۾ سيتلداس جي واهي تي، جا پراڻي ڪراچيءَ جي اَندر ٿوري پنڌ تي هئي، اُتي ڏسڻ ۾ آيا هئا. اُن وقت اَنگريزن ۽ جرمن جي لڙائي شروع ٿي چڪي هئي. سمرٿ ٻابو جن اَڪيان اُنهي وقت ڪو به پرمي ويجهو اَچي ڪا به وارتالاپ ڪرڻ لڳندو هو ته هو فقط ڪلي ڏيندا هئا. جنهن ته عام ماڻهن جا پرشن هنن کي تمام رواجي لڳندا هئا. هڪ ڏفع سرڪار جي .C. I. D جا ماڻهو اَچي ڪري سوال ڪرڻ لڳا ته اوهين ڪير آهيو؟ ڪٿان آيا آهيو؟ اُنهن کي جواب مليو ته "هان."
.C. I. D وارن پڇيو ته ڇا اوهين جرمنيءَ جا جاسوس



شري ١٠٠٨ سوامي مسترام ديو (سٽ اوسٿا ۾)

ڪيو. پنڊت گوبند رام کي چيائون ته توهان کي خبر آهي ته هن وقت شري سمرٿ ديو جن ملتان ۾ گيان ٽلهي جي ڀرسان پڌاريل آهن! پوءِ ڪيس سمورو سماچار جيڪو ساڌو گوبند داس کان ٻڌو هئائون سو چٽي ٻڌايائون.

اِهو سماچار ٻڌي پنڊت گوبند رام وڏي اُلساهه ۾ ڀرجي ويو ۽ سائين جن کي چيائين ته جيڪڏهن لون منهنجي مندر جي ديکڀال ڪرڻ لاءِ مان جيڪر اُتي ملتان وڃي شري سمرٿ ديو جن کي پرارٿنا ڪري وٺي اَچان! اِها آڇ سائين جن خوشيءَ سان سويڪار ڪئي ۽ آستان جو سارو ڪاروبار سنڀالڻ جو ڀار پاڻ تي کنيائون.

پنڊت گوبند رام ملتان روانو ٿي ويو. سائين جن ٻه سڄو ڏينهن سندس آستان تي رهڻ لڳا. اِلهي ئي اِنتظار ۾ هوندا هئا ته ڪڏهن ٿو اِهو سڀاڳو ڏينهن ٿئي ۽ ڀاڳ جاڳن جڏهن سوامي جن هت ڪراچيءَ ۾ پڌاربا.

ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ پنڊت گوبند رام اُڪيلوئي موٽي آيو. سماچار ٻڌايائين ته شري سمرٿ ديو جن پنهنجي ئي ڀاواويش ۾ اِستٿت هئا. وڏا وڏا مهاتمائون اُتي درشن لاءِ ايندا هئا پر فقط شرڌا سان درشن ڪري چپ چاپ واپس هليا ويندا هئا. ملتان جا سڀڻ لوڪ جهڙوڪ پنڊت پدڪل پوشڻ ۽ ٻيا گيان ٽلهي وارا ڀرڀمي ڀوڄن پڪي رکي ويندا هئا پر وري شام جو اُهو واپس کڻي

ويندا هئا. رات جي لاءِ ورڪي ٻيو لاڙو ڪاڙهو ٻڌائي رکي
ويندا هئا ته من ڪڏهن سوامي جن ڪرپا ڪري ڀوڄن
ورتائين. پر سوامي جن اُهڙي اکنڊ اوستا ۾ ويٺا رهندا
هئا جو صبوح جو اهو ڀوڄن به واپس کڻي ويندا هئا.
گوبندرام ٻڌايو ته هو پورڻ سنت پرش آهن ۽ سدائين:

"گيان سروپ اکنڊ اُجيالا،
برهم ۾ لين مگهن متوالا."

پنڊت پدڪل پوشڻ ملتان جو رهواسي هو ۽ وڏو ودوان ۽ سنڌي مورتي هو. هو صاحب سکر ۾ به سنان ڌرم جي جلسن تي ايندو هو ۽ ڏاڍو چڱو وياکياڻ ڏيندو هو. سائين جن سان چڱي طرح واقف ٿيو ۽ انهن به سائين جن کي شري سمرٿ ديو جن بابت ٻڌايو هو. پنڊت گوبندرام شري سمرٿ ديو جن کي پاڻ سان وٺي ته ڪوئه آيو پر هڪ ڪم تمام سٺو اهو ڪري آيو جو هڪ شب وجهه ڏسي پريان ئي سوامي جن جو فوٽو ڪڍايائين. اهو فوٽو پاڻ سان کڻي آيو ۽ اُنهي جو سائين جن کي دويه درشن ڪرايائين. پوءِ ته سائين جن اِنهي برهم لين اوستا ۾ ويٺل سمرٿ ديو جن کي دل جي پڪار سان پرارٿنا ڪرڻ لڳا ته هي ديو! ڪيئن به ڪري هڪ دفعو ئي هن ٻالڪ کي پنهنجي چرڻن جو درشن ضرور ڪرايو.

ٻڌڻ ايندو هو. ان ڏينهن ۾ گهٽ ڪري سٺي ديسي گيهه جو ئي واهپو هوندو هو. اڄ ڪلهه جي ولايتي گيهه جو ته ڪنهن نالو به ڪو نه ٻڌو هو. جيڪڏهن ديسي گيهه جي بدران ڪي ماڻهو ٻيو ڪجهه واپرائيندا هئا ته اهو هوندو هو شد ناريل جو تيل يا سرنهه يا ترن جو تيل، سو به فقط ڪي جزوي ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

پنڊت گوبند رام شرما جي واپس اچڻ جي ٻن ڏينهن کان پوءِ اوچتو ئي سيٺ هريرام جي تار اچي پهتي جنهن ۾ اطلاع ڏنو هئائين ته شري سمرٿ ديو جن ڪراچيءَ پڌاريا، اوهان اچي بندوبست ڪريو. ان کان پوءِ سندس خط به آيو، جنهن ۾ لکيائين ته مان هت هر روز شري سمرٿ ديو جن جو درشن ڪرڻ ويندو آهيان. اڄ به جڏهن مان درشن ڪري واپس اچڻ لڳس ته سوامي جن جو ڪنن ۾ آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته "هم ڪراچي چلينگي." پوءِ ته مان واپس وڃي چرنن ۾ پرارٿنا ڪئي ته هي ڀڳوان! مان ڪراچيءَ کان ئي شيوا ۾ آيو آهيان. تڏهن ئي مالڪن فرمايو ته "چلو، هم چلتي هئن." انهيءَ ڪري مان ڪراچيءَ ۾ پورو پربنڌ ڪرڻ لاءِ تار موڪلي آهي ته جيئن اوهان جلد ڪنهن ايڪانت استان جو سٺو بندوبست ڪريو. پوءِ تـه سائين پرمانند جي آنند جي حد نه رهي. پنڊت گوبند رام سان گڏجي بندوبست ڪياسون. ڪراچي شهر کان ٻي چار ميل پـري گورڪ

”هئہ چاهہ فقط اِڪ دلبر ڪي،
اؤر ڪسي ڪي چاهہ نهين.
هم راهہ اُسي سي رکتي هئہ،
اؤر ڪسي سي راهہ نهين.
ڪڇ زور نهين ڪڇ ظلم نهين،
داد نهين فرياد نهين.
هئہ جتني باتين دنيا ڪي،
سڀ ڀُول گئي ڪڇ ياد نهين.“

پوءِ تہ سائين جن پاڻ ملتان وڃڻ جو پڪو سنڪلپ ڪيو. اِهو فيصلو ڪيائون تہ جي پيسا نہ هوندا تہ پيدل وڃي بہ اَتي پهچبو. اِها ڄاڻ جڏهن سندن وڏيءَ ڀيڻ کي پيئي تڏهن هوءَ وچاري گهريءَ چنتا ۾ پئجي ويئي تہ هاڻي ڇا ڪجي! سائين جن جو ڌيان تہ سڄو ڏينهن شري سمرٿ ديو جن جي چرڻن ۾ لڳل هوندو هو.

”لو جنين جي لاڳ، اُنهہ پڙ لاڳ لڳين ڪي.“

لڳ ڀڳ ٽار ۽ سڄي ٻرلم جي پڪار وڃي هٺي هڻڻ ڪيو.

ڪراچيءَ مان هڪ ٻيو ٻرهمي سيٺ هرڀرام ڪيهہ جو واپاري اَڳي ۾ ئي ڪو ملتان ويل هو. هو پنڊت چڪرشن شرما جو شش هو ۽ هر روز مندر ۾ ڪٿا

پليٽفارم ”شري سمرٿ ديو جن جي جئه“ جي نعرن سان
گونجي اٿيو. ماڻهو ريل گاڏن ۾ سوامي جن لاءِ واجهائڻ
لڳا. آخر ۾ هڪ فرسٽ ڪلاس جي گاڏي ڏانهن ڀائي
هريرام اشارو ڪيو. پوءِ ته سيئي پريمي هيڏانهن
هوڏانهن اُٿي گاڏي کي چنبڙي پيا. دروازو کليو.
دروازي جو ڇا کلڻ هو جڻ ته سورج جو پرڪاش ڪڙيو!
موج ڀاد سمرٿ ديو جن جو اُجرج مُهه درشن ڪري
هر ڪنهن پريميءَ جو هردو پريم سان نمتار ٿي ويو.
سوامي جن صفا ڍگمڙ اوستا ۾ کلي رهيا هئا. اکين ۾
نوراني نور جي چمڪ هئي. عجيب قسم جي اُجرج ۾
وجهڻ واري صورت هئي. اُها گاڏيءَ ۾ ويٺائي هئا ته
پريمين گلن جي ورکا ڪري ڪين هارن سان ڀري ڇڏيو
هو ۽ ٿوري وقت لاءِ پريمين سندن ڪمر ۾ ڪپڙي ٽڪر
ويڙهي ڇڏيو هو ۽ جڏهن گاڏي مان ٻاهر نڪتا ته هڪ
۾ مالها گلي ۾ ڪانه هئين ۽ نڪي سر لئي ڪپڙو هئين.
جڻ ته ساکيات شو شنڪر ڪيلاش مان پڌاريا آهن.

ڪيترن ئي شرڌالو ۽ پريمي سيٺن موٽرن ۽ گاڏين ۾
چڙهڻ جي لاءِ پرارٿنا ڪئي پر سوامي کي جواب مليو ته
”گاڏي هئه“ يعني گيتا جي انوسار هي شرير گاڏي،
اندريون گهوڙا، من لغام ۽ بُڌي سارٿي آهي. آتما اُن
تي سوار آهي جنهن ۾ نه اُٿڻ آهي ۽ نه ويهڻ آهي.

پوءِ ته اڳيان سوامي جن تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳا ۽

آمڙي ناليء هڪ ڳوٺ لاءِ ليءَ ننديءَ سان ٽڪرن جي وچ ۾
ايڪانت واري جڳهه هئي، اها جڳهه شري سمرٿ ديو جن
لاءِ چونڊيائون. پوءِ ته سڀ اُن جي صفائيءَ ۾ لڳي
ويا. ٿڌي موسم هئڻ سبب، سواميءَ جن لاءِ هڪ
ڪکن پنن جي جهوپڙي به ٺاهيائون. جڳياسو پريمين لاءِ
اُتي اڳ ۾ ئي هڪ ٽُٽل ڦٽل مڪان موجود هو. اُنهيءَ
کي مرمت ڪري ٺيڪ ڪيائون پوءِ هريرام کي ساري
پربند جو احوال تار رستي موڪليائون. پاڻيءَ هريرام
واپسي جواب ۾ تار ڪئي ته پوڄ سمرٿ ديو جن سڀاڻي
لاهور ميل ۾ شام جو ڪراچي پهچي رهيا آهن.

آخر اهو سڀاڳو ڏينهن آيو

"ٿري گرديو ديا، آيا مهر ڀريا،
درشن هرشن سان، ٽڪا من ٺريا،
اُلڪنڊ جي آنند، جوڳي جوڳ ۾ رهيا،
سڀ حال هيڻن جو، غيبي غم ڏور ويا."

شري سمرٿ ديو جن جي پڌارڻ جو شڀ سماچار
سڄي شهر ۾ بجليءَ وانگر ڦهلجي ويو. ڪيترائي
شرڌاوان لوڪ هٿن ۾ گلن جا هار کڻي اسٽيشن تي پهچي
ويا ۽ سگنل جي طرف انتظار جا نيڻ کڻي نهاريندا رهيا.
آخر لاهور ميل ڪراچي اسٽيشن تي اچي پهتي. سڄو



شري ١٠٠٨ سوامي مسترام ديو (سهج اوسٿا ۾)


پٺيان سيٺئي ٻرهمڻ پيدل هلڻ لڳا. رات ٿي وئي هئي. اُها رات ٽئي چالي ۾ مارواڙي ڌرمشالا ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. اُتي جي چوڪيدار کي چيو ويو ته ڇهون چوٻارو ڌرمشالا جو ايڪانت وارو آهي ۽ اُهو سوامي جن لاءِ کولي ڏيو. چوڪيدار وراڻيو ته اِن لاءِ ڌرمسالا جي مالڪن کان پڇڻو پوندو جو اُهو چوٻارو اُنهن جي حوالي آهي. اِهو چوٻولو ٻڌي شري سمرٿ دادو جن چيو ته ”نه ايڪانت، نه ان ايڪانت.“ پوءِ ته هيٺ ئي ڪمري ۾ رات جو وشرام ڪيائون.

ٻئي ڏينهن ٻراهم ڪال جو سوامي جن سميت سيٺئي ستسنگي ڌرمشالا مان روانا ٿيا، شهر کان ٻاهرون ٻاهر چار ميل پنڌ ڪري گورک آمڙي ٽلاءَ تي اچي پڌاريا. اُتان جو درشيه ڏاڍو سهاڻو ۽ دل پذير هو. هڪ هئي ايڪانت، ٻيو ٿڌڙي هوا جون هيرون سڀني موافق لڳي رهيون هيون. ٽيون چوڌاري قدرتي ساوڪ ۽ ٽڪرين جا نظارا ۽ چوٿون هو وڏو شاهي ٽلاءُ. حال ته کڙو ۽ زماني جو ماڻهو ستايل هجي ته اُن کي به شانتي اچي وڃي.

”هڪ ايڪانت ٻي ساڌنا، ٽيون ساپرسن جو سنگ؛
پرپيو ملائي جن کي، پوي نه تن کي ڀنگ؛
منزل جن جي مٿ ۾، اچي رسائي رنگ؛
پرمانند امنگ، گهٽي نه تن جي گهر مان.“

سوامي جن لاءِ جيڪا پکن جي جهوپڙي اڏي وئي هئي اُن ۾ ته ويٺا ڪونه، پر ان کان پريان هڪ ٻڙ جو وڻ هو جنهن جي هيٺان وهڻ پسند ڪيائون. سياري جي موسم هئي ۽ رات جو ڇڳي ٿڌ پوندي هئي. تڏهن به شري سمرٿ ديو جن کليل ميدان تي هڪ پٿر جي شلا کي مٿن هيٺان رکي ڏگمبر ۽ بي پرواهه اوسٿا ۾ ليٽيا رهندا هئا.

"نه غم دنيا ڪا هئه اُنکو، نه دنيا سي ڪنارا هئه؛
نه اپني سي محبت هئه، نه نفرت غير سي اُنکو؛
سڀ ۾ ذات حق ديکي، يهي جن ڪا گذارا هئه."



لتان مان آيو هو ۽ پاڻ خانچند کي پوءِ رسوائي ڪرڻ
ام آندو ويو هو.

پهرئين ڏينهن لي جيڪي ٻيا ٻراهمڻ ساڻ آيل هئا
ي سڀ مڙيئي اچي شري سمرٿ ديو جن جي چوگرد
ريهي رهيا. وچڻ جي ڪن ئي ڪو نه پيا. الٽيو به
پيندو ٻيو وڃي. اُن وقت سوامي جن سڀني ٻراهمڻن
انهن نهاري هينئيان وچن چيا.

"ديکو هم ساڌو نهين هئه،
هم پنڊت نهين هئه،
اؤر ڪڇ به نهين هئه."

تم سب اَپني اَپني گهرون م جائو اؤر هرشچندر
ڪا چرتر پڙهو.

سندن وچن جو ڏاڍو پرڀاءُ پيو. پوءِ ته ٻيا سڀيئي
سمرٿ ديو جن جي چرڻن ۾ پرڻام ڪندا، راجا هرشچندر
جا چرتر ياد ڪندا گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

شري سمرٿ ديو جن گهڻو ڪري هڙ جي وڻ کي
ٽيڪ ڏيئي آڪاش طرف ٽڪٽڪي لڳائي بيحد آنند
مگهن وينا هوندا هئا. سندن لاءِ نروڪلپ سماڌي
چڻ ڏائي هٿ جو کيل هوندو هو. جڏهن به چاهين
ڏسندي ڏسندي سماڌي اسٿت ٿي ويندا هئا. پڪ
پياس ته ڪين ستائيندي ئي ڪا نه هئي. ڪڏهن به

پريمين سان ملاقات

(١) سندن بي پرواهه اِستتي

"جن سڄڻن لاءِ اکڙين واجهه وڌا،
سڪا پري ساري رات سدا.
اهي آيا اڱڻ قربدار مٺا،
ڪهڙي ڪريان تن جي بات مٺا."

* * *

"دل چوري سچو ڏينهن ڏسان،
سندن مٺڙي منوهر مورت پسان،
هڪ پلڪ به پاسو ڪونه ڇڏيان،
مٺڙي مرشد سان پيو لائيون لنوان."

شري سمرٿ ديو جن ساڌارڻ مهاتمائن وانگر نه هئا ڪونه جو زماني سارو ڀريائين پريمين سان پرچي ڪن يا حال اَحوال وٺن، ڪو نالو پڙهن يا گرمنتر ڏين. هنن جو هر ڪو رنگ ئي نرالو هو. جيڪي سچ جا شائق هئا ۽ جن جي اَلڪي پريم ڪين ڇڪي ڪراچي آندو هو، اُهي ئي سمرٿ ديو جن جي سميپ رهندا هئا. اُهي هئا پنڊت گوبند رام، سائين پرمانند ۽ هڪ ٻه ٻيا سڄڻ. اُنهن کان سواءِ هڪ ڀڳت ٽلومل سوامي جن سان ساڻ

سؤر ٻ چؤ رتي ٻولدو هو ۽ ڪنن مان درد جون سؤنان
اُڀرنديون هيون. سوامي جن چوندا هئا "ڪجهه پرواهه
نهين، درد هوني دو. ڪان ڦٽ جائين تو ڦٽنےي دو."
ٻر ڪنيلي شڪتي انهن جي اُي ڪرپا سان جلد ڪلي
پيئي.

هت سچ پچ جانِ جي بازي کيڏي ٿي هئي. سِر لڙي
لي رکي ترار جي سنهي تار تي هلڻو هو. ٻر هي بار
به ٻڪو سندرو ٻڌي آيا هئا.

"سِر کٽي قربان ڪر،
هت دم هڻڻ جي جاءِ نانهه.
آءِ اچي ويساهه ڪر،
نه ته هؤنش نبندء هيءِ هواءِ."

(٢) حلوتي خلاصو يا عام ڪان ٻاسو

پيارا ٻاڪو! جڏهن ڪراچي واسين کي اِها سڌ پيئي
ته گورڪه آمڙي ٻهاڙ تي ڪي سڌ مهاپرش، اچاچاري
پڌاريا آهن ته ٻوء ڪيترائي ماڻهو سوامي جن جي درشن
لاءِ اچڻ لڳا. سارو ڏينهن عام ماڻهن جي پيڙ لڳي
رهندي هئي. گلن ۽ ڦلن جا ته ڍير لڳي ويندا هئا.
ڪيترا ٻرامي ته سمرث ديو جن جي واجهو وجهي
نهاريندا اُي رهندا هئا. اِها آس هوندي هئن ته ضرور

پاڻ ڪاڏي يا ٻاڙيءَ جي طلب ڪانہ ڪندا هئا. جيڪڏهن
ڪو شرڌالو اَن اچا ڪارڻ لاءِ ويجهو اچي ٻيهندو هو
تہ پوءِ جي خوشي ٿيندي هئن تہ مڪہ ڪوليندا هئا نہ
تہ ڏيان ئي ڪونہ ڏيندا هئا. سندن مکہ ئي پالڙ هو
باقي هٿن سان ڪڏهن بہ ڪجهہ گرهڻ ڪين ڪندا هئا
هنن ٻرڪرلي جي ٻنهن لئن ئي پوري جيت پالي هئي
هو اَٽ ئي پهر پاڻ کي ڏيهہ کان وديهہ سمجهندا هئا
وار بہ جڏهن ٻرهمين کي خوشي ٿيندي هئي لڏهن
لهرائيندا هئن. اَهڙا هئا بيگم پور جا بادشاه جن کي:

"جب ديکو پولا پيالا هئہ،
من مٽکا اسکي مالها هئہ،
تن اسکا ايک شوالا هئہ."

❀ ❀ ❀

"نهين پرواهہ مرني جيني کي،
هئہ ياد نہ کاني پيني کي.
نهين دن کي سڌ، نہ مهيني کي،
هئہ نجانند رس ليني کي."

پنهنجن سچن شائقن کي وڏي آنند سان اُهي ونهي
ٿوگہ ۽ اُيپاس جا ساڌن سيکاريائون جو ڪنهن بہ پستڪ
۾ ڪڏهن ڪنهن نہ پڙهيا ۽ نہ ٻڌي ڪنهن جي وا
ٻڌا هئائون. کي تہ اَهڙا ڏکيا ساڌن هئا جو سارو بد

سپاٽي لڳي چڪا. اُماس هجي ۽ ساڳي ڪمبل جا دلال
ٻه ڏنڊن ڪوليڊن سميت اَچي پهتا. هميشه والڪر پنگ
گهوڙن لاءِ اجان ڏنڊا ڪوندا ڪڙڪائڻ شروع ڪيائون
مس ته سوامي جن اُٿي اهڙو ڀيانڪ روپ ڌاريو جو سڀ
ڏڪي ويا. گرجنا ڪري چيائون ته ”يه ڪيا هئه سالي! گهر
گهر ڪيا ڪر رهي هو؟“ اُنهن ڏيکاري ڏنائون
جو جڏهن ته اِجهو تا پٿر هڻي سڀني کي پورو ڪن. پوءِ
ته سپاهي اُٿي ڀڳا، ڏنڊا ڪوندا اُتي ئي رهجي ويا.
شهر ۾ وڃي هلايائون ته شري سمرٿ ديو جن اهڙو ته
وڏو پٿر کڻي اُڇلايو جو ان سان ڪيترائي ماڻهو مري
ويا ۽ ڪيترا بي هوش ٿي ويا. پر سچ پچ نه ڪو مئو ۽
نه ڪو زخمي يا بي هوش ٿيو هو.

اِها ٻه سنڌن ئي ليلا هئي ۽ سنڌن ئي سنڪلپ
هو ته جئن اَجايو ڦوڪٽ ماڻهوُ اَچڻ کان روڪجي وڃن.

رات جو وري ٻنهجن ساڌن کي ساوڌان ڪري
چيائون، ”ڪسي ڪو آني مت دو، آدمي ڪوئي ڪوئي
هوتا هئه، ڪوئي گڌا هئه، ڪوئي چوُها هئه، ڪوئي ڀيڙ
بڪري هئه وغيره. تم ڪو جو ڪڇ پانا هئه، وه پا
ليٿو، همارا ڪڇ پتا نهين.“

اُن وقت ۾ پنجاب جا نوجوان ٻرهمي هڪ گنگاڌر
ٻيو ڪنهيالعل ٻيٺا هئا. تن ٻرارٿنا ڪئي ته جي آگيا
ڪريو ته اسان ٻئي شهوا ۾ رهي ٻئي ڪنهڪي ۾ شري

آسان سان ۽ اُڪر ڳالهائيندا يا ڪجهه کائيندا پيئندا. پر هت نه ڳالهه ئي اُور هئي! هو نه هئا "اَلبيلا اوڌوت، عاشق پاڪ اَلله جا." سدائين چيتن چدآڪاش ۾ استٿت هئا.

ڪراچي شهر ۾ هر آرتوار ۽ هرڪنهن اُماس تي چُوٽي هوندي هئي. خاص ڪري ڪڇ جي دلالن جو ته اُنهي ڏينهن تي ڏندو واپار بند رهندو هو. تن ڏينهن ۾ اَچي ڪڇ هت پنهنجي ديس ۾ ڪانه ٿيندي هئي؛ ٻاهران جاوا (انڊونيشيا) مان ايندي هئي. جا فقط ٨-١٠ روپئي مڻ ملندي هئي.


اُنهيءَ موڪل وارن ڏينهن تي ڪيترا شڪارپوري دلال گوڙڪه آمڙيءَ تلاءُ تي اچي شوري سمرت ديو جن جو درشن ڪندا هئا. پوءِ والهي ڀنگ گهوٽيندا هئا. جيڪو ڀنگ گهوٽيندو هو تنهن ڀريائين هڪ گلاس شري سمرت ديو جي مک اڳيان اچي جهلي بيهندو هو. سوامي جن ٻه ٽي دفع ته جن جا ٻه گلاس آيا، پيئندا ويا، پر آخر گهڻن جا پيئندا!

هڪ دفع رات جو پنهنجن جگياسن کي فرمايائون ته "ڀنگ يا تماڪو ڪبي نهين پينا، هم ئي ڪوئي ڪال ۾ نهين پيتي." ساڌڪ ويچارا ڪٿان چون ته سائين اوهان ڀنگ جا گلاس ڇو انگيڪار ڪيا هئا! مهاپرش پاڻ ته هئا سدا نرليپ ۽ آڪاس وانگر نرمل!

هوندا هئا. بمبئي سينٽرل مان ٧ بجي صبوح واري ٽرين پڪڙي ستسنگ ۾ ٽڙ ايندو هو ۽ ڏڪڙ ۾ وڃائيندو هو. هڪ ئي سيٺ ستسنگي جوڳيءَ جي نالي سان پڪاريندا هئا. اٽڪل ٻه سال ٿيا جو هو صاحب شو لوڪ پڌاريو. اُن وقت سندس عمر اٽڪل ٨٥ ورهيه هئي.

“جي پائين جوڳي ٿيان ته لائج کو نه لباس؛
پوري ڪائج پانهنجو، مڙهيان اندر ماس؛
ته ويراڳي ٿو واس، برهه بويون موڪلي.”

اوم شانتي!



سمرٿ ديو جن اڳيان ويٺو اُچڻ نہ ڏيندا ھيئين ۽ ھرڪو پريان ئي درشن ڪري ھليو ويندو. پوءِ اِها ڳالهہ قبول ڪئي ويئي.

شري سمرٿ ديو جن ھئا اصل ڪان الکہ جا اوتار. رڳو سچيءَ سڪ جي ڇڪ ڪٽي ھت آندو ھون.

”اُتارا ڪنڊ جي آنند، جوڳي جوڳہ ۾ رھيا؛
سٺي حال ھيڏن جو، غلبي غضب ڏون وريا.“

اُن ڪانپوءِ وري ڪنھنکي ڪجھ بہ نہ چيائون. عام ماڻھو سيبيئي ڏجي ويا، پر سچا پريمي تہ ترپنہ تي ايندا ھئا. ھڪ پريمي گھنشامداس دلال ۽ ٻيو مولسنگھ دلال ھڪڙي ڏينھن گورکہ آمڙي تي آيا ۽ پريان ئي نمسڪار ڪري ھلئي وڃڻ جي بدران آھستي ويٺو اَچي ويھي رھيا. سڀ ڏسئي لائين وينا ھئا. ماڻھن پڻ ڏنو ھون تہ پٽو لڳندو. پر جواب ڏنائون تہ پوءِ ڇا! سڀنن جا پٽو بہ گل آھن. اھي پوءِ بہ ايندا ويندا ھئا پر اُنھن کي ڪڏھن ڪجھ بہ نہ چيائون.

ڀائي گھنشامداس تہ پوءِ سائين جن جو بہ ڏاڍو پريمي ٿي ويو ھو ۽ ڇگو ئي وقت سندن سيوا ۾ رھندو ھو. شري سمرٿ ديو جن جي ورسي صاحب جي موقعي تي ھردوار ايندو ھو ۽ ٽڪڙ وڃائيندو ھو. ٻمبئيءَ ۾ بہ چار ئي مھينا ھرروز ڪار آشرم ۾ جڏھن سائينجن اٽي

اُت ئي چڙهي سوامي جن جو درشن ڪرڻ ايندو هو. ڀائي ٽاراچند، پنڊت جڳڪرشن شرما جو شردالو هو؛ ڏاڍو سمجهوُ ماڻهو هو. اُنهيءَ کي سيٺ ٻرهمڻ عرض ڪيو ته سوامي جن سان ڪچهري ڀرڻ جي ڳالهه چوري.

ڀائي ٽاراچند سوامي جن کي وينتي ڪئي ته مهاراج! هيءُ ڏاڍي ڏک جي موسم آهي، ٿورو ڪجهه ٻڌن تي اوپڻ جي ڪرپا ڪريو. اُن تي شري سمرٿ ديو جن ڪلي چوڻ لڳا ته ”ڪيا تم ڀرتي هو! ڪيا يه شرير وستر نهين هئه!“ پوءِ سيٺ ٻرهمڻ چپ ٿي ويا.

اُن کان پوءِ ٽي ڏينهن پرپات جو اُنهن مڪرائين جي ڳوٺ جو مکي ڏاڍو گهٻرايل حالت ۾ آيو؛ اَچي چوڻ لڳو ته رات جو منهنجي زال کي پيٽ ۾ زبردست سوُر اَچي پيو آهي جو لهي ئي نٿو. اوهان ڀلائي ڪري ملنگ فقير کان ڪا دوا يا دعا وٺي ڏيو. ٻرهمڻ دل ۾ چوڻ لڳا ته هوُ لاهوُتي لعل ته ٻنهي ڳالهين کان پري آهن پوءِ ڪيئن ڪم ٿيندو. آخر پنڊت گوبند رام اُن مکيءَ کي چيو ته سوامي جن جي چرڻن جي ڌوُڙ ئي دوا آهي. جنهن تي اُن مڪرائيءَ چيو ته اها ڌوُڙ ئي ڪٽي ڏيو. گوبند رام چيس ته اها ڌوُڙ ٻه ٽوڪي پاڻ ڪٽڻ سان ئي لاڀ ٿيندو، پوءِ ته هن پار به وشواس رکي، جتي سمرٿ ديو جن براجمان هئا اُتان جي ڌوُڙ وڏي شردا ۽ وشواس سان ڪٽي ويو؛ وڃي پنهنجي استريءَ کي

آلڪ جي ليلا

(١) هڪ وڳهن ۽ داتار جي ديا (٢) اَصلي امتحان
(٣) ساڌن جو اَحوال

١. هڪ وڳهن ۽ داتار جي ديا

پيارا پاٺڪو! گورک آهڙي نزديڪ هڪ ننڍو ڳوٺ
هو جتي مڪراڻي ذات جا ٻروچ رهندا هئا. اُنهن جون
عورتون ٽلاو مان پاڻي ڀرڻ ايندڙيون هيون. سوامي جن
کي صفا ڏگمهر اوستا ۾ ڏسي اُنهن جي مردن اَچي ڇيڙ
ته پنهنجي فقير کي ڪپڙا پهرايو نه ته تہ اَسان جا ٻار ٻچا
هت پاڻي ڀرڻ ڪيئن ايندا؟ اِها ڳالهہ ٻڌي سائين پرمانند
۽ پيا پرمهي سڀ سوچ ۾ پئجي ويا ته مالڪ ته بي پرواه
بادشاه آهن. هڪ ته اِنهن کي ڪپڙن پائڻ لاء چوڻ ۾ ٻ
همت ٿي گهرجي! ٻيو جي وينتي نه مڃين ته هي مڪراڻي
ته ڏاڍو گوڙ ڪندا. پوء تہ سڄي پروگرام ۾ وڳهن پئجي
ويندو. مڪراڻي قوم بلوچستان جي ڏکڻ طرف جي هڪ
شوخ قوم آهي جا هينئر پاڪستان ۾ آهي. اِنهي قوم
جا ماڻهو اڻ پڙهيل ۽ ويڙهو سڀاء جا آهن. ڪراچيءَ ۾
گهڻو ڪري اُٺ گاڏيون هلائيندا آهن ۽ ٻيو سخت
بدني پورهيو ڪندا آهن.

سنسڪين مان هڪ ڀائي تاراچند " رالي براڌرس "
جو ڪراچيءَ ۾ مئنيجر هو. اهو هرروز خاص سيڙ جي

۽ ڏاڍو گد گد ٿي رهيا هئا. ڪين اِهو سمرٿ ديو جن جي سنگ رهڻ جي دولب موقع ساري جيوت جي سڦلتا جو مکيہ ۽ سونهري وجهہ سمجهڻ ۾ اَچي رهيو هو. اُن کان پوءِ شري سمرٿ ديو جن جي هڪ هڪ وچن کي اَمول رتن وانگر ڏاڍو قيمتي سمجهي اليمت شرڌا سان اُنهن کي گرهڻ ڪري اُن تي عمل ڪرڻ لاءِ سدائين تيار رهندا هئا.

”پوَسا گر جي پيرُ مان جن اچي ٻڌائي ڏير.
دربل دين اياڻ کي،
جڏي اچي ڪنيو سکہ سبر،
جنهن سنگور جي سوپ سان،
مان سونهان منجهہ سرير،
ٽوٽي گهوريان مٽيون مهمير،
نہ ٻہ پڇن نہ پرمانند جا.“

٢. ساڌڪن جو احوال

شري سمرٿ ديو جن جي چتر چاپا هيٺ سائين پرمانند جن ڪانسواءِ ٻاقي مٿي ڄاڻايل جگياسو رهندا هئا. اُنهن مان پنڊت گوبندرام شرما سان نہ پاٺڪن جي اڳيم اُي ڪافي واقفيت ڪرايل آهي.

باقي ٻين مان، ڀائي خانچند جو ٿورو احوال هن

ڏنائين جنهن پنهنجي درد واري جڳهه تي لڳائي مس ته ڪيس هڪدم آرام اچي ويو. پوءِ ته سياڻي ٿي مکيءَ سان گڏ اُن ڳوٺ جا ماڻهو اچي وڏي شردا سان پريمين ڪري چوڻ لڳا ته هيءُ لوهان جو مرشد ته ڪو وڏو اؤلياءُ آهي! اسان هر ڪنهن طرح جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اوهان جي رکيو چوڻ جي ديو آهي." اهڙي هئي سندن ڏوڙ چپٽي ۾ ڪرامت! لڏهن چيل آهي ته:-

"بدن ٿي خاڪ اڪيسري،
اکين ۾ آب مهميري،
گود ۾ گيان جاگيري،
سخاوت جا ڪيا سعايا،
ننگي ناٿو نباهڻ لئہ،
لنگهي لاهوت ڪان آيا."

پوءِ ته انهيءَ ڳوٺ جا سيٺي مکراني ڏاڍا پريمي ٿي ويا ۽ ستسنگي ساڌڪ اُنهن جي طرفان سڀ سنڌ ۾ منائي تي ذڪر ٿي ويا ۽ چانڊوڪي راتين ۾ ديرديو ڪاٺين ٿن ٽڪرين تي ڪاڏي جو ڪاڏي ٻيا ڪنهن ٻ پ ڏاءِ جي ستسنگنا سان گهمندا ڦرندا هئا. اڄ شري سمرٿ ديو جن جي مهما سائين پرمانند فقط ڪنن سان ٻڌي هئي پر هينئر ته ساکيات ڏسي سندن درشن ڪري دل

سچو صدقي ۽ ساڌڪ پر پرارٻڌ به نه ڪنهن وقت پرٻل
ٿي پنهنجو ڪم ٿي ڪري جنهن اڳيان ڪنهنجو وس
نٿو هلي.

انهن سيٺيءَ مان سائين پرمانند جن عمر ۾ ننڍا هئا.
انهن کي وڏائي ۽ اُتساهه به سيٺيءَ کان سرس هو. سندن
اِهائي اِڇا هوندي هئي ته شري سمرٿ ڏيو جن جي
مڪمل ڪرپا ڪيئن به ڪري جلد حاصل ڪريان. من
۾ دريه سنڪلپ ڪيو هئائون ته کهڙي به ڏکئي ۾
ڏکي شيوا ڇو نه ڪرڻي پوي ۽ کهڙيون به سخت
ساڌنائون ۽ يوڳ اڀياس ڪرڻ جا طريقا ڇو نه ڏسن.
اهي سڀ ساڌي ۽ سڀ ڪجهه قربان ڪري مالڪن جو
راضپو ضرور هٿ ڪندس. اِنهيءَ ڪري سيٺيءَ جي
شيوا ۽ ڪم ڪار ڏاڍي خوشيءَ ۽ چوڄ سان ڪندا هئا.
سڀ سان نهٺائي ۽ مٺاج سان هلندا هئا ته جيئن جي
ڪنهن وقت به مالڪ سندن باري ۾ ڪجهه به پڇن ته
ڪنهنکي به نه فقط ڏرو به شڪايت جو موقعو نه ملي پر
پاڻ هٿاڙون سيڪو سواميجن وٽ سندن پارت ڪري.

سندن سنگتي سيڌي پاڌي وٺڻ لاءِ سائين جن کي
ٻئي شهر ۾ موڪليندا هئا. سائين جن اٽرو سارو پنڌ
پنڌل ويندا هئا ۽ جوڙيا بازار مان سڀ سامان خريد
ڪندا هئا. اُتي هڪ دوڪاندار موهتا نالي هو. هو
پائي هٿو دوڪاندار پر اُن سان گڏ ستسنگ پاسي به چڱو

رهت آهي: هو اصل جيڪب آباد جي طرف پاڳاڙي جو وينل هو. ڪراچيءَ ۾ ميوي جو ڪم ڪندو هو ۽ هت گورکه آمڙيءَ ٽلاءَ لي ڪيس رسوائي ڪرڻ لاءِ آندو ويو هو. ڀائي خانچند به چڱو پريمي هو. سيٺيءَ جي رهڻ ڪرڻ لاءِ هڪ نئين ڪوٺي هئي جتي سيٺئي آئندا وهندا به هئا ۽ رسوائي به ٿيندي هئي. هُو جڏهن گورکه آمڙيءَ ۾ آيو هو تڏهن پاڻ سان گھڻين ئي ديوين ديوتائن جي تصويرن جي پيٽي ڀري آيو هو ۽ ڪمري جي هڪڙي ديوار اُنهن تصويرن سان ڀري ڇڏي هئائين. هن به اهڙي ته سچي جگياسا ۽ ساڌنا ڪئي جو شري سمرٿ ديو جن جي ڪرپا جو لائق ٿيو. اَگتي هلي جڏهن اَصليت جي پوري سُوجهي پيس تڏهن سيني تصويرن تان چت ئي کڻي ويس ۽ رڳو ويٺو الستي جاپ ڪندو هو:

”اننيه رچني اگم اپار.“

چوٿون هو ڀائي ڪنيالال. هُو درويش پنجاب جي پاسي جو وينل هو ۽ چڱو شردالو، شيواداري، ساڌڪ ۽ گڻوان هو. پر اَڌ ۾ ئي پنهنجي گهر مان اَهڙي ڪا چِٺي آئس جو ويچاري کي لاچار اوچتو ئي وڃڻو پيو.

پنجون هو گنگادر. هو به پنجاب جي پاسي جو وينل هو. اُنهي کي به اَڌ ۾ ئي ڇڏي وڃڻو پيو جنهنجو ڪارڻ پاڻڪن کي اَگتي هلي معلوُم ٿيندو. هٿو اهو به

پڇيو ته "اي ڪٿسا هئا؟" ان تي سيٺ ونئي ساراه جا
ٻه ڪ پڙهڻ شروع ڪيا.

ليلا جنئي آئل اراد و هجي ۽ سڪ ۽ سوز جو مچ ٻرندو
ٻري ۽ جهڪي ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ هجن،
انهن تي مالڪ جي مهر ڇونه ٿيندي! ۽ ڇونه اهي نوراني
نظر سان نهال ٿيندا!

٣. اصلي امتحان

شري سمرٿ ديو جن جي ڪهڙي مهما ڪجي! هو
سرو ڪلا سمرٿ، هر ڳالهه ۾ پورن ۽ جاٺي جاڻطهار هئا.

"ليکي لئن کي ڪو لنو لائي،
صدق ثابوت سان ڳاهي،
موکي دنيدار جي جاء ناهي،
سوين هيلا ڪري هاريا،
اُلٽي پهچي ڪي ويڙا وير،
برهه جن کي بٽائي پير.
ٽري ٽؤڪل طوفاني سير،
ويڇا ورهين جا لاهيا."

ڪيترائي سدڙيا ته آيا پر هڪ پل به ٽڪي نه سگهيا.
هڪڙو سيٺ پنڊت جڳ ڪرشن شرما جي مندر ۾
رهندو هو. سيوا پوڄا ڪندو هو ۽ پاڻ کي ڪجهه هستي

ئي لاڙو هوس. ويچار ساگر ۽ ٻين شاسترن جو بہ چڱو
ئي جاڻو هو. اُن کان سامان وٺي گڏه گاڏيءَ تي ڪٽائي
آستان تــي ايندا هئا. آستان تي بہ، جيڪا شيوا چوندا
هئن، سا خوشيءَ سان ڪندا هئا. آپاڻو تہ جڻ اُنــي ئي
ختم ٿي ويو هون. نماڻائيءَ جا مجسم هئا.

"نينهين نماڻا، ماڻ نہ رکن من ۾،
سدا سپرين وٽ، وڃــي وڪاڻــا."

ڪنهن ڪنهن وقت ڪيچ لــٽــا ڪپڙا ڪڻي بـا ٻئي
ڪنهن ڪم سان گهر پـڻ ويندا هئا. پر اُتــي وڏي پيوڻ
هردم ڪــانئن سوال پڇندي هئي تـہ ڪڏهن تو اُنهيءَ
ڪم کان واندو ٿين؟ اَسان کي جلدي آهي لوڪي مڱائڻ
۽ پرڻائڻ جي. اهو ٻڌي سائين جن سپاويڪ گسائيندا هئا
پر صبر ڪري ڪو جواب ئي ڪونہ ڏيندا هئا ۽ واپس
گورڪ آمڙي هليا ايندا هئا. سامي صاحب جو اهو سبق
پڪو ڪري ڇڏيو هئائون تہ:-

"سوئي اُداسي، جـو سيوا ڪري سنگت جي،
سامي سدائين رهـي، درسن جـو پياســي،
ڪٽي جـم ڦــاسي، سنمک ڏسي ســپــريـن."

سائين جن جي نهٺائي، نمرتا، شيوا ڀاءُ ۽ سچي لگن
سندن سيني سائين کي بـہ موهي وڌو. هڪ دفع سچ
پچ سمرٿ ديـو جـن سائين پرمانند جي پوپٽ ٻين کان

سوامي جن جواب ڏنس ته "يہ ڪيا بڪتي هو، ڪري ڪراوي آهي آپ نه مري مراوي يهي آهي آپ. تو يهان ڪيون آئي هو؟" پوءِ هو ته ڪجهي ويو.

مطلب ته هت گهرج هئي ڪن خاص سچي طلب وارن جي، نه ڪ سڌڙن جي:

"سڌڙيا شرابن جون ڪوه پچارون ڪن،
جڏهن ڪات ڪلالن ڪڍيا موٽيون پوءِ وڃن،
پِڪون سي پيئن سر جني جا ست پر."

هي ڪو سودو سستو نه آهي:

"ملڻ مهانگو آهي، متان ٻلي کو پاڻ لڳائي.
سانگو ڪري نه ساهه جو،
گرڻ گونگن جان ڳائي؛
پوڙو پيائي ڪان رهي،
ٻاجهه گرن جي پائي.
ملڻ مهانگو آهي، متان ٻلي کو پاڻ لڳائي."



سمجهندو هو. سندس نالو هو ڪانتو. هڪ ڏينهن شري سوامي جن وٽ آيو ۽ سندن اڳيان اکيون ڪوليءَ ٽڪٽڪي لڳائي نهارڻ لڳو. شري سمرٿ ديو جن پڇيس ته "ڪٿي آئي هو؟" جواب ڏنائين ته "اُتسي ئي." اِنهيءَ تي شري سمرٿ ديو جن گرجنا ڪري چيو ته "اُتسي ئي ڪيا! دُور سين چل ڪي اُتسي ئي آئي هو! مارو سالي ڪو پٿر!" پوءِ ته ٻائي ڪانتو ئي وٺي ڀڳو. اُلي هڪ ٻائي مولچند ٻيٺو هو. اُهو پٿر ٻيو گولهي پر ڪٺي هڪ ٻه نه پيو. سائين پرمانند ۽ ٻين پڇيس ته سچو ميدان پٿرن سان ڀريو پيو آهي. توڪان پٿر ئي نه پيو لڀي! جواب ڏنائين ته مان پٿر ڳولهڻ جو بهانو پئي ڪيو.

ٻيو هو مهاراج ٻسيشر. هو پنڊت گوبند رام شرما جو پٽيو هو. هو هڪ ڏينهن آيو ۽ ٻرڀان ويٺي "اَهم برهم اسمي" منتر جو ڏاڍيان جاپ ڪرڻ لڳو. شري سوامي جن فرمايو ته "ديکو! وو بلي ڪا بچا ميائو ميائو ڪر رها هئي." مطلب ته سچ ڪي سڃاڻو ته اُتس ڪو نه فقط ٻاهران اسان کي خوش ڪرڻ ٿو چاهي.

ٽيون هڪ تاراچند ڪند جو دلال هوندو هو. هو هڪ ڏينهن شري سمرٿ ديو جن وٽ اچي وار تالاپ ڪرڻ لڳو. چيائين ته سائين گرباڻي ۾ لکيل آهي ته "ڪري ڪراوي آپي آپ، مانک ڪي ڪڇ ناهين هاٿ." پوءِ اسانجو ڇا وس!

ڪري ڪيول ڪنهن سڌ ڪرڻ ڀولڊو آهي. اُنهي مان ڪنهن لاءِ شڪتي پاڻهي جاڳرت ٿي ويندي آهي. انهن بعد گيان يوگي ستگوروءَ جي ڪرپا سان اُڪرتا اُپرڳتا آتم سروپ جو پرتڪش اُنڀو جلد ٿيندو آهي.

"ستگور سندي شبد سان، درسيون دسوون دوار؛
پريم پلٽائي ڪيو، بيحد بي اختيار؛
مدايون موتي ويون، لونءِ لونءِ ٿي گلزار؛
جني چڙهيو خمار، پرمانند پتو تن کي."

نج اُدوالمڪ گيان اوستا مهوکيو کي گيان يوگ جي رستي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. جيڪي لوڪ ٿوري مالو ئي ويدانت جا پستڪ پڙهي گيان پائڻ هڪ آسان ڳالهه سمجهن ٿا اهي ڀلل آهن. اُهي اچا من ۽ اندرين جي لاداتم اڌياس ۾ قائل آهن. هنن پاڻ کي ديهه ۽ اندرين کان پري ڄالوئي ڪونه آهي. جڏهن وقت تي اُنهنجي پرهڪيا ٿئي ٿي تہ هو ڪچي ودياارٿيءَ والگر ناپاس ٿي پون ٿا. اُنهنڪي چت جي پرسنتا ۽ بي فلڪ من جي اِستھرتا واري پلڪ ۽ سرو آتم ڀاو واري جهلڪ جو اُنڀو ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي.

"نت ويدانت سٽي ۽ واچي،
يوگ بنا من باندر ناچي.
هاءِ هنيلو ٿو هاري،

پرين جي راھ

”جوڳي جڳت ڪري، جيئيو هن جهان ڪي؛
راز روحاني لي، ٿو راليان ڏينهن رڙهي؛
ڪال ڪرم جو ڪوتوال، لن ڪي ڏسي ڏري؛
سهج سماڌ ڌري، دائم پرمانند ٿيو.“

پوڄ پاد شري سمرٿ ديو جن جو سمجهايل يوگ ساڌن ڏاڍو نرالي ڍنگ جو هو. جنهنجي شروعات ۾ پهريائين پدم آسڻ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ سڌ ڪرڻو پوندو هو. شرير کي هلڪو ۽ قوت رکڻو هو. اُن لاءِ پهريان ڇهه مهينا جل جي اشنان بدران وايو اشنان، سوريه اشنان ۽ ڀسم اشنان ڪرڻا پوندا هئا. اهڙي اُڀياس جي شروعات سياري جي ڏينهن ۾ ڇا ڪنهن ٿڌي پهاڙي هنڌن تي ڪري سگهبي آهي.

پدم آسڻ سڌ ٿيڻ بعد اُن کي گرڀ آسڻ جي آڪار ۾ آڻي ڇا ڪنهن آسري اِستت ٿيڻو پوندو آهي. اُن ۾ کيول ڪمڀڪ ڪرڻ لاءِ پراڻن کي ناسڪائن ڪان روڪڻ بجاءِ ڪنت مٽي ڪان چار آڱرين مٿي هڪ ڪنت ڪوپ آهي، اُن کي هٿن جي ننڍي آڱوٺن سان دٻائي اُلي اُنهن کي روڪڻو پوندو آهي، جنهن ڪانپوءِ کيول ڪمڀڪ سڌ ٿي سگهي ٿو.

پهرين اوستا ۾ ساڌڪ کي اِهو اُڀياس وارون وار

استول ٻرهمانڊ کي چئجي ٿو. اهو پوٽ آڪاش چت آڪاش يعني سوکيم چت ورتي جي سهاري ٻرليت ٿي رهيو آهي ۽ اُن چت آڪاش جي سهاري ئي استت ۾ نظر اچي رهيو آهي. چت آڪاش وري چِتن چد آڪاش جي آسري پاسي رهيو آهي. چِتن چد آڪاش اها اگم اپار نوراني اَصليت آهي جا سڀني پراڻين جي چت کي چيتنتا بخشي رهي آهي. سڪوپت يعني گهري ننڊ ۾ سڀني جا چت اُنهي چِتن چد آڪاش ۾ وڃي لئه ٿيندا آهن. جاڳرت ۾ وري اُن مان ئي ظاهر ٿي پنهنجي پنهنجي ڪلپنائن اَنوسار اَلڳ اَلڳ چت جا نرالا نرالا ورتاءَ ظاهر ٿيندا آهن. تڏهن چيو آهي:

"جهان آپ هي آپ هئم،
وهان غير ڪا ڪڇ ڪام نهين،
جات مطلق ۾ ڪوئي شڪل نهين،
ڪوئي نام نهين."

جيڪي گيان يوگي اُنهي پورن برهم چد ڪاش سان ٻاڻ کي ايڪ اَليو ڪن ٿا تن کي استول پوتاڪاش جا بندن ۽ سوکيم چت آڪاش جا سنڪلپ ڪڏهن به چلائمان نٿا ڪري سگهن. اُهن پنهنجي وِجودَ کي ناس ڪري، اَصليت جو انڀو ڪيو آهي ۽ هِنَ ۽ هُنَ ٻنهي جي خيال کون نڪري وڃي اَلک جي لک سان هڪ ٿيا آهن.

لکہ یوگہ بنا جکہ ماري،
من کو نہ سگھي ٿو واڙي."

پوجيہ شري سمرت ديو جن پورن مھا گيان يوگي سدپرش ھئا. اُنھنجي سکيا الوڪڪ ھئي. شروعات ۾ جگياسن کي اڀياس ڪرڻ وقت ڪٺنائي محسوس ٿيندي ھئي. پر نيم سان ساڌن ڪرڻ ڪانپوءِ اھي مشڪلاتون سڀ آسان ٿينديون ويون. من جي ورتي پوت آڪاش ۽ چت آڪاش کان لنگھي چيتن چد آڪاش ۾ اُپيد ٿيڻ لڳندي آھي.

"دم کي ڊور پر چڙھہ کي ساڌو،
گگن تماشا پائون گا،
ديھہ بنڌ ۽ جيو قند، يي دونو پرم مٽائون گا،
پران اپان سمان سما ڪر،
دسوين جا درسائون گا،
اھم برھم اَور سوھنگہ برھم،
يي من سي جاپ جپائون گا،
پرمانند برھمانند ايڪو،
گور کي جنہ جنہ گائون گا."

پاٺڪن جي سولائي سان سمجھڻ لاءِ اھو لکڻ ضروري ٿو سمجھجي تہ پوت آڪاش ھن ساڪار پدارٿن واري

کي ٻائي ساڌڪن ته محنت خوب ڪئي. پر اُن سان گڏ
شري سمرٿ ديو جن جو جيڪو اَنمول وچن جو مها
اُپڪار ٿيندو رهيو، اُنجو ورڻن ڪرڻ هن ساڌارڻ واڻي
لاءِ محال آهي. جيڪي ٻه سنسا ۽ سنديهه، جيو، ايشور
۽ برهم جي باري ۾ اُٿندا هئن، سي سڀ ڪڻ ۾ ميٽي
ڇڏيندا هئا. رات جي وقت ته وڏ ڀاڳي پريمين کي پرتڪش
برهم درشن ۾ آڻي ڇڏيندا هئا.

هڪ دفعه شري سوامي جن جگياسن جي ڪٽيا ۾
لنگهي آيا جتي اُنهن يوگ وسشٽ ٻي پڙهيو. سيني
سندن چرنن ۾ ڏنڊوت پرڻام ڪيو ۽ پوءِ ساڳي پستڪ
پڙهڻ لڳا. ٿوري ئي دير بعد سوامي جن فرمايو ته:
”اڙي! سورج کي سامهي ديپڪ جلا رهيا هو!“
يعني شاسترن ۾ ته اڳيئي سڀ ڪجهه پڙهيو پيو آهي. پر
توهان کي جيڪي ڪجهه سو روبرو سمجهي پنهنجا سنديهه
دور ڪريو. پوءِ ته بس حجاب سينئي جگياسو پرشن
ڪرڻ لڳي ۽ هو ٻه ڏايا دڻالو ٿي اهڙو ته نرڀئه
نشڪ ڪري ڇڏيندا هئا، جو ڪيتري ڪيتري دير
تائين ڪا ڪلمنا ئي ڪانه اُٿندي هئي.

”نرڀئه ڏيهه ڏسي، سامي ڏنو ستگورو،
جتي ميگهه ملهار جو، اڻٽي پهر وسي،
ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، رهت وان رسي،
وڏا جنهن دسي، سنديهه پنهنجي دل جا.“

"هنَ هُنَ ٻنهي ڪون وياسي،
پرين پاڻ ۾ رلياسي،
ڏيئي من ڪي موڪلائو،
ڇڏي چت جو چنچلائي،
دل جو ڏُلڻ ٻلائو،
ٻي دل ٻرهه ٻڌياسي."

اهڙي مها سمرٿ ديو جن جي وچنن سکيا ۽ ٻنايل راهه کي وٺي، سڀ جا شائق انهيءَ ڪمائيءَ کي لڳي ويا. کائڻ پيئڻ نه هوندو هون ڀڳو شرير کي هلائڻ لاءِ. نه ته ته سارو ڏينهن جهد ۾ لڳا پيا هوندا هئا. ٻوڪ اڀياس کان فارغ ٿيندا هئا ته وٺندا هئا اڃا جاپ جپيندا يا مهاواڪين جا اُچار ڪندا. نه هين پرواهه تن جي نه ڪا ڪپڙي جي. چاندوڪين راتين ۾ کليل ٽڪرين تي اڪيلي ۽ سانتيڪي راتين ۾ وٺندا هئا سير ڪندا ۽ انهي مستيءَ جو مزو وٺندا. ڪڏهن ڪي ڄڻ تڙي ڪيو هئائون.

پيارا پاٺڪو! هنن سڀ جي عاشقن انهي درلڀ ۽ محدود موقع جو پوري پوري لاڀ وٺڻ جو پڪو نشچو ڪيو هو ۽ هڪ دم يا پل به اَجايو نه وڃائيندا هئا. سندن جفائون ۽ محنتون بيان ڪرڻ کان ٻاهر هيون.

پوڄيه ياد سمرٿ ديو جن کي انين گورک آمڙي ۾ رهندي ڇهه مهينا ٿي ويا. درلڀ گيان ٻوڌ جي سکيا

ڪرپالوُ اهڙا جو ڪو به لِڪُ نه رکيائون. اگر ۽ اوڇ جو سمورو پيهه ڪولي ڇڏيائون.

”اڪ نه رکن سونهار،
سڪ وارن سان سوهيون گوهيون،
ڪڏي ڪٿن ٿا اکيٽ کهاڙي،
ڪڏي ڇپ ۾ ڏين ڇڻاٽي،
ڪڏي مست ملهار،
خيال خوديءَ جا ڪوهيون ڪوهيون.“

ڪانڊ پيٽڙ ۽ ڪنهن به شيءِ جي نه ڪين پرواهه ئي ڪانه هئي. ڀرمي ڪين ڪڏهن گهٽي گيهه ۽ گوپي، ڪڏهن پيا ساڳه ٿاهي مکه ۾ ڪارائيندا هئا. ٻارن وانگر هڪ گراهي وٺي، وري اُٿي ٻئي هنڌ وڃي وهندا هئا. وري اُٿي وڃي ٻي گراهي مکه ۾ ڏيندا هئن. اُن جي مٿان پڳڙا ڪٽي ڪارائيندا هئن ته جئن گيهه جي ستي جو ڪو خراب اَثر نه ٿئي.

اهڙا هئا هوُ اَلبيلا، اَلمست ۽ اَنل پد جا واسي، مٺڙا مستوام ديو!

هڪ ڏينهن اوچتو ئي فرمايائون ته بس! جيڪي لوهان کي سمجهڻو هو سو سمجهي چڪا. واڌاري ساڌن اڀياس سان پر لڪش انيو ٿيڻ لڳندو، اهڙي رهت فرمائي پنهنجو ارادو هماليه طرف واپس وڃڻ جو

جانب جي جدائي

"لڱي ساڻ لڱي، ساهه ڪڍي ويو سپرين؛
اڄي پهر اکين مان، پاڻي ڪونه ڪڍي،
ساڙي بره ڀسم ڪيو، گهر ۾ گهاٽ گهڻي؛
باقي ڪين ڇڏي، سامي خيال خاص جو."

ڏينهن گذرندي ويرم ٿي ڪانه ٿي لڳي. اهو ڄڻ ڪالهه ڪالهوڻو ڏينهن هو جو پرديسي پريتم پاڻ پنهنجو ڀرت سپياري ڪراچيءَ ۾ ڪرتارٿ ڪرڻ لاءِ ڪهي آيو هو. سائين پرمانند کي چوندا هئا ته "تم نهين آئي تو هم آ گئي."

موج ۾ اچي پنهنجي ٻالڪن سان کل چرچو به ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن ڳالهه تي چوڻ لڳا "هم شادي کرينگي." سائين جن چيس ته توهان ڪسي ڪيا ڪير ڏيندو! ڪپڙو ئي بدن تي ڪونه اٿو. چوڻ لڳا "هان، هان، هم ڪپڙا ڀي لينگي." پوءِ ته کلي ڪري پنهنجي نروڪلپ سماڌيءَ ۾ لين ٿي ويا.

هڪ ڏينهن گورکه آمڙي ۾ اوچتو هڪ نانگ اچي نڪتو. سڀيئي ساڌ ڏڪي ويا ۽ نانگ کي مارڻ لاءِ ڊوڙيا. سوامي جن فرمايو ته "مارو مت يهي اَگيان هئه". ائين چئي چپ ٿي ويا ۽ نانگ به پاڻيهي پاسو وٺي هليو ويو.

ڏيو. منهنجو چت سنسار جي دويت روپ ڏسندن ۾ رهڻ نٿو چاهي. مون کي اوهان جي چرنن جي سميپ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه کپي.

شري سمرٿ ڏيو جن فرمايو ته ”هماري سات کوئي نهين ره سکتا، برهما کي پاس گئي نه هماري سات چلو. ان کو به سرشٽي رچنا سين فرصت نهين ٿي. ڦر وشنو پاس گئي؛ وو ڀي اپني هي ڪام ۾ لگا هوئا ٿا. شو جي مهاراج کو ته اپني بيٺون ڪارڪت اوُر گڻيش سوائي سين هي فرصت نهين ٿي. تم ڪتني چلوگي!“ پوءِ وري سائين جن جي بار بار وينتي ڪرڻ تي فرمايائون ته ”اڇا تون ٻالڪ آهين. توکي اڳتي هلي اپيءُ ٿيندو ته آتما جي پورن ساکياتڪار ٿيڻ کانپوءِ پوي ٻا گڏ رهڻ ساڳي ڳالهه آهي. اهڙي طرح وهنوار ڪرڻ يا تياڳ ڪرڻ اهو سڀ به هڪ پروار بڌ جو کيل پاسندو. هن کان پوءِ توکي گرهست ۾ رهڻو آهي. ان جي چنتا نه ڪجانءِ. تنهنجي اصلي اُديش تي پهچڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ ڪانه پوندي بلڪ پرمارٿ ۾ سيڪا سهوليت ملندي رهندي.“ اهڙي طرح ٻيا به ڪيترا اڳتي هلي جيوت جي اندر ٿيڻ وارن واقعن جي باري ۾ سائين جن کي اشارا ڏنائون. آخر ۾ چيائون ته ”آپکو مدرسا چلانا هئه.“

ڏيکاريائون.

”اڄ ٿا وڻجارا، وڃڻ وايون ڪن،
جهليان جهلجن ڪينڪي، توڙي ڳوڙها ڳل ڪرن،
نيڻهن نهوڙي وڌو، پرديسي پرين،
پلوَ پائم ڳچيءَ ۾، پر دانهن نه ٻڌي آ ڪن،
هوُ ٿا واٽ وٺن، هت ٻندي جلي ٿي برهه ۾.“

پريمين جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. پر همن پرم هنس سان ڪنهن جي به حجت ڪانه هلي.

سائين پرمانند جن جو ارادو ٿيو ته مان هڪ وڏي نوڪري ٺهرائي اُن ۾ ڪپهه جا نرم گاديلا وجهائي سمرت ديو جن کي اُن ۾ وهاري ڪين پنهنجي مٿي تي کڻي، جيڏانهن چون اوڏانهن سفر ڪرايان. سائين جن جو لس ڏينهن ۾ سرير به وشت پشت هوندو هو. لڳين جواني جو رت هون؟ تنهن ڪان سواءِ پنهنجي پهل سان بيحد پيار! تنهن ڪري انهن لاءِ اِها ڳالهه تمام سؤلي نظر پئي آئي.

”ڏس عاشقن جا اِنصاف، ڏين سر گهوري گهوري،
سر گهوري گهوري، ڪنڌ ڪوري ڪوري.“

سو ئي سائين جن هڪ ڏينهن ايڪانت ۾ وڃي ڏسي مهاپرشن جي چرنن ۾ ويهي پرارٿنا ڪئي ته هي ڀڳوان! مون کي پنهنجي شيوا ۾ هماليه طرف هلڻ جي آگيا

راس نہ ٿيو آھين، ٽيستائين ٻاھر ٻاڦ نہ ڪڍجانءِ.

شري سمرٿ ڏيو جن سان ھڪ ٽلو ڀڳت بہ ملتان کان ساڻ آيو ھون. سائين ڀرمانند ۽ ٻين سائين سان گڏ اُھو بہ مھاپرشن جي حاضريءَ ۾ رھندو ھو. شري سمرٿ ڏيو جن پنھنجن خاص ڪي ڪڏھن ڪڏھن رات جو عجيب لقاءُن جي موج وٺائيندا ھئا. مثال طور: ھڪ رات جو موج ۾ اچي چيائون ”ڪيا سنون گي؟ ڏمرو باجي!“

پوءِ نہ سڄي رات اھڙا نہ ڏمرو جي وڄڻ جا اديت آواز ٻڌڻ ۾ آيا جو سڀيئي ساڌڪ چڪت ٿي اُنھي آواز سان جڙ نہ ھڪ ٿي ويا. اھڙي طرح سندن ڪرپائون وقت بوقت ٿينديون رھنديون ھيون.

ڀائي ٽلو ٻئي ڏينھن ھٿ جوڙي چيو نہ سوامي جي اسان نہ رات جو ٽري ويا سي. سوامي جن وراڻيو نہ ”يي بات ھئہ! اڇا ٽر گئي ھو تو گھر ۾ لکہ کر ڀيڄو نہ ھم اوڌوت ھو گئي.“ ڀائي ٽلو ٺي واڙو ٿي ويو. چيائين نہ سوامي جي! دڪان جي چاٻي نہ مون وٽ آھي. درويشن فرمايو نہ چور وري چاٻيءَ جي پڇا ڪندا آھن ڇا! يعني تنھنجا مائٽ پاڻيھي تالو ڀڃي وجي دڪان وسائيندا. ڀائي ٽلو نہ ھڪو ٻڪو ٿي ويو. سوامي جن نہ وري آڪاش وريي ۾ ھليا ويا. ٽلو بہ پوءِ چپ چاپ اُٺي پرڀان نمسڪار ڪري ھڪ ڏينھن

”ستگور مها آننت هئہ، آننت ڪيئو اُپڪار،
تيج پريم پشپ کو پيت کر، پايا آڪت پنجار.“

شري سمرٿ ديو جن جون کهڙيون ڳالهيون لکي کهڙيون لکجن. هوُ هميشهہ هدايت ڪندا هئا تہ جيڪي بہ ساڌ نائون ۽ ايماس ڪيو يا جيڪي بہ جگياسوپڻي جي اوستا ۾ اچئو ڪمو اُن جي ٻاهر ٻاڦ ٻاهر نہ ڪيو. سِڪَ تہ لِڪُ.

”سِڪڻ وڏوئي ٽوڪ، لِڪڻ رکيائون اڱرو.“

جن انهي ڳالهہ تي عمل نہ ڪيو تن کي اَڌ ۾ ئي پڇتائڻو پيو.

پنڊت گوبند رام جي ڀاڄائيءَ کي وڏي ماتا ڏاڍي زور سان اچي نڪتي. هي گهر جو وڏو هو. رات جو هن کي گهر وچڻ جو وگهن اچي پيو. ۽ هڪ اُت ڀاڙي تي رکيائين. سڀ لٿي ڪان پوءِ گهر هليو ويندو هو ۽ سڀ اُڀرئي ڪان پوءِ واپس هليو ايندو هو. پهرئين ڏينهن شري سمرٿ ديو جن اڳيان هٿ جوڙي اچي ويٺو تہ آگيا ڏين تہ گهر وڃان. آخر سمرٿ ديو جن ديا ڪري فرمايو تہ ”جائو، پر ديکنا، يهان جو ڀي اچئو کيا هئہ، اُسکي کٿا نهين کرنا.“ اهو لن ڪري ڇپائونس جو پنڊت گوبند رام جي مندر ۾ نيم سان رات جو کٿا ٿيندي هئي ۽ مهاپرشن مدع ڪيس تہ جيستائين پاڻ پڇي

فرمايو ته ”ٻڪرُ کي لي جائو سالي کو! گهر ۾ گيان لڪ ڪر ڪيوُن ٻيٺا!“ پوءِ اُن کي سندس مائٽ منٿون ۽ ايلاض ڪري ٻاڻ سان وٺي ويا. ويچارو اُتي ۾ ئي رهجي ويو.

شري سمرٿ داس جن جي ليلا اَگم اَگوچر آهي. پاڻ موُج ۾ اچي چوندا هئا ته ڪيترن ستپرشن کي جيڪي پنهنجي سڌن کي پراپت ڪري هماليه جي ڪندرائن ۾ ويٺا هئا، اُنهن کي به جاڳايو سي. اُهي ستمهاتمائون فقط ٻه ٽي سير تيل پي پنهنجي سماڌيءَ جي آنند ۾ مهنن جا مهنا ويٺا هوندا هئا. اُنهن کي به اُٿان جاڳائي گيان جي پرڪاش جو دان ڏنائون.

”ستگور ملا نرڀئه پيا، رهي نه دُوجي آس؛
جاءِ سمانا برهم ۾، درڙ ڪيٺا وشواس.“

هڪ ڏينهن هڪ ستپرش گنگا نديءَ جي ڪناري تي سوامي جن وٽ آيو. پاڻ ۾ چرچو ڪري چوڻ لڳا ته مڇلي ٻڪري اَچي کائون. گنگا نديءَ ۾ گهڻو ڪري اُنهي پاسي مڇلي ڪانه ڦاسندي آهي. هو ستپرش چوي تو ته مان تو ٻڪري اچان، اوهان کائو. شري سمرٿ داس جن چيس ته اسان تا ٻڪري اچون اوهان کائو. آخر سوامي جن هڪ ئي ٽڪي سان مڇلي ڦاسائي آيا ۽ مهاپرش کي چيائون ته کائو. پر هو وٺو فقط مشڪي. کائڻي ته ڪٿهن کي ڪانه هئي. پوءِ ته مڇلي

کسڪي ويو.

انهي ٽلو ڀڳت ٻڌايو هو ته هڪ دفع ملتان ۾ شري سمرٿ ديو جن جي ڀرسان ڪنهن جڳهه لي هڪ ڍڳو ٻڌل هو. اُنهي ڍڳي جي ٧-٨ ڏينهن ڪنهن سار ئي نه لڌي ۽ هوُ ويچارو اُلي ئي مري ويو. شري سمرٿ ديو جن کي جاڻ پئجي وئي ۽ اوچتو فرمايائون ته هيءَ ڇا! اهڙو پاپ! پوءِ ته ملتان ۾ اچي ڏاڍي بيماري ڦهلي ۽ ڪيترا ماڻهو مري ويا.

سائين جن جي سائين مان گنگادر گهر ۾ هڪ وڏو خط لکي موڪليو جنهن ۾ پاڻ پڌرو ڪري ڏنو. مائٽن کي لکيائين ته اوهان سڀ چمڙي جا آهيو. سڀ شريرچمڙي جا آهن. اوهان سان مان چمڙيءَ جو ڪو به واسطو ڪو نه آهي. اهو پڻ لکي موڪليائين ته ڪهڙي قسم جا ساڌن ابياس ڪندا آهيون ۽ اسان پاڻ برهم روپ ٿي رهيا آهيون ۽ ڪهڙي قسم جي هت ايڪالت ۽ موج ئي موج آهي، وغيره وغيره. پوءِ ته هڪ ڏينهن اوچتو ئي اُن جا گهڻائي مٽ مائٽ سندس استريءَ سميت اُلي اچي نڪتا. هِتِ ته سيٺي ننگ ڌڙنگ حالت ۾ ويٺا هئا. گنگادر کي اُن حالت ۾ ڏسي سندس سيٺي مائٽ اچي ڏاڍو روئڻ ۾ چڙڪيا، ڄڻ ته ڪنهن جو ڪو مري ويو هجي. گنگادر به اُنهن کي ڏسي ڀاڙُن پاسي هليو ويو. اهو سماچار ٻڌي شري سمرٿ ديو جن

ٽائيم ٿيو ۽ ساڍ ٻئي گاڏي ۾ روانو ڪيو ويو. ڀاڙي ۾ ۽ پوءِ سوامي جن سيٺي کي موهيندڙ مشڪ سان آشيرواد ڏيندا، پنهنجي اکنڊ سچدانند روپ ۾ الڳپٽو ڦلائيندا وڃي گاڏي ۾ ويٺا. ريل گاڏي ۽ سيٽيون هڻندي، ڇڪ ڇڪ ڪندي آخر رواني ٿي ۽ رفتار تيز ڪري اکين کان اندرڌيان ٿي وئي.

سيٺي پليٽفارم تي ويٺي سوامي جن جي ڌيان ۾ هيٺيون سلوڪ اچاريو ۽ پوءِ گهر ڏانهن روانا ٿيا.

"نمون نمون گرديو جُو،
ست چت آنند روپ؛
برهم ولاسي پرم سک راسي،
ڪيول گيان سروپ؛
ايڪ ادويت گگن سم پورن،
ساکي برهم سروپ؛
نمسڪار پريه گرو پد سوامي،
ايشر دان ديجي سڪدامي."



کي واپس نديءَ ۾ ڦٽو ڪيائون ۽ پٽي پنهنجي مٽيءَ ۾ مگهن ٿي ويا.

سو اهڙن غمبي، سرو ڪلا سمپن، مهان سنت ۽ گيان پرڪيشور جانب جي ملاقات ۽ ديدار جو پوسون ڏينهن هو. پاٺڪ پاڻ سمجهي سگهن ٿا ته سندن ٻالڪن جي من جي وڇوڙي مهل ڪهڙي حالت ٿي هوندي!

بي پرواهه جوڳين کي نه اهائي مٽڙي منهن لڳي مشڪ هئي. سدو ئي گورکه آمڙي آستان کي جدائي جو داغ ڏيئي اٿي پنڌ پيا. پلا نه هٿن ڪا رلهي يا ڪمبل. بدن تي هون ڪپڙو به ڪونه. نه ڪنهن جا مٽ نه مائٽ. آيا هئا فقط مهر جو مينهن وسائڻ. سو پنهنجو ڪم پورو ڪري اٿي هليا. سيٺي ويچارا حيران ٿي ويا پر ٻيو ڪو چارو نه ڏسي آگيا سِر متي ڪري جلدئي سندن پٺيان پنڌ پيا.

”وڃن ٿا ويراڳي، ويراڳي وطن ڏي؛
گهڻو چيم نٿا رهن، هٿون هليا ٿي هاڻي؛
وڃن ٿا ويراڳي، ويراڳي وطن ڏي.“

شري سمرت ديو جن سڌو سٽيشن ڏانهن رخ رکيو. سندن سنڪلپ رشي ڪيش جي رستي اترا کنڊ پڌارڻ جو ٿيو. پوءِ ته اُنهي نموني بندوبست ڪيو ويو؛ ٽڪيٽون ورتيون ويون. ڀائي کانچند کي رشي ڪيش



شري گوبند رام شرما ۽ سائين پرمانند صاحب

آگم جو پنڌ
(جهد ۽ جفائون)

”نڌن ناسڪا ۽ ناپ، سوڌيو جنهن سرگيان سان؛
سو سامي نانا پرم ۾، ڪري نہ جيءُ خراب؛
پاڻ ـائين پرچي ڪري، انـيـؤ آلـم لاپ؛
جم جو حرف حساب، واري واصل ٿي رهيو.“

پيارا پاٺڪو! شري سمرٿ ڏيو جـن جـي آڙاڪنڊ پڌار جڻ ڪانپور سيٺي جي دلين تي ڏاڍي اداسائي ڇانئجي وئي. وڇڻ وقت آگيا ڪري ويا هئا تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ مهينا ڪراچي ۾ رهي لڳاتار بتايل يوگ ابياس ضرور ڪندا.

ڀائي کانچند تہ رشي ڪيش روانو ٿي ويو. باقي سائين پرمانند ۽ پنڊت گوبند رام جن سرڪاري باغيچي پرسان سيٺ ٽيجيانداس ساڌو رام وارن جي خالي پيل پلاٽ تي هڪ ننڍڙي جهوپڙي ٺاهي ۽ اُتي ساڌن ابياس جو پربند ڪيو.

اُها جڳهہ شهر کان پري بہ نہ هئي ۽ هئي بہ ايڪانت واري. پنڊت گوبند رام کي بہ سهوليت پئي هئي جو اُتان سولائي سان هو پنهنجي استان جي بہ ڪجهہ وقت هنا ڪنهن تڪليف جي ديکڀال ڪري ٿي سگهيو.

سائين پرمانند جا مٿ مائٽ ۽ شڪارپور واپس هليا ويا هئا. نگوڙي بيماري ختم ٿي وئي هئي ۽ اُٽي هينئر سک سانت هو. انهي ڪري هو صاحب هر ڪنهن طرح نشچنت هئا.

پوءِ ته سائين پرمانند ۽ پنڊت گوبند رام ٻنهي انهي ڪمن جي ڪرڻ ۾ خوب ساڌن اڀياس ڪي ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ڪين اهائي لگن لڳل هئي ۽ سمرت ديو جن جي آڳيا انوسار، ساڌن اڀياس جي ٻل سان جلد ئي جلد من ۽ اُن جي واسنائن ڪان مٿي چڙهي انهي نرڀئه پد ۾ پهچون جتي هي سارو پسارو پنهنجو ئي سنڪلپ مڃ ٿو پاسي.

"يهان مرّد ووهي ڪهلاتي هئہ،
جو ڪرڪي ڪڇ دکلاتي هئہ،
جو خالي هاٿ سين جاتي هئہ،
وي مرّد نهين اصلي بابا!"

اُن وقت کين ٻئي ڪنهن ۽ شاستر پڙهڻ ۽ ويچارڻ جي لاءِ ڪو وقت ئي ڪونہ هو.

ڪجهه وقت کان پوءِ اُمرتسر ۾ ڪانگريس جو هڪ وڏو جلسو ٿيڻو هو، جتي هڪ وڏي ڪانفرنس ٿيڻي هئي. اُهي ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل جا ڏينهن هئا. پهرين مهاڀاري لڙائي جا ١٩١٥ع ۾ شروع ٿي هئي

وڏيڪ جيڪي ڪرڻو هوندو سو ڪندس.

"جان رس ڪاج پڌي نرپ جوڳي، ڇوڙا ڀوڳ بلاس؛
سهج سنڌ آسڻ ٻڌني، رهني ڀسم لڳاءِ اُداس؛
منوئا! ڪوئي پيوي مموکيه پياسا."

پنڊت گوبند رام اَمرتسر وڃي ڏاڍا ڏينهن لڳايا. هو سائين پرمانند جن نيم اَنوسار ۽ مهينا اُتي ئي ڪراچي ۾ رهي سڀ ڪجهه ڪندا رهيا. پوءِ ڪراچي کي الوداع ڪيائون ۽ شڪارپور هليا آيا.

ڪراچي ۾ جيترو وقت پنڊت گوبند رام ساڻ هون اُهو ڳاڙهن چانورن جي کچڙي رڌيندو هو جا کاڻ ۾ هلڪي ٿيندي آهي. ٻئي جڻا اها کچڙي ۽ مکڻ کائي گذر ڪندا هئا. اُتي اَمرتسر وڃڻ کان پوءِ سائين جن ڪي مکڻ ۽ باقي ميوي تي گذر ڪندا هئا. پوءِ ڳ اپواس ۾ اهڙي طريقي جو ڏسيل هون جو شري سمرٿ ڏاهو جن آڳيا ڪئي هئن نه کاڌي ۾ مکڻ ۽ قندراري ڏاڙهون يا ٻيو ڪو ميوو ۽ کير ضرور هئڻ گهرجي جئن مغز ۾ خشڪي ۽ گرمي نه چڙهي وڃي.

شڪارپور ۾ اپواس يا جهڙ جو چوٿون دور شروع ڪيائون. ٻهريون شري سمرٿ ڏاهو جن جي ملڻ کان اڳ پاڻ پنهنجي منهن مڪتون ڪيائون. ٻيو سري ستگور ڏاهون جي چترڇايا هيٺ پوڳ پڄايائون. ٽيون

سا اڄا پوريءَ طرح ختم نه ٿي هئي. ملڪ ۾ انگريزن کان آزاديءَ وٺڻ لاءِ نئون جوش هو. بال گنگاڌر تلڪ ۽ مائي اَئني بيسنٽ مکيه ليڊر هئا. مهاتما گانڌيءَ به اُنهن سان اَچي گڏيو هو، جو نئين سِر ڏکڻ آفريڪا کان آيو هو ۽ هلچل جي ميدان ۾ ٽپي پيو. ڀارتواسين ۾ نئون روح ڦوڪيل هو ۽ ڌارين جي غلاميءَ کان آجا ٿيڻ لاءِ بيقرار هئا. هندو مسلمانن جو نفاق اڄا ڪو نه پيدا ٿيو هو. ٻنهي جو هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ مليل هو. اهڙي وايو منڊل ۾ ڪانگريس جي مکيه ساليانيءَ جلسي ۾، جنهن جي جهنڊي هيٺان سڀ يڪمشت ٿي لڙي رهيا هئا، شامل ٿي پنهنجن پيارن نيتائن کي ٻڌڻ لاءِ رواجي طرح ٻلا ڪهڙي به زنده دل انسان جي ڪيئن نه چاهنا پيدا ٿيندي!

انهيءَ موقع تي ڪراچيءَ مان به ڪيترا ماڻهو اَمرتسر وڃي رهيا هئا ۽ پنڊت گوبند رام به وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. اُنهن سائين پرمانند کان پڇيو ته "چئا! اوهان ساڌن ايپاس ڪندا رهندا؟" سائين جن ورائيو ته شري سمرت ديوجن جي آگيا انوسار ٻه مهينا ته ٻاڻ ۾ گڏجي هِتِ ساڌن ايپاس ڪرڻو ئي آهي. جي توهين ڪنهن سبب ڪري وچ ۾ وڃي رهيا آهيو ته مان ته حڪم ڪيل سميه هت رهي ساڌن ايپاس ضرور ڪندس. پوءِ شڪارپور وڃي پنهنجي باغيچي ۾ پورو ٻه ٻڌ ڪري

ڏيوي جو اشنان ڪرايو جنهن ۾ جتي متي سائين جن
ڪليل صفيءَ ۾ اڀياس ڪندا هئا، اُتي برهمڻ وڏيءَ
اتوار شهمن جــي ماس جو مٺڪو ننڪائي چڙيو ۽
سائين جن کي چوڻ لڳا ته هت ته ڏاڍي ٻڌبوءِ ٿيندي
۽ اوهان اڀياس ساڌن ڪيئن ڪري سگهندا! سائين جن
اهو ٻڌي چيو ته توهان اسان جي چنتا نه ڪريو. پــل
ته اوهانجو اهو مٺڪو ننڊيو پيو هجي. اسان جو سڳند يا
ڏرگند سان ڪو واسطو ڪونهي. پوءِ ته اُتي تيستائين
اڀياس ڪندا رهيا جيستائين پنهنجي بـاغ ۾ نئين ڪٽيا
ٿهي تيار نه ٿي هئي. اُن بعد جلدئي ڪٽيا ٿهي راس
ٿيڻ تي پنهنجي باغ ۾ اچي رهيا. اُنهي ڪٽيا ۾ پنهنجا
ڪپڙا لاهي رکندا هئا ۽ ڪاڏي پيٽي جو ڪجهه سامان به
رکندا هئا. خاص اڀياس لاءِ ورب هڪ ٿڌن جي ڪٽيا
تيار ڪرائي وئي جنهن کي دروازي جي ٻدران ڳوٺيءَ
جو پردو ڏنل هوندو هو. اُتي صرف واريءَ ۽ پسر جا
آسڻ ٿهيل هوندا هئا جن تي ويهي اڀياس ڪندا هئا.
مالهيءَ کي چٽي چڙيو هئائون ته ڪنهن کــي به
آگيا بنا سندن ڏانهن نه موڪلي.
سائين جن جو اهو پڪو نشچو هو ته جيستائين جگياسو
محنتون ڪري سڀ منزلون جهاڳي، اَصليت واري
اوچي منزل يا عشق جي چاڙهي تي پوري مڪمل
طرح سان نه چڙهي چڪو آهي، تيستائين ڪنهن سان

اُنهن جي وڃڻ کانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ساڌ نائون ڪيائون ۽ هيئر شڪارپور ۾ واپس اچي پنهنجي باغيچي ۾ وڌيڪ ساڌن اڀياس ڪيائون.

هت تہ پنهنجي بادشاهي هئين. تنهن هوندي بہ پنهنجي باغيچي ۾ هڪ وڏي چمن لاءِ هڪ ڪٽيا ٺهرائڻ شروع ڪرايائون جنهنجي سنڀال صوفي ٽاراچنداس ڪندو هو.

جيستائين اُها ڪٽيا تهي تيار ٿي تيستائين ڪوئي ڏينهن وٽي نہ وڌائون. ولهجهڙائيءَ ۾ سيٺ گرڌاري داس هندوجا پنهنجو خالصو بنگلو باغيچي سميت سائين جن جي حوالي ڪيو. اُتي صبح جو ڏاڍو سويرو سائين جن پهچي ويندا هئا ۽ شام کانپوءِ گهر واپس ايندا هئا. منجهند جي وقت ڀائي سگهومل جنهنجو وڏو ڪپڙي جو دڪان سٽول ۾ هو، اُهو پنهنجن آدمين هٿان سائين جن جي گهران رسوئي کڻائي هڪ ڏيڍ بجي ڌاري موڪليندو هو. سائين جن اڀياس کان بچت وقت ۾ ويدانت جي مکيہ گرنٿ پنچ دشي، آچار ۽ پيتامبر جو ڀاشا ۾ لکيل جو منن ڪندا هئا. ڪنڊلني شڪتي کليل هئڻ سبب اوکا ۽ ڏکيا ڳجهہ بہ سولائيءَ سان پرلکيہ انڀو ٿيڻ لڳندا هئا.

اُهي وقت اُتي رهندي هيان سائين جن جي اڳيان هڪ عجيب ڳالهہ سامهون آئي جو سينين هڪ اهڙي

ستوگڻي سڀاءَ جو ٿي رهندو ۽ اِهوئي يوگ اَڀياس ۾ سڦلتا جي اُميد رکي سگهي ٿو. گيتا ۾ بہ چيل آهي، "يُڪت آهار وهار سنيہ." لڌهن چيل آهي :-

"يوگ نہ مَڙهي ڪپڙي، يوگ نہ ڀڳوي ويس،
گهر بيٺي يوگ ڪمائيئي، ستگور ڪي اُپديش."

شام جو ٥ کان ٨ بجي تائين وري ساڌن اڀياس ۾ لڳي ويندا هئا.

"ساڌن ساڻ سڦل، ساڌڪ ٿئي گرو گيان مان؛
جو ڦرندڙ ڦرني واس ڪي، ڏي جوڳہ جڳت جو جهل؛
آلس ۽ اپمان کي، جاڻي مايا چل؛
پاسو ڪري نہ پل، پرمانند پوڙ پريم کان."

جئين مٿي ڄاڻايل آهي سائين جن جي اَڀياس واري ڪمرا ۾ ٻن قسمن جا آسڻ ٺهيل هوندا هئا. هڪ "پشم آسڻ" ۽ ٻيو "واري جو آسڻ."

گرمي جي ڏينهن ۾ واريءَ سان ڀريل آسڻ تي جنهن تي ٻاٽيءَ جو ڇنڪار ٿيل هوندو هو اُن تي ويهندا هئا ۽ سرديءَ جي ڏينهن ۾ پشم آسڻ تي ويهندا هئا.

جنهن قسم جو اَڀياس سائين جن ڪندا هئا، اُن ۾ ڪوبہ ڪپڙو سر تي پائڻو ڪونہ هو، پوءِ چاهي ڪيتري بہ ٿڌ ڇو نہ هجي! ڪيول ڪنڀڪ ڪرڻ سان شرير ۾ خود بخود گرمي وڌي ويندي آهي. اِنهيءَ ڪري

۽ ملڻ جهلڻ، شيوا ونڊڻ يا واد وواد ڪرڻ ڪنهن ۽ فائدي ڏيڻ جي بدران نقصان ئي پهچائيندي آهي، اِهي ڪري گوشه نشيني اختيار ڪيائون.

”جوڳيسر جوڙي، ويٺو سرت سروپ سان،
ٻنڌن ٻيائيءَ جا، ڇڏيائين ڇوڙي،
ڏسي نه منهن موڙي، سامي ڇڏي سنسار کي.“

سائين جن سويرو ئي باغيچي ۾ هليا ويندا هئا. صبح جو اٺين ٻجه کان منجهند جو هڪ ٻجه ٿائين اُنهي ننڍڙي جهوپڙي ۾ يوگ، اَڀياس ۽ مهاواڪيه جو چنتن ڪندا هئا. وچ ۾ سرديءَ جي موسم ۾ باغ جي پٺيان ٺهيل هڪ ننڍي دروازي مان نڪري ڪڻڪ ۽ چڻن جي ٻوٽن ۾ وڃي سير ڪندا هئا. منجهند جو فقط کير ۽ ميوي تي گذر ڪندا هئا. رات جو گهر وڃي روٽي ۽ اوباريل سبزي کائيندا هئا.

يوگ، اَڀياس بنا نيڪ آهار ۽ پوري ننڊ جي نه ٿي سگهندو آهي. خالي اُپواس ۽ گهڻو جاڳڻ ته دماغ کي ڪمزور ڪندو آهي ۽ سوداءَ وغيره بيماريون پيدا ٿينديون آهن. يوگ اُنهن لاءِ ته نه آهي جي گهڻو کائيندڙ هجن يا حد کان وڌيڪ ننڊ جا قائل هجن. نڪي اُنهن لاءِ آهي جي نه کائين نه پوري ننڊ ڪن. جو نيڪ طرح سان شڌ آهار کائيندو پيئندو ۽ پوري ننڊ ڪندو ۽

هوندي ته:-

"جي ٽڙندون پريم کيلڻ دا چاءِ،
سر ڌر ٽلي گلي موري آءِ،
اٿي مارگ پير ڌريجي،
سر ديجي ڪاڻ نه ڪيجي."

جڏهن ٻاهر نڪرندا هئا تڏهن منهن مان الاهي نُور پيو ٽجلا ڏيندو هون ۽ سندن تيج ويو روز ٻه روز وڌيڪ ۽ وڌيڪ ٻهڪندو.

ڪٽيا مان ٻاهر اچي هڪ ٽلهيءَ تي ليٽندا هئا. اُتي هڪ ٽومل نالي ناڪي منشي هوندو هو. سو اچي حوب انهن خالي هٿن سان ٽي مالش ڪري وٺندو هون. اُن کي ته اُهڙو نه پورب جي پار جو رنگ لڳو جو آخر وڃي سنياسي ٿيو. هردوار ۾ سوامي اديتانند جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ اوڌوت سوامي چيتن ديو جي ڪٽيا ۾ رهندو هو.

"ستگور سڏايو سک ڪي، ساکي شبد سوهنگ؛
ٽنهن ويس وڏائيءَ کي ڇڏي، ڌاريو يوگ ڀهنگ؛
چيت ڇڏي چيتن ٿيو، جئن جل مليو ٽرنگ؛
پرمانند نهسنگ، سو رهي هر حال ۾."

اونهاري جا ڏينهن يوگ اُڀياس ڪرڻ لاءِ ڪشت ڏيندڙ ليکيا ويندا آهن. سائين جن کي اڳين سنسڪارن ۽ سچي لگن هئڻ سبب سهن شڪتي ڏاڍي هوندي هئي، جا اُجا تائين هلندي ٿي اچي. شرير جي ڪنهن به دک ۽ ڪشت کي ڪڏهن به خاص ڌيان ڪونه ڏيندا آهن.

"عاشق ڪونه رکن، ممتا موهه اندر ۾؛
ٽڏي ٽنٽي ڪانهه ڪا، نڪا ڳڻتي ڪن؛
جهڙ مينهن ۽ واءُ جي، ڪائي تات نه ڪن؛
آنڌي مانجهي اُڃ بک جي، ڪانهي پرواهه تن؛
هاڪيندا ئي رهن، محبوبن جي ماڳ ڏي."

سائين جن کي بخار وغيره نه لڳائيندا ئي ڪونه هئا. بنا ڪنهن دوا جي پاڻهي لهي ويندا هئا. سيئي سُور ۽ سختيون انهي محبوب جون مهمانيون ڪري سمجهندا آهن. سندن انهو پڪو ۽ اٽل ارادو هو ته:-

"ڪاريه ساڌيامي، شرير پاتيامي."

يعني هن دل موکيه مارگ ۾ هي شرير ڇونه ڪٽي مٽجي وڃي ته به سڦلتا ضرور پائڻي آهي. اهڙا اهڙا يوگ ساڌن ڪيائون جن جي ٻڌڻ سان ئي رواجي انسان جا روم ڪرڙا ٿي وڃن ۽ اهي بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. مطلب ته سچ پچ پاڻ ماري مٽي ڪري ڇڏيائون ۽ 'آپ گنوائي تان شهه پاوي' جو هوبهو عمل ڪري ڏيکاريائون.

جا اوتار هئا. پورن سنگورن جي مٺن آسيس هٿي. ڏينهن رات هڪ ڪري جهد ڇپايائون. مٺن مالڪن ۽ دوستن جا سهما سنائون. سرير کي ناسوانت جاڻي، انهي جي پرواه نه ڪري، ڪانٽس پورو پورو ڪم ورتائون. سڪ، شردا ۽ ويساه جا وڏن انبار هئا. ونراڳ ۽ وويڪ ته ڏاج ۾ مليو هون. پوءِ اُني پلا اُها جوت آخر ڪيئن نه جاڳندي جا هزارن بين کي به جاڳائيندي!

”آهي اؤکو ڪم، گرمکه گياني ٿيڻ؛
هڪ سختيون سهڻ سر ٿي، بيو گلائن جو غم؛
ٽيون ٿهل ۾ ٽڙند و رهي، چوٿون چيري ڏسي چم؛
جڏي دم ٿي رکي قدم، تڏي پاس پرمانند ٿئي.“

آهستي آهستي اندر جون ڪلون کلڻ لڳيون. پوءِ نه خود بخود اندران اوڏولي آواز نڪرڻ لڳا:

”سر ستگور ڪا سمراج هئا،
دل شاد آباد آزاد هوئا؛
نوراني نورون نظر سين،
اوڏوني آواز هوئا.
ا- پار درياهون ڪامل ڪرڪي،
چيتن چاندڻي الي چڙهه ڪي؛
بي حد بدل بره دا پڙڪي،
جڳتي جوڙ جهاز هوئا.

گيان پرڪاش

”اسان ديکيا هئہ ديدار عجب اسرار؛
تماشا پل پل ڪا واهہ واهہ.
چڙها جب ڌيان، پايا نج گيان، گيان ۾ پيان؛
جلوا جهل مل ڪا واهہ واهہ.
گران ڪي اوٽ، لڳي چٽ چوٽ، ڪٽي وہ ڪوٽ؛
ڪلپنا ڪل ڪل ڪا واهہ واهہ.
نوراني نور، نيڙي نا دور، ڪيا چڪچور؛
وهہ ٻنڌن ول ول ڪا واهہ واهہ.
هوئا جب آپ، مٽا سنتاپ، پڇ نهين پاپ؛
درد گيا دل دل ڪا واهہ واهہ.
پائي پرتيت، مٽي وپريت، گائين اب گيت؛
پرمانند پل پل ڪا واهہ واهہ.“

سائين پرمانند جن جي روحاني منزل هاڻ ڏينهون ڏينهن اڳتي ليئري ۽ سان طئہ ٿيڻ لڳي. ايشور ڪرپا، پورٻلي جي ڀڄن، وڏن جي آسيس ۽ سنتن جي ڪرپا سان ڪين آجيوڪا جي چنتا ڪانہ هئي وڏا گذران ۽ ڪاڏي پيتي لاءِ ڪافي پونجي ڇڏي ويا هئا. ٻاڻ اڃا ڪنهن گرهست جي جهنجهٽ ۾ ڦاٿا ڪو نہ هئا. جواني ۽ تندرستي جهڙن نعمتون بہ ميسر هئن. پرشارٿ ۽ سداچار

ڳالهه هئي. ”نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات.“ ڪاڏو ته تمام معمولي ۽ سادو ڪائيندا هئا. هڪ صوفي نارائڻداس اُن وقت سائين جن وٽ ايندو هو ۽ اُتي باغ ۾ رهي سائين جن کي ڪجهه نه ڪجهه کارائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هو. دانگيءَ تي ماني پچائيندو هو ۽ گوگڙو رَکَ ۾ پچائي سائين جن کي کارائيندو هو. سائين جن ته پنهنجي موج ۾ هوندا هئا ۽ اُنهن کي ڏاڍي پريم ۽ شردا سان پيٽ ڀري کارائيندو هو.

ڀائي نارائڻداس کي سنڌڙن وارو صوفي نارائڻداس چوندا هئا. هئو به اَلله لوڪ. هولي ۽ ڏياري جهڙن ڏڻن تي سنڌڙا ۽ کيهر وغيره مٺايون ٺاهي وڪڻندو هو ۽ شادين وغيره تي راندڻ جو ڪم ڪندو هو. سندس دڪان ٻوٽن جي بازار جي اَندران گهٽيءَ ۾ هوندو هو. جڏهن ڪم کان واندو هوندو هو تڏهن سندس گهر واري اَنو ۽ کيهه ٻڌي ڏيندي هئس ۽ پوءِ پاڻ سڄو وقت سائين جن جي باغيچي ۾ گذاريندو هو.

پاڻ سائين جن انهي مستيءَ جي مهراڻ ۾ وينا ٽٻيون ڏيندا هئا ۽ اَزغيبي اِسرار جي خيال ۾ غرق رهندا هئا.

”عاشق رهن نِت، جني ڏينهن نه رات ڪا؛
نڪي آهن پَنَج تت، نڪا اُپت کپت؛
نڪو ويد پران ڪو، نڪا سٽ اسٽ؛
ڪيڏي ممتا مت، سامي مليا سروپ سان.“

٢- صورت صاف اجوني پايا،
ڪايا دعوِيٰ خوب گنوايا؛
دم ڪر چوُر عدم سمايا،
چڙيا سين قر باز هوئا.
٣- اندر باهر اوپر نيچي،
خيال خصم دا هرجاءِ کينچي؛
سمّل ڪري چاهي اڪيان ميچي،
من اُس ۾ ممتاز هوئا.
٤- آنون پهر هتا من منگل،
مندر سرڳ بنيا بن جهنگل؛
ڪاٽا ٽين تاپ ڪا سنگل،
گر ڪرپا سين ڪاج هوُئا.
٥- ارپيا تن من ڌن ديکا،
ندي ساگر ڪا جم ليکا؛
نام روُپ هر رهي نہ ريکا،
پرمانند پرواز هوئا."

سچو ڏينهن پنهنجي مستيءَ ۾ مست هوندا هئا. باغ ۾ ڪنهن کي مجال نہ ٿيندي هئي جو وڃي ڪا حجت هلي سگهي. ڪين نہ هوندي هئي ڪائنات جي پرواه نہ آرام جو خيال. "هل ڪاهي، هِت چاهي" واري

١- ڇهہ اٿارنهہ چار چون ٿا،
سڌ نہ سڄڻ تنهنجي سار جي؛
ڏياڻي رهن ٿا ڏيان ۾،
حق رکي حقدار جي.
٢- سمرت ستل کي سجاڳ ڪيڙو،
ڳنڍي کلي اِسرار جي؛
جنهن کي جاڳم ٿي جدا،
سا ديد خود دلدار جي.
٣- غير ڏسڻ وارو ڏسڻ،
غفلت آهي گينوار جي؛
پاڻ پيري ۾ رکي،
لوُ لوُ ڪري لاچار جي.
٤- لا مڪاني ملڪ لئہ،
دل اها اعتبار جي،
گهارڻ چڏي پاڙڻ سندو،
سڙ بر نہ رکي سنسار جي.
٥- سپنو سمينيو سڌ پئي،
شري پرمانند پنڊار جي؛
جاڳي جوت سروپ ۾،
تار ملي بي تار جي.

اِنهي اوستا جو ڪير تہ بيان ڪري سگهي! ڪو ڪو ڪائي ڳُڻ مشڪي، ڪشڪي ڪيڏڪي. اهو اُنهڪي پنو جيڪي اِنهيءَ پد ٿي رسيا.

"ظاهر ذات جوڳين جي، جان منجهون جاڳي؛
سڌ سنياسي سيوڙا، ويس نہ ويراڳي؛
منزل لامڪان جي، جن جهد ڪري جهاڳي؛
سچ ٿيا ساڳي، پرمانند اڳہ آڳہ جا."

اُهي سچ جا اوتار، سدائين چيتن رُوپ، آنند جا ڀنڊار، نفي ۽ اُثبات کان اوچا، اَللہ ڇڏ ٻائون اور ٿي، پاڻ پرٿي پند پيا. عشق جي ٻرن ٿي اُلي اُڏامي ويا، جتي ڪنهن ٻہ هنر ۽ اُنڪل جي جاءِ ئي ڪانہ آهي.

"عشق الاهي ذات، تي ذات سڄاڻي ذات ڪي."

اُلي نہ سچ نہ چنڊ، نہ گرو نہ چيلو، نہ چاڪر نہ سوامي، فقط پنهنجو پاڻ ۽ پاڻ، جاڻن جي جاڻ، سرو پرڪاش اُگاڌ آنند، هڪ واحد لاشريڪ، ڪٿن ڪرڻ کان ٻاهر، اُڪرن کان اوُچو، فقط چپ جو چسڪو ۽ ساکي سرُوپ ۾ غرقاڻ لڳيو پيئي هئي.

"ڪٿن چوان ڪنهن جي اڳيان،
هي جاڻ جاڻڻهار جي؛
وجهہ وٺي ويجها اُچو،
هت حاجت ناهي اِظهار جي."

گرھست جي گلزاري

" انيئي عاشق، ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو،
جو سامي ڏسي سپرين، اندر باهر هڪ؛
ڏيئي ٽٽ ٽڪ، سئل ڪري سپ باغ جو. "

پيارا ٻالڪو! سائين پرمانند جن جي يوگ اڀياس جي پاسي اهڙي لڳن لڳل ڏسي، سندن وڏي ڀيڻ ۽ ٻين سمبنڌين کي هاڻي اهو شڪ پوڻ لڳو ته جيڪڏهن ڪين جلد ئي گرهست آشرم ۾ پرويش نه ڪرايو ويندو ته شايد سپ ڪجهه صفا تياڳ ڪري ڪيڏانهن هليا نه وڃن. اهي ڪري سائين جن جي وهانو ڪرڻ لاءِ سنت ئي بندوبست ڪرڻ لڳا.

سائين جن کي جيتوڻيڪ شري سمرٿ ڏيو جن چيو هو ته اوهان کي گرهست ۾ رهڻو پوندو، تنهن هوندي به جڏهن به سندن شاديءَ جي باري ۾ ڳالهه نڪرندي هئي ته پريم پوروڪ اها ڳالهه ٽاري ڇڏيندا هئا ۽ مائٽن کي چوندا هئا ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه سال ٻيا ترسو. ٻيا ته سپ چپ ٿي ويندا هئا پر وچ وچ ۾ هڪ سنت چيتارام جنهنجي گهر جي رستي کان سائين جن هر روز باغيچي ۾ ويندا هئا، سائين جن سان سندن مڱڻي جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندو رهندو هو.


سنت چيتارام هڪ چڱو مشهور مهاتما هو ۽ شڪارپور

وڏڪ کهڙو بيان ڪجي ؛ ڇا لکي ڇا لکجي! هيءَ ته هڪ اَکٿ ڪهاڻي آهي. قلم کي نه طاقت آهي ڪانه. جن اِها اَڇل اُوسنا همٿ ڪئي آهي، تن کي ئي پتو باقي ٻيو ڪوئي ٻه اَلپگيه اِنسان ڇا ٻڌائي سگهندو.

”ڪري جهد جفا، عاشق چڙهيا اچ ٿي؛
ڪتيائون ڪاپٿ جا، ڪاڻ ۾ خيال خفا؛
سامي ڏسن صفا، اندر باهر آتما.“

اوڏُون جي ڳالهه ئي عجيب آهي. هنن جي منزل شروع ئي اُتان ٿي ٿئي جتي من، ٻڌي ؛ واٽي پهچي ٿا سگهن. هنن پڌ ڪرڻ ئي اُتان شروع ڪيو آهي جتان هن جوني 'مان' جو ناس ٿيو آهي. سر ڏريءَ ٿي وکي پوءِ ته مٿي چڙهيا آهن. پوءِ هن ويچاري قلم کي ڇا مجال آهي جو اَڳتي وڏڪ ڪجھ لکي سگهي!

”چت چوڻ ڪون چپ ڪئي، مـن مٿي ويو؛
اندريون ڏسن ڪين کي، جو آهي ڪونه پيو؛
ڇڏي چوه ويـو، پرمانند پد نرباڻ ۾.“



گيان پائڻ جي ڳالهه ٻڌي پرارٿ لئي ڇڏي ڏيندا آهن. پوءِ نه
نه هي جهان پورو ٿيندو، نه اُهو ئي وري ٿيو جهان!
ڪهڙي نه حيرانيءَ جي ڳالهه آهي! جيڪا پرارٿ ڪرم
انوسار ٿيڻ آهي، اُن موجب نه دنيوي پدارٿ اوشيه
ملڻا آهن، پر ماڻهو ڇولو جيڪو وڏن پنهنجي ساں مليو
آهي؛ جنهن ۾ ديوتا پڻ نه ٿا، پر خود انسان برهم پد
کي به پائي سگهي ٿو اُن کي انهن ئي مفت ۾ گنوائي
ٿو ڇڏي. اَصل آنند کي ڇڏي، ٻين ڪوڙين وانگر ساڳي
ئي الٻڙن جي پوڄا جي سامگري هٿ ڪرڻ لاءِ سارو
جنم ٽڪي ٽڪي انهن ئي برباد ٿو ڪري ڇڏي. پوءِ
به اهي ڪڻ پنگر پدارٿ نا نصيب! اصليت جي لاءِ جو
سچ پچ پرشارٿ ڪرڻو اٿس اُن کي بيڪاري اَچڻ تائين
مهمل ڪندو ٿو رهي، جو جڻ نه اَڪ جي ماکي آهي؛
آلم ساکيا لڪار ڪرڻ هڪ ٻاراڻي راند آهي! پوءِ به ڪهڙي
پڪ آهي ته ٻيا پو ڪوئي ڏسندو به يا اُن وقت سر ٻر، من،
الدريون سندس نيڪ حالت ۾ هوندا؛ ڪيس چڱي طرح
سات ڏيندا جو ڪجهه پرمارٿ پاسي وِک وڌائي سگهندو!

"سامي ڪي آهي، اچرج هڪ هن جيوَ جو،
سياڻو سمجهوُ ٿي ڪري، ٿو ٻين کي سمجهائي؛
هيري لال جواهر جو، پرکي مله پائي،
پر وينو وڃائي، پاڻ پنهنجو پاڻ ۾."

۾ هاٿي در ڪان چڱو نڪر اڳتي هريرام پيسومل وڪيل
جي بنگلي جي ڀرسان هڪ سٺي جڳهه ۾ رهندو هو.
سائين جن ڪڏهن ڪڏهن انهي جي جڳهه ۾ مٿي ڪڏ ٿي
وڃي ايڪانت ۾ رهندا هئا. اُن وقت سيٺ ڏاندُومل
جي وڏي ماتا گهڻو ايندي ويندي هئي. سيٺ ڏاندُومل
نارائڻداس شڪارپور ۾ مشهور ريشم جي ڪپڙي جا
وڏا واپاري هوندا هئا. سنت چتارام کي سيٺ ڏاندُومل
جي ماتا پنهنجي پوٽيءَ جي مائٽيءَ جي باري ۾ عرض
ڪندي هئي ته ڪٿي مڱائي ڏيو. سنت چتارام تڏهن
اُنهڪي سائين جن جي باري ۾ صلاح ڏني ۽ سائين جن کي
به عرض ڪندو رهندو هو.

پوءِ ته جلدئي اُنهي سيٺ ڏاندُومل جي سپتريءَ
سان لائون لڳائون. اهو سنه ١٩١٩ع هو. انهي وهانو
جي پڪ به سائين جن جي مائٽن چپ چاپ ۾ سائين جن
جي منظوريءَ ڪانسواءِ ڪري ڇڏي هئي ۽ سائين جن
جي مرضي نه هوندي به حالتون اهڙيون بڻجي آيون جو
سائين جن کي اهو پرارٻڌ جو سمبنڌ قبول ڪري وهانو
ڪرڻو پيو.

سائين جن جو اهوئي اصول هوندو هو ۽ هميشه به
سمدن سکيا آهي ته اڳي ۾ گيان پوءِ جهان. عام لوڪ
وري اُبتو حساب ڪندا آهن. اڳي ۾ گهرندا آهن
گرهست آشرم ۾ ۽ لڳي ويندا آهن دنيوي وهنوار ۾

ڪرڻ قبول ڪن. سائين جن ۾ ايشور جي اهڙي اڇا ڏسي ڪٽي هانو ڪٽي. پوء جلد ئي سندن ٻيو وهانو سيٺ ٺهلرام ماڪيجا جي ڪنيا مٺا ٻائي سان ٿيو. اها ماتا ۽ واه جو سهيل، گڻوان، پتورتا ۽ پريم جو اوتار هئي. اهو وهانو سنه ١٩٢١ع ۾ ٿيو.

سائين پرمانند جن هي جيوت جو پارمت ۾ اوش ڀاوي جو ڀوڳ سمجهي سهج ڀاو سان ڪنول جي گل جيان نرليپ ٿي نباهڻ لڳا. وهنوار ڏنڌي جي چنتا نه هين ڪالا. ايشور جو سيڪي ڏنل هون، سو پرمارٿ ۾ ڏيهون پوء وڌو سندن ليج وڌندو.

گيتا ۾ به اُرجن کي ڀڳوان چيو آهي ته "هي اُرجن! جنهن اَڳين جنم ۾ اَڀياس ساڌن ڪيو آهي پر اَڃا آتم ساکياتڪار نه ٿيو اَٿس ۽ وچ ۾ ئي شرير ڇڏيو اَٿائين ته اُن کي ٻيو جنم ڪنهن ڌرماتما ۽ ڏنوان گرهستيء جي گهر ملندو آهي. پوء اُتي ڪنهن گيانوان گروء جي ڪرپا سان آتم ساکياتڪار ڪري ڪرتارٿ ٿيندو آهي يعني پرمارٿ ڀاسي ڪنيل هڪ قدم به منش جو اَجايو نه ويندو آهي."

"ڪرين ڪوه ڪِني، دعوئا درد وَندن سان؛
جن کي لِک الِڪ جي، پورن پرک ڏني؛
اُهي پرتا رهن پاڻ ۾، ڇڪان سپ ڇني؛
تن کان بيکه پني، سامي ڇئي وَٿ سار جي."

پر اَسان جا سائين جن تہ سڀ منزلون ڦاڳي انهيءَ
اوستا ۾ پهتا هئا جتي گرهست جيون کي بہ زندگي جو
هڪ پارٽ سمجهي، ٻيا ڪنهن موه ممتا جي پورو
ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هئا، پر قدرت جا ڪارناما ني
عجيب آهن. ٻارهن مهينن جي اَندر سندن ان ڌرمپتني
وڃي پرلوڪ واسو ڪيو. انهيءَ ماتا جي ڇا تہ سندرتا
جي ڳالهہ ڪجي! ڇا وري سدگڻن جي کاڻ ۽ نمرتا ۽
نهٺائيءَ جي موهيندڙ مورت هئي! سائين جن ڪيترو ب
ڪٿي ڏير سان گهر ايندا هئا ۽ سائن اَپياس ۾ مڳن هوندا
هئا، تڏهن بہ مجال جو ڪڏهن سندس منهن ۾ ڪو
گهنج پوي! سدائين سيوا لاءِ تيار ۽ منهن ۾ موهڻي مشڪ
آهڙي تہ سائينءَ جي سيوا ڪندي هئي، جو هن ٻوڪي
پوش کي بہ هن لاءِ سنيهہ پيدا ٿيڻ لڳو، پر ايشور جي
گت نياري آهي. ڇالاءِ ۾ ٿوري سور پوڻ جو بهان
ٺهي آيو ۽ ڪيترن بہ ڦڪين فرق نہ ڪيو! انهي
پتورتا ناريءَ، جنهن اُجا جهان ۾ ڪجهہ ڏٺو ئي ڪون
هو، تنهن وڃي پرماتما جي چرنن ۾ واسو ڪيو. مکڙي
ڦٽي گل ٿيڻ کان اڳي ۾ ئي ڪومائجي ويئي! سيٺ
سنبنڌين ۾ مايوسي ڇائجي ويئي. ٻيئي پيـمر ڏاڍ
چنتاتر ٿيون تہ مس مس ڌروازو کليو هو، سو بہ جلد ئي
بند ٿي ويو. پوءِ تہ سيٺيئي پيمر ۽ ٻيا سنبنڌي وا
ڏينهن سائين جن کي عرض ڪندا هئا تہ جيئن ٻي شاد

"جي پسڻ چاهين پرين جو،
رکه ويرڳ رکيا ڏانهن رخ؛
جڻا ڏيکي جڳ کي،
اندريون روڪڻ سکه؛
ڀوڳه واسنائون گرهست جون،
پانئج تن کي وکه؛
پرمانند پرکه، ته سکه سان ساگر پار ٽپين."

لوڪن جي نندا اُستت جي پرواه نه ڪري سائين جن پنهنجن پيرن کي آٿت ڏيئي، ڌرمپتنيءَ کي ست اُپديش جي راهه سمجهائي، ڪرمچند برهمچاريءَ کي ساڻ وٺي هردوار ڏانهن روانا ٿيا. سنڪلپ ته اُتر ڪاشي پاسي وڃڻ جو هين پر هردوار ڪنکل ۾ سوامي شامانند ڀارتي جو ايڪانت ۾ نئون آستان ٿيو هو، اُنهن جي گهڻي آگره ڪرڻ تي اُنهن وٽ هڪ نويڪلي ڪٽيا ۾ رهيا، جتي سڀ ڪا سهوُليت ميسر هئي. ٻي هر ڪا شيوا رسوئي پاٺيءَ سميت ڪرمچند پريم سان ڪندو هو. سائين جن اُن ڪٽيا ۾ پنهنجو ساڌن اَڀياس جاري رکيو.

انهيءَ سمي سوامي شامانند جن وٽ هڪ ڀوهومل رسوئي ڪندو هو. هڪ دفعي سوامي جن شڪارپور سائين جن وٽ باغيچي ۾ آيا هئا جتي باغ ۾ ٻيو ڀوهومل شيوا ڪندو هو. سوامي شامانند جن فرمايو ته اسان وٽ

ٻارهن ورهين جي جاکوڙ

”گياني رهندا گيان ۾، ايندا نه ڏيهه ايمان ۾.
هي ڪرم جي ڪايا ڇڏي، دل سندي دعوا ڇڏي؛
مان تون جي مايا ڇڏي، هوندا حقيقي شان ۾.“

پيارا پاٺڪو! سائين جن ڪراچيءَ ۾ شري سمرٿ ڏيو جن جي وڃڻ ڪانپوءِ سنڪلپ ڪيو هو ته اسان پورا ١٢ سال خوب اڀياس ڪنداسين. سو هي گرهست جو پارٽ هڪ آزمائش جو موقعو انهن سپيرين جي سوغات ۽ امتحان جو نياپو سمجهائون تنهنڪري وهانءَ ڪانپوءِ هڪدم ايڪانت واس وٺڻ لاءِ هردوار وڃڻ جي تياري ڪيائون. پنهنجي عزيزن کي چيائون ته اسان وهانءُ ڪري توهانجو سنڪلپ پورو ڪيو. هاڻي توهان اسان کي پنهنجي ايڪانت واس جو سنڪلپ پورو ڪرڻ ڏيو. سندن ڏمپتيءَ اهڙي ته پتورتا هئي جو انهن ذرو به منهن نه گهنجايو. ٻر ڪي زماني جا ماڻهو چوڻ لڳا ته جي من ۾ اهڙو سنڪلپ هين ته پوءِ شادي ورئي ڇا لاءِ ڪيائون! ڇو نه ڪي لوڪ گرهست آشرم کي يوگ آشرم پيا سمجهن. ڇڻ ته ڪين وهانءَ ڪانپوءِ وشيه آسڪت ٿيڻ جي ڇوٽي ملي ٿي وڃي. تڏهن چيل آهي:

انوقت سائين جن جي پوشاڪ فقط هڪ ڳڀو چولو ۽ هيٺان ٿلهي ڌوتي هوندي هئي. هٿ ۾ ڪرمنڊل ڪٽيندا هئا ۽ پنهنجي مستيءَ ۾ مست رهندا هئا.

جن کي پلا هڪ دفع امرت جو چسڪو لڳو، سي ڪيئن ٿا هن جهان جي الوڻي ڦڪي ۽ اڻ هوندي اندرين جي ڪڻ پڱر سکن ۽ سوادن ۾ ڦاسن! هنن لاءِ اگم ديس جا سڀ دروازا کليل آهن. نُورن جو نُور، عجب ڌنون گهنگهور گگن جون، آتمڪ گنگا جي آنند جون نرمل ڌارائون ۽ پريم جو اٿاهه ساگر جنهن ۾ عشق جون اڻميون ڇوليون هروقت پيون لڳن، سي سڀئي سندن اندر ۾ آهن. پوءِ هيڏانهن نگاهه به ڪن ڇو! پاڻ به چيو اٿن:


"پهتاسي پرپات کي، جتي سانوڻ سير وهي؛
گل ڦل چوندي گيان جا، غئب ۾ غوطو ڏي؛
اندر لالون لال ٿي، اندر چنڊ چڙهي؛
اندر آب حيات ٿي، اندر ٿاهه ٿهي؛
هن آنند جي پنڌار ۾، ڪو گونگي ٽٻي ڏي!"

ڪنکل هردوار ۾ ڪجھ سمو رهڻ ڪانپوءِ سائين جن سرڳ آشرم ڏانهن پڌارجي ويا. اُتي سوامي آتم پرڪاش نالي سنڌي وڏي اپراڌيءَ ۾ زمين وٺي ڪيترين نديون نديون ڪٽيائون ٺهرائي رهيو هو. اهي ڪٽيائون

۽ ٻهو ۽ اوهان وٽ ۽ ٻهو. ٻئي ٽي ڀيرا "ڪهو". پوءِ ڪنهن زماني ۾ سوامي شامانند جن وارو ٻهومل ايشور جي ڪرپا سان سنڌ جو مشهور ڪوي ٻهلاج راءِ ٿيو ۽ سائين جن جو ٻهومل ۾ ڪجھ وقت ۾ تمام چڱيءَ طرح شيوا ۽ پريم جي رنگ ۾ رنگجي ويو.

سائين جن سڄو وقت ڪنڪل ۾ انهي ڪٽيا ۾ ئي رهندا هئا. فقط شام جو ٿورو وقت جوالاپور واري پل ڏانهن پنڌ ڪرڻ ويندا هئا. هڪ دفع هڪ ساڌو جمنانند نالي سنگ ڪندي گڏين، جنهن رستي ۾ چيو ته ڏسو ته هن پل جي ويجهو ڪهڙي نه سٺي ۽ تازي برهم ٻوٽي بيٺي آهي! اها ٻئي هلون. سو اها ٻوٽي، جا ڏاڍي فائديمند آهي، ٻئي ڪٽي آيا. پوءِ ته چاليهه ڏينهن سانده سوامي جمنانند صبوح جو سج اُڀرڻ کان چڱو اڳ سائين جن وٽ ايندو هو ۽ جلدئي ڏنڊي ڪونڊي ۾ اها ٻوٽي گهوٽي ٿوري لوڻ جي مصري وجهي سج اُڀرڻ کان اڳ ليراني سائين جن کي پيئاري ۽ پاڻ به پيئي هليو ويندو هو. انهي برهم ٻوٽي جي پيئڻ جي اهائي وڏي آهي.

سائين جن ڪڏهن هردوار فقط ڪنهن پرو جي موقع تي سنان لاءِ ويندا هئا، نه ته سڄو وقت انهي آستان تي گذاريندا هئا، جتي عام لوڪن سان ڏٺ وٺ نه ٿئي.



گپت یوگ آسن

٥٠-١٠٠ گز ھڪ ٻئي کان پري سلسليوار ٿنڀيل ھيون. اُھي ايترييون ننڍيون ھيون جو اُن ۾ فقط ساڌن اَڀياس ڪري سگھجي ۽ رات جو سمھي سگھجي. ھرڪو رھندڙ ساڌو روٽي نہ ڪيترو مان وٺي اچي کائيندو ھو.

سائين جن اُنھن مان ھڪ ڪُٽيا ۾ اَچي رھيا. سائين جن کي ھڪ وڏي يوگي سوامي سچدانند سان ملڻ جو سنڪلپ ھو. اُھو اَھڙو نہ يوگي پرش ھو جو پنھنجي ٽارونءَ ۾ ھڪ عجيب قسم جي مٽي رکندو ھو ۽ جڏھن چاھي ٽڏھن شرڌالو پريمين کي مٿان ٽارون مان ڪيڏي درشن ڪرائيندو ھو؛ وري ساڳئي ٽارونءَ ۾ مٽي چاڙھي ڇڏيندو ھو. اُنھي کي شري سمرت ديو جن جو بہ درشن ٿيو ھو.

ھڪ ڏينھن سرڳہ آشرم ۾ مھنت سوامي آتم پرڪاش وٽ اُنھن جي وڏي ڪُٽيا ۾ موڪلائڻ ويا. اُنھن عرض ڪيو تہ مون کي اُنھي پنھنجي درليڀ گجھي يوگ جو طريقو سمجھايو. سائين جن چيس تہ اَسان اَڃا پاڻ پنڌ ۾ آھيون، پوءِ توھان کي ڪيئن سمجھايون! آخر مھنت چيو تہ ڀلا اُنجي ڪرڻ جو آسڻ ئي ڏيکاريو. پوءِ تہ ھن ھڪ ٿلھو ڪمبل وڇايو، جنھن تي سائين جن اُھو آسڻ ھڪ دفع ڪري ڏيکاريس تہ ھو چڪت ٿي ڇوڙڻ لڳو تہ ھڪ دفع ٻيھر ڏيکاريو. پوءِ تہ ٻيھر ڏيکاري سائين جن اُتان روانا ٿيا. رشي ڪيش ۾ سوامي

ڇداننڊ جو پتو پئي. هو ڏروُنا اروُنا جهڙڪي برنداٻن
ـي ويجهو ٻه ڳوٺ آهن، اُتي پنڊت دلسکنات ۽
ـنڊت گوڊي ناٿ وارن وٽ ڪڏهن اَچي
ڪرندا هئا. پوءِ ته سائين جن رشي ڪيش کان انهي
ۀ برنداٻن روانا ٿيا، جتان ورِي پنڊل ٻن جهاڳيندا آخر
ھرپائين ڏرونا ۾ پهتا جتي هڪ پرماڻي پرش مليو.
ـهيءَ چين ته اُهـي پنڊت دلسکنات ۽ گـوڊي ناٿ
روُنا ڳـوٺ ۾ رهندا آهن. وڌيڪ پڇيائين تـه اوهان
وڏانهن ڇوُ ٿا وڃو؟ هو ته خالي ٻاهر ساڌو ٺٻا آهن ۽
ولن ڀالن ويساهي لوڪن کي ٺـڳي هٿ اَچي آرام ولندا
هن. اِنهي تي سائين جن سوچيو ته جتـي هيترا ڪشالا
ڪري پهتا آهيون ته پوءِ اُتان اروُنا مان به معلوم ڪري
ڇون، ڇو ته سائين جن يوگي سچداننڊ کان پوچ سمرت
ـيو جن جي مهما جي ٻاري ۾ پڌڻ الاهِ ٿڪتا هئا. پر
ڌهن سائين جن ۽ ڪرمچند اروُنا ڳوٺ ۾ پهتا ته ڪي
ـاڻهو پڇڻ لڳا ته توهان ڪي به دلسکنات وارن مان ڪو
ـ وڪو پهتو آهي ڇا؟ هت ته هو گهڻو ٻارِي آهن. هتان
ساڌو ٻڌجي ٻاهر سانـگ رچيندا آهن. بس ۾ آسڻ جي
هينان ڪاٺ و پيتو ۽ مٺايون ڪٺي ۾ ڀري رکندا آهن. ٻاهرون
آهڙي ڏيکاري ڏيندا آهن جو ڄڻ ته ڪي پوَن آهارِي
آهن. ساڻن هڪ به چاڙتـا گڏ هوندا اُتـن جي شهـر ۾
ـجي اُنهن جو پرچار ڪندا آهـن ته توهان جهڙڪي به

اُنهيءَ جڳهه جي ٻاهران هڪ وڏو ٿلهو ٺهيل هو جتي سڌن ڪيترن ئي ڪيترئون ڪير وارئون ڳائيون ۽ ٻڪريون هيون، اُتي وڃي ويهندا. پوءِ ته دلسڪنات ٻ، سائين جن جي ڏاڍي آجيان ڪئي ۽ کير به کڻي آيا.

سائين جن اُنهن کان ٻوڪي سچدانند جي ٻاري ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي جن چيو ته اُهي سوامي جن هڪ دفعي هت آيا هئا پر جلد ئي هتان هليا ويا هئا، سو هينئر اسان کي ڪو پتو ڪونهي. هو ڪرامت جا ڏاڍي هئا. اُن کان پوءِ سائين جن جلد اُتان هلڻ لڳا پر هو کير پياري کانسواءِ ڇڏن ئي ڪو نه پيا. ڪرمچند نه کير پيئي وٺو پر سائين جن کي به کير پيئارڻ کانسواءِ نه پيا ڇڏين. آخر ڪرمچند سائين جن کي چيو ته سائين کير پيئو، پوءِ برندابن ۾ هلي ڳائين کي ڳاهه کڻي ڏجو. پوءِ سائين جن کير پي اُتان روانا ٿيا ۽ برندابن اچي ڳائين کي ڳاهه ڏنائون.

لڏهن چيل آهي :—

"ڪٿي روئي سيڪا، تون رئي روئين ڇو،
ٻهتي آهيان پر ڪي، متان ڪنڌ نه پئي ڪو."

ٻهار گذري اونهارو آيو. اونهاري ڪانپوءِ ميگهه ملهار جي موسم ۽ تنهن ڪانپوءِ سرءُ شروع ٿي پوءِ سيارو آيو.

گهرندا سو اوهان کي مهاپرش وٽان ملندو. هو هدن کان اڳيئي سڀ احوال وٺي ڇڏيندا آهن، پوءِ پولن پالن ماڻهن کي ولي اچي انهي پيوت لڳل ساڌوءَ وٽ پرارٿنائون ڪندا آهن ته سائين هنجي آشا پوري ڪريو؛ اگرين جي اشارن سان سڀ هن ڀروپي ساڌوءَ کي ٻڌائي ڇڏيندا آهن. هڪ آڱر ڪڍندا آهن ته اهو ڀروپي چئي ڏيندو آهي ته هن کي پٽ جي چاهه آهي، پر ڏاڍي مشڪل ڳالهه آهي. پوءِ ته هوُ ويساهي ماڻهو سمجهندو آهي ته هي ڪو پهتل مهاپرش آهي، جنهن ڪري هو ڏاڍي نيزاري ڪندو پر ڀروپي چوندو ته "جاءُ، جاءُ مشڪل بات هئي." هو ڏانهن وري چاڙتا انهن ماڻهن کي چوندا آهن ته جيڪي پيٽ ڪرڻو آئيي ته هي موقعو آئيي. اهي روپيه ته انهن ماڻهن کان اڳيئي ڪڍائي ايندا هئا. پوءِ اهي سڀ پيسا انهي ڀروپي اڳيان پيٽ رکائيندا هئن. هو چوندو رهندو "نهين، نهين". پوءِ ته اهي چاڙتا انهن ماڻهن سميت پاڻ به لڪڙو هليا ويندا آهن ۽ انهن ماڻهن کي چوندا آهن ته جلد هلو متان 'مهاپرش' پيٽ ڪيل پيسا موٽائي نه ڇڏي ڪن!

لائين جڏهن گهڻو ڏن گڏ ٿيندو اُتن لڏهن هٽ ڳوٺ ۾ اچي آرام وٺندا آهن. ڳوٺ ننڍو هو، سڀني کي سڌ پئجي ويئي ته هي ڪهڙا نه ماڻهو آهن. پنڊت گودي ناٿ به پريان ڏٺو پئي ته هي ڪير آهن! پوءِ ته آخر سائين جن

ڪرڻ لڪري ويندا هئا. سياري جو ته ٣-۴ بجي ڏينهن جو ئي اوڏانهن هليا ويندا هئا. انهي بعد جي ٻر ۾ ڪٽڪ ۽ ڇڻن جون ٻوڪون هونديون هيون. اُنهن جا ڪڙمي ته سائين جن تي عاشق هوندا هئا. جڏهن به سائين جن اُتان لنگهندا هئا تڏهن هرڪو هاري هٿ ٻڌي عرض ڪندو هو ته ”فقير سائين اسان جي ٻنيءَ ۾ وهو ته برڪت پوندي!“ سڀ سان پيا واجهائيندا هئا ته اَڄ ڪنهن کي ٿا نوازين!

اُنهن ٻارهن سالن ۾ سائين جن جو پرتاپ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو.

”پرڳٽ ڪري پاتال ۾ پرگهٽ هوءِ آڪاس،
رجب لڪينو لوڪ ۾ ڇپي نه هرڪا داس.“


ڪيترائي عام لوڪن کان پاڻ لڪايائون ۽ ڪنهن کي اَڇڻ نه ڏنائون، اَڪيلا پنڌ پٽيائون، جوڳ ڪمايائون. تنهن هوندي به سچ ڪو نه لڪي ڪو نه لڪيو! مالڪ جنهن ڪم لاءِ پرٿوي منڊل تي موڪليو هون، اُن جي پورتيءَ لاءِ گوشه نشيني آخر ختم ٿي ٿيڻي هئي.

انهي عرصي اندر ڪيترن سائين جن جو سنگ صوفين سان ٿيو ۽ ڪيترن سنتسنگين جو آهستي اچڻ شروع ٿيو ۽ شڪارپور ۾ انهي باغيچي سان لاڳيتو آشرم ٺهيو،

سائين جن بہ برندابن کان واپس شڪارپور آيا جتي ١٢ سال گيان يوگ جي ڪيل نشچي جو باقي بچيل عرصو گذاريائون.

گرھست جي پارمت پوري ڪرڻ لاء ليتي مريادا انوسار ٿورو ٽائيم ڏيندا ھئا. باقي نہ نہ پرالھ ڪال جو اٿي اھوئي پوري ٥ بجي گھر کان نڪري سڌو باغ ۾ ويندا ھئا ۽ وري منجھند جو ھڪ بجي گھر اچي پوڄن ورتائيندا ھئا. بہ ٽي ڪلاڪ وھنوار جي ضروري ڪمن کي ڏيئي پوء وري شام جو باغيچي ۾ پھچي ويندا ھئا. اٽي ساڌن اڀياس جو سواد وٺي نائين بجي رات جو نئني مل باغائيءَ سان گڏ گھر موٽندا ھئا. نئنومل وڏن کان وٺي سائين جن جو جھولو باغائي ھوندو ھو. چاليھن سالن کان باغ ۾ انب وھاري، وڏا ڪندو ھو، جنھن مان ٻاڻ ڪي بہ وڏو لاڀ پھتو ھوس. سائين جن نئني مل سان گڏ ڪچي رستي کان ايندا ھئا. جنھنڪري باغائي ھر روز ھڪ نئين سوٽي سائين جن لاء سرنھہ جي وڻ جي ٽاري پٽي تاھيندو ھو. سائين جن سوٽي ڪٽڻ اٽان شروع ڪئي. پوء ھوپفل انڪيڊمي سڪول وٽ روشنيءَ واري رستي تي پھچي اھا سوٽي اٽي ٺي ڦٽي ڪندا ھئا ۽ گھر پھچي ويندا ھئا.

باغ کان ٻاھر بيگاري واہ جي بند سان سائين جن سٿر



سائين جن يــوا اوسثا ۾

اِهو سڀ هن ڪان اَلڳ بيان هيٺ ڪيل آهي. هت فقط ايترو لکڻو آهي ته سائين جن جي يوڳ ورت جا ٻارهن سال ١٩٢٧ع ۾ سماپت ٿيا. اُهو سمورو وقت رشي ڪيش ۽ برندابن کان واپس اچي شڪارپور ۾ ئي رهيا ۽ ڪيڏانهن ٻه ٻاهر ڪونه نڪتا. اُنهن ٻارهن سالن جي لمبي عرصي جي سماپتي کانپوءِ چاليهه ڏينهن سانده سوکيم آهار لئي مؤن ۾ رهيا. فقط ٿورو کير ۽ ڦل سندن ڪنيا جي ٻاهران رکيو ويندو هو. رات جو به آشرم ۾ اُنهي ڪنيا ۾ رهندا هئا. اُها ڪنيا آشرم ۾ مٿي ٺهيل هوندي هئي. ڪنهن کي به ڪنيا جي اَندر اچڻ جي اجازت ڪانه هئي. اُنهي سمي ۾ ڀائي ٽيڪچند ۽ ڀائي لکميچند (جنهنکي پوءِ بابا لکميچند چوندا هئا) ٻنهي سائين جن جي خوب سيوا ڪئي. سائين جن جڏهن ڇنين ٻجي پرڀات جو سنان پاڻي لاءِ ڪنيا کان هيٺ لهندا هئا تڏهن ٻئي پريمي هميشه تيار بيٺا هوندا هئا. پوءِ ٻئي ڪنيا جي صفائي وغيره ڪري، جيڪي ڪجهه کاڌي لاءِ رکڻو هجين سو رکي، وري وڃي آشرم ۾ هيٺ شانتي ۾ رهندا هئا.

سائين جن اُنهي سمي ۾ نروڪلپ سماڌي ۾ لولين رهڻ لڳا. اُنهي اَصلي گيان جي پورن اَوستا ۾ رهندا هئا جنهن لاءِ سانير ۾ اچڻ کان وٺي جهد ڪرڻ شروع

کرو هنائون ۽ جنهنجي بورلنا لاءِ شري سورت ڏنو جن کان وچڙڻ مهل ٿر ورلو هنائون.

"جيڪي عام کون پاسي ٿا اورين،
اُهي سواس سوڙيون ٿا سورين. ٽيڪ

١- ٽن سريرن کان ٽپي،
ويا خيال پيائيءَ جا کپي؛
جاپ اَجاپي جا جپي،
اُهي ٽور ٽريا جي ٽرن؛

٢- يادگيرين جون فريادون،
مان ٽون جون ميٽي اپاڌيون؛
مؤج جون ماڻي سماڌيون،
اُهي ذات صفاتيءَ ٽي جڙن.

٣- چاهه ڇڏي هن لوڪ جي،
راهه ڇڏي پرلوڪ جي؛
لات لٽون لئه لوڪ جي،
اُهي راز روحاني ٽي رهن.

٤- پـاڻ پرمانند سڀاڻو،
لـکش رکي الـکش کي جاڻو؛
ملڻ وچڙڻ جو ناڻو،
اُهي ساکي ڏان سپ ٿا گهورن."

اُن ۾ وحدانيت ۽ ايڪتائي ئي ايڪتائي آهي-

”هيڪل هڪ مان آيا،
ڪنهنکي ڇڏي ٻڌايان، حال هلايان.“

اُنهن کي سڄو جڳ سپنو ۽ سنڪلپ ماتر ٿو نظر اچي، جو ٻار ٻه جاڳڻ کانپوءِ ڪجھ اثر نٿو ڪري. هي سڄو سنسار پرڀوءَ جو ئي کيل ٿا سمجهن ۽ ٻار کي وڏرامت روپ ڄاڻي چون ٿا:

”آڪاس جي ٽوپي، پربت جي سوٽي؛
چيٽن سان وڃي، لڳي آهه ڇوٽي؛
هاڻي گهر گهر کير گهمايان، حال هلايان.“

سڀ ٻه ٻارڻ ئي ٻار ٿا ڏسن ۽ اُزخود جيڪي انهن وٽ سندن مک مان نڪرن ٿا سو 'الهام' ٿيو پوي.

”لوڻ جي بيت پڻ ائين، سي آيتون آهن.“

❀ ❀ ❀

”يي ڏر کي ٻاڙي آئي، جن سڳلي چنت مٽائي.“

هي سڄو پسارو ٻارڻ مان ڪلپت ٿيل سمجهي چون ٿا ته:

اُنهي اوستا ۾ اللهہ لوڪ ڀاڳ ڪي لت مڪت، ڀيد رهت، آڪاش وَت، پرپورڻ اَڻيو ڪندا آهن. پنجن ڪوشن جي پراڇن اوستا کان پري بيحد سمتا ڀاوَ ۾، هماليہ پربت وانگر اَڏول، نام ۽ روپ کان نيارا، ٽنهي گڻن ستي، رجي ۽ تمي کان دور، برهم سروپ ٿي وڃن ٿا. اُنهي اوستا جو ڪٿن نہ زبان يا قلم لاءِ بيان ڪرڻ ناشدني آهي.

"اُٿي عاشق ويا ٿي اجهل،
جنهنجي ڪنهنکي ناهي ڪل."

هي نہ بي رنگيءَ جو بيان آهي، ڪير ڪٿي سگهندو! ڀاڳ چيو اٿن:

"نج گيان ۽ جهان، ڀڳوان اِهو آهہ؛
ڀڳوان اِهو آهہ، فرمان اِهو آهہ."

❀ ❀ ❀

"وڃن ٽار ٽن هزار، ٻوليون ٻولن ٻاهران،
نظر نظر ۾ نوُران، نگهبان اِهو آهہ."

وري چون ٿا:

"ڏنو دل مان ديدار، ڀاڳو ڀاڳ مان اِسرار،
پل پل پرين ڏيو نروار، درشن دائما هوجي!"

جيون کي سچي ڪرم، ڌرم ۽ آنند جي روشني ملي ۽ سندن ڪلياڻ ٿئي. هتان ٻرتوي منڊل ٿان جڏهن پڪار سائين در پهچندي آهي تڏهن مهر جا مينهن وسائڻ لاءِ اهڙا پورن گيان يوگي پرش پڌار ٿا آهن.

"ٻاٻيها انبرت ويلي ٻوليئا، تان در سڻي پڪار،
مينگهئي نون فرمان هوئا، ورسهه ڪرپا ڌار،
هئه تن کي ٻلهارڻي، جني سچ رکئا اُر ڌار،
نانڪ نامي سڀ هريالي، گور کي شبد ويچار."
(ملار سلوڪ محلا ٣)



١- ”ٻاڻ منجهارون ٻاڻ ٿيو.
ذڪر فڪر سڀ ڇڏي ڏناسي،
لڌو ته سچيءَ سان لال لڌيو. ٻاڻ منجهارون.

٢- ٻاڻ ئي ٻهتل، ٻاڻ ئي ٻهتل،
ٻاڻ ئي ٻتي ٻاڻ ئي ڏيٺو. ٻاڻ منجهارون.

٣- ٻاڻ ئي اصلي، ٻاڻ ئي نقلي،
ٻاڻ مري، ٻاڻ جيئو. ٻاڻ منجهارون.

٤- ٻاڻ ئي ڳولهو، ٻاڻ ئي ڍولو،
ٻاڻ ٻالائين، ٻاڻ ليٺو. ٻاڻ منجهارون.

٥- ٻاڻ ئي جوڳي، ٻاڻ ئي ڀوڳي،
ٻاڻ ڪرم ۽ ٻاڻ ڪيٺو. ٻاڻ منجهارون.

٦- ٻاڻ ئي پياسو، ٻاڻ ئي خاصو،
ٻاڻ ئي پرمانند پيٺو. ٻاڻ منجهارون“

ٻارهن سالن جو اهو ڪٺن مها ورت نروگهن ۽ سڦلتا سان پورو ٿيو. انهي وچ ۾ سائين جن جي ساراه اليس ڦهلجڻ لڳي جنن سورن جون ڪرڻائون ساري سنسار لي چانڻجي ويندڙون آهن. پرماتما ڪرپا ڪري ڀارت ورش لاءِ هڪ نئون سورج ابهاريو ته جنن ڀلبل پتڪيل

قدم بوسي ڪري ڪين عرض ڪيائون ته فقير سائين اَڄ ته اوهان ڪا قلندري رهاڻ ٻڌايو! سائين جن به گهڻي زور ڀرڻ تي ڪين اَشٽاوڪر گيتا جو اَرٿ ٻڌائي مست ڪري ڇڏيو.

پوءِ ته اهو نيم ٿي ويو. هر ڇنڇر رات جو صوفين جي اوطاق ۾ جاڳرڻ ٿيندو هو. جتان وري آرتوار جو وڏي اُسر سائين جن سان ساڳئي ڪچي سڙڪ تان سمورو ٽولو ڪنارن تي ڳائيندو اچي باغ ۾ پهچندو هئو. پوءِ هرڪو پنهنجي ٽوليءَ ۾ جدا جدا ويهي رهندو هو. ٻن پهرن جو شنان پاڻيءَ کان پوءِ هرڪو پنهنجي پنهنجي گهران آندل روٽيءَ جي ڳنڍ کوليندو هو. روٽي هر ڪنهنکي پاڻ سان ٻڌل هوندي هئي. ڪنهنجي ٻاجهري جي ماني ته ڪنهن جو جوئر جو ڍوڍو هوندو هو. پاروٿي ۽ سڪل يا نرم جي ته ڪنهنکي پرواهه هوندي ئي ڪانه هئي. پاڻ مارڻ جو ته ڪو سيڪ انجام ڪري آيا هئا. اها روٽي سنگت ۾ هرڪو گڏي سڏي کائيندو هو. جنهن بعد روح رهاڻ شروع ٿيندي هئي. اها رهاڻ به اصل ڇوٽ جي ٿيندي هئي. ڪي صوفي ته اها ولي مٿئين خيال تي اُڏاري ڏيندا هئا جتي نام ۽ روپ جي جاءِ ئي ڪانه هئي! پر جڏهن سائين جن سنگت کي ويدانت جي مکيه شاسترن جو سار ٻڌائيندا هئا ته سڀني جي واتان ازخود نڪرندو هو 'سبحان الله!' ۽ اها

صوفين جو سماگم

"آهي اڊوڏن جي، اصلي هيءَ رهاڻ؛
ڪشي ٽير ڪمان ۾، طرف طمع جي ٽاڻ؛
نانت کان نرٻاڻ ٿي، پنهنجو پاڻ سڃاڻ؛
جتي جانب ڪانسواءِ، ٻي ڪنهن جي ناهي ڪاڻ؛
پرمانند پيو ماڻ، موجان ماڻن جهڙيون."

ٻڌو ٻالڪو! جئن اڳ پڙهي آيا آهيو، سائين جن رات جو باغ مان ڪچيءَ سڙڪ کان ٻکي سٽيشن واري سڙڪ تي پهچي سڌو گهر ڏانهن راهي ٿيندا هئا. هڪ ڏينهن صوفي ناراڻداس چوڻ لڳو ته ٻيڻ واري ٿلاءَ کان ويجهو هڪ ٽپدارن ۽ مسڪينن جي اوطاق آهي، جتان هائي دڙ جو رستو ويجهو آهي. انهن مان گهڻا صوفي آهن. ڪنهن ڏينهن اُن طرف ڏانهن به ته پيرا گهمايو! ٻڌو ته ناراڻداس جو ٻڌڻ سائين جن کي انهن صوفين جي اوطاق ۾ وٺي ويو. جتي ڇا ڏسن ته هر چنڊر رات جو ٻڪتارن ۽ دلن تي رلدي ڪلام چئي سڄي رات جاڳرتو پيا ڪن.

سائين جن جي سڳنڌ ته هر ڪنهن هنڌ اڳ ۾ ئي ڦهلجي چڪي هئي. انهن صوفين لاءِ ته اهو مبارڪ موقع هو جو سائين جن وٽن پاڻ لنگهي آيا هئا. اُها جاءِ ته پيا لهن جتي سائين جن کي ڪٽي وهاريسن! سائين جن جي

٢- درد دنيا جي کون ٿي آجو،
کولـيـائون خاص خزانو پنهنجو؛
کين نہ ٻي کا ڪاڻ،
اُهي مڪتيون موجان ماڻن ٿا.
٣- غيب جي اندر غوطو ماري،
چت چنچل کي چيتن لئي چاڙهي؛
عجب ڏسي اِسرار،
اهي لئن جي لپٽ پجهائن ٿا.
٤- اوڏولن جي ڳالهہ عجب آهہ،
سمجهو اِهو صاف سبب آهہ؛
پاڙون پٽن ٿا پاڻ،
اُهي ٺاڪر ٺاهي وهارن ٿا.
٥- پرمانند پڻ پيش اُنهن جي،
قلب جي ڪنجي هٿ جنهنجي؛
سهي ڪري سڪ ساڻ،
اهي مهر جا مينهن وسائين ٿا."

اِهو اليوي ڪلام ٻڌي، سڀني جي منهن مان 'واه واه' ۽ 'حق موجود' جا آواز ازخود نڪرڻ لڳا.
سورت ۽ ڪوهياري مان آلاپ، راڳي راڳ مان سوز ۽ درد پريا ڏوهيڙا ۽ ڪافيون اندر ۾ برہ جون ٻهاريون پيدا ڪنديون هيون. ڪنهن فقير ڳاتو:

رهاڻ ٻڌي چوندا هئا تہ مار! اسان کي تہ اِها خبر ئي ڪانہ هئي تہ هندن ۾ بہ حق ئي ڀريو پيو آهي! سندن صدق هندو ڌرم ڏانهن بہ وڌندو ويو.

سانجهيءَ جي وقت وري اُهي ئي يڪتارا ۽ دلا نڪرندا هئا ۽ اُهائي ڪلامن جي ڌم مچي ويندي هئي. سچل، بيدل، روحل، دريا خان ۽ ٻين درويشن جي ڪافين جي پلٽ پلٽان لڳي ويندي هئي. ڳائيندا هئا:

"صوفي صافون صاف،
جيڪي خيال سان الله جپائن ٿا."

ان تي سائين جن جي مک مان ازخود نڪتو:

"ڪيا اوڏوڻن انصاف،
جيڪي رمز سان رام ريجهائن ٿا؛
رمز سان رام ريجهائن ٿا،
اهي دل ۾ درسن پائن ٿا. ٽيڪ

۱- پوٿيون پنا پڙهي پڙهائي،
سنسا شوڪ ڇڏيائون ساڙي،
سڀ ۾ ڏٺائون سار،
اهي وچ جا وهم وڃائن ٿا.

وري ڪو وارو وٺائيندو هو:

"آدم ۾ الله جي وچ ۾، هڪ ٽر جو ڦير ناهي؛
پيچ بوٽي جو ڀهانو، جيڪو خاڪ جو ڍير آهي؛
جيڪو تو ۾ ٻوليون ٿي ٻولي، سچ چئه اهو ڪير آهي."

ڪو وري وجد ۾ اچي شروع ٿي ويندو هو:

"ائين لڪيو، مان ائين لڪيو؛
پنهنجو پاڻ ڪي مان ائين لڪيو،
رکيم روزا، پڙهيم نمازان،
پر نه سڃاڻ ٽنهنجو ڳوڻ پيو،
ائين لڪيو، مان ائين لڪيو؛
پنهنجو پاڻ مان ائين لڪيو."

مطلب ته ويدانت ۽ وحدت ڳالهه ساڳي پئي هلندي هئي.

"آدم ناليو الله جو، سر ڪجان ثابت سهي؛
درد وارن ڪانسواءِ، هيءَ ڪل نه ٻي ڪنهن پئي؛
هي ڀڄارت ڀڄه سندي، ڏيندءِ لکن ۾ون ڪولهي."

سائين جن پاڻ ٻچي راس ٿيا هئا ۽ هو ڀهو عشق جا اؤتار ٿي اُڀريا. اُنهن جون ڪافيون ۽ ڪلام به اُزخود اُندران ٿي الهام ٿي نڪرڻ لڳا:

"بس بس ڪر آهي الله،
آدم ٿي هت آيو آهہ."
۽ سائين جن جي واڻان نڪتو:
"بس ڪر بس ڪر آهي ڀڳوان،
آدم ٿي هت آيو آهہ، ٽيڪ
١- جنهن ڪي ڏيو بنواس تمام،
جو دسرت گهر آيو رام،
ميٺي راڻوڻ جو ايمان،
آدم ٿي هت آيو آهہ.
٢- گهر گهر ليلا ڪئي جنهن ڪان،
ارجن کي ڏئي يڌ ۾ گيان؛
مون ڪان جدا نہ آهي ڀڳوان،
آدم ٿي هت آيو آهہ.
٣- مايا اوديا ڀيد وڃائي،
چداڀاس چداڪاش ئي آهي؛
من ڇڏي ڏي غير گمان،
آدم ٿي هت آيو آهہ؛
٤- سمرٿ ويهي سرت جاڳائي،
لاهوتي آهي لڪ لڪائي،
پرمانند پاڻ حيران،
آدم ٿي هت آيو آهہ."

هڪ هنڌ هيئن به فرمايو اٿن :

"نو ۾ آهي سو سر سارو جنهنجا نون پنڌ پڇين ٿو؛
مڙد ٿيءُ ميتج من مون، وهم بانهپ وارو؛
ڏس پنهنجو پاڻ نظارو،
ڪڍي خيال خوديءَ جو سارو؛
مرشد ڪون معنيٰ وڌي،
ڪر وحدت ٽي ڪو وارو."

وري فرمائين ٿا :

"هيءَ آهي ڳالهه پراڻي، ڪا سمجهي دل سياڻي؛
خود انسان جهان جي اندر، پرين ڪئي پڌ راڻي؛
مون نون وارو ملڪ معاملو هي سڀ ڪوڙ ڪهاڻي."

❀ ❀ ❀

"چو ٿو گهمين غمن ۾، چاهه جي چمن ۾.
قولن ۾ قول نون آن، ٿارين جو مُول نون آن؛
رس ۾ اصول نون آن، چا ڀُور ۽ پنن ۾."

هڪ سائينجن جون رنديون ڪافيون ٻيو وري سندن سوز ڀريو سريلو ۽ بلند هردي مان چيري نڪتل درد بلو آواز. ٽن کي ٻڌي اُنهي الاهي مستي جي مئه هرڪنهن جي دماغ ۾ چڙهي ويندي هئي ۽ وچ وچ ۾ سيني جي والان حق موجود ۽ "اَنَالحق" جا نعرا خود به خود نڪرندا هئا.

مسمانن جي سائينجن ۾ ايڏي شرڌا وڌندي ويئي

"گيان ۾ مان هون، ڌيان ۾ مان هون؛
هردي اندر پران ۾ مان هون.

١- داتا مان هون، منگتا مان هون؛
ديني وارا دان ۾ مان هون.
٢- چيتن مان هون چنتن مان هون؛
استر اور گهمسان ۾ مان هون.
٣- ديو ۾ مان هون، شيو ۾ مان هون؛
پوجا ڪا سامان ۾ مان هون.
٤- ساجن مان هون، شترو مان هون؛
هر صورت سڳلان ۾ مان هون.
٥- جاگرت مان هون، سپن ۾ مان هون؛
دونون ڪا درميان ۾ مان هون.
٦- آد ۾ مان هون، انت ۾ مان هون؛
دو دن ڪا مهمان ۾ مان هون.
٧- شروتا مان هون، وڪتا مان هون؛
پرمانند پرماڻ ۾ مان هون."

هيءَ ڪافيءَ ۾ ڳائيندا هئا:

"هيڪل هڪ مان آهيان ڪنهنکي چئي ٻڌايان."

٢- بي رنگيءَ ني رنگ بنايا،
بن انسان تماشي آيا؛
پائين پائين ڪري بيان،
هم ڌرو ني هم ڌيان.

٣- ڪڏهن بڻيا وڻجون وارا،
ڪڏهن لوڪان ڪنون نرالا؛
ڪڏهن پوٿي پڙهي پراڻ،
هم ڌرو ني هم ڌيان.

٤- ڪس ول ڍونڍون ڪس ول پائون،
آپ ۾ آپ هي آپ ڇپا هون؛
حيرت اندر هون حيران،
هم ڌرو ني هم ڌيان.

٥- ”پرمانند“ پڙا ميداني،
طالب پورا ترت پڇاني؛
سُولي چڙه هووي سلطان،
هم ڌرو ني هم ڌيان.“

اوم آنند

جو ڪين ڪو نيندا ئي هئا 'فقير باد شاهه'. هڪ ڳوٺ جو وڏو زميندار هوندو هو جو ٻاڻ ڪي ڪا شيءِ سمجهندو هو. اهو به سائين جن ڪان ڪن هڻندو هو. چوندو هو ته "فقير باد شاهه جو ته پاڻيءَ تي ڏيئو ٻري!" سدائين سائين جن سان اَدب ۽ نئڙت سان گڏ هو هو.

سائين جن کي ٻيا ته چڏيو پر چورن جا سردار ۽ مهندار به مٿو نوائيندا هئا. هڪ دفع جي ڳالهه آهي ته سائين جن جي باغ مان ڳانءِ ڪي چور ڪاهي ويا. چورن جو سردار اَللهه ورايو هو. اُنهي اچي سائين جن جي قدم بوسي ڪئي ۽ چيائين ته ڪو فڪر نه ڪريو. اُنهي ٻي پير کي کهڙي خمر ته ڪنهنجي ڳانءِ چورائي اٿم. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڳانءِ جنان ڪاهي ويا هئا، اُتي اُٻي ٻڌي ويا.

اِهو سڀ هو اُنهي سائينءَ جن جو پرتاب جو وٺو تي ڏينهون ڏينهن سوايو ٿيندو !

اُجالن جي اُچ لاهڻ لاءِ سائين جن جو هڪ ٻيو ٻه صوفي ڪلام هيٺ ڏجي ٿو:

" نينهن ڪنارا ميرا نام،
هم ڏرو تي هم ڏيان.
١- ڪليا خيال حقيقت وارا،
ڏونهان جهاني ٿيا اُجيالا؛
نور اندر پايا نيشان،
هم ڏرو تي هم ڏيان.

سڄي شڪارپور شهر ۽ پسگردائي ۾ اُنهي پارس جي ڪٿا جو ڏاڍو اثر ڇانئجي ويو. سائين جن جي اُٿڻي وچن جو عام لوڪن ۾ اهڙو ته پرڀاءُ پئجي ويو جو لکيدر لي پهچڻ سان هر ڪو ٽانگي وارو 'هل پارس ٽي' جا هوڪا ڏيئي سڏ ڪندو هو. سائين جن جي باغيچي ۾ جنسي ميلو لڳي ويندو هو. پر ستسنگ مهل سڀ شانت ٿي ويندا هئا.

پوءِ ته اُنهي درلڀ ستسنگ ٻڌڻ لاءِ نه فقط شڪارپور پر سکر، جيڪب آباد جهڙن شهرن ۽ خانپور، ميرپور، ميان جي ڳوٺ، چمن، ٿل، سلطان ڪوٽ ۽ ٻين آسپاس جي ڳوٺن مان سوين سڪايل هر پارس ٽي خاص سيڙجي ايندا هئا. رواجي ماڻهن ۽ جگياسن ڪانسواءِ سنت مهاتمائون به اُنهي اُپديش کي سرڻ ڪرڻ ايندا هئا. جهڙوڪ سوامي ڪرشن گر جيڪب آباد جي مشهور سورج گر جي مڙهي وارا ۽ ڀائي اَمرداس روهڙي جي سائين وسڻ رام جا فرزند ۽ ٻيا درويش قدر وارا اُنهي ستسنگ جي ٻڌڻ لاءِ تڪليف وٺي ايندا هئا. ڀائي اَمرداس جنهنجو ته سائين جن سان ڏاڍو سنيهه هوندو هو ۽ ڪيترو وقت ته هر هفته سائين جن سان گڏ راتيون اَچي جاڳرتو ڪندو هو.

منجهند جو وڏو ڀنڊارو لڳندو هو. اُن کان پوءِ پريمي ڪلاڪار ۽ ڀڄنيڪ اَچي ڀڄن ۽ صوفي ڍنگ ٽي ڪافيون ڳائيندا هئا. هوڏانهن نيڪ سائي ڀڄي، ٻجي

ڳبان گنگا جي پرواهه

"سيڪو ڪري بات، ڏاتِ ڪنهين جي ڏنِ ۾،
ٻڌي ڳالهيون ٻاهرون، لوندا وڃن لات،
پڌري ٿيندن ذات، رهڻي رخ رواج مان."

سائين جن جي سڱنڌ هاڻي آهستي ٻڌرن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ شروع ڪيو. ٻرپڻ جي پار جا پانڌي ٿورا ٿورا تي اچڻ لڳا.

پوءِ ڪن ستسنگين سائين جن کي هر گيارس تي ڪٿا ڪرڻ جي وينتي ڪئي. سائين جن وراڻيو ته جي اوهان جي هرويرو اسان کان ستسنگ ٻڌڻ جي مرضي آهي ته گيارس جي بدران ٻارس جو ڏينهن جيڪو شري سمرٿ ديو جن جي انترڌيان ٿيڻ جو ڏينهن آهي اُن تي اچي لاڀ وٺو. پوءِ ته سيني اها ڳالهه خوشيءَ سان قبول ڪئي، ۽ ته ته شڪارپور ۾ هرڪو گيارس ڏينهن ڇڏي ڪرڻ چاهيندو هو.

اهڙي طرح ۱۹۲۲ع ۾ هرڪنهن ٻارس تي شام جي وقت ساڍي ڇئين کان ساڍي ڇهين تائين ستسنگ جو پروگرام رکيو ويو. جنهن موقع تي ويدانت جو سار اُپنشدن روپ آتم پراڻ مان اپديش سرل ڀاشا ۾ درشٽانتن ۽ انمول سلوڪن سان پريل تمام ڪشش ڪندڙ نموني ۾ ڏيڻ لڳا.

"بنا آتم گيان، ممت نه مٽي من جي؛
ڪوٽي سؤ ساڌن ڪري، ڪوٽي پڙهي ويد پران؛
گيتا ۾ ڀڳوان، ارجن کي ائين چيو."

سائين جن ڪتا ڪري هڪدم اُٿي جهنگل ڏانهن هليا ويندا هئا ۽ ورڀ ڪنهن سان ڪونه ڳالهائيندا هئا ۽ سيئي پريمي نيڻ وڙهي ٻند ڪري هليا ويندا هئا.

پيارا پاٺڪو! اِها سڀ مهما اُنهي شري سمرٿ ديوجن جي هئي جو هڪ نؤجوان جنهنجي عمر اَچا ٢٤ سال هئي سو سڀ لک اِمکهي، منزلون جهاڳي، سيئي ڏاڪا لتاڙي ان اُنهه تخت تي چڙهي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ هڪ روشن مشعال ٻٽجي نڪتو.

"پارس ٻه گهڙيون جيوت جاڻ جڳت ۾؛
سمجهي ساڌ سنگت مان،
ڪٽ ڪرمن جون ڪڙيون؛
نه ته ڀولائي جون ڀريون،
ڪٽي گهمندي ڪيترو."



سائين جن اَچي سَتسنگ لاءِ پهچندا هئا. هڪ اَلپ جي وَڻ هيٺان مٽيءَ جو ٿلهو ٺهيل هوند و هو جٽي پدم آسڻ لڳائي اَچي اُپديش شروع ڪندا هئا.

ستسنگ ۾ آتم پراڻ کي اَکيان رکي پنهنجي هردي سان نڪتل اَنيٺي وچن جي وَرکا ڏاڍي اِسرَ لـا ۽ گنڀير تا سان مڌر آواز ۾ اَهڙي ڍ نگ سان ڪندا هئا جو ٻڌڻ وارن کي خبر ئي ڪانه پوندي هئي ته ڪلاڪ ڪيئن گذري ويو. پيا چاهيندا هئا ته اَجا ڪجهه وقت وڌيڪ ڇو ن ۽ سندن پياس جڻ ته ٻجهندي ئي ڪانه هئي. هدن اَهڙو نرالي قسم جو ستسنگ نج آتم گيان جي ٻاري ۾ اَهڙي ڪليل نموني ۾ شايد ڪڏهن ٻڌو ئي ڪونه هو. جي ڪٺي ٻڌو ٻه هونداٿون ته ٻه اَهڙي سرل ۽ سولي نموني ۾ سمجهاڻي ڏنل هدن جي دل ۾ گهر ڪري ويندي هئي ۽ سيني ٻڌندڙن جي دل ڇڪي وٺندي هئي. نه ته ڇا ويدانت جو گوڙهو گيان ۽ ڇا اِهتري ماڻهن جي اُلڪنا ۽ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ پيڙ!

ويدانت جو سدانت آهي سيني ٻڌڻن جي اَليمت نورلي ۽ نتيجه آتم سک جي پراپتي. گيتا جو سار جو ٻئي اَڌياءَ ۾ ڏنل آهي اُنجو ٻه اُتم اُپديش اِهو ئي آهي ته مدش جـا سـب پتن پرم ستنتر اَوستا ۾ آڻڻ واري آتـم گيان جي لاءِ ئي هئڻ گهرجن.

کي وينتي ڪيائين تہ ”سوامي جي! مهري ڪو بهت بخار چڙهہ گيا هئي.“ اُنهن فرمايو تہ ”اَڇا! اَڇا!!“ پوءِ ڀائي کانچند وَڃي هڪ وَڻ هيٺان ليٽي پيو. جڏهن ڀڻي ڏينهن صبوح ٿيو، تڏهن سوامي جن کي نمسڪار ڪري چوڻ لڳو تہ ”سوامي جي! مئن مرتا هون!“ شري سمرٿ ديو جن تنهن تي چيس:

”مرو مرو، آڪاش ۾ ٿي هو نہ!“

خير بخار تہ هڪدم ڇڏي ويس، پر شري سمرٿ ديو جن آکيا ڪيس تہ هتان هيٺ هليو وڃ؛ ڇاڪاڻ تہ هتي بدالج تہ اسان ڪو هتي آهيون. پوءِ تہ ڀائي کانچند اُتان هليو آيو.

اُن کانپوءِ جلد ئي ڪن ورڪت مهاتمائن کان سائين جن کي معلوم ٿيو تہ اُنهي ئي بن ۾ هڪ جموں جي درخت هيٺان هڪ ڊگمبر مهاتما جو پراڻ رهت سريرُ ڏٺو ويو هو جنهنکي اُنهن مهاتمائن گنگانديءَ ۾ پرواهہ ڪري ڇڏيو. سائين وڌيڪ چيو تہ اِها خبر ٻڌي اسان تہ سڀ حيران ٿي وياسي. اها خبر ملتان تائين بہ وڃي پهتي.

ملتان ۾ هڪ ڀڳت پرمانند رهندو هو. اُنهي سائين جن کي پتر لکيو جنهن ۾ پڇيائين تہ جيڪڏهن اِها ڳالهہ سچي آهي تہ شري سمرٿ ديو جن برهم لين ٿي ويا آهن تہ پوءِ اَسان کي جيڪو وچن ڏنو هئائون اُنجو ڇا ٿيندو؟ مان ڪاشي وڃان يا نہ!

ورسيءَ مها اُتسو

"ورسيءَ جو ڏينهن، پيارا! ..."

"ورسيءَ جو ويلو من ۾ پانءِ موڪي جو؛ هڪ سمرٿ جي آسيس ٿئي، ٻيو سنگرو جو ميلو؛ ڪرم جي ڪاهن ڪيئن، ڪيڏو اڪيلو؛ انت سهيلو، اُتي آنند پندار ۾."

پيارا پاٺڪو! شري سمرٿ ديو جن جي وچتر ليلا آهي. هڪ ڏينهن سائين جن حاضر برهمڻ کي ٻڌايو ته رشي ڪيش ۽ هردوار جي وچ ۾ سري سنتا رائڻ سوامي جو مندر آهي. اُن مندرن جي نزديڪ جهنگل ۾ هڪ ايڪانت استان تي ڀائي کانچند کي شري سمرٿ ديو جن جو درشن هڪ جمونءَ جي وڻ هيٺان ٿيو جتي ٻيا به انيڪ وڻ جمن جا هئا. ڀائي کانچند اُنهن جمن مان ڪڏهن ڪڏهن رس ڪڍي شري سمرٿ ديو جن کي اَچي پريم سان پياريندو هو.

هڪ ڏينهن واندي وقت سوامي جن کي ونتي ڪري چوڻ لڳو ته "هماري ڪو اَپني سيوا ۾ لڳائو." اُلٽي وڏو هڪ مٽيءَ ڀاڙ پيو هو. سوامي جن فرمايو "اسڪو سيڌا ڪرو! ڀائي کانچند آگيا مڃي ۽ اُنهي ڪم کي لڳي ويو. اُن ڏينهن سڀ کي لڳاءُ ته ڏاڍو هو. پوءِ ته منجهند ڪانپوءِ ڪيس ڏاڍو بخار اَچي ٿيو. شري سمرٿ ديو جن

سائين جنهجي پٽ پهچڻ ڪانپوءِ ڀڳت پرمانند ملتان جي مکي دولترام جي ڌرمپتنيءَ سان گڏ سنبت ۱۹۸۰ جي بدي مهيني جي سهائي پکيه ۾ شري سمرٿ ديو جن جي ڏنل آديش انوسار ڪاشي پوري ۾ پهچي ويو. اتي ڀرپائين گنگا نديءَ جي پار انهي ٻڙ جي وڻ وٽ ويو، جتي سوامي جن کي اصل ڀرپائين هڪ ٻرڌ سرير جي روپ ۾ ويٺل ڏٺو هئائين. پر ان وقت اتي ڪجهه به نه هو ۽ نڪو ڪو ٻيو ماڻهو ئي ڪو ڏسڻ ۾ آيس.

پوءِ ته ٻئي واپس ڪاشيءَ ۾ هِن پر آيا ۽ اچي ڀڳوان وشوناٿ جي مندر جي آسپاس ڏاڍو اداس ٿي گهمڻ لڳا. چاڪاڻ ته ڀڳت وٽ شري سمرٿ ديو جن جي ڪا خاص ائڊريس ئي هئي ڪانه، نه ڪنهن کان وري ڪا پڇا ڳاڇا ڪري ٿي سگهيو. آخر ٿڪجي ٻئي راڄ گهاٽ تي اچي ويهي رهيا. اوچتو انهن سامهون هڪ ڇهن ورهين جو ٻالڪ اچي بيهي رهيو. اهو ٻالڪ ڏسندي ڏسندي اَٺن ورهين جو ٿي ويو ۽ اتي ئي سورهن ورهين جو جوان ٿي پيو. ڀڳت پرمانند چڪت ٿي "سوامي جي، سوامي جي" پڪاري اڳتي وڌيو ته هو انتردڌيان ٿي ويو.

اِهو چمتڪار ڏسي ڀڳت پرمانند کي پورو وشواس ٿيو ته منهنجي ڪلياڻ ڪرڻ لاءِ شري سمرٿ ديو جن هتي موجود آهن. پوءِ ته پاڻ سان ساڻ آيل مکي دولترام

سائين جن کيس لکي موڪليو ته اوهان اُن ڳالهه جو رتي ماتر خيال نه ڪيو. پرم پوجيه شري سمرٿ ديو جن اڇا چاري مها ستپرش آهن. اُنهن لاءِ ڪوئي به شرير ڌارڻ يا تياڳ ڪرڻ هڪ ليلا ماتر جاڻڻ گهرجي.

”سنت ڪي مهما ويد نه جاني،
جيتنا سني تيتنا بکاني.“

ڀڳت پرمانند کي مٿي ٽراڙ مان خون ٽرسول جي آڪار وانگر ٽمندو رهندو هو جنهنڪري هنجو جيون بوجهي مثل ڏکي گذرندو هو. جڏهن شري سمرٿ ديو جن ملتان جي گيان تلهي پرسان آيا هئا، تڏهن سندن دِيا درشٽي سان هنجو اهو زخم روزاني وهڻ جي بدران ٻارهن مهينن ۾ فقط هڪ دفعو وهڻ لڳو. تڏهن به ڀڳت پرمانند کي اهو هڪ دفعو هڪ ڏينهن جي تڪليف به هڪ ورهيه مثل وياڪل ڪندي هئي. سندس گهڻي پرارٿنا ڪرڻ بعد شري سمرٿ ديو جن فرمايو هوس ته تون سنبت ١٩٨٠ ۾ ٻڌي جي مهيني ۾ ڪاشي بنارس ۾ شري وشوناٿ جي مندر وڃي ملجانءِ ته تنهنجو اهو ڏک به دور ٿي ويندو.

سائين جن تنهنڪري ڀڳت پرمانند کي وڌيڪ لکيو ته تون هنايل موقع تي ضرور ڪاشي پهچي وڃ؛ جيڪي ٽوڪي معلوم ٿئي سو اسان کي لکي پنجانءِ.

مالڪ هو تنهنڪري اهو پارس جو ڏينهن ٿي سنڌن
انترڌيان جو ڏينهن ليکيو ويو. اڳ ۾ مٿي لکجي چڪو
آهي ته ڪيئن پارس جو سنسڳ سائين جن شروع ڪيو.

اُن ڪانپور ڪارتڪ مهيني جي سُڌي گيارس کان
ليڪر سائين شري سمرٿ ديو جن جي پٺيان سمرليءَ ۾
١٩٢٣ع کان وٺي هر سال ورسي مها اُتسو ڏاڍي اُتساهه
۽ پريم سان سائين جن ملهائڻ شروع ڪيو. اُهو اُتسو
پهريائين باغ ۾ راتين جاڳڻ سان شروع ٿيو. شروع شروع
۾ ننڍي پيماني تي وڻن جي مٿان ڪپڙا ۽ پالون ٽنگي،
اُنهن جي هيٺان ورسي صاحب جو اُتسو ملهايو ويندو هو.
پوءِ ته آهستي آهستي آشرم تهڻ ڪانپور ورسي مها اُتسو
تي ڌيان يگيه، ديو يگيه، گيان يگيه، ڀنڊارا، ويدانت
سميلن، ڀڄن پاٺ ۽ ڪيرتن ڪرڻ جا پروگرام ٿيڻ ويا
جتي ديش وديش کان وڏا وڏا مهاتمائون ۽ هزارن جي
انداز ۾ پريمي اچي لاڀ وٺڻ لڳا. جتي سمرٿ ديو جن
جو پوڄن، آرتيون، ويد منترن جي وڏيءَ سان اُچارڻ
۽ هون وغيره به ٿيڻ لڳا ۽ اُن سان گڏ اعلي مها لاڀ
ويدانت جي نج گيان جي ورکا ساڌڪن لاءِ سون تي
سهاڳي مثل ڪم ڪرڻ لڳي.

”سمرٿ ڏاڍو پيارو پريمين کي لڳي،
سمجهي صدق سان ورتو جن سچو سهارو،
قدر سان قائم ڪيو اهو هلڻ اوپارو،
وهنوار ۾ گهر بار ۾ رهي نڀ جان نيارو،
تنهن کي سوپارو پوري گر پرچي ڪيو.“

■

جي ڌرمپتنيءَ کي هڪ ڌرمشالا ۾ ترسائي، ڀڳت پرمانند اَڪيلو شري وشوناٿ جي مندر ٻاهران ڦيرا پائڻ لڳو. اَلي وري اُنهي ڇهن ورهين جي ٻالڪ جو درشن ٿيس. اُن ٻالڪ ڀڳت کي پنهنجي پٺيان اچڻ جو اشارو ڏنو. پوءِ ته ڀڳت پرمانند اُنهي ٻالڪ جي پٺيان پٺيان هلڻ لڳو ۽ ٻئي وڃي هڪ ايڪانت آستان تي پهتا. اَلي ڀڳت اُنهي ٻالڪ جي چرنن ۾ ڪري پيو ۽ روئي ويهي ڪيائين ته سائين! مون کي اُهوئي ملتان وارو درشن ڪرايو. پوءِ جان ڪٽي اَکيون مٿي ڪري ته ڇا ڏسي ته مار! اُنهي ملتان واري شري ۾ ئي سمرٿ ديو جن بيٺا آهن. شري سمرٿ ديو جن آخر هن جو سمورو دک دور ڪيو. اُنهي ڀڳت پرمانند جي سچي وستار پوروڪ وارتا "چمتڪار جيون" ۾ لکيل آهي جا پريمي سڄڻ اُنهي پستڪ ۾ پڙهي سگهن ٿا.

"سائين سمرٿ ديو جي مهما بي اَنت آهي،
اڻما، مهما، لگهما آدڪ سڌين جو سڌ آهي،
سچي سک جي سڌ جي فقط دير آهي،
هو هر هنڌ هر روپ ۾ هردم مؤجود آهي؛
واڻي ۽ قلم جي هرگز جاءِ ناهي،
درد ڀريل دل جي پڪار ڪافي آهي."

پيارا پاٺڪو، سائين جن کي جنهن ڏينهن شري سمرٿ ديو جن جي اَنترڌيان ٿيڻ جو سنديش مليو، اُهو ٻارس جو ڏهاڙو هو. جنهن ته شري سمرٿ ديو جن ۾ اچڻ وڃڻ هوئي ڪونه ۽ شريرن جو ڌارڻ هڪ ليلا

پنهنجي ساڳين ڪتبيا ۾ هليا ويا.

تنهن کانپوءِ سائين جن ڪجهه اَڀياس ڪرڻ بعد اندران آواز آيو ته اوهان باغيچي جي ٻاهران هزاري واهه جي اولهه پاسي جيڪا سرڪاري زمين پئي آهي، انجي ملڻ لاءِ درخواست ڪيو.

پوءِ ته ڳچا ڳاچا ڪرڻ بعد رولميو ڪاٺ وارن کي هڪ عريضي ڏني ويئي. مالڪ جي ڪرپا سان جلدئي انهي زمين جي ملڻ جي منظوري سکر مان ڪليڪٽر وٽان اچي ويئي ۽ مختيارڪاري مان ليٽر آيو ته پئسا ڀري وڃو. ان موجب پئسا ڏنا ويا ۽ سرڪاري رڪارڊ ۾ سائين جن جي نالي انهي زمين جو انتقال داخل ٿيو. اِها زمين اٽڪل ۴ جريب يعني هڪ ايڪڙ هئي.

ان کان پوءِ زمين ۾ پيل مٽيءَ جي ڍڳن کي سڌي ڪرائڻ جو ڪم هڪدم شروع ٿي ويو ۽ ڪاڪي ٻوٽي جي گوٺ وارن مزورن ۽ ڦڙتائي سان ڪم ڪري سارو ميدان رستي کان ٻه ٽي فوٽ اوچو هموار ڪري ڇڏيو جنهن جي وچ وچ ۾ سندر وڻ پڻ لڳل هئا.

پوءِ ته سمرت دئو جن جي ڀرڀرٽا سان باغ جي اندر گهٽي الداز ۾ ڪچيون سرون پارائي، نئين آشرم جي چوڌاري ڪوٽ ٺهرايو ويو. جڳهين ٺهرائڻ لاءِ وري هڪ پراڻي ڀٽي جون سمورئون پڪيون سرون سائين جن جي مامي سيٺ لوڪرامداس هندوجا کان ورتيون ويون. اهڙي طرح آشرم

يوگ آشرم جو امرت

"ابچل نگر گوبند گرو کا،
نام جپت سکه پائيا رام،
من اڇي سيڌي ڦل پائي،
ڪرٽي آپ وسائيا رام."
(سوهي ڇنت، محلا ٥)

هڪ دفعي بارس جي شيءِ موقعي تي جڏهن اڌ ياڌمڪ اُپديش جي امرت مڻ ورکا ٿي رهي هئي ته اوچتو انهي وقت آڪاس مان بادلن ۾ اُهڙي اچي بارش وسائي جو سڀ ماڻهو ڀڄي ويا جو ڪو ڪنهن وڻ هيٺان ڪو ڪنهن وڻ هيٺان بيٺو. ڪن ته ڪمرا پسائي شهر جو رستو ورتو.

جيڪي ڀرمي الي ترسيل هئا اهي پاڻ ۾ ويٺي ويٺي صلاح ڪرڻ لڳا ته هت هڪ جيڪر وڏو ستسنگ هال هجي ته چڱو!

برسات بند ٿيڻ ڪانپوءِ انهن سڀني سائين جن سان اُن باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ چيائون ته جي آگيا هجي ته هتي ست اُپديش لاءِ هڪ وڏي هال ٺهرائڻ جو پربند ڪجي. سائين جن چوڌاري نظر ڦيرائي چيو ته اوهانجي صلاح ته ٺيڪ آهي پر هن باغيچي جي اندر اهڙي ڪليل جڳهه آهي ڪٿي! ائين چئي ٻوءِ سائين جن ته ٻيو انوسار

جي سهائيوليٰ هئي.

درخواست ۾ اِهو صاف لکيو ويو هو ته هزارو واهه هتان بند ڪري سائين جن جي باغ جي اولهه طرف کان کوٽائي وهايو وڃي؛ اُن ڪم لي جيڪو به خرچ ٿيندو سو سائين جن ڀريندا.

شري سمرٿ ديو جن جي مهر سان اِها درخواست نه ڪمشنر صاحب جلد ئي قبول ڪئي. بيگاري واهه کي پڻ نئين پل ناهي وئي؛ نئون هزارو واهه کوٽيو ويو؛ پراڻو ٽڪر بند ڪري خالي ٿيل سرڪاري زمين سائين جن جي حوالي ڪئي وئي. اُن لي جيڪو خرچ آيو سو سمورو سائين جن ڀري ڏنو.

اهڙي طرح هزاري واهه جي بند ٿيڻ لي آشرم جي اڳيان ٿيڻ؛ وڏڻ ۾ سڀ رڪاوٽون دور ٿي ويون؛ سڀ ڪنهن طرح جي سهوليت ملڻ سان آشرم جي اَڏجڻ جو ڪم زور شور سان هلڻ لڳو.

پاٺڪ گڻ اُئين نه سمجهن ته اُنهي اِئڏي ساري ڪم ۾ ڪنهن به زماني جي ماڻهن رنڊڪن وجهڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي! زماني جي دستور مطابق هن شيءِ ڪم ۾ به سائين جن کي تڪليفون آيون؛ کي مخالفت ڪندڙ جاڳيا پر شري سمرٿ ديو جن جي ڪرپا سان سڀ رڪاوٽون دور ٿي ويون؛ آشرم اُسرندو ويو.

آشرم جي ٺاهڻ جو ڪم ٺيڪ رٿا سان ڪيو ويو.

جي اَڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. عام لوڪ اِهو سڀ ڏسي اَچرج کائڻ لڳا ته هي ٿوري ئي وقت ۾ ڇا ٿي ويو! جهنگل مان منگل ٿي ويا!

اُنهي وَقت ڪيترن ڀلمين جو رايو هو ته جيڪڏهن هزارو واه هتان بعد ٿي باغ جي اولهه طرف کان وهي ته پوءِ اُنهي واه جي بعد ٿيل ڪرواري زمين ۽ آشرم ۾ گڏجي وڃي ۽ جيڪر هرڪو سولائيءَ سان پڪي سڙڪ تان اَچي وڃي سگهندو. اُن کان اَڳ ۾ ماڻهن کي پڻهين طرف کان سائين جن وٽ ڪچي رستي تان اَچڻو وڃڻو پوندو هو، جنهنڪري سڀني کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي.

پوءِ ته رڳو سنڪلپ جي دير هئي. درخواست شڪارپور ميونسپالٽيءَ جي معرفت سنڌ جي ڪمشنر کي ڪئي وئي. سيٺي وڏن ماڻهن جهڙوڪ ديوان بهادر ورليڊر، سيٺ آتمارام بجاج ۽ ديوان ڀڳوانداس جي ميونسپالٽيءَ جا ميمبر هئا ۽ ٻين ميمبرن جن ٿي به هن وقت لائين سائين جنجي پرتاپ جو چڱو اَثر ڇانئجي چڪو هو تن اِها درخواست جلد ئي ميونسپل بورڊ مان پاس ڪري ڪراچيءَ ڪمشنر وٽ موڪلي ڏني. ايشور ڪرپا سان آفيسر به سڀ فائدي ۾ هئا. ديوان بهادر هرومل مولچنداڻي لاڙڪاڻي وارو جو هيڊ ڪوارٽر ڀوپال ۾ رهندو آهي، اگزيڪيوٽو اِنجنير هو ۽ ديوان جمعيتراءِ مختيارڪار هو. اُنهن سيٺي



یوگ آشرم شکارپور (سنڌ)

ڀرپاسين آشرم ۾ پيل مٽيءَ جا ڍير اُٿلائي ڀراڻي هزاري واه ۾ جيڪو هينئر سائين جن کي مليو هو، اُن ۾ وجهايا ويا. اِئين ڪرڻ سان هڪ وڏو سنڌر شاهي ميدان ٺهي پيو. هيڏانهن هوڏانهن شاهي درخت ڦهلجي ساوڪ ۽ ڇانيا سان ساري آشرم کي شوڀائمان ڪري رهيا هئا. آشرم جي ٺهرائڻ جو ڪارڻ، جو ٻار ڪن خاص تجربي ڪار ڀرڀمي ستسنگين تي رکيو ويو، تن لاءِ ڪڏهن به ڇنڊو ڇيرو ڪونه ڪيو ويو ڇو جو ڪو ڀرڀمي شري سمرٿ ديو جن جي ڀرپرتا سان وڏي شردا سان ڪا سهايتا ڏيڻ چاهيندو هو ته اها سويڪار ڪئي ويندي هئي.

اهڙيءَ طرح سائين جن جي اندر جي اَزغيبي آواز اَنوسار سارو آشرم ٿوري ئي وقت اندر ٺهي راس ٿيو جنهن شري سمرٿ ديو جن جي آسيس سان سنبت ١٩٨٣، مٿي ويساک سڏي گنگا ستمي يعني سنه ١٩٢٦ع جي ١٩ مئي تي وڏيءَ اَنوسار يگيه هون ڪري آشرم جو مهورت وڏي ڌوم ڌام سان ڪيو ويو. اُنهي وقت هينئيون ٻاهين سائين جن جي مکاروند مان ٺهي نڪتو:

ڀڄن

”ٿي سگهو ڏس ڏينهن ٿيو، اڄ آنند ڀنڊار جو؛
نيهن رکي نروار ٿي، ڏس پس ادا ڏاڻار جو.

١. تيزي طمع هي ترڪ ڪر،
حرفت حجت سڀ غرق ڪر؛
ڦيرن ڦندن کون فرق ڪر،
شائق ٿي سچ سار جو؛

٢. دين ڌرم مذهب متا،
وڃي طرف غرض جي گتا؛
سائين ڏيکي پنهنجي ستا،
پڌرو ڪيو پنڌ پار جو.

٣. غفلت ۾ گهائل گهٽا،
سڪ لاء ڪرن ڪوڙيون ڳٽان؛
بي لاز بازيءَ ۾ ٻٽيا،
جن کي گيان ناهي گرنار جو.

٤. ستگور سچي ائين صاف چيو،
ساڪيءَ اندر سمراج ڪيو؛
اصليت ۾ اُلٽي ويو، آهي عينش اسرار جو.

٥. پرمانند پائي ڪري،
جدا نہ ٿي ذري ذري؛
سڪ صبر کي پري پري،
ڪامل ٿيءَ ڪرتار جو.*

وينتا ستگورن اسان جي حال تي رحم کائي اچي ڇهو ۽ اوهين هي ٻيا وينتا ڪريو! پنهنجي نج ساکي سوراج کي ڇو نه ٿا حاصل ڪريو! ستگورن اهو پڻ ٻڌايو ته ان درد جو دارون اهو آهي ته جلد اصليت ۾ الٽي وڃو. من اندرين کان اوپارا هليا وڃو. اُتي اُتو بيحد بهاري ۽ سچي سک جو اسرار جنهنجو مثال هن سنسار ۾ آهي ئي ڪونه.

اهڙي پرم آنند ڀنڊار جو گيان ٻڌي ڪري ٻوءِ ذري ذري تي رواجي ڳالهين جي پٺيان ڀاهرمک نه ٿيو. اُنهي آنند جي اگاڌ سمنڊ ۾ ٽٻيون لڳائڻ لاءِ هي جيو! ٻه اُپاو آهن - هڪ سڪ ۽ ٻيو صبر يعني سچو ڌارج ۽ پرواني جيان پڪو پريم. هي جيو لون ٻاڻ اهو ڪُل آهين. انهي اَصليت جي دروازي تي پهتل آهين. رڳو لون پنهنجو ڪرتار يعني آڌار کي ٻاڻ ۾ سڃاڻي، اَٺئي پهر اُنهي ۾ غرق رهه:

"پرين پاڻ مکو، عجب اشارو انيئي؛
ٻڌي من سيتل ٿيو، ويو اگيان اُکو؛
لحظي منجهه لنگهي ويو، سامي سمنڊ سکو؛
چوڻ سپ چکو، ڪري ڪبير ڪلپنا."

پيارا پاٺڪو آشرم جي ٿيڻ کانپوءِ به سائين جن پنهنجو گهڻو وقت ٻارهن سالن جي پرڪيا پوري ڪرڻ ۾ لڳا رهندا هئا. آشرم ۾ رهي پنهنجي گيان يوڳ ابياس

ٻئين جو سارانش آهي ته ”ٽيءُ سکيو“ يعني ڏکُ نه ڪر، هيءُ سڄي سک پائڻ جو موقعو مليو اٿيئي. ”ڏس وت ڏاتار جو“ يعني اُنهي ساڪياتڪار جو گهورن ڪان گَسُ ٻيو. تنهنجي من ۾ جيڪي به اَڻ پوريون آهن ۽ اَهم ڀاو، ليسا، حسد، وير وروڌ هجن تن جو تون ترڪ ڪر. حرفت ۽ حجت جي ڳالهه نه ڪر ۽ ڦيرن ۽ ڦندن کان صفا اَلڳ ٿي وڃ. جي تون سچ جي سڃاڻڻ جو شائق يعني پياسو آهين ته اهي سڀ ڳالهيون ٽوڪي تياڳ ڪرڻيون پونديون.

تون ڏسين ويٺو ته اَڄ ڪالهه ڏين، ڌرم ۽ مت متانتر ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن! هرڪو پنهنجي غرض ۾ گستو پيو آهي. زماني جون گهرجون هرڪنهن جي من کي مونجهائي رهيون آهن. سائين جن پنهنجي سنا سان هي گيان يوگ جو سڌائو رستو ڏکن کان پار ٿيڻ جو پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي.

سنسار ۾ اوهان کي ڪيترئي لوڪ اهڙا ملندا جيڪي غفلت جي نشي ۾ سک لاءِ ڪيتريون ڪلپنائون ويٺا ڪن ته هِن مان هي ملندو، هُن مان هي حاصل ٿيندو. وري هي ڏيو، هوُ ونبو. پر پنهنجي اَصلي شان ۽ خاص خزاني کي کوهي ويٺا آهن. هنن کي اوچي گيان روپي گرنار جي چاڙهيءَ کان ڀئي آهي.

ٻڌهن وچي اَڪ ڪُلي جڏهن سمرت ڏيو يعني برهم

اِهي پنج ئي نيم پاڪستان ٺهڻ کان اڳ پورن رِيت پالن ٿيندا رهيا. ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ پاڪستان ڇڏي هندستان ۾ اچڻ بعد ديس ۽ ڪال ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي اُنهي ڪري مٿين نيمن ۾ ڪجهه ڍلائي آندي وئي آهي. جنهن لاءِ مالڪائن جو ستسنگ ۾ اچڻ يا ڪين اُپديش ڏيڻ. دراصل استرين کي اُپديش ڪرڻ سندن پتين جو فرض آهي. پر اڄ ڪالهه اُنهي مکيه فرض ڏانهن ڪو ورلو ويچاروان پرش ڌيان ٿو ڏئي. تنهنڪري ڇا ٿيو آهي جو سندن استرين نالي ماتر گرو ڪري اُنهن جي روڪ وچن جي وس ٿي پئي ورت ڌرم لي ڪو به ڌيان ئي نه ٿيون ڏين ۽ سچي گيان کانسواءِ گرهست آشرم کي ڀنڊڻ سمجهي لون نون مت متانترن ۾ وڃيو ڦاسن. تنهنڪري ڪيترن سڄڻ سائين جن وٽ سوال اُٿاريو ته ڇو نه اُهي به اوهان جي آڌياتمڪ اُپديش جو لاڀ وٺن! ڪن حالتن ۾ پرشن کان مالڪائن ۾ شيوا ڀاو واڌاري پيو ڏسڻ ۾ اچي. جيڪڏهن استرين ۾ به ڀارت گيان جي ٻل سان ڌيهه آڌياس مٿي، سادگي ۽ سداچار وڌڻ لڳي ته گرهست آشرم سچ پچ موکه جو آشرم ثابت ٿيڻ لڳندو. اُنهي ڳالهه کي ويچار ۾ رکي سائين جن يوگيه حالتن ۾ استرين کان ستسنگ ۾ اچڻ جي بندش لاٿي ۽ اُپديش ڏيڻ شروع ڪيو.

"ناري نندا مت ڪرو، ناري گڻن کي کاڻ،
ناري سين نر اُپجي، ڌرو پرهلاد سمان."

۾ ويٺا هوندا هئا. پر جڏهن انهي وچ ۾ ڪي شرڌاوان پريمي سکيا وٺڻ چاهيندا هئا يا آشرم ۾ رهي سيوا ۽ سادن ڪرڻ لاءِ اُتساهه ڏيکاريندا هئا تہ اُنهن ستسنگين کي يوگيتا اَنوسار اَشٽانگ يوگ جو اُپديش ڏيندا هئا. اُپديش ڏيڻ کان اڳ جگياسن کي ڪن پرکيائن مان لنگهڻو پوندو هو. يعني ماس مڇي، شراب تماڪو ۽ ٻين نشيدار شين کان پرهيز ڪرڻ، برهمچريہ جو پالڻ، ٻارهن سپتميون آشرم ۾ اچي سادن اڀياس ڪرڻ وغيره.

آنند ڀنڊار آشرم ۾ پرمارٿي پريمين لاءِ هر ڪنهن قسم جون سهوليتون موجود هيون. يوگ ودياليہ ۽ پستڪاليہ پڻ کليل هئا. ڀنگ تماڪو وغيره ڪابہ نشيدار شيءِ کي واپرائڻ جي سخت منع هوندي هئي ۽ نڪي ڪنهنکي تاس، چوپڙ وغيره تماشن ۾ وقت وڃائڻ جي اجازت هئي. آهار بہ شڌ ويشنو ورتائڻو هو.

پوڄ سائين جن جا پنج نيم مکيہ هئا:

١. ٻاهرين آيل پريمين سان مقرر وقت تي ملڻ ۽ سو بہ فقط پرمارٿ جي باري ۾ وارتالاپ ڪرڻ.

٢. جيئن تہ آشرم شهر کان گهڻو پري هو، استرين کي اچڻ جي منع هوندي هئي.

٣. آشرم ۾ ڪنهنجو پاٺ وغيره نہ رکڻ.

٤. شهر ۾ ڪنهن بہ پريمي ستسنگي جي گهر نہ وڃڻ.

٥. ڪنهن بہ وهنواري فيصلي جي وچ ۾ نہ اچڻ.

١. آشرم ۾ هر مهيني ٻه دفعا رات جي وقت سمپٽي ساڌن يعني يوگ اڀياس ڪرڻ وارن مموڪشو برهمڻن جي پرکيا وٺڻ. هو سڀ پيارا پنهنجي هفتيوار ڊائري لکي ايندا هئا. جنهن ۾ هر ڪنهن ڏينهن ڪيترو وقت ساڌن اڀياس ڪيو ويو، ڪيترو برهمچريه جو پالن ڪيو ويو هو، ستيه جي پاسي ڪيترو وقت من لڳو، وغيره لکي کڻي ايندا هئا ۽ سائين جن اڳيان پيش ڪندا هئا. سائين جن به ڪرپا ڪري انهنجي اتساهه وڌائڻ لاءِ ڪين خاص انيوري ڳالهيون ٻڌائيندا هئا.

٢. پارس جي شڀ موقع تي پرڀاتڪال جو سڀئي ستسنگي نيم انوسار ساڌن اڀياس ڪندا هئا.

٣. هر ڪنهن سهائي آرتوار تي ڪيترا برهمي اچي گڏ ٿيندا هئا. اڳ جو فقط خاص برهمڻن کي سامي صاحب جا سلوڪ سمجهائيندا هئا، هيٺئر سڀئي آئل برهمڻن کي نيم سان هڪ ڪلاڪ انهنکي انهن سلوڪن جي سمجهاڻي معرفت ست اپديش ڪندا هئا.

٤. هر هڪ اماس تي پراتهڪال جو ٨ کان ١٠ بجي تائين گايتري منترن جي اچارڻ سميت هون يگيه ٿيندو هو. جنهن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ شهر جا ڪيترا پريمي ۽ ستسنگي اچي گڏ ٿيندا هئا.

٥. پوڄ پاد شري سمرٿ ديو جن جي ساليانې ورسي مها اتسو جي باري ۾ اڳ ۾ ٿي وستار پوروڪ احوال

جيڪڏهن ڌيان سان ڏسبو ته يورپ جو آڌياتمڪ گيان کان بي خبر هڪ کڏ ۾ ڪرڻ سمان آهي. تنهن ڪري ڇا ٿيو آهي جو ڏينهون ڏينهن وديشي نموني جا فيشن، سڀاءُ ۽ ريتيون رسمون وڌنديون پيا وڃن. انهي ڪري عام لوڪ دل ۽ دماغ کي اهڙو ته ڪمزور ڪيو ڇڏين جو پنهنجي من ۽ اندرين تي ڪين ضابطو رکڻ ڏاڍو ڏکيو پيو ڏسڻ ۾ اچي. جيڪڏهن ڪٿي آڌياتمڪ گيان جو اُپديش ٿي رهيو هوندو ته اول ته اُتان پاسو ڪري ويندا ڇٽڪ هنن وٽ آتما کان بنا رڳو سرير آهي. جيڪڏهن ڪو ويچاروان پرشي سندن ڀلو جاڻي ستسنگ ۾ هلڻ لاءِ زور ڀريندن ته رڳو بهانا پيا ڏيندا ته اسان کي وقت ڪونه آهي ۽ اسان کان پرمارٿ ٿي نٿو سگهي، وغيره. اهڙا لوڪ گرهست آشرم کي شانتيءَ ۽ واسطوڪ اُنتي جو آشرم ڪيئن بڻائي سگهندا!

"ڪُوڙو جاڻ سنبنڌ، وڃڻو ديهه آڌياس جو؛
اچي ٿئي بازار ۾، ڪري ويساهه نه ويهه؛
ڏينديءَ آڻم ڏن ڪي، ڇل ول سڀ ڇيهه؛
ڏوري لهه سو ڏيهه، جت سڌ پوئي ساجن جي."

پيارا ٻالڪو! سائين جن جي مقرر ڪيل مٿي بيان ڪيل مکيه نيمن کانسواءِ هيٺيان نيم به آشرم لاءِ رکيل هئا، جي ستسنگين جي اُنتيءَ لاءِ تمام ضروري هئا.

زماني جا رنگ

"ڪبير ساڪت سنگ نہ ڪيجيئي،
دُور هہِ جائيئي ڀاڳہ؛
بانس ڪو مت پَرَ سيئيئي وَڏُہ،
ڪيچ لاڳيئي داڳہ."

پيارا پاٺڪو! اِئين نہ سمجهو تہ سائين جن کي آنند ڀنڊار آشرم ٺهرائڻ يا گيان گنگا وهائڻ ۾ ڪي ڪنڊا ئون سامهون نہ آيون!

زماني جا ماڻهو هر ڪنهن قسم جا جيئي ڪئي آهن. سڀ ۽ چنڊ بہ سيئي پراڻين کي پيارا ڪونہ لڳندا آهن. ڪي اهڙا جيو جنتو بہ آهن جن کي اُلهن جو اُڀرڻ چڱو نہ لڳندو آهي. اهڙي طرح سائين جن کي بہ ڪيچ اهڙي قسم جون تڪليفون درپيش آيون.

ڦهرپائين تہ جڏهن ستسنگہ جو پرتاپ وڌڻ لڳو ۽ شڪارپور شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پري پري کان ماڻهو سائين جن جي باغ ۾ پهچي اُندر جي پياس بجهائڻ لاءِ اچڻ لڳا تہ ڪي ڏسٽا وائسٽا شهر جا چڱا مڙس پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي، سيٺ لٺيندا سنگهہ ۽ سيٺ نارائڻ سنگهہ هجاج پارا سائين جن ومت مڙِي آيا. چوڻ لڳا تہ هيترا سارا ماڻهو جو هيڏو پنڌ ڪري تڪليفون سهي ۽ خرچ ڪري اوهان ومت اچرو پوي اچن، اُن کان اهو بهتر

پڙهي آيا آهيو. اُهو ويدانت سميلن ڏيهون پوءِ وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو هو.
مٿين آشرمن جي نيمن ڪانسواءِ آشرم ۾ اُنهن جگياسن کي رهڻ ڏنو ويندو هو جن ۾ هيٺيان گڻ هجن:
١- جيڪو اِستر چت رهي ڪنن ۾ ڪٺن سيوا ڪرڻ کان به نه گهٻرائجي.
٢- جيڪو اَڏ يالمڪ يوگ جي وچن کي سروڻ ڪري اُنهن جو واروون وار منن ڪري؛ اوچي ۾ اوچي منزل تي پهچڻ جو شائق هجي.
٣- جنهن کي ايڪانت ڏاڍي وڻندي هجي؛ هڪ ٻئي ٻئي ۾ پريم ڀاو سان هلڻ جو عادتي هجي.
٤- آشرم کان ٻاهر هيڏي هوڏي اَجائي سنگت وڏائڻ جو خواهان نه هجي.
٥- جي ڪوئي اَتٿي گرهستي سڄڻ آشرم ۾ اچي نڪري ته اُن جي پتا يوگ سيوا ڪري؛ اُن جو آدر ستڪار ڪري.
سائين جن اهڙي طرح اِنهي ڪري آشرم کي رواجي آشرم نه پر روحاني وشو وديالي چوندا هئا.
"سڄڻن وسايو تي سنڌ ملڪ ۾ پاڻ پرين اوتارو،
شڪارپور ۾ ڪورٽ پرسان باغ اٿي ڪو پيارو،
جنهن ۾ وسئي ٿو سهڻو سائين پرمانند پيدارو،
عاشق تي الله جو، وڇايو اٿس وارو."

زمينون اُنهيءَ پراڻي واهه مان پاڻي وٺنديون هيون، سو ڏانهون ڪيائون ته اَسان کي اولهه جي طرف کان ڦوري ايڏو وڪڙ کائي اَڌ پاڻي به نه ملندو. ڍاڍيون درخواستون ڪيائون. ديوان بهادر هرومل کي به سر زمين لئي وٺي آيا ۽ اُنهيءَ سان به ڍاڍو بحث ڪيائون. اُنهيءَ ريءَ اُنهن کي شانتيءَ سان ٻڌو. آخر ڪيترائي پئسا خرچ ڪري ڪراچيءَ چڙهي ويا ۽ وڃي رُوبرُو ڪمشنر کي گڏيا ۽ چيائون ته هي اَنڌير آهي ۽ قديمي زمينون پاڻي نه ملڻ سبب برباد ٿي وينديون وغيره. اُتان اُلٽو کين صاف جواب مليو ته اَسان اَڳ ۾ ئي رٿ بحال ڪري ڇڏي آهي ۽ هينئر حڪم ڦري نه سگهندو. جيڪڏهن اوهان کي لٺين واهه مان ٺيڪ طرح سان پاڻي نه ملي ته پوءِ اَپيل ڪجو. ويچارا سيٺيون مات ڪري ويهي رهيا. سيٺ ماڌوداس ٽلڙيجا سائين جن وٽ اَچي چوڻ لڳو ته مار! اوهان چپ چاپ ۾ سيٺئي ڪم اَڳ ۾ ئي لهرائي ڇڏيا آهن. لوهاڻا روپيا گول گول آهن. پاڻڪ پاڻ سمجهي سگهن ٿا انجو مطلب ڇا آهي. پر سائين جن ته مشڪي ڪٽي مات ڪئي. سندن وٽ هئي سچائي ۽ فقيري. اهڙن ماڻهن سان ڪهڙو بحث ڪن!

شري سمرٿ ديو جن جي ديا سان جڏهن ٽئون هزارو واهه کليو، تڏهن اَڳئين پراڻي واهه کان به وڌيڪ پرپور وهڻ لڳو ۽ سيٺين جون ٻيون پاڻيءَ سان ڀورڙ

ٽيندو ته اوهان پاڻ ڪنهن مقرر ٿيل ڏينهن ۽ وقت تي
شهر ۾ اچو ۽ اُتي ڪنهن مقرر ڪيل استان تي اچي
وياکيان ڏيو. هنن الاجي سائين جن کي ڇا سمجهيو هو!
مالڪن وراڻي ڏني ته بابا! اسان ڪنهن کي ونڻ ڪو نه
ٿا ڏيون ۽ نه ڪنهن کي زور ٿا ڪريون. جيڪي
خوشيءَ سان هت ايندا اُنهن کي روڪيندا سي ڪو نه
۽ مالڪن کي اچڻ جي ته صفا منع آهي. توهان کي
شهر ۾ ستسنگ ڪرائڻو آهي ته ڀلي ڪنهن ساڌو يا
مهاتما کي وينتي ڪري وڃي بلاشڪ ڪرايو. اسان نه
نه سياسي آهيون ۽ نه ساڌو ئي آهيون.

اهو جواب ٻڌي سيٺين جا ٽپ ئي ٽري ويا. پوءِ ته
آهستي آهستي اُنهن مان ڪيترا سائين جن جا پريمي ٿي
ويا. پروفيسر شيوارام ڦيروواڻي نه سائين جن وٽ هر ڪنهن
آرتوار ڏينهن پاڻ اچي سامي جن جا سلوڪ سڻائيندو هو
۽ سيٺ لڇيمنداسنگهه ٻجاج ۽ ستسنگ ۾ اچڻ شروع ڪيو.

ٻيو وري جڏهن پراڻي هزاري واه کي بند ڪرائڻ
۽ نئين واه جاري ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪئي ويئي،
تڏهن وڏن هلندي ڦهندي وارن وٽي واه ويلا مچائڻ
شروع ڪئي. اُنهن مان ۾ مکيه مدبر هئا سيٺ ماڌوداس
للڙيجا ۽ سيٺ ماڌوداس ميندو. اهي چوڻ لڳا ته اهڙو
قديمي هزارو واه جنهن تي ايترا-ون زمينون آباد ٿي
رهيون آهن، سو ڪيئن ٿو بند ڪيو وڃي! اُنهن جون

"هو چوني، ٽون ۾ ڇڄ، واٽون ورائي؛
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي؛
پلوَ ۾ پائي، ڪيني وارو ڪينڪي."

ٿيون جڏهن آشرم لهي راس مس ٿيو ته لعلڏي چاچي سيٺ کوڙومل صاحب سائين جن جي خلاف شڪارپور جي فرسٽ ڪلاس سول ڪورٽ ۾ دعويٰ داخل ڪئي ته اُنهي باغ ۾ منهنجو به حصو آهي، سو مون کي ملي. اِهو لعلڏو چاچو دراَصل گهڻا سال اَڳ سائين جن جي پِتا ۽ ٻئي وچين ڀاءُ سيٺ ڪيولرام کان مِڙيءَ ۾ ٿي جدا ٿي وڃي ڪراچيءَ رهيو هو ۽ اُتي سڀني کان اَلڳ ٿي ڌندا ڌاڙيون وڃي ڪيا هئائين. نه کائڻ پيئڻ ۾ نڪي ڪمائڻ ڪرڻ ۾ گڏ هو. ملڪيت به ورهائي ورتي هئائين سو هي ڪئين طرح جهڳڙو خوامخواه ڪاهي وڌائين. سائين جن به مات ڪري وڏي مالڪن جا رنگ ڏٺا.

"صبر جنين جو سير، ٽبر نه ڪسي ٽن جو."

ٻئي ڪيس هليو. سول دعوا هئي، جا وقت ڪائيندي آهي. هڪ ڏينهن سائين جن کي ڪورٽ ۾ سڏ ٿيو. ديوان روپچند جج هو. سائين جن کي ڪليل ڪورٽ ۾ نه، پر پنهنجي چيمبر ۾ گڏيو ۽ چوڻ لڳو ته اوهان مون کي سمجهايو ٿا پر هن پنهنجن کي ڇا سمجهايو! سائين جن وڏن واري وهي ڪڍي ڏيکاريس جنهن ۾

ٻوڙان ٿي وهون.

"سنتان کي ڪارج آپ ڪلوئيا،
هر ڪم ڪراوڻ آئيا رام؛
ڌرت سهاوي تال سهاوا،
وچ انبرت جل ڇائيا رام."

اُن ڪانپور اُهي چڱا مڙس ڦڪا ٿيا ۽ اُنهن مان ڪن ڪيترا سائين جن وٽ اچي چوڻ لڳا تہ سائين! اسان لوهاڻي برخلاف ڪونہ هئاسين، فلاڻا هئا. ڪي ٻيا چون تہ اُسانجو تہ اُنهن درخواستن ۾ اَصل هٿ ئي ڪونہ هو، سڀ هنن فلاڻن جي شرارت هئي. ڪو ٻيو چوي تہ سائين! اوهان ڪو منتر تہ ڪونہ پڙهيو آهي جو نئين واهہ ۾ ايڏو پاڻي آيو آهي! سائين جن تہ جاڻي جاڻطهار آهن. سڀني کي مشڪي ٻيا چون تہ هائو بابا! اوهان ڪيئن هوندا! اَوهان اُهي ٻگڙي پائيندا آهيو ۽ سنسڳي ۽ ڌرماتما آهيو، اوهان ڪيئن برخلافي ڪئي هوندي! تن ڏيهن ۾ جيڪو پاڻ کي ڌرم سي هلندڙ سڏائيندو هو، اهو هٿ سان ٻڌل اُهي ٻگڙي پائيندو هو! اُنهن ڇٽي سيٺي کي سرچائيندا هئا ۽ پاڻ ڪميا جا ساگر، ڪنهن کي بہ نہ ڇپائون يا ڪو ڏورايو ڏنائون.

ورلس. پاڻ ٻه وڃي پرلوڪ واسي ٿيو. پر سندس هڪ وچون پٽ جو اڃا حيات آهي، تنهن اڃا تائين سائين جن کي نه سڃاتو آهي. اهوئي ايرشا ۽ درويش پاءُ رکندو ايندو آهي. پر سائين جن ته مشڪندا رهندا آهن. اُنهن جي پاڻي هميشه آنند آهي. گرو ارجن ديو جن کي ٻه ته سندن سڳي پاءُ پرتيٺي کيترو وقت تنگ ڪيو هو. پر سنت هميشه ڪميا جا ڀنڊار ٿيندا آهن. هاڻي ٻه ورهاڱي ۾ پريتم ڌرم سڀا وارن "شڪارپور جا سنت" نالي پستڪ ڇپايو آهي. اُنهن ۾ اهڙن حاسد ماڻهن جي چوڻ تي ڪجهه بناوٽي ڳالهيون ڏاهي سائين جن لاءِ لکيون آهن. پر تنهن ته درويش سدا بي پرواه بادشاه آهن. هميشه چون ته "بابا چڱي ڏيون، اسان جي لاءِ سدائين آنند آهي."

مطلب ته زماني جا رنگ نرالا آهن، پر فقير نماڻا ڀاسو وٽي لنگهندا آهن ۽ قادر اُنهنجا ڪم پاڻ پيو ڪندو آهي ۽ سدائين وڏو سندن سار لهي.

"من جي ماڳ هلن، موڳا جيئن جهان جا؛
جي وجهي واڳ وهم جي، ڏا برن ۾ بهڪن؛
هوڪو ٻڌي حق جو، ڪوڙا قدر نه ڪن؛
پرماند رهن، اُهي آسري ايمان جي."

اوم آنند!

سندن پنهنجا صاحب ۽ ڀيڻ ڀائرن جو وڏو ڊيگهه ٽيل
هو ۽ جنهن ۾ سيٺ ڪوڏومل سميت سڀئي ڀائرن
جون صحيون پيل هيون. ديوان ورڇند وانڍو تي ويو
۽ ٻڌائي ٽن جي وڪيلن کي چيائين ته هي ڇا! اڄ
ڪلهه جي معاملي کي ايڏو وڏي اهميت ڏيو ٿا! پوءِ
انهي حاضريءَ ۾ نٿي ڪري سائين جن جي فائدي
۾ ڪري ڏنائين.

سائين جن وري اهڙا دل جا درياهه جو گهر واري
جاءِ خانگي طرح سيٺ ڪوڏومل کي لکي ڏنائون ۽
چيائونس ته نون ٿي ته هاڻي اسان جو وڏو آهين. هي
ڪٿو، جنهن ۾ اوهان خوش!

ڇوٿون وري ڏسو قدرت جا رنگ ته سائين جن جي
وڏي سؤٽ يعني سيٺ ڪوڏومل جي پٽ سائين جن
کي نوٽيس ڏياريو ته گهر جي جاءِ هڪدم خالي ڪريو
نه ته پنج روپيه روز جي حساب سان مسواڙ اوهان کي
ڀرڻي پوندي. انهيءَ وقت سستائپ جو زمانو اهڙو هو جو
روز ته ڇڏيو پر مهيني جي به مشڪل سان پنج روپيه
مسواڙ هوندي هئي. پر سائين جن هئا فقير لوڪ ۽ بي پرواهه
بادشاهه. اهي ڇا جاڻن ڪورٽن ۽ وڪيلن جي ڪٽ پٽ
مان، سا اها جاءِ ڇڏي ٻيءَ جاءِ ۾ وڃي گهر ڪيائون.
سيٺ ڪوڏومل کي، جنهن مٿي لکيو ويو آهي، ٽي
پٽ ۽ هڪ ڪنيا ٿي. ٻه پٽ ۽ ڪنيا ايشور سنڀالي

ويدانت چوي ٿو ته اهي ماڻهو ڀليل آهن جيڪي چون ٿا ته وهنوار ۽ پرمارٿ الڳ ٿي سگهندو. گيتا ۾ ڀڳوان ارجن کي بار بار اهوئي ٻٽي چتاءُ ڪيو ته پنهنجي ڪترپٽي جي وهنوار کي پرمارٿڪ درشٽيءَ سان ڪندي رهڻ ڪري، توکي ڪوبه ليپ نه لڳندو. وهنوار ۽ پرمارٿ جيون روپي ڳاڙي جا ٻه ڦڙ آهن. سو ٻنهي ڦڙن کي سمان رکڻ سان ئي جيوت جو اصل مقصد پورو ٿي سگهي ٿو.

"جيڪي تون ڪندين، سمجهي هن سنسار ۾؛
ڪٽي هن جهان مان، سامي سو نبيندين؛
ڪري وٺ ڪلپت ڪيي، ٻڌندي ٻوليندي؛
موٽي نا ايندين، هر هر اهڙي هٽ ٽي."

ماڻهوءَ جي سچائي ۽ سهنشيلتا جي پرک سندس وهنوار مان ئي پوندي آهي. جنهنجو وهنوار ڪچ آهي ئي ڪوڙ، تنهنجي خبر ڪيئن پئجي سگهندي ته ڪيئن ۽ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي! جنهنجو ڪوبه ساٿي سنبنڌي ڪونه آهي ۽ چوي ته مان نرموهي آهيان، سا ته هڪ معمولي ڳالهه آهي. پر خبر تڏهن پوندي جڏهن هو ڌن ۽ سنبنڌين جي وچ ۾ نرموهي ٿي گذاري ۽ جيڪي ڪجهه سچ جي ڪمائي مان مليس اُن تي راضي رهي.

عملي ويدانت

"نج گيان ۽ جهان، ڀڳوان اهو آهه،
ڀڳوان اهو آهه، فرمان اهو آهه."

پيارا پاٺڪو! اڄ ڪيترا لوڪ ائين پيا سمجهن ته وهنوار ٻيو آهي ۽ پرمارٿ ٻيو آهي. الڪري پرمارٿ جو خيال ئي ڪونه ڪن. انهي ڪارڻ وهنوار مان رڳو جهاني سوارٿ پيا سڌ ڪن پوءِ چاهي اُن لاءِ ڪيترو به ڪوڙ پاپ يا انرٿ ڇونه ڪرڻو پوي! ائين عام ماڻهو پيا وڃن موهه مايا ۾ جڪڙبا. ويچار ڪري ڏسبو ته پرمارٿ کانسواءِ منش ۽ پکين پسن جي وهنوارن ۾ ڪوبه تفاوت ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو. جيئن پسون پکي صرف کائن، پيئن، مرن، جيئن ۽ انيڪ سور سختيون پيا سهن تيئن پرمارٿ رهت مانش جي جيوت به ساڳي پريشانيءَ ۾ پئي گذري. جن ماڻهن جو ڌيان فقط کاڌي پيتي، ڪامني ڪنچن ۽ ملڪيت ميڙڻ طرف لڳل آهي ۽ سندن پڪو ارادو انهن جي هٿ ڪرڻ جو آهي پوءِ چاهي اُهي پاپ سان ملن يا سنتاپ سان ته اُهڙن ماڻهن جي اَشد وهنوار ۾ شانتي ۽ واستوڪ انتيءَ جو گيان ڪٿان پراپت ٿيندو!

"آهار ننڊ ۽ ڀوڳ ڀيه، نرن پسن ۾ جاڻ؛
آتم گيان کان سواءِ، مانش پسون سمان."

درشٽانت:- هڪ ماڻهو وهنوار مان ڪٿو ٿي ڪنهن ساڌوءَ وٽ ويو. اُن کي پرارٿنا ڪري ڪانئس جهڙي تهڙي ديکيا ورتي. گيڙو رنگا ڪپڙا پائي پاڻ به ساڌ بڻجي پيو. پوءِ نه اُنهي ستپرش ۽ ٿين ساڌوءَ ۾ ڪوئي فرق رهيو، ڏسڻ ۾ ڪونه پئي آيو. ٻئي رٽن ڪندا ڪندا، مهاپرش جي ڪنهن شرڌالو ڀڳت وٽ وڃي پهتا. پريميءَ ٻنهي کي وڏي شرڌا سان هڪ تخت پوش تي آسڻ وڇائي براجمان ڪيو. ٻنهي گرو ۽ شش جي گلي ۾ گلن جون مالهائون وڌائين، ٻنهي کي پکي سان هوا ڪرڻ لڳو. اتري ۾ گروءَ کي پياس لڳي. اُن وقت پريمي ڀڳت ٿوري وقت لاءِ ڪيڏانهن هليا ويا هئا. سو گروءَ شش کي پاڻيءَ جو لوٽو ڀري اچڻ لاءِ چيو. پر چيلي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ٻه دفعا گروءَ وري چيس ته لوٽو پاڻي جو ڀري اچ. آخر چيلي ورندي ڏني ته:

”تم ڀي باوي، هم ڀي باوي،
لوٽا ڪؤن ڀرڪي لاوي.“

گروءَ اهي وچن ٻڌي ساوڌان ٿي ويو. وجھ ورتي پنهنجي پريمين کي چيائين ته ڏسو! سڀاڻي اسان ٻئي نرآهاري ٿي رهنداسين. تنهنڪري ڪنهنجي ملڻ جي ضرورت ڪانه آهي. اوهان سيڙهي دروازي کي ٻاهران تالو لڳائي هليا وڃو. جڏهن رات گذري ته ٻئي ڏينهن اچي سويل صبح

"دادُو دعويٰ دُور ڪر، دعويٰ ٻن ڏن ڪٽ،
ڪيتي سؤدي ڪر ڳئي، اس پسار دي هٽ،
پورا ورلي ٽوليا، سڀ ني ٽوليا گهٽ."

هي ڳالهه ١٩٣٠ع جي آهي. اُنهي زماني ۾ سائين جن کي ڏسڻ ۾ آيو ته ڪيترا ستسنگي ويچارا بيروزگار آهن ۽ هوڏانهن سندن دور درشٽي ۾ اهين ڏسڻ ۾ آيو ته ديش جو آخر ڀلو چوٽيءَ هنرشالائن معرفت ٿي ٿيڻو آهي. اُهي سڀ ڳالهيون مدنظر رکي آشرم اندر چمڙي جي هوڻن جي بدران ڪئنواس جي جوتن وغيره ٺهرائڻ لاءِ هڪ هنرشالا کولايائون. جنهنجو نالو رکيائون "ڌرم رکشڪ هندو هنرشالا" جنهن غريب هندو ڀائر هنر سکي هٿ جو پورهيو ڪن ۽ جيڪي سچائيءَ ۽ سادگيءَ سان ڪمائي سگهن ان مان سنتوش پوروڪ گذران به ڪن ۽ گيان جي پراپتيءَ لاءِ هردو به شڌ ڪري اڳتي وڌندا رهن ۽ ان سان گڏ چمڙي جو واهپو به گهٽجي، جنهنڪري ڪيترن بي گناه گگدامن جانورن کي ڪوس ڪرڻ کان ڇوٽڪارو ملي.

"ٻن رهڻي نهين پاويگا، اُلٽا بيکه لجاويگا،
ڪاهي ڪو مورکه موند منڊاوي؛ ڪاهي جٽا بڙاويگا،
پاڙو اوپر ڪر سيس ٽلي ڪر،
لوڪان نون ڏکلاويگا؛
گر پوري ٻن پار نه پاوي، سر پر بوجهه اُٺاويگا."

سکهون ٻر پرمارٿ اسان کي ڏکيو ٿو لڳي. وري ڪي چون ٿا ته پرمارٿ ته اسان کان ٿي سگهي ٿو پر ويوهار ۾ چٽ نٿو لڳي. اصل ۾ ٻئي غلط آهن. دراصل ويوهار ڌڙ آهي ته پرمارٿ اُن جو سِر آهي. جي سِر ڌڙ کان الڳ سمجهو ته راهو ۽ ڪيتوُ دئيتن جهڙا سياءَ پيدا ٿيندا. زندگيءَ جي رکيا ڪرڻ لاءِ ويوهار آهي ۽ زندگيءَ مان سچو لاڀ وٺڻ پرمارٿ آهي. ويوهار فقط ڌنڌي هلائڻ يا نوڪري ڪري ڌن ڪمائڻ جو نالو نه آهي. گهر ۾ کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، ٻارن ۾ ڳالھ ٻولھ ڪرڻ ۽ ٻارن ٻچن جو پالن پوشڻ ڪرڻ اهو به ته سڀ ويوهار ئي آهي. جيئن کير ۾ مکڻ لڪل هوندو آهي، تيئن مالش جي ويوهار ۾ پرمارٿ لڪل آهي. صرف ضرورت آهي ساوڌان رهي ڪري لاڀ وٺڻ جي.

جيئن وديا پڙهڻ ويوهار آهي، سداچاري ٻڻجڻ پرمارٿ آهي. ماستر ٿيڻ ويوهار آهي پر ڪنهن لاوارث غريب ٻار کي مفت پڙهائڻ پرمارٿ آهي. ڊاڪٽر ٿيڻ ويوهار آهي پر ڪنهن نرٻل مريض جي نشڪام سيوا ڪرڻ پرمارٿ آهي. شادي ڪرڻ ويوهار آهي پر اُن ۾ مرد لاءِ 'هڪ استري'، ناريءَ لاءِ 'پتيورتا' ۽ ٻنهي لاءِ سنجم ۾ رهڻ پرمارٿ آهي.

سوامي وويڪانند کان ڪنهن امريڪا ۾ پڇيو ته اوهان ڀارتواسي کائڻ کان اڳ پوڄن کي نمسڪار ڇو

جو نه ڪوئي ڪير ڪٿي آيو ۽ نه منجهند جو ڪوئي پوڄن ٿي ڪٿي آيو. گورو مهاراج ته پنهنجي ڌيان سماڌيءَ ۾ ويٺي رهيو. پر چيلو ته پيو واجهائي. ڪڏهن دروازي تي ته ڪڏهن ڪڙڪيءَ تي. ٻيهي ٻيهي ۽ ڏسي ڏسي ٿڪجي پيو. جڏهن شام جا ٽي چار وڳا تڏهن ته ٻڪ هن کي ڏاڍو وياڪل ڪيو. پوءِ گوروءَ جي اڳيان وڃي چوڻ لڳو ته ”هي ڀڳون! ڪيڏو نه ڪولايو.“ ٻهرپائين ته سنت ورندي ٽي نه ڏنس. پر جڏهن ٻيهر چيائين ته ڪيڏو ڪولايو، تڏهن گوروءَ چيس ته ”تم ٻيي باوي، هم ٻيي باوي، ڪيڏا ڪوُن ڪلاوي!“ چيلو اهو جواب ٻڌي سنتن جي چرنن تي ڪري پيو. تنهن تي گوروءَ چيس ته جيستائين تون وهنوار جي مريادا ۾ نه هلندين تيستائين پرمارٿ جو لاڀ پائڻ تو لاءِ اسنڀو آهي.

”ديکه ديکه ڪر آکين ڳئي، سنتي سنتي ڪان؛
سچي رهڻي کي بنا، ڪڇ نهين سڌريو ڪام.“

ويدانت چوي ٿو ته سنسار هڪ وديالي والگر آهي؛ پرمارٿ امتحان سمان ڪري سمجهو. جئن امتحان ڏيڻ ڪانسواءِ پڙهڻ ڪنهن ڪم جو نه آهي تئن پرمارٿ ڪانسواءِ وهنوار وپرٿ آهي. اُن ڪانسواءِ ماڻهو وهنوار ۾ قدم قدم تي ناپاس ٿيندو رهي ٿو.

اَڄ ڪالهه لوڪ چون ٿا ته وهنوار ته آسان ڪري ٿا

ڏاڍي خوشي ٿي. پوءِ گهر وڃي ڪپڙا بدلائي ڊيوٽيءِ تي ويو.

سندس بالا آفيسر کانئس دير سان اچڻ جو سبب پڇيو. جيستائين هو پاڻ جواب ڏئي، اُن کان اڳ هنجي هڪ زبردست جنهن هن جو پکيءَ لئي دعا ڪرڻ جو رنگ ڏٺو هو ۽ اُن وقت وڏي آفيسر وٽ بيٺو هو، تنهن وچ ۾ پنهنجي اُن پلي عملدار جي ساراهه ڪرڻ لڳو. چيائين ته سائين! هي ته ڪو وڏو پاڪ آتما ۽ ستپرش آهي جو هڪ ننڍڙي پکيءَ کي جيئدان ڏيڻ سبب دير سان آيو آهي. نه نه نه هو اَسان کان به اڳي پهچي وڃي ها. هو ستپرش پنهنجي ساراهه ٻڌي بود ۾ ڪونه اچي ويو، پر چوڻ لڳو ته مان جيڪي به ڪجهه ڪيو، سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪيو آهي. پکيءَ کي ڦٿڪندو ڏسي منهنجي دل وياڪل ٿيڻ لڳي. اُنهيءَ بي چينيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ مون وٽ پکيءَ کي گپ مان ڪڍڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونه هو. جڏهن اُنهيءَ ويچاري جي پرن کي ڌوئي رهيو هوس تڏهن منهنجي دل کي آرام ملي رهيو هو. جڏهن اُن جا پر سڪي ويا ۽ اُن کي آسمان ۾ اُڏامندو ڏٺم تڏهن منهنجي آنند جي حد نه رهي!

آها! هيءَ وهنوار ۾ کهڙي نه پوتر پرمارٿ جي درشني آهي! اَهڙي طرح پرمارٿ جو امتحان وهنوار

ڪندا آهيو؟ سوامي وويڪانند جواب ڏنو ته اسان ٻوڄن ۾ ڀڳوان جي پاونا رکي، اُن کي نمسڪار ڪندا آهيون جيئن اُنجي ڪاڻ سان سڀڻ دوش آدک ويچار نه ٿين ۽ ٻڌيءَ ۾ ساتوڪي ويچار اُٿڻ ٿين. اِنهيءَ ڪري چيو ويو آهي ته "ايڪ پنت دو ڪاج." يعني اسان هڪ ڪم ڪرڻ سان ٻه فائدا وٺندا آهيون.

هن زندگيءَ جي سفر ۾ وهنوار ۽ پرمارٿ سمان رکڻ سان ئي اِنسان جي سچائيءَ جو پتو لڳي سگهندو آهي:

"سچائي ڇپ نهين سڪتي،
بناوٽ ڪي اُصولون سين؛
خوشبوُ آ نهين سڪتي،
ڪڀي ڪاغذ ڪي ڦولون سين."

درشٽانت:- هڪ عملدار گهوڙي تي چڙهي پنهنجي ڊيوٽيءَ تي وڃي رهيو هو ته رستي ۾ هنجي نظر هڪ سهڻي پکيءَ تي وڃي پيئي جو گپ ۾ ڦٿڪي رهيو هو، اُهو هن عملدار کان سٺو نه ويو. هو گهوڙي تان لهي، ڪپڙن جي خراب ٿيڻ جي پرواهه نه ڪري، پکيءَ جي جان بچائڻ لاءِ گپ ۾ گهڙي پيو ۽ اُنان اُنکي ٻاهر ڪڍي آيو ۽ هنجا پر صاف پاڻيءَ ۾ ڌوئي اُس ۾ سڪائي، پوءِ اُنکي آڪاش جي طرف اُڏائي ڇڏيائين. اُنکي ٻيهري گگن ۾ آزاد اُڏامندو ڏسي، عملدار کي



یوگ آشرم ہنرشالا

۾ ٿئي ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو چپ چاپ وٺنو هجي ۽ چوي ته مان پرمارٿي آهيان ته پوءِ پڪ ڪري به پرمارٿي سڏائڻ جو حق آهي.

جئن سوويهه جي ڀريڪيا عام سان ورتاءَ جي سمي ۾ ٿيندي آهي تئن سچو پرمارٿي چئي سگهندو آهي ته:

"بانور نه هو ته مجهڪو، لي آزمائي؛
سب چان بين ڪر لي، هر طرح دل جمالي؛
ڪندن ڪي هم ڊلي هئين، جتسي چاهي گلا لي."

سو پيارا ٻالڪو! مٿين لکيل اُديش ڪسي سامهون رکي، سائين جن اِها هنر شالا ٻرپا ڪئي. اُنهيءَ ساري شالا جي ڪم جو بار شري دوارڪاداس رهيجا ۽ شري ٽيڪچند جي ڪلهن تي هو. ٻئي سچا شيواداري سائين جن جي رهنمائيءَ هيٺ ڪم سنڀاليندا هئا. پنهنجو تن، من ۽ ڌن لڳائي نشڪام شيوا ڪندا هئا. اُنهن سان گڏ پوءِ ٻيا به ڪيترا ستسنگي شيوا ۾ شامل ٿيا.

"سمجهي ساڌن چار، پريمي ڪر تون پر پاڻ ۾؛
سک، شيوا ۽ سادگي، چوٿين سچي ڪار؛
سٺي سمجهه سنگورن ڪان، هيڪر هينئڙي ڌار؛
ته آنند جي ڀنڊار، ٽوڪي ايندي اٽڪ نه پوي."

هنر شالا ۾ ٻهراڻين ڇوڪري ٻار، شد ڪنواس ڪپڙي جا بوٽ ٺهڻ شروع ٿيا. اُنهجي هيٺان ٽرو ٽائر جو

لڳندو هو. اُنهيءَ ڪم ۾ ڪيترا برهمي پنهنجو گذران ڪرڻ لڳا. نه فقط آشرم جي هنر شالا ۾ ڪم هلندو هو پر ڪيترن برهمين ڪم سکي ٻين شهرن جهڙوڪ سکر، جيڪب آباد وغيره ۾ وڃي پنهنجا نيا دڪان کوليا.

اُن ڪانپوءِ اسڪول جي وديارٿين لاءِ پاڪيٽ ٺهڻ لڳا. تنهن بعد مخمل ۽ ڪئنواس جا چمپل، سپاٽا وغيره ٺهڻ شروع ٿيا. هنر شالا ۾ مال وڏيڪ ٺهڻ ڪري ٻين شهرن ۾ پڻ دڪان کولايا ويا. ڀرسان جي ڏيهن ڪيترا برهمي ڳوٺن مان ايندا هئا ۽ اُنهيءَ شالا ۾ ٺهيل مال وٺي وڃي پنهنجن ڳوٺن ۾ وڪڻندا هئا. انهيءَ طرح چمڙي جي بوٽن بدران ڪپڙي جي بوٽن، چمپلن ۽ سپاٽن جو واهپو وڌڻ لڳو، جنهنڪري يوگ آشرم جي ذريعي ديش شهوا، جاتي اُنتي، گئو رکشا وغيره جهڙا شڀ ڪاريه پوري نيمن اُنوسار ٿيندا رهيا.

"جو چاهي لي چل، يهان جنس سب تيار هئ؛
آرام ۾ آرام هئ، عـاذاب ۾ عاذاب هئ؛
دنيا نه جان اِسکو پائي،
يه دريا کي مجهه ڌار هئ؛
اؤرون کا بيڙا پار کر، تيرا ڀي بيڙا پار هئ."

اوم آنند!

ڪي ڏو ۽ سندس ڀڇائيندا رهندا آهن نه اوهان به اسان وانگر نه فقط ڪنهن کي نه ڏکويو پر سڀني کي پيار ۽ ويچار سان پناهه ڏيو ۽ سڀني پراڻين جي نشڪام شيوا ڪري اُنهن کي سکي ۽ نرڀئه رکو. اهڙي طرح پاڻ به سکي جيون ڪاٽي اُن مان اَصليت جو لاڀ وٺي، اَڻ مٽي آنند کي حاصل ڪريو!

سائين جن پنهنجي ساليانه پروگرام پر ڪيترن ورهين کان وٺي اونهاري جا چار مهينا ڪنهن پهاڙي تي وڃي ايڪانت ۾ گذارڻ کي نيمت روپ سان آستان ڏنو آهي.

اَصلي ميد ۾ شڪارپور مان ڪوئٽيا جي طرف قلع عبدالله ۾ وڃي رهندا هئا. اُتي ستسنگي مکي نارومل، ڀائي ٺاڪرداس ۽ ڀائي دوارڪاداس رهيجا آدڪ پريمين هڪ ايڪانت ڪٽيا جو پوري طرح پربند ڪيو هو. سائين جن اُتي وڃي چار مهينا گذاريندا هئا.

پريمين جي گهڻي آگره ڪرڻ تي اُتان هر گيارس رات جو شڪارپور پهچي ويندا هئا جتي ٻارس جو نيم انوسار ستسنگ، اُپديش ۽ ڀنڊارو سماپت ڪري تيرس ڏينهن واپس روانا ٿي ويندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن رستي ۾ گهڻن پريمين جي پرارٿنا سويڪار ڪري ڪوئيٽا، چمن، پشينگ، يارو، آدڪ شهرن ۾ لهي هڪ ٻه ڏينهن اُنهن کي ستسنگ جو لاڀ وٺائيندا هئا.

پارت جو سڏلانِي

”ٻيو ڪم نہ ھيو، ڪر ڪار سائين؛
ھڪ پنھنجو پاڻ سڃاڻڻ آيو آ؛
عرش تون لھي ڪري، فرش تي آيو،
ديدن جو ديدار سائين!“

سائين پرمانند صاحب جو قدرت جي ڪشش ڪند
بي بھا نظارن ۽ ايڪانت سان ھميشہ ھيڪڙائي جو نا
پئي رھيو آھي. سڄي ڪائنات بہ سنتن ۽ درويش
جي اڳيان ڪين رھجھائڻ لاءِ ھردم ھٿ ٻڌلو بيٺي ھولد
آھي.

ھماليہ جون سوريہ ديوتا جي سونھري ڪرڻن
چلڪامت ڪندڙ برفاني چوٽيون، اَڪت آبشارن ج
ڪَل ڪَل، جھرڻن جي جھر جھر، قدرتي جھنگلن
اوچن درختن جي گھاٽي ڇايا ۽ اُنھنجي اَڻ مٽي سند ر
ندين جو بي اَنڪ پرواہ جنھن مان اَزخود 'اوم'
مڌر آواز پيو نڪري ۽ نرمل ۽ سيتل ھوا، اُنھن سڀني
ڪين پنھنجو ئي نُور، پنھنجي ئي سندرتا نظر ايند
آھي. درويش اُنھنجي وچ ۾ اِئين اَنڀؤ ڪندا آھن جڻ
اُھي سڀ اسانجي ئي آغوش ۾ نشڪنڪ سڄي سرشٽ
جي نشڪام شيوا ڪري رھيا آھن ۽ دنيا جي ماڻھ

ڪوئيٽا پهچي ويا. ڪوئيٽا جي پهچڻ جا ٻه مکيه ماڻهو
ٻاڻ سان گڏ وٺي ويچي پوليس جي وڏي آفيسر سان
مليا. پوءِ اُنهي گوري آفيسر جو آرڊر رد ڪرائي ٻئي
ڏينهن لي سائين جن کي عبدالله وٺي ويا. سائين جن
سيٺي کي گهڻي ڏنيواد ڏني جو وڏي تڪليف ورتي
هئائون. پوءِ ته قلع عبدالله ۾ ستسنگ جو پروگرام وڏي
آنند سان هلڻ لڳو.

اُنهي واقعي ڪانپوءِ گرميءَ جي ڇٽن مهينن لاءِ سائين
جن کي اُتراکنڊ ويچي رهڻ جو سڪلپ ٿيو ۽ ايندڙ سال
اُترڪاشي هليا ويا. هيءَ جيڪا ڪاشي (بنارس) آهي
اُن کي اصل پورب ڪاشي چوندا آهن. اُتر ڪاشي
رشي ڪيش جي طرف ڪان مٿي چڙهائي چڙهي وڃبو
آهي. اُنوقت سائين جن سان ڪرشن لعل برهمچاري ۽
صوبراج ساڻ هئا. بمبئيءَ ۾ هينئر هڪ رام پياري جي
تالي مندر آهي. صوبراج اُنهي رام پياري جو ڀاءُ هوندو
هو.

اُترڪاشيءَ جي ويجهو هڪ گيان سوُ گانءُ آهي. اُن
۾ مهنت سوامي هرنامداس ساڌ ٻيلي وارن جي هڪ
ڪٽيا ٺهيل هئي. سوامي جن اُتي ويچي ايڪانت ۾ رهيا.
اُترڪاشيءَ ۾ چوڌاري اڻميا قدرت جا اُهي دلڪش
درشيه آهن جو حال نه ڪهڙو ٻه مذجهيل من وارو انسان
ويچي نه اُنجو ٻه گل ڪري پوي. سائين جن نه ٻاڻ قدرت

ڪجهه سمو اڳ ئي قلعي عبدالله ۾ ڇهن مهينن جي ايڪانت واس جو پروگرام هلندو آهيو. هڪ دفعي دستور موجب جڏهن شڪارپور کان ڪوئيٽا سٽيشن تي پهتا مس ته اُتي هڪ وڏو سپي. آء. ڊي ڪاري جو گورو عملدار سائين جن کي کاڌيءَ جي ڪپڙن ۾ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. تن ڏينهن ۾ کاڌيءَ جا ڪپڙا انگريزن لاءِ اُئين هئا جئن چور جي سامهون بندوق! اُنهن ڏينهن ۾ ڏاڍن جي راڄ کي ختم ڪرڻ ۽ انگريزن کي هندستان مان لوڏي ڪڍڻ لاءِ مهاتما گانڌيءَ جي سوديشي هلچل زور سان هلي رهي هئي. تنهڪري سرڪاري آفيسرن خاص ڪري انگريزن کي کاڌيءَ جي ڪپڙن پائڻ مان ڏاڍو ڊپ ٿيندو هو ته متان انقلابي نه هجن. سائين جن جي اوستا به هئي ٽيجوان ۽ قوه جوانيءَ جي. قد به هون لنبو ۽ هئا به طاقتور، وري پيل هئن کاڌيءَ جا اڇا ڪپڙا، تنهن اُنهي گوري عملدار کي پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. چوڻ لڳو ته "هئن کي هيڏانهن اچڻ جي ڪنهن اجازت ڏني آهي؟ هڪدم واپس وڃو!" گاڏيءَ مان سائين جن جو سامان لاٿو ويو.

اِها خبر جڏهن قلعي عبدالله جي پنچايت کي پيئي لڌهن هڪدم اُتان جا پنچ ۽ ٻاروءَ جو سيٺ ڏوقيرام ۽ پشينگ جا پرمي موٽرن ۾ چڙهي، اُنهي ڏينهن ئي

سان گڏجي ڏاڍو ڀرسن ٿيو ۽ سائين جن ڇهه ستن سڪ سان ڀتا ڀوڳي سنمان ڪيو ۽ ڀرسپر پريم وشڀائون.

ٻئي سال ڇه سائين جن الرڪاشيءَ ويا. سائين جن سان انهي سال برهمچاري ڪشنداس ۽ ڀائي نانڪرام ڇه ساڻ هئا جو رسوئي ڪندو هو. انهي دفع سائين جن اسي ندي جي ڀرسان ڀوجيه پساد گوسوامي گٽيش دت جي آستان تي وڃي رهيا. اهو آستان هڪ اوچيءَ ڀاڙيءَ تي هو. ايترو ته مٿي هو جو ماڻهو ڀاڻ کي پرتوي منڊل تي نه، ٻلڪ سرڳ لوڪ ۾ وسندڙ سمجهندو هو. هيٺ مٿي اهڙا ته پرڪرتي جا سوڀيڪ درشيه ڏسڻ ۾ ايندا هئا جو انهن جي ڏسڻ سان ماڻهو مگن ٿي آنند جي هندورن ۾ جهولڻ لڳي وڃي! چوماسي جا ڏينهن، بادلن جي گرجنا، ٿڌي هوا جي هير، برسات جي ٻهاري، ڀهاڙن جي سوڀيا ۽ ساوڪ ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن ڀرپان هماليه جي برفاني چوٽين جي سونهري جهلڪ، انڊلٺ جو ديدار ۽ شانتيءَ جي لهرن سان ڀرپور واڀومنڊل ڀلا ڪنهن کي نه موهي ڇڏيندا!

"هٺ بادل مڙي اچن ٿا،
مستيءَ جا رنگ رچن ٿا،
چشما تنبور وڄن ٿا،
ڳائي ٿي هوا ملهار بابا،

جا صاحب آهن. انهن جي اُتي سهڄ سماڌ لڳڻ ته هڪ سياءُ ٻڌڻ جي ويو.

اُتر ڪاشيءَ ۾ ڪانڻ پيئڻ جي تڪليف آهي. سواءِ دال، پيڻي ۽ پٽاٽن جي ٻي ڪابه سبزي ملڻ محال آهي پر فقيرن لاءِ ڪاڏو فقط سريو ڪي هلائڻ جو هڪ ساڌن آهي. اُهي هن سرير کي زبان جي چشڪن وٺڻ جو ساڌن ڪونه سمجهندا آهن. تنهنڪري انهي قسم جون ڏکيائون ته خيال ۾ ئي ڪونه آڻيندا آهن. سائين جن سڄو ڏينهن گهڻو ڪري پنهنجي اصليت ۾ گم رهندا هئا.

اُنهي ڪٽيا جي شيوا ۾ هڪ ورڪت ساڌوُ سوامي رامداس هوندو هو. هو ساڌو به سائين جن جي چڱي پرگهور لهندو هو ۽ هر روز رات جو پين سنتن ۽ ساڌن ۾ ورهائڻ لاءِ رهن جي دال رڌيندو هو. هنن ساڌن کي هر روز هڪ دفعو پين ڇيترن مان روٽي ملندي هئي جنهن مان هو رات لاءِ به بچائي رکندا هئا ۽ سوامي رامداس وٽان مليل گرم گرم دال ۾ اُها روٽي وجهندا هئا ته نرم ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ دال سان کائيندا هئا. اُهو سنت رامداس اڃا تائين زنده آهي ۽ سندس عمر اٽڪل ۹۸ ورهيه ڪن ٿيندي ۽ گذريل سال ۵ آگسٽ ۱۹۷۹ تي هردوار ۾ سائين جن وٽ پارس جي ڏينهن تيل پيداري ۾ ۽ شام جو ستسنگ ۾ به آيو هو. پيو جهوُر ٿي ويو آهي تنهن هوندي به سڀ حواس سالم اٿس. سائين جن

واقع ڳالهه هئي به ائين. سائين جن جي هيٺان هڪ نانگو فقير رهندو هو. اهو اچي چوندو هو ته گذريل رات هڪ شينهن آيو هو. شير چپ چاپ ڪري ٻليءَ وانگر ايندو آهي. سندس هلڻ جو آواز ڪونه ٿيندو آهي. فقط ٿوري ٿي آواز مان سُهي ڪبو آهي ته شير آيو آهي. انهي کي لٺين سان ڪونه ڀڄائي سگهبو. ائين ته ڪائي ويندو آهي. اهو نانگو فقير شينهن وانگر ها ها، هوُ هوُ جا آواز زور سان ڪندو هو ۽ انهي طريقي سان شير هليو ويندو هو.

سائين جن نانڪرام کي چيو ته بابا! فڪر نه ڪر. رات جو لالٽين ٻاري رکبو ۽ روشنيءَ تي شير نه ايندو. اڳتي لاءِ پاڻي ڀرڻ نه ويندو ڪر، ڪنهن ڀاڙي ماڻهو کي پئسا ڏيئي پاڻي ڀرائبو.

اتي هڪ ڀاڙي ڇوڪرو روز کير ڏيڻ ايندو هو. اهو هڪڙي ڏينهن دير سان آيو. سائين جن دير سان اچڻ جو ڪارڻ پڇيس. جواب ڏنائين ته اسان وٽ ڳايون ۽ وڇڙا آهن. انهي لالچ تي اڄ اسان وٽ شير آيو هو. شينهن ٻئي جانور کي ائين نه ماريندو آهي. اوچتو اهڙو اچي ڳلي ۾ چڪ وجهندو اُتس جو هو ڪو آواز ٿي نه ڪري سگهندو آهي. سو انهي شينهن کي ڀڄائڻ لاءِ ٽين جي دٻن جا کڙڪا ۽ ٻيا آواز ڪرڻا پيا ۽ آخر ان کي ڀڄائي ڪڍيوسين، تڏهن ڪري دير ٿي ويئي.

هر آن هاسي، هر آن خوشي،
هر وقتي اميري آهه بابا،
جڏهن فارغ ٿياسي ڦرڻ کون،
پوءِ ڇا دلگيري آهه بابا."

مٿي بيان ڪيل مِن ليا ئيندڙ نظارن سان گڏوگڏ سرپن جا سرڪاٽ ۽ شينهن جون ٻوائنٽيون گرجائون به هيون. اُتان ٽپال هفتي ۾ فقط هڪ دفعو ڏيرادون پهچندي هئي. جيڪڏهن ڪنهن کي تار به موڪلڻي هوندي هئي ته اُها هڪ قاصد کڻي ٽن ڏينهن ۾ ٽيهري راجڌانيءَ ۾ پهچائيندو هو. کائڻ لاءِ ساڳ، سبزيءَ جي بدران هڪ قسم جو لنگرو ساڳ ملندو هو. جان جو ٽپي ٽپي تي خطرو هوندو هو. ناڪرام ته موٽڻ جو آسرو ئي لاهي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن سائين جن کي عرض ڪيائين ته "سائين! هِتي جهنم ۾ به وري واپس پنهنجن چرڻن ۾ رکجو!" سائين جن پڇيس ته "ڪر خبر! خير ته آهي!" چيائين ته "هِدان ٿو ته هت رات جو روز شينهن ايندا آهن. ڪنهن وقت به ماري سگهن ٿا. ٻيو هيٺ گنگا ندي ٽان پاڻي پرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. هيٺئين جتان پاڻي ڀري ايندو آهيان، اُتان به جي ڪنهن وقت ٿورو ئي پير ترڪيو ته پوءِ ڏوُ پاتال ۾!"

کي شري ورسي مها اُتسو تي پڌارڻ لاءِ خاص پرارٿنائون ڪيائون. اُتي اهڙي قسم جا مهاتمائون به هئا، جي پنهنجي ڪُٽيا جو در ٻائي چڙهيندا هئا ۽ ڪنهن کي به اچڻ نه ڏيندا هئا. ڪي وري سنسار جي ڪلياڻ لاءِ اُنيئي پستڪ لکندا هئا. مطلب ته مالڪ جي رنگ ۾ رتل، پاڻ سان رهندا، بي پرواهيءَ جي لذت ۾ اِستٿت هئا.

”دانا ديوانا ساڌو جن سنسار ۾،
هڪڙا ساڻ سنگت جي هڪڙا الساڻا؛
مت سيڻي جو هڪڙو ورتن وڏ نانا،
سامي سماڻا رهن پنهنجي حال ۾.“

جن مهاتمائن کي سائين جن ورسي مها اُتسو تي پڌارڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي هئي اُنهن مان سوامي اوڌوت حداسنگهه ۽ شري اَرجن ديو جن ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ شڪارپور پڌارڻ جو وچن ڏنو.

اُن کان پوءِ سائين جن اُترڪاشيءَ کان هردوار پيدل روانا ٿيا. رستي ۾ چَٽيءَ تي رات جو وشرام ڪندا، ڏينهن جو پند ڪندا، مسوري پهاڙ تي سناتن ڌرم مندر ۾ اچي لٿا. اُن وقت اُتي جنماشٽمي جو وڏو اُتسو ٿي رهيو هو. اُنهي شڀ موقع تي پنجاب پرانت جي سناتن ڌرم سڀا جا مکيه ڪاريه ڪرتا شري شورام شيوڪ جن به پڌاريل هئا. اُنهن کي سائين جن جي مهما جي خبر هئي؛

نانڪرام ڏٺو تہ هڪ ننڍو ڇوڪرو ٿي ٻہ شيئن کان ڊڄو ٿو ڊڄي! اُنهي ڪانپوءِ سندس دل ۾ بہ همت آئي. انهن سائين جن اهو ڇهُ ماسو پوءِ اُلي لشڪنڪ پورو ڪيو. اُنهي ڇؤ ماسي جي عرصي اندر، سائين جن ستسنگين جي ڪلياڻ لاءِ "جيوت پاترا" نالي املول پستڪ جي رچنا ڪئي.

پيارا پاٺڪو! سائين جو اُتر ڪاشيءَ ۾ رهندي هوندي ڪجهہ سمو گنگوتريءَ ۾ وڃي نواس ڪيو. اُتي چڱن چڱن ست پرشن سان ملي پرسپر گيان چرچا ڪندا هئا. اُنهن مان ڪن جا نالا هئا اؤڌوت سوامي ڪرشنانند آشرم، اوڌوت سوامي ڪيشو آنند، سوامي لڇوبن، سوامي خداسنگهہ ۽ مدناپور وارو سوامي شوانند سرسولي، آدڪ. اُنهن سڀني جو سڏانت هڪ ئي ويدانت موجب هو، پر سڀني جو هنوار وچتر ۽ بي پرواهي جو هو. مثال طور سوامي ڪرشنانند فقط گرمڪي ۾ صبوح جو گيتا پڙهندو هو ۽ پوءِ لٺ کڻي وڃي گنگا جي ڪناري تي ٻيهي رهندو هو ۽ مقرر ڪيل وقت اُتي ٻيهي ڪري تپسيا ڪندو هو. ڪي شرڌالو پريمي اُتي وڃي ڪيس کائڻ لاءِ ڪجهہ ڏيندا هئا تہ ٻيٺي ٻيٺي کائيندو، پر هئو پورو برهم گياني.

اُتر ڪاشيءَ مان واپس اچڻ وقت سائين جن جو جن جن ورڪت مهاتمائن سان گهاٽو سنبنڌ رهيو هو، اُنهن



سائين جن اُترڪاشيءَ کان واپس اچڻ بعد

اُنهيءَ گهڻي زور ڀرڻ تي اُنهي مهوانسو جو سائين جن سياڻپي ٿيل قبول ڪيو.

پوءِ مسوريءَ ۾ ڪجھ وشرام ڪري، سائين جن هردوار اچي رهيا ۽ شراڌن جي پورڻ ڏينهن شڪارپور لاءِ روانا ٿيا. اهڙو پروگرام آشرم ۾ رهندڙ پوڄارين ۽ ستسنگين وٽ پهتل هو. جنهنڪري سٽيشن تي ايترا نه پريمي اَچي ڪٺا ٿيا هئا جو اُتان سڌو آشرم ۾ وڃڻ جي بدران سائين جن کي ڪيترو وقت سٽيشن تي ئي ويٽنگ روم ۾ ترسڻو پيو. پوءِ هر ڪنهن سان ٻتا ٻوڳ ملي ڪري آشرم ۾ ويا.

اِئين سائين جن هر سال، چوماسي ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن ڪنهن پهاڙ تي ايڪانت واس لاءِ هليا ويندا هئا. اڃا تائين به سندن اهو پروگرام هلندو اچي. اُنهي دوران، سائين جن آلمورا، ڪاٺمنڊو جو نيپال ۾ آهي، دارجلنگ، سملا، نئنيتال، ڪشمير، مسوري ۽ ابو وغيره پهاڙن جا سفر ڪيا آهن.

سيٺ ٽارومل هڪ دفع ڪاٺمنڊو جو پروگرام ٺاهيو. اوڏانهن وڃڻ لاءِ تن ڏينهن ۾ اڳواٽ اجازت وٺڻي پوندي هئي. سيٺ ٽارومل لکپڙهه ڪئي ۽ اُتان جواب آيو ته يا ته شوالريءَ جي موقع تي اچو يا هن وقت اَٺن ڏينهن لاءِ اچي رهي سگهو ٿا. پوءِ ته اهي اٺ ڏينهن ڪاٺمنڊو ۾ رهي دارجلنگ هليا آيا. دارجلنگ جي آبهوا

۽ درشيہ اهڙا نہ سندر آهن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهن. اُتان جا رهواسي گهڻا نيپالي آهن ۽ دوڪان بہ نيپال والڪر ٺهيل آهن. سامهون هماليہ جي ڪنچنجنگا جي اوچي پهاڙ جون برفاني چوٽيون سڀس ڪيڏي اوچي ڳامت انهي مالڪ جي انتپتي جي يادگيري ڏياري رهيون هيون. اُتي ڪوه تمام نديا ٿيندا آهن جن جا منهن تمام سوڙها آهن. جن ۾ ڳاهون ٻوٽ وجهي پاڻي پي سگهنديون آهن. سائين جن باقي ڇهن مهينن جو عرصو اُتي پنهنجي موج ۾ گذاريو.

سائين جن جتي بہ پهاڙ تي ويندا آهن، اُتي ايڪانت آستان ئي پسند ڪندا آهن. ڪشمير ۾ پڻ سري نگر جي بدران وڃي پهلگام پسند ڪيائون ۽ اُتي سمورو وقت شانت ۽ اصلي سروپ جي آنند ۾ بسر ڪيائون. اهو هنڌ ڏاڍو شانت آهي ۽ سري نگر کان ٥٠ ميل پري آهي. پهلگام کانپوءِ ئي امرناٿ جي ياترا شروع ٿيندي آهي ۽ سائين جن امرناٿ جي ياترا بہ ڪري آيا.

سائين جن سري نگر ويندي هڪ دفع دلاودي جي ننڍي پهاڙي تي بہ ويا جا جمون کان ٿوري پنڌ تي آهي. انهيءَ وقت ساڌو رام سونارو ساڻ هين.

آلمورا ۾ سائين جن ڪي سوامي وويڪانند جي استاپن ڪيل سري رام ڪرشن مشن جي آشرم ۾ ڏاڍو لطف آيو. اُتان جي مٺ جي ساڌن بہ سائين جن سان ڏاڍو پريم

عبدالله ۾ ڪٽي. ٻهرٻون پستڪ ٻوڄ ٻاڌ شري سمرٿ
ديو جن جو "چمتڪار جيون چرتر" نالي سان ڇپايون.
ٻاڻ چوندا ويندا هئا ۽ ڀائي دوارڪاداس رهيجا لکندو
ويندو هو. سوامي ويد وياس ۽ گڻيش ڀڳوان وارو ليکو
هو. انهيءَ پستڪ ۾ ڪجهه آشٽانگ يوگ جون سکيائون
به لکيائون.

ٻئي سال مشهور پستڪ "گرهست ۾ برهمچريه"
لکايائون. اهو اهڙو نه لاڀدائڪ ۽ عملي سکيا سان ڀرپور
آهي جو هن وقت تائين گهڻيئي دفعا لوڪن جي ڪلياڻ
لاءِ سنڌي ۽ هندي ۾ ڇپجي چڪو آهي.

ٻوءِ ٽئين پستڪ "ڀڄن آنند" جي رچنا شروع ڪيائون
انهي ۾ صوفي ڍنگ تي سنڌي ۽ هندي ۾ ڀڄن، ڪافيون
۽ سلوڪ آهن. سائين جن جي انهيءَ واڻي ۾ ڏاڍي ڪا
ڪشش آهي! اُن ۾ اِها روحاني ۽ وحدانيت جي رواني
آهي جو انهنجو ڍنگ سان ڳائڻ ٻڌي حال نه مُردہ دل
۾ به جان پئجي ويندي آهي. اهو پستڪ نه انيڪ ڀي
دفعا سنڌي، هندي ۽ گرمکي ۾ ڇپجي چڪو آهي.
اڳيون ڪاپيون کپي وڃڻ سبب گهڻو ڪري اهو پستڪ
هر سال ڇپبو آهي.

اهڙي طرح اَڄا تائين لوٽي سندن آيو ٨٣ ورهين
جي آهي نه به اسان جيئون لي ديا ڪري گهٽ ۾ گهٽ
ٻه نوان پستڪ هڪ سنڌيءَ ۽ ٻيو هندي ۾ هر سال رچي

ونيو. جڏهن هندستان جو آگسٽ ١٩٤٧ ۾ ورهاڱو ٿيو اُن وقت سائين جن آبو پهاڙ تي ٻارن سميت ويل هئا. انهيءَ پهاڙ جي ورِي اَلڳ سوڀيا ۽ مهما آهي. آبو راجستان ۾ هڪ وشال ۽ ايڪانت اِستان آهي جتي وڏا وڏا مهارشي غفائن ۾ نواس ڪري پرم سڌيءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ تپسيائون ڪري سڦلتا پائي ويا. اُنهن جا اڄ ڏينهن پڻ نشان قائم آهن. جهونا جين مندر ۽ ڀڳوان شو شنڪر جا مندر، رمڻيڪ تلاءَ ۽ چوڏاري قدرت جا سندر درشيه ڏايا کي من موهيندڙ آهن! اُتي گرمي ڪانه ٿئي پر سردِي ۾ ٿوري ۽ وڌندڙ هوندي آهي.

آبو پهاڙ تي سائين جن گيتا جي ڳُجهي رهسيه کي ڪولي سمجهائڻ جو آرنڀ ڪيو ۽ پائي سڌاولراءِ کي گيتا جي ٻئي ادڌياءَ جي ٽيڪا لکايائون. جنهن ڪانپوءِ جلد ئي هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ باقي وڌيڪ اِهو پستڪ لکجي نه سگهيو.

اِنهي طرح جنهن ۾ پهاڙ تي چؤماسي ٿي ويندا آهن اُتي اسان سنساري جيون جي ڪلياڻ لاءِ سچ جي راه کي کولي سمجهائڻ لاءِ تمام اوچي درجي جا پرمارٿڪ نموني رهڻي ۽ آتمڪ گيان جي سکيا سان ڀرپور بي بها شاستر رچيندا آهن.

پهرِ سائين اَصلي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ مارگ درشن ڪرائيندڙ پستڪن جي رچنا، جڳت جي اُڌار لاءِ، سائين جن قلم

ڪهاڻي هڪ ڪامل جي

ڀاڱو ٻيو

(ڀارت جي ورهاڱي کانپوءِ)

ڇپائيندا آهن. تنهن سان گڏ اڳين ڪپڙي وٽ پستڪن مان
٢-٣ هر سال وري نئين طرح سوڌي ڇپائيندا آهن ۽ شري
سمرٿ ديو جن جي هر ورسي صاحب جي موقع تي
گيان يگيه جي سماپتي وقت، هر ڪنهن جي استتي آهر
ستسنگين کي ڪونه ڪو پستڪ پرساد طور ڏيندا آهن.
اهي پستڪ رواجي قصا ڪهاڻيون نه آهن ڪونه جو
هڪدم پڙهي ڪٺي رکي ڇڏجن. هي آهن ويدانت
جي گيان جا اکٽ ڀنڊار جنهن ۾ برهم وديا، جيو، جڳت،
ايشور ۽ برهم جا ڳجها رهسيه، سولي عام جي ٻوليءَ ۾
سهڻن دِرشٽانتن ۽ سلوڪن سان ٺيڪ طرح سمجهايل آهن.

اهڙي طرح سائين جن جتي به رهندا آهن اُتي هر
هڪ پل سندن عام جي ڀلي لاءِ نشڪام شيوا ۾ وٽيت
ٿيندو آهي. سدائين پنهنجي بي پرواهه مستي ۽ اکنڊ آنند
۽ نرليپ اوستا ۾ رهندي هوندي به سڀ ڀارمت پوري
طرح نباهيندا آهن. انهيءَ طرح جيون مڪت اوستا ۾
گذاريندا ۽ سنسار کي تاريندا، بي حد بهاريءَ جي
موج ماڻيندا رهندا آهن.

" سنتن جي اُستت، ڪريان ڪوه زبان سان؛
جن پرچي پرمارٿ ڪيا، سامي ناٿا پيت؛
جپ ساڌن ۽ جوڳ تپ، وويڪ وئراڳ پڳيت؛
پهچي سگهي نه مت، تنهي جي تد روپ سان."



سائين جن شهنشاهي ٹخت ٹي

هندستان جو ورهاڱو
۽
پاڪستان جو بڻجڻ

"ڏس راند رب جي، ڇا، ڇا ڏيکاري!
ماري جيئاري، ٿو ڍاهي اوساري،
پالڪين مان پيادا ڪري، پيادا هسواري!
ڏس راند رب جي، ڇا! ڇا! ڏيکاري."

۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو. اها سڀني کي خبر آهي ته اها اٿل پٿل ڪئن ٿي ۽ آزاديءَ جي روپ ۾ ڪيترن لاءِ بربادي ڇو آئي. انهن ڳالهين جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو ته هڪ وڏو ڪتاب ٿي پوندو ۽ نڪا هت انهي اتهاس لکڻ جي ضرورت ئي آهي جو انهيءَ باري ۾ اڳ ۾ ئي گهڻو اتهاس لکجي چڪو آهي.

جنهن اڳ جا ٽائيل آهي، اُنهي وقت سائين جن اَبو پهاڙ تي هئا. اُن سمي ڀائي ٽانڪرام، ڀائي صاحبداس ۽ سائين جن سان سندن ٻار به ساڻ هئين. اُنهي چؤماسي ۾ ڀائي سخاوترام به اُتي پهچي ويو هو. هونئن ته سائين جن فقط چار مهينا اپريل کان جولاءِ تائين ٻاهر رهندا هئا پر اُنهي سال پنجن مهينن جي رهڻ جو پروگرام ٺاهيو هئائون.

آزاديءَ جا جلسا اُتي به ٿي رهيا هئا پر اُنهيءَ موقع تي اِهي خبرون به پڌايون ۽ پڙهيائون ته ڪٿي نه ريل گاڏين ۾ بد اَمني وڌي ويئي هئي ۽ هندو مسلم فساد شروع ٿي ويا هئا. سائين جن ابو پهاڙ تي ”گيتا جيون“ پستڪ جي لکڻ جو آرنڀ ڪيو ۽ ارادو اِهو هون ته گيتا جي اُتارهن ئي اَڌيائن جي سچي سمجهاڻي اِنهيءَ پستڪ ۾ ڏني پر پاڪستان جي گڙٻڙ ڪري گيتا جي هردي روپي ٻئي اڌياءِ ڪي ئي فقط ڪولي لکيائون ۽ وڌيڪ انهيءَ پستڪ کي وستار پورڪ نه لکيو ويو.

سائين جن آيل انقلاب کي ڏسي شڪارپور واپس وڃڻ جو ارادو لاهي سڌو اُڌيپور پڌاريا. اُتي پائي ڪيولرام جي جڳهه تي برابر ١٢ ڏينهن رهيا. اُتان هڪ ڏينهن ناٿ جي دواري شري شريناٿ مهاراجن جي درشن لاءِ پڌاريا. جٿن نه اُتي ڪڇ ڪالرا جا ڪيس ٿيا هئا، تنهنڪري اُتي درشن ڪري واپس اُڌيپور پڌاريا. اُتان شري هردوار لاءِ روانا ٿيا. رستي تي رتوازيءَ سٽيشن جي اوريان هڪ سٽيشن تي اطلاع مليو ته هن گاڏيءَ تي هندن جو وڏو حملو ٿيڻو آهي تنهن ڪري سڀئي مسلمانن کي لاهي ڇڏيائون. جٿن نه سائين جن ريل جي سفر ۾ فقط گيڙو رنگ جو چولو پهريندا هئا ۽ ڏاڙهي به رکيل هئن، تنهن ڪري ساٿي پرمسن کي ڀپ پيدا ٿيو. جٿن نه پوڄ ماتا صاحب ۽ هري اوم لعل به ساڻ هئن،

پيا ڏين ۽ پيا سمجهائين ته بابا! پاڪستان ٺهڻ مان ٻه سبق سکو. سيکي الي جهڙي ٿي ڇڏي آيا آهيون لٽن ڪنهن ڏيهن هيءَ جهان ٻه ڇڏي وڃڻو پوندو. ٿهنڪري هن سنسار جي ڪڻ ڀڳر پدارٿن ۽ عزيزن مان موهه کي ڪڍي انهي مالڪ سان پريم ڪريو ۽ جلد ٿي الهي اصلي مقصد لئي ڀڃڻ جو اڌم ڪريو جنهن لاءِ هي منش چولو مليو آهي.

"گيان رساين جسڪو مليا، سوءِ نه ڪبهون جاڻا،
ٻهنت ساڌن چلت آراڌن، سنجم نيم نيپاڻا،
اٺسٺ تيرٿ ٽنهن نر ڪيني، جو گيان گنگا ۾ ناڻا،
گرمک ڪي وڌ جس ني جاني، پرمانند پد پاڻا."

اوم آنند!



ٺهڪري رهلوي جي اڏڪارڻ سائين جن سان گڏ رکيا
لاءِ سک ملٽري ڏني. ٻاهر گاڏي ڇٽي ته ٻه ٽي ميل هلي
رڪجي وئي جو حملو ڪندڙن گاڏيءَ کي ٻيهاري
ڇڏيو. اٽڪل پنجاهه کن ماڻهو وڏن ڀالن سان ڪاهي آيا
پر شري سمرٿ ديو جن جي ڪرپا سان سک ملٽري
وارن انهن کي ڀڄائي ڪڍيو ۽ سڀئي نرڀئه ٿيا. گاڏي
جڏهن دهلي پهتي ته اتي به اَسي ڪلاڪن جو ڪرفيو
لڳو پيو هو. ڪجهه به کائڻ پيئڻ لاءِ ڪونه پئي مليو. پوءِ
ته سائين جن سڌو هردوار واري گاڏيءَ ۾ چڙهيا ۽
سڀئي سهي سلامت سک سان اتي پهچي ويا.

ٻيا عام رواجي لوڪ جيڪي پاڪستان کان ڏلڙجي
آيا، ويچارا ڏاڍا پريشان ۽ اداس هئا. ٻاهر سڀ ڪجهه
وڃائي آيا هئا. انهن وانگر سائين جن جي به سڀ ملڪيت
پاڪستان ۾ رهجي وئي پر مجال جو هڪ سيڪنڊ لاءِ
به سندن ٻي حد ڀاري ۾ ڪا گهاري پوي!

"پوري هنئه ووهي مڙد، جو هر حال ۾ خوش هنئه،
مال جو ديبا يار ني، تو مال ۾ خوش هنئه؛
بي زر جو ڪيئا، تو اُسي احوال ۾ خوش هنئه؛
پوري هنئه ووهي مڙد، جو هر حال ۾ خوش هنئه."

سدائين اَٽل، اَڏول، اُنهي اَنيڪي لخت لي ٻراجمان،
اُنهي ئي موهيندڙ مشڪ جا مالڪ، سڀني کي دلاسو

ملڪيت سرڳواس ٿي وئي! هرڪو پيو سائين جن کان
پڇي ته ورِي ڪڏهن پنهنجي وطن ڏانهن واپس هلبو؟
پر سائين جن جو اهوئي اُتر هوندو هو ته

"هت ماڳ ته ڪنهنجو ناهي، هرڪو مسافر آ،
ڪوٺي هجي ڪو حاڪم، ڪوٺي گداگر آ."

هيءَ جيوت آرام لاءِ نه پر آزمائش لاءِ ملي آهي. سو اَڌ صدي سنڌ ۾ پريڪيا مان پار ٿيندي گذاري آهي، باقي بچيل جيون به ڀڳوان جي ڀاڻيءِ تي راضي رهي گذارڻو آهي. ڀڳوان هِت رهائي يا هُت رهائي، اهو سڀ اُن جي وس آهي. اُنهي وقت سائين جن ٥٠ ورهين جا هئا.

"عرصو اڌ صديءَ جو، پرک سان پورو ٿيو،
آپت سنپت آئي سڀ، جهڙن وهڪرو نديءَ جو،
لهي لاڳاپو سهج ٿيو، نيڪيءَ ۽ بديءَ جو،
پرمانند وڏيءَ جو، نشيد سان ناتو ٿيو."

اُنڪانپوءِ سخاوتراءِ سنڌ ڏانهن شڪارپور روانو ٿي ويو ڇاڪاڻ ته سندس ٻار ٻچا اڃا سنڌ ۾ ئي جيڪب آباد شهر ۾ رهيل هئا. هو اُتي پاور هائوس ۾ نوڪري ڪندو هو.

سائين جن پنهنجي گهر جون چاٻيون اُنهي جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون. سخاوتراءِ سنڌ ۾ ايشور ڪرپا سان

ڀارت جو ڀاڳ جاڳڻ

”ڀڳوان ڪي مرضي هُجي، سر جوڙ ڪي ٻڌُني؛
موڙا جڏ اُنهين منهن، وهان موڙ ڪي ٻڌُني؛
گهر ٻار جو ڇڏايا، تو ڇوڙ ڪي ٻڌُني؛
اگر شال اوڍائي، تو اُسي شال ۾ خوش هُئه؛
پوري هُئه ووهي مرد، جو هر حال ۾ خوش هُئه.“

سائين پرمانند صاحب جن هردوار ۾ اچڻ سان سيٺ سگنچند ديارام جو ٽواڻي جي بلڊنگ ۾ اچي رهيا جتي پرماتما جي ڪرپا سان اڳ ۾ ئي سڀ سهوليتون موجود هيون. پوءِ ته سنڌ ۾ جيڪي ڪجهه وهي واپري رهيو هو، اُنجو اَحوال ٻڌي ڪري، واپس وڃڻ جو سنڪلپ صفا مٽائي ڇڏيائون. ڏيري ڏهري ڪيترائي سنڌي پنهنجو سڀ مال ملڪيت پٺيان ڇڏي ۽ سنڌ کي هميشه لاءِ الوداع ڪري هردوار اچي پهتا. اُنهن جي خوف خطرن کان آجا ٿي هت اچي سک جو ساهه کنيائون.

ڪيترا پريمي هردوار ۾ اچي اُداس ۽ مايُوس چت سان پيا چون ته اسان هيتري ساري ملڪيت ۽ سڀ مال ڇڏي آيا آهيون، هاڻي ڇا ٿيندو! زمانو ئي ڦري ويو! اڳي ماڻهو سرڳواس ٿي ويندا هئا ۽ ملڪيت اِتي ئي پئي هوندي هئي. هاڻي ماڻهو ته جيئرا ويٺا آهن پر

آهي. اهو مڪترام جو روڪڻ الهي آفيسر کي ڀرو لڳو. انتري قدر جو هڪ رات جو مڪترام کي شوٽ ڪرڻ جو ارادو ڪيائين پر هڪ ٻئي آفيسر چيس تہ هن ڀيري جي مارڻ مان ڇا هٿ ايندو! پوءِ انهي ارادي تان هٽي ويو. پر تنهن هوندي بہ مڪترام لاءِ ڏاڍا دل ۾ خار هئس ۽ ان کي ڪنهن نموني ڦاسائڻ جا وجهہ ڳولهڻ لڳو. آشرم ۾ هڪ فقيري لالي چوڪيدار پهرو ڏيندو هو. ان وقت هڪ خانگي بندوق هئي جا پنهنجي جهوپڙي ۾ رکندو هو. ڪنهن ماڻهوءَ ان سان دشمني سبب ملٽري وارن کي چغلي هنئي تہ چوڪيدار وٽ ٻي قاعدي بندوق رکيل آهي. ملٽري وارن تہ اهڙا وجهہ پئي ڳولهيا! سوئي هڪدم فقيري جي جهوپڙي جي تلاشي ورتي اها بندوق مڪترام جي ڪمري مان هٿ ڪيل ڄاڻائي. پوءِ تہ مڪترام کي پوليس پڪڙي ويئي.

شري سخاولراءِ جيڪب آباد ۾ هو. صبوح جا پنج لڳا هئا. آنند منڊلي ۾ پرڀمي ساڌن اڀياس ۾ وينا هئا تہ شڪارپور آشرم مان ڀائي ماڌوداس اچي ٻڌايو تہ ڀائي مڪترام کي پوليس بنا لئسنس بندوق جي ڪيس ۾ جيل ۾ وڌو آهي. تنهنڪري هنکي ڇڏائڻ لاءِ ساڻ هلو. شري سخاولراءِ اُن سان گڏ شڪارپور وڃي مڪترام کي ضامن تي آزاد ڪرايو. پوليس مان پتو پيو تہ ڪيس چالان ڪرڻ لاءِ ڪاغذ ڊي. ايس. پي. سکر جي منظوريءَ لاءِ ويندا.

سکھ سان پهچي ويو ۽ اُتان وقت بوقت احوال موڪليندو هو. پاڻ وچڻ سان وڏيڪ سنو ڪم هي ڪيائين جو وڏيڪ وقت رهي ۽ جان جوکي ۾ وجهي ڪري، شڪارپور وچي سائين جن جو قيمتي سامان، سون گهڻن سميت جيڪي پريمي هندستان ڏانهن لڏيندا پيا اچن انهن جي معرفت ٿورو ٿورو ڪري مالڪن ڏانهن موڪليندو ويو. انهن پريمين به باسلامت اهو سڀ سامان سائين جن وٽ پهچائي ڏنو. باقي بيو سامان روالور سميت وڪڻي ڪري انهن جا پئسا بئنڪ جو ڊرافٽ ڪيائي سائين جن کي موڪلي ڏنائين. ان ڏينهن ۾ بئنڪن جي ڏيتي ليتي پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ کليل هئي. سائين جن جي جيڪا اصلي ۱۲ جريب الهن جي باغ واري زمين هئي اها به سخاوتراء وکرو ڪري، پئسا وٺي، ڊرافٽ ڪيائي، موڪلي ڏنائين.

انهي وچ ۾ شڪارپور ۾ سائين جن جي باغيچي ۾ هڪ واقع ٿيو. باغ جي کليل جڳهه تي پاڪستان جي ملٽري وارن اچي تمبو کوڙيا هئا. ان وقت آشرم جي نگهباني ياتي منگترام ڪندو هو ۽ سڀو ڏينهن ۽ رات اتي ئي رهندو هو. اتي هڪ ملٽري آفيسر بندوق سان ڪبوترن جو شڪار ڪرڻ شروع ڪيو. اها ڳالهه منگترام کي نه وڻي. ان کي منع ڪيائين ته جئن ته هيءَ هڪ پوتر آشرم آهي ان ۾ جيو هنسا ڪرڻ ٺيڪ نه

اهڙي طرح اهڙي ڪنهن سمي ۾ جيڪا سخاوتراڻ سيوا ڪئي اُنجو بيان ڪري ٿو سگهجي!

"جو پرڀ ڪينو سو ڀل مانئو،
ايھ سمت سادُو ٿي پائي؛
سڀ ۾ رَوِ رهئا پرڀ ايڪئي،
پيکھ پيکھ نانڪ ٻگسائي."
(ڪانڙا محلا ٥)

اُنهي وقت هردوار ۾ سينٽرل بئنڪ جي ڪا ھ شاخ ڪانه هوندي هئي. ٺڪري سائين جن ڏيرادون جتي اُنهي بئنڪ جي سهوليت هئي اُتي پنهنجو حساب ڪتاب رکيو سائين جن هردوار ۾ مهينو کن گذاري، ماتا صاحب کي هري اوم لعل ۽ نندي ڪنيا راجڪماري سهت هردوار ۾ سيٺ سگنچند جي ڌرمشالا ۾ رهائي، پاڻ ٻن چئن پريمين کي ساڻ وٺي رشي ڪيش سرڳ آشرم هليا ويا اتي اهو ڄاڻڻ لڳا ته هت ڪهڙي طرح سهوليت سان شري سمرت ڏيو جن جو گيان ٻگيه ڪري سگهجي ٿو. رشي ڪيش ۾ ڇمڻ جهولي جي سامهون گنگا نديءَ جي هن طرف جدهن پاسي سرڳ آشرم آهي، اتي هڪ راڻيءَ جو بنگلو خالي پيو هو. اُتي ٽياڳ مورتي گوسوامي گڻيس دت جن جي ڪوشش سان سائين جن جي رهڻ جو بندوبست ٿي ويو. سائين جن ڪجھ وقت اُنهي هڪ ايڪانت ۽ پرم شانت اوستا ۾ گذاريو.

شري سکاولراءِ ڪيس جو سمورو احوال سائين جن ڏانهن لکي موڪليو ۽ ٿوري ئي وقت ڪانپوءِ سائينءَ جن جو ڪرپا پتر پهتس جنهن ۾ فرمايل هو ته اوهان ڪو به خيال نه ڪريو. خرچ ڪيترو به اچي پائي منگترام کي ڇڏائي جلد روانو ڪريو. سائين جن جي آسيس پائي شري سکاولراءِ سکر پهچي پهريائين سرڪاري وڪيل سان مليو جو ڪيس اُنجي راءِ لاءِ ويو هو. اُن ڪان راءِ لکائي، سکاولراءِ پوءِ ڊي. ايس. پي. جي سرشتيدار سان گڏيو جو شڪارپوري هو. ان کي ڪنهن نموني سان راضي ڪيو ويو. اُن بعد اُنهي سکاولراءِ کي چيو ته فلاڻي تاريخ وري سکر اچج. اُن ڏينهن اُلي ويو ته اُنهي سرشتيدار اُنهي ڪيس تي پنهنجو راءِ لکيو ته پائي منگترام کي ڇڏي، مسلمان چوڪيدار فقيري تي ڪيس ڪيو وڃي. اُنهي نوٽ تي ڊي. ايس. پي. جي دستخط به پارائي ڏيکارپائينس. پوءِ ته سکاولراءِ ٻئي ڏينهن تي شڪارپور ويو ۽ پائي ماڌوداس ۽ پائي منگترام کي ڪراچيءَ جون ٽڪيٽون وٺي ڏيئي هردوار روانو ڪيائين.

اهڙي پاڪستان جي وقت ۾ جنهن وقت هندن تي سخت ظلم ٿي رهيا هئا، اُنهي ٽائيم تي پائي منگترام نردوش ڇڏجي وڃي ۽ اُنجي جاءِ تي هڪ مسلمان تي ڪيس ڦيريو وڃي، اهڙي ڪرپا سچي سمرٿ ديو جن ڪانسواءِ ڪير ٿي ٿي سگهي!

شڪارپور آشرم ۾ براجمان ڪيل هو، اُن درشن جي نه هئڻ ڪري سائين جن ڏاڍي ڳوڙهي ويچار ۾ ويٺا هئا. اهو سنڪلپ من ۾ هون ته اِها شري سمرٿ دادا جن جي مورتي هن شڀ موقعي تي اوس هئڻ گهرجي!

سنتن ۽ ڀڳوان ۾ ڪو فرق نه آهي ڪو نه. سنت سنڪلپ ڪن ۽ ڀڳوان اهو پورو نه ڪري! اهو ڪوڙو ٿي نٿو سگهي! آخر شري سمرٿ دادا جن جي اهڙي ڪرپا ٿي جو اُنهي عين موقع تي ڪنهن سڌي گيارس جي ڀرواڙي ڪال جو اها مورتي چانديءَ جي فريم سميت وڏيءَ پيٽيءَ ۾ بند ٿيل هڪ پريمي پيڙيءَ ۾ چڙهي گنگا جي هن پار سائين جن وٽ کڻي آيو. انهي چيو ته هيءَ امانت اوهانجي هڪ پريمي اوکا بندر تي مون کي هيڏانهن ايندو ڏسي، پهچائڻ لاءِ ڏني آهي. اصل ۾ سخاوت اها دوارڪا مورتي سنگهاسن سميت شڪارپور مان تڪليف وٺي ڪن سکر وارن ستسنگين سان روانو ڪئي هئي. پوءِ ته سائين جن جي پرسنتا جي حد نه رهي. جلد ئي وڏو آسڻ سينگاري گلن ڦلن جي وچ ۾ ساکيات شري سمرٿ دادا جن جي چتر کي براجمان ڪري، پوڄن ۽ ارچن ڪيو ويو.

جيڪي ورڪت سنت ۽ مهاتمائون اُنهي شڀ موقع تي پڌاريا، اُنهن مان ڪيترن اِها مورتي ڏسي چيو ته آسان ته هن مهاپرش کي شري بدري ناٿ جي طرف

ٿو رن ڏينهن ڪانپوء شري سمرٿ ديو جن جي ورسيءَ مها اتسو جا ڏينهن ويجها پوڻ لڳا. اٿان جو اڪول والاورڻ هو. سرڳ آشرم ۾ گهڻا ئي ائين مهاتمائن رهندڙ ڏسي انهي سال اتي ئي ورسيءَ جو مها اتسو ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

ڀائي ٺاڪرداس گيڙي مل لوهه واري تي جو انوقت هردوار رهندو هو، ساري سيڌي سامان وٺي موڪلڻ جو بار رکيو ويو، جنهن ڀنڊاري لاءِ گهڻو سامان ڪنکل ۽ هردوار مان وٺي هڪ ٽرڪ ڀرائي موڪلي ڏنو. باقي رهيل ڪجهه سامان رشي ڪيش مان ورتو ويو. پوءِ له ڏيري ڏيري ڪيترا ستسنگي جهڙوڪ ڀائي ٺاڪرداس ڀائي لکميچند مٿن وارو، ڀائي پرڀداس، ڀائي ڦگڻ مل آدڪ سرڳ آشرم ۾ انهي ايڪانت استان تي سائين جن وٽ اچي پهتا. اتي ڀگيه جو هون ڪنڊ، ستسنگ جو استان وغيره سيئي عارضي طور ٺهرايا ويا. رشي ڪيش ۽ سرڳ آشرم ۾ ٿواس ڪندڙ وڏن وڏن مهاتمائن ۽ ورڪت مهاتمائن کي ڀوڄن ڀنڊاري ۾ پڌارڻ لاءِ نمنترڻ ڏنو ويو.

سڀ بندوبست پوري طرح ڪيو ويو پر باقي هڪ وڏي ۾ وڏي ڪمي رهيل هئي سا هئي شري سمرٿ ديو جن جي ديه موڙليءَ جو هن شڀ موقعي تي نه هجڻ. شري سمرٿ ديو جن جو ساڪيات اديت چتر جو ۱۹۲۳ع کان وٺي، آهوجا برادرس رنگون مان ٺهرائي،

نڪري درشن ڏنو ۽ فرمايائون ته ڪو به خيال نه ڪريو.
پوءِ سڀئي آشرم جي پرڪرما ڏيئي وري سائين دربار
صاحب ۾ الوپ ٿي ويا! اُنهي ڪانپوءِ اُنهيءَ مورتيءَ
جي درشن ڪرڻ سان سيئي شردا وارن جون منوڪامنائون
پوريون ٿينديون آهن ۽ اَنيڪ جگياسو لاڀ وٺندا آهن.
سو اهڙي ديه مورتيءَ جي اُپمان هميشه وانگر اُنهي
سال پڻ سائين جن ڏوپ ديپ باري آرتي شروع ڪئي.

”پرميشور ۽ پرم گر، دونو ايڪ سمان؛
سندر يهه وشيشتا، جو پايا گر تي گيان.“

❀ ❀ ❀

”گر بيان گيان نه اُپجي، گر بن ملي نه ڀيو؛
گر بن سنسا نا مٽي، جئه سمرٿ گرديو.“

❀ آرتي ❀

”پڻيه پورب ڪا اُپجايا،
گرديو ڪا درشن پايا؛
١- گيان سروپ اکنڊ اجيالا،
برهم ۾ لين مگهن متوالا؛
بي چاه، بي پرواه، بابا اُترا کنڊ سي آيا.
٢- پارت پومي پوتر ڪيني،
”سوهنگ“ يوگ ڪي يکتي ديني؛

اُنڪري ۾ وڃڻو ڏنو آهي. هيءَ ساکيات شو سروپ
بي پرواهہ مها سڌ پرش آهي. ڪي ڀالڪ ڳڻ عجب
کائيندا هوندا ته سائين جن اُنهي مورتي جي استاپنا لاءِ
ايترا منتظر ڇو هئا. دراصل شري سمرٿ ديو جن جي
اِها هٿن واري مورتي رواجي تصوير نه آهي. ڳالهه ٿـا
ڪن ته جڏهن ١٩٣٦ع ۾ سنڌ بمبئي کان جدا ٿي تڏهن
کان اُتي هندن تي ظلم ٿيڻ شروع ٿيا هئا. ظالمن هندن
جي دل دکائڻ لاءِ پهريائين ڀڳت ڪنورام صاحب جو
خون ڪيو. پوءِ اُن جي ٻاري ۾ جڏهن سنڌ اسيمبلي
۾ شري هاسانند پمڻاڻيءَ صاحب زوردار نموني ۾ ڳالهايو
تہ اُن جو بہ خون ڪيو ويو. جنهنڪري سيمي هندن
کـي آئينده اونداهو نظر اچڻ لڳو. تنهن سمي سائين
جـن سڄو وقت رات ڏينهن آشرم ۾ ئـي رهندا هئا.
پريمين مان ڪن موقع ڏسي پرارٿنا ڪئي تہ سائين!
وقت بدلجندو ٿو وڃي تنهنڪري ڏينهن جو ڀلي سائين
جن آشرم ۾ رهن پر رات جو گهر اچي رهن. اُنهي سمي
شري سڌاولـراءِ پڻ ڪجهه وقت لاءِ آشرم ۾ اچي رهيو
هو. رات جو فقيرو پهريدار پهرو ڏيندو هو. هڪ ڏينهن
صبح جو اَچي ٻڌايائين تہ گذريل رات جڏهن هنڪي ٻ
دپ ٿيو تڏهن برابر رات جو ١٢ بجي ڏٺائين تہ دربار
مان جتي شري سمرٿ ديو جن جي هٿن واري مورتي
براجمان هئي، اُتان شري سمرٿ ديو جن ٻاهر ساکيات

هردوار آشرم جو ٿهڻ

سائين جن سرڳ آشرم جي طرف جو ايڪانت مٺو ۽ شڌ وايو منڊل ڏسي، اُتي ئي هميشه لاءِ ڪو زمين ٽڪر وٺي ڪٽيا ٺهرائي رهڻ جو خيال ڪرڻ لڳا. هڪ مهاتما پنهنجو اَڌ ڪو ٿهيل آستان واجبي پئسن ۾ ڏيڻ لاءِ تيار به ٿيو، پر مالڪ جي شايد اِها مرضي ڪانه هئي! ڪيترن پريمين آگره ڪيو ته سرڳ آشرم جي بدران ڪو سهوليت ڀريو پلاٽ هردوار ۾ ملي ته اُتي ايڪانت ڪٽيا ٺهرائي نواس ڪريو. ڇاڪاڻ ته اُتي ستسنگي موقع سر سڪالائيءَ سان اچي لاڀ وٺي سگهندا. آخر سرڳ آشرم طرف رهڻ جو سنڪلپ اُتي ئي سميٽيو ويو.

سائين جن پوءِ سرڳ آشرم مان هردوار سيٺ سگنچند جي جڳهه ۾ آيا. اُتي ڪيترا خط پٽ رکيا هئا. اُنهن ۾ هڪ خط هري اوم لعل جي مامي سيٺ نارائڻداس ماکيجا جو به هو. اُنهي ۾ لکيو هئائين ته اُوهانجا جيڪي به پئسا شڪارپور جي صرافن (Bankers) وٽ رکيل آهن، سي پاڻ روبرو وٺڻ لاءِ ۴-۵ ڏينهن بمبئي ضرور اچو.

شڪارپور جي سيٺي صرافن جا تڏڏا ۽ دوڪان اڳ ۾ ئي بمبئي ۾ هئا. اُهي جيڪي به پئسا هنڊين تي ڪڍندا هئا سي سڀ بمبئي ۾ ئي ٻئنڪن ۽ ڪارخانن وارن کي چڱي وياج تي ڏيندا هئا جنهن سٺو لاڀ ٿيندو

د يئا نظر نگاھہ سي اگھا،
د يکو سمرت کا يھہ سايا.
٣- سرو سڌي سکہ سنپن سوامي،
وِمل کلا پورڻ نشکامي؛
روپ انوپ دکا، سپ شوک سند يھہ مٽايا.
٤- کيئا اُپکار برابر ڀاري،
کھہ نہ سکي يھہ واڻي ويچاري؛
"پرمانند" پڙا شرنا آ، چرنون ۾ سيس نوايا."

اُنهي سال ١٩٤٧ع جي نومبر ۾ اھڙي طرح سرڪ آشرم ۾ ٽپي ورسي صاحب جو اُتسو پوري ريت سان ملھايو ويو. پروگرام انوسار ھون، يگيہ، سنتن جا ڀنڊارا ۽ وڏن وڏن مھاتمائن جا امولڪ اُپديش ٿيندا رھيا ۽ اھو مھا اُتسو وڏي اُتساھہ سان سماپت ٿيو.

"بنان دويت دؤلت، لکہ لکائي سترگروءَ،
پرچي ڏني جنھن پنھنجي صورت منجھہ مورت؛
رھي نہ رتيءَ جيتري، باقي ھير حجت،
ستھہ سڌ اِستت، جاڻي پنھنجو پاڻ کي."

جي طرف هڪ ليار ٽيل ڪڍي ڪٽيا وٺي سائين جن
اُتي ڪجهه ٽائيم وڃي رهيا.

هڪ دفعه مهنت سوامي گرمکداس جن سان سائين جن جي ڳالهه نڪتي هئي ته هردوار ۾ ڪائي ايڪانت استان لاءِ ڪو زمين ٽڪر ملي وڃي ته ٺيڪ. اُنهن چيو ته گنگا نهر جي سڄي طرف ڪما نگر ۾ اسان جو تمام سستي اگهه ۾ پلاٽ ورتل پيو آهي، سو توهان بلاشڪ وٺو. اهو ٽڪر ايڪانت جي خيال کان سائين جن ورتي ڇڏيو.

پرياگ راج کان جڏهن سائين جن هردوار واپس آيا ته اهو ڪما نگر ۾ ورتل پلاٽ ڏسڻ ويا. ڏٺائون ته اُنو قت اهو هنڌ سنسان بيابان لڳو پيو هو. ڪنهنجو به ڪجهه به نه ٺهيل هو. ڪيترن وڃاروان پرشن ۽ ساڌن مهاتمائن سائين جن کي منع ڪئي ته اهڙالهن آشرم نه ٺهرايو ۽ نواس استان اُتي ٺهرايو جتي اوهان جي غيرحاضري ۾ به هرڪوئي آنند پوروڪ سک شانتي ۽ سنتنرتا سان رهي سگهي. آخر انهي پلاٽ کي اُتي اُئي رهڻ ڏنو ويو.

هردوار ۽ ڪنکل جي وچ ۾ گروڪل وارن جا پلاٽ خالي پيل هئا. پوءِ انهنڪان هڪ پلاٽ پنج هزار چورس فوٽ، سايڻ ٽن روپين في چورس فوٽ جي حساب سان ورتو ويو. ڪما نگر وارو پلاٽ انگل سايا چار هزار چورس فوٽ گهٽ وقت سائين جن جي نالي پيو

هون. اُنهي ڪري جن جا ٻه پئسا شڪارپور جي صرافن
وٽ پيل هئا، اُنهنکي رپئي جا سورنهن آنه پئي مليا. انهي
ڪري پوء سائين جن هڪ هفته لاء بمبئيء پڌاريا. اُتي
سائين جن جا پئسا ڪيترن صرافن وٽ پيا هئا. اُنهن
سيني سان وهين ۾ پراڻا ليکا ٻند ڪيائون. تنهن سوا انهي
سڀ ململ پئسن جون ٩٠ ڏينهن جي مدي سان ليون
هنڊيون ٻنهي جي نالي ۾ ورتائون. اڳتي لاء سيٺ
نارائڻداس ماکيجا جي سڀال هيٺ سمورو پئسي ڏوکڙ
جي ڏيڻ وٺڻ جو ڪم ڇڏي آيا، ڇاڪاڻ ته مٿي ذڪر
ڪيل پوناداس ۽ ڪمپنيء جو سيٺ نارائڻداس وڏو
ڀائيوار هو.

ٽون ڏينهن ڪانپوء ڀائي نارومل شڪارپور مان سائين
جن جو باقي بچيل سامان کڻي اچي سيٺ سگهچند جي
مڪان ۾ هردوار پهتو. اُنهي ڏينهن کان وٺي ڀائي
نارومل سائين جن جي حاضريء ۾ نشڪام ڀاو سان شيوا
ڪري رهيو آهي.

اُنهي سال پرياڳ راج ۾ ڪنڀ جو شڀ موقع هو.
سائين جن بمبئي مان واپس هردوار آيا ۽ اُتان پرياگ راج
روانا ٿيا. سيوا ۾ ڀائي نارومل، ڀائي ٽانڪرام ۽ ڀائي
خوشحالداس ساڻ هين. اُتي ترويڻيء جي ڀرسان ڀر
شري اوڌوت چيتن ديو جي آکاڙي جي مهنت سوامي
گرمکداس هڪ پنڊال ٺهرايو هو. اُن جي ڀرسان جوسيي

روڊ سڌ ڀمدا آهن. بس اسٽينڊ ۽ ريلوي اسٽيشن کان جيڪو رستو هرجي پوڙين ڏانهن وڃي ٿو، اهو وڃي ڏئوروئي هليو ته ڀڳوان شنڪر جي مورتي ڏسڻ ۾ ايندي. اُتان کبي هٿ تي مڙهو نه ڀبو مکيه رستو ڪنکل ڏانهن وڃي ٿو. انهي رستي تي گنگا ڪئنال تي هڪ بند يا براج ٻڌل آهي جنهنکي مايا پور ڊام چوندا آهن. اُن بند جي پل پار ڪري هيٺ لهي اَڳتي سڌو اَچو ته ساڄي هٿ تي "شري پرمانند ڀمدار" آشرم آهي. ڪنکل اُتان اَڪل ڀه ڪلوميٽر دور آهي ۽ هر جون پوڙيون ۾ اَڪل اولروئي پري آهن. ڏايڍي سهوليت ۽ ايڪانت واري جڳهه تي آشرم ٺهيل آهي. پنيان گنگا ڪئنال ۽ سامهون ٻريان نيلڌارا ۽ اُنجا گونگا چوڪيدار نيلا نيل پهاڙ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هتان اچڻ وڃڻ لاءِ ٽانگن، رڪشائن ۽ سرڪاري شهري بسين جي سهوليت آهي. آشرم جي مٿين منزلن ۾ سائين جن ۽ هري اوم لال جن جي رهڻ جو استان آهي. آشرم ٺهڻ کانپوءِ ماتا صاحب جن هري اوم لال ۽ راجڪماريءَ سميت، سمت سڳهند جي جڳهه مان اُٺي پنهنجي استان ۾ اچي نواس ڪيو. هري اوم لال جي ٻن وڏين ڀينرن چندراولي ۽ ڪملاولي جا وهانو نه پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي سنڌ ۾ ٿي ويا هئا. اُهي پنهنجي ساهرن سان بمبئيءَ ۾ ئي رهنديون آهن.

رهيو جو هينئر ٿورو وقت ٿيو جو وڪڻي ڇڏيو اٿن. ان جي پرسان ٻال يوگيشور وارن جو ٻيو بنگلو ٺهي ويو آهي، پر ٻي وڌيڪ خاص وسعت اڃا ڪانه ٿي آهي.

اهو سمو سڀني لاءِ ڏکيو ۽ خاص ڪري پئسي جي تنگي وارو هو. تازو پاڪستان ٺهيو هو. پريمي پنهنجو گهڻو ڪجهه وڃائي هندستان ۾ ڪو ڪاٿي ته ڪو ڪاٿي وڃي رهيا هئا. سائين جن انهي حالت جا سمورا پئسا پنهنجي پنجاب نئشنل بئنڪ ۾ کوليل شخصي اڪائونٽ مان چيڪ رستي اَدا ڪيا.

پوءِ آشرم جي ٺهرائڻ جو سمورو ڪم ڀائي نارُومل کي سونپيو ويو. اُنهي اهو سمورو اَڏاوت جو ڪم اَهڙي ته ڦڙتائيءَ، عقلمنديءَ ۽ جلدائيءَ سان پورو ڪرايو جو ١٩٤٨ع ۾ پوڄيه پاد شري سمرٿ ديو جن جي ورسي مها اُتسو جي شڀ موقعي تي نئين آشرم جو ٻہ گڏوگڏ مهورت ڪيو ويو.

پهريائين شري سخاوتراءِ پوءِ ڀائي نارُومل سائين جن جو گهڻو ڪري سڀ سامان ڪٺائي آيا هئا يا نيڪال ڪري آيا هئا، جن جا پئسا موڪلي ڏنا هئائون. باقي رهيل کهيل سامان نئين شيواداري ڀائي ڪرشن لعل ٻرهمچاريءَ ڪٺي پهچايو هو.

هردوار ۾ شري پرمانند ڀنڊار آشرم هردوار ۽ ڪنکل جي وچ ۾ آهي. اُنهي روڊ کي هاڻي مهاتما گانڌي

ٻئي پورن وڏيءَ سان ۽ پريم ۽ شرڌا سان ملهايا ويندا آهن.

پاڪستان ۾ اهو پروگرام ٽي ڏينهن هلندو هو پر ڀارت ۾ اُهي ٽن ڏينهن ڪانپور ۾ وڌيڪ ٻه ڏينهن سائين جن جي ستسنگ جو موقعو ملندو آهي. انهن پنجن ڏينهن ۾ اهو ٽي پرڀات ويلي سائين جن سان گنگا اشنان، پوءِ ڌيان ساڌن ۽ سائين جن جي امرت مئه پرارٿنا ۽ پرڪيا ۽ اُن ڪانپور ويدانت سدانت تي "عجائب علم" مان اُپديش ۽ وري شام جو ڪناري تي سائين جن جي مڌر واڻي ۽ صوفي رنگ تي ڪافي ۽ اُن جي سمجهاڻي ۽ آخرين ڏينهن تي ٻن ۾ وچي ساڌڪن جي شڪا سماڌان ۽ شري سمرت ڏاهو جن جي آخرين آرتيءَ سان پنجن ڏينهن جي ٻئيه جي سماپتي ٿيندي آهي.

اهو مٿيون پروگرام ١٩٤٧ کان وٺي هرسال لڳاتار شري هردوار ۾ سائين جن جي آشرم ۾ گنگا ڪناري وڏي ڌوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي. انهن سڀني پروگرامن ۾ پرڀات جو ٤ بجي کان وٺي رات جو ٩ بجي تائين سائين جن ههڙي ٻرڌ اوستا ۾ به پاڻ شامل هوندا آهن.

پرڀاتڪال جو به گنگا اشنان وقت ڀڳوان سائين جن پاڻ اهڙي سرديءَ جي موسم ۾ سيتل جل ۾ ٽٻي ڏيندا آهن ۽ پوءِ سڀئي پريمي "هر هر مهاديو" ۽ "جئه شنڪر" جي نعرن سان پاڻيءَ ۾ گهڙي اشنان ڪندا آهن. پنجئي

آشرم ۾ هيٺ پوڄ پاد شري سمرٿ ديو جن جي دربار صاحب آهي، جتي اهائي ڏوله موريي ساکيات براجمان آهي. اُتي سائين جن هردوار ۾ هوندا آهن ته روزانو نيم سان شام جو پاٺ ويدانت شاستر پنج دشي جو اُپديش ڪندا آهن. ٻارس جي ڏينهن پنڊارو ۽ خاص ستسنگ ٿيندو آهي. ليڪن ڏينهن پرڀات جو ٥ بجي کان ٦ بجي تائين سائين جن خاص پريمين لاءِ ايڪتاري تي هڪ ڀڄن ڳائي اُن جي سمجهاڻي منڙن ۽ گهائيندڙ مڌر شبدن ۾ ڏيندا آهن. اُن کانسواءِ هر روز پرڀات جو ساڍي چئين کان ساڍي پنجين بجي تائين آشرم ۾ رهندڙ پريمي پاٺ ۾ ڀڄن ڪيرتن ڪندا آهن. جڏهن سائين‌جن هردوار کان ٻاهر هوندا آهن، تڏهن پڻ شام جو ٻه اُهي ستسنگي پاٺ ۾ سائين‌جن جي پستڪن ۽ شاسترن جو ويچار ويچار ڪندا آهن.

آشرم ۾ دربار صاحب کانسواءِ ستسنگين لاءِ سادن ڪئبائون ۽ ڀنڊاري جي جڳهه وغيره ٺهيل آهن.

اهڙي طرح سائين جن ڀڳتي ٿو بل ۽ گيان يوگ جي بل سان هردوار ۾ شري پرمانند ڀنڊار آشرم نهرائي جل ۾ ڪنول جيان نرليپ ۽ اسنگ ڀاو سان رهندا آهن.

هر سال شري سمرٿ ديو جن جي ورسي مها اتسو جي موقع تي وڏي پيماني تي ويدانت سميلن ملهائيندا آهن جتي چار لڳيه، ڏيان لڳيه، ديو لڳيه، اَن لڳيه ۽ گيان

گڏ ڪرڻ، ڀڳتي ۽ گيان يوگ جي باري ۾ نوان نوان پستڪ لکي انسان جيون جي ڪلياڻ لاءِ ڇپائي ورسيءَ صاحب جي شڀ موقع تي آيل سڀني برهمڻن کي مفت ۾ پرساد طور ڏيندا آهن. باقي رواجي طرح عام وڪري لاءِ تمام سستي اگهه ۾ سڀني پريمي ساڌڪن ۾ وراهيندا آهن.

انهي طرح عام سنساري جيون جي ڪلياڻ لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ڏيئي سائين جن پر اُپڪار ڪندا رهن ٿا. جوانيءَ جي وقت کان وٺي هن وقت سوڌو جڏهن سندن آيو ٨٣ سال آهي، تڏهن به اهائي گيان جي گنگا وهائيندا رهن ٿا. ٥٠ کان وڌيڪ پستڪ سنڌي، هندي ۽ انگريزي ۾ ڇپايا ويا آهن. انهن ۾ جيڪو اٿاهه گيان ڀريل آهي اُن ۾ جيڪو به جگياسو هڪوار پريم، شرڌا ۽ وشواس سان ٽٻي ڏيندو ته ضرور اهڙا ماڻڪ ۽ موتي لهندو جو روحاني دنيا جو بي تاج بادشاهه بڻجي بي پرواهي جي لذت ۾ وڃي وهندو ۽ وحدانيت جي انت آنند کي ماڻي هن سنسار يعني سنسي جي ساگر کان پار وڃي پوندو.

"گرمک جو گذران سدا سار وچن تي،
جنهنکي ڏنو ستگروءَ سک سمجهه جو دان،
رکي نه رتيءَ جيترو اندر ۾ اڀمان،
ڄاڻي سڀ جهان چمتڪار چيتن جو."

ڏينهن اُنين سنسنگي ۽ سڀ پريمي برهم مهورت ۾ پنت پاوني ڀاڳيرٿي جي اشنان جو لاڀ وٺندا آهن. جنهن وقت انهي شڀ شوَ مهورت ۾ سائين جن آشرم مان نڪرندا آهن ته ڏهن ساري سنگت سندن پٺيان ڀڄن ڳائيندي هلندي آهي. واپسيءَ ۾ به جڏهن ان طرح موٽندا آهن تڏهن اُنين ڀيو لڳندو آهي ته ڀڳوان شوَ شنڪر ديوتائن سان سرڳ مان لاهي وچي رهيو آهي. اهو درشيه وسرڻ جو نه آهي. هڪ پرالهڪال ڀيو تارن جي ڇايا ۽ ٿڌي هوا، گنگا جو ڪنارو ۽ ان سان منوهر ڀڄن، ڪيرتن ۽ ساري سنگت جو پريم ۽ اُتساهه حال ته ڪهڙي ناستڪ ۽ مورک جي من ۾ به اُنهي اَلک جي پار جا اُمنگ جاڳائي ڇڏيندو آهي.

هيٺئر انهيءَ موقعي لي سڄي ڀارت ورش مان پريمي ايندا آهن جهڙوڪ بمبئي، ڪلڪته، مدراس، بنگلور، بنارس، گواليار، ڀوپال، اندور، اُجين، ديواس، احمدآباد، نڙياد، آگره، لکنؤ، ڀاؤنگر، اُديپور، دهلي، ڪانپور، برهانپور وغيره شهرن مان سوين سڪايل اچي پنهنجو جيون سڦل ڪندا آهن ۽ اُصل سچي منزل طئه ڪرڻ ۽ اُنهي مُول مقصد لي پهچڻ لاءِ ٿن، من ۽ ڌن سان خوب شيوا ڪري، بي حد ڀاري جا ڀاڳي ٿيندا آهن.

اَهڙي طرح سائين جن نڪري نروار تيرٿ ڪانپورءَ نه فقط ست سنگ ۽ ست اُپديش ڪرڻ شروع ڪيو پر اُن سان



اهڙي طرح الوڪڪ اوستا ۾ رهندي ؛ اُن سان گڏوگڏ سنسار جي هرهڪ پارٽ کي پوري طرح ادا ڪندي سائين جن هن دنيا جي سفر جا ٥٥ سال پورا ڪيا.

"پنجونجاه پورو، پرچو ٿيو پرين سان،
اُٺي اندر مان ويو، اهنگه اڏورو؛
پنج پنجن سان مليا، ايڪي ۾ زيرو؛
ملڻ ۽ وڇڙڻ جو، ويو ڀوهم وسورو؛
بيعد پرپورو، "پرمانند" ٿيو پاڻ ۾."

اوم آنند!



ماتا صاحب جن جو شوَ لوڪ پڌارڻ

"جو ڏن آوھ، سو ڏن جاھي؛
ڪرنا ڪُوچ، رھڻ ٿر ناھي؛
سنگم چالت ھمُّ، ھم ڀِي چلنا؛
دُور گَون، سر اوپر مرنا؛
ڪِئا ڪون سوئيا، جاڳھ اِڪانا؛
ڪُڏي جيون جڳھ، سچ ڪر جانا."

(سوھي روداس)

پيارا پاٺڪو! سائين جن گرھست آشرم کي پورن
نيمن سان ھلائيندا رھندا آھن. جيئن اڳيان مھارشي سنجم
۽ نيم سان سالوڪ نموني گرھست ۾ رھندا ھئا تيئن سائين
جن بہ اھڙي آدرشي جيون اپنايو. سائين جن گھڻو
ڪري ايڪانت ۽ ورڪت رھندا ھئا. پر پيرن جي
گھڻي آگرہ ڪرڻ لئي گرھست ڌرم کي بہ پورو
نباھيائون. سندن گھر ۾ ٽي نياڻيون ۽ ھڪ سپتر اُپڻ
ٿيا. وڏي نياڻي چند راولي، ٻيو نمبر ڪملا ۽ ٽيون نمبر
راجڪماري آھن. سندن سپتر جو نالو ھري اوم لال
آھي. سيئي شادي ڪيل آھن ۽ ڪنيائون پنھنجن ورن
گھرن سان بمبئي ۾ خوش آھن. سندن فرزند ساڻن گڏ
شيوا ۾ ھوندو آھي ۽ پنھنجي زندگي جي بہ ڏيکہ ڀال



درويش پٽاجن جو لائق پٽر هري اوم لعل

ڪندو آهي. سيٺي ٻار ڇنيوان، ڪٽن جي ڪاڻ ۽ مٽي
سياه وارا آهن. هري اوم لال کي نه سيٺي سنسڪي
چڱيءَ طرح سڃاڻن. ڪنهن نه ڪڏهن سندس مک مان
ڪو ڪوڙو يا اَشڌ شبد ٻڌو هوندو! هو سدائين ڪلمک،
نهتو ۽ هر ڪنهن قسم جي سيوا ڪرڻ لاءِ هميشه تيار ۽
هوشيار رهندو آهي. چوندا آهن ته تمام ننڍي ٻالپڻ اوستا
کان وٺي سندس منهن تي مشڪ رهندي پئي آئي آهي.
ڪنهن به قسم جي ڪم ڪرڻ کان آر ڪونه آڻي ٻوهه
لوڙهي ڪٽي ٻهاري ۽ ٻيهي پنگت ۾ ڀوڄن ورهائڻ جي
سيوا ڇونه هجي! هارمونيم وڄائڻ ۽ مٺي سُر سان ڀڄن
ڳائڻ ۾ به پرپيڻ آهي. مشڪي ڳالهائڻ ته جڻ وڻي ۾
مليل اَٿس. سائين جن ۾ اَٽل شرڌا ۽ ڀاءُ اَٿس ۽ سندن
۾ سنڪورو ڀاونا رکي تن من سان خوب دل لڳائي سيوا
ڪندو آهي. سو اهي سيٺي ٻار سروگڻ سمپن مالا صاحب
۽ سرو ڪل سرشٽ گياني يوگي پتا صاحب جن جي
ڇترڇايا ۾ پلجي وڏا ٿيا. پر اَڃا هري اوم لال جي عمر
١٣ سال مس ٿي هئي جو آڪٽوبر ١٩٥٤ع ۾ مالا صاحب
جن اوچتو ئي هن ڪرڻ پنگر سرير جو تياڳ ڪري شوَ
لوڪ پڌاري! عجب اِهو ته سائين جن جي مالا صاحب به
جڏهن سائين جن جي عمر ١٣ سال هئي تڏهن شوَ لوڪ
وڃي واسو ڪيائين. ڪال ڀڳوان هڪ ڀهانو ٺٽجي آهو.
تورو گلي ۾ سور ٿيو ۽ ان سان گڏ ڏندن ۾ پڻ سور

ٿيو. ڊاڪٽر گھرايو ويو جنھن ھڪ ڏاڙھ ھڪدم سولائي سان ڪڍي ورتي پر اتان رت اصل ڏاڍي وھڻ لڳي ۽ آخر تائين بند نه ٿي. وڏو ڊاڪٽر گھرايو ويو. انھي انجيڪشن ھڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر قدرت جي ڳالھه آھي جو اُن ڪانءِ اھا نَس ئي نه لڌي جنھن ۾ ھو سئي ھڻي. بس پوءِ جڏھن نه ڪرمن جو چڪر پورو ٿيڻو ھو، ماتا صاحبن جلد ئي وڃي شو پد ۾ واسو ڪيو. پڇاڙي تائين ھوش ۾ ھئي سائين جن جي سامھون 'اوم، اوم' چوندي شرير ڇڏيائون.

وڃڻو نه سيني کي آھي پر ماتا صاحب جن جو ڇا نه پوڇو ۽ آدرشي جيون ھوندو ھو! پتي ورتا پڻو، سي سان متو ۽ ديا ڀاءُ سان ھلڻ ۽ پراون کي پنھنجو ڪرڻ، اھي نه سندن ۾ خاص گڻ ھئا. پنھنجن ٻارن جي نه ڇڏيو پر سيني پريمي ستسنگين جي سچ پچ ماتا وانگر سار لھندي ھئي.

"ڪرنا ھم تہ ڪرو، نہ ڀولو، آڳل رئن انڌيري؛
تن نگري ڪس کي نھين پياري،
ڀي ھم ڀولني ڪيري،
مات پتا تج سرڳہ سڌاري،
تم جانت ھو ميري!"

❖ اوم آنند! ❖

هئي ۽ سرڳرن جي لڏي نه آهي. اوهان جلدئي ٻمبئي اچي مڪاميلو ڪري وڃو. اها ڳهڻ ۽ سائين جن ڪان وڏي هئي. اصل وڏي ڳهڻ مينگهي ٻائي ۽ پاڪستان تيڻ ڪان اڳ ئي شو لوڪ پڌاري هئي. سندس ساهرا روهڙي ۾ هئا ۽ اُتي ئي سرڳو ليائهيو هئائون.

جڏهن ته هري اوم لال جو ۽ چت اُداس ٿي رهيو، تنهنڪري اُن جي دل پرچائڻ ۽ ضروري هئي. سائين جن جنوري ١٩٥٥ع ۾ ٻمبئي پڌاريا. ساڻن هري اوم لال ڪانسواءِ ٻيا شيواڌاري به ساڻ هين.

ٻمبئي ۾ پنهنجن پاڙيجن سيٺ نهچلداس جن ۽ سيٺ نارائڻداس جن جي 'رهيجا ڀون' ڪار ۾ مٿي وڃي رهيا. ڳهڻي وقت ڪانپوءِ پنهنجي ڳهڻ سان گڏيسا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ملي ٻنهي ڀاءُ ۽ ڳهڻ کي ڏاڍي پرسنتائي ٿي. اها سائين جن جي ڳهڻ پوءِ ۽ ٥-٦ سال هن سنسار ۾ هئي ۽ ١٩٦٠-٦١ ۾ اٽڪل ٧٠ سالن جي آيوءَ ۾ وڃي شو لوڪ پڌاري.

ٻمبئي ۾ گهڻن پريمين جي ونتي ڪرڻ تي اُتي سيٺ نهچلداس جي بنگلي تي سائين جن ست اُپديش ڪرڻ جو پروگرام شروع ڪيو. آرتوار ڏينهن شام جو سيٺ پرمانند هندوجا جي واڙي ۾ ستسنگ ٿيندو هو، جو سيٺ نهچلداس جو سالو هو. اهڙي پرڪار ڪيترا ئي پريمي اتي پالمڪ لاڀ وٺڻ لڳا.

بمبئي آشرم جو نوٽ

"ساري رات صبحان، جاڳي جن ياد ڪيو؛
تن جي شاهہ لطيف چوي، مٽيءَ لڌو مان؛
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ اُن جي."

قدرت جا رنگ آهن. سائين جن جي وڌندڙ مهما کي ڏسي، اصلي گواليار جي پريمين سنڪلپ ڪيو هو تہ سائين جن جو آشرم ٺاهي، ڪين چار مهينا سياري جا گواليار رهائي، سندن انمرت مئہ وچنن جو روزانو لاڀ وٺي پاڻ کي ڪرتارت ڪبو. پر پرماتما کي شايد اها ڳالهہ منظور نہ هئي!

ماتا صاحب جن جي شوبہ پد واسي ڪرڻ ڪانپوءِ سائين جن جي ڪنيا راجڪماري پنهنجي وڏي ڀيڻ چندراوتي وٽ وڃي رهي. پوءِ فقط هري اوم لال سائين جن سان گڏ رهڻ لڳو.

ماتا صاحب جن ڪانپوءِ سائين جن ٻارن ۾ ڪا لڪا وجهڻ ڪونہ ڏني؛ ماتا ۽ پتا ٻنهي جو پارٽ ادا ڪرڻ لڳا. پر لکن هوندي بہ ماتا جي پيار جهڙو مٺڙو ٻول ٻيلا ٻارن ڪان وسرڻ جو هو! هري اوم لال ڪجهہ اباڻڪو گذارڻ لڳو.

انهي سال نومبر ١٩٥٤ع ۾ شري ورسي مهاآنسو ڪانپوءِ سائين جن وٽ وچين ڀيڻ ليرت ٻائي جون ڪيترائون ئي چٺيون اچڻ لڳيون، جن سيني ۾ اها والتي ڪيل

هرهند اڌ ڀالمڪ وچن جي ورڪا ڪندا، اچي شري هردوار ۾ پهتجي آشرم ۾ مارچ ١٩٥٥ع ۾ پڌاريا.

هوڏانهن بمبئي ڪار ۾ آشرم ٺهڻ جو ڪم ايشور جي اڇا اَنوسار شروع ٿي ويو. انهي جي اَڏاوت جو ڪم سائين جن جي پاٽيجي سيٺ ناراڻداس رهيجا جي نظر هيٺ ٿيندو هو ۽ جيڪي ڪچ خرچ ٿيندو هو ان جو اَحوال سائين جن کي ڏيندو رهندو هو؛ سائين جن جي آگيا هوندي هين ته ڪفايت ۽ سادگي سان ڪم ڪرايو ۽ اَسان اوهان سان وٽا آهيون.

"ميرا مجھ ۾ ڪڇ نهين، جو ڪڇ هئہ تيرا، تيرا تجھ ڪو سؤنپتي، ڪيا لاڳي ميرا."

سائين جن ٻئي سال ڊسمبر ١٩٥٥ع ۾ بمبئي پڌاريا ۽ وري به پهنجن پاٽيجن سيٺ نهچلداس ۽ شري ناراڻداس رهيجا وٽ اَچي لٿا. اُنهن ڏينهن ۾ آشرم جي چوڏاري ڀت ٺهجي چڪي هئي. اِنهي ڪري هفتي ۾ هڪ دفع شام وارو ستسنگ اُتي آشرم جي حدن اَندر ٿيندو هو. باقي ٻيا ڏينهن پرالهڪال جو اُپديش مان آهديش سيٺ نهچلداس جي بنگلي تي ٿيندو هو. اُتان مارچ ١٩٥٦ع ۾ دهليءَ مان ٿيندا هردوار پڌاريا.


١٩٥٧ع ۾ جڏهن ٽيون دفعو سائين جن بمبئيءَ پڌاريا تڏهن آشرم ۾ مٿي سائين جن جي رهڻ جون ڪٺيائون ۽ هيٺ دربار صاحب جو هال ۽ ٻه ڪٺيائون تهي تيار ٿي ويون هيون تنهڪري سائين جن اُتي اَچي رهيا ۽ بمبئي

"ڪَلُوءَ ۾ آتم ڪلاڪا، لاڀ پاڻا ضرور هُئا؛
نرليپتا نرپيڪتا، نج هرشتا ۾ پُور هُئا؛
گياني ڪا گهر دور هئا، حد سي پري نج نور هئا."

بمبئي ۾ اُنهي سال سائين جن هڪ مهينو رهيا. اچا سيارو ئي هو تہ سائين جن هردوار وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. ڪيترائي پريمي وينتي ڪرڻ لڳا تہ جيئن شڪارپور مان چار مهينا گرميءَ جا سائين جن اُتر ڪاشي آدڪ ٿڌن پهاڙي هنڌن تي ويندا هئا تيئن سردي جي ڏينهن ۾ چار مهينا هردوار مان بمبئي اچي رهڻ جو پروگرام بڻايو. اِها پڻ وينتي ڪيائون تہ پنهنجي رهڻ لاءِ ساموهن ڪار ۾ ئي هڪ سٺو پلاٽ پيل آهي. اُهو وٺو جو سستي اَگهہ ۾ ملي ويندو.

پوءِ تہ شري سمرٿ ديو جن جي پريمي سان، سٺ سنگي ڀائي تاراچند، سيٺ منگهنداس آهوجا، شري تاراڻداس، سيٺ ڪشنداس رهيجا، شري گرلداس شيواداري، شري وشنداس چاڙيا ۽ شري ٽيڪمداس مهاري آدڪن وڏي پريم سان ڪوشش ورتي اهي پلاٽ ڪي سڀ قاعدي قانون جي جهنجهٽن کان آزاد ڪرائي سائين کي خريد ڪرائي ڏنو ۽ قاعدي موجب رجسٽرار وٽ داخلا بہ ٿي وئي.

اُن ڪانپوءِ ڪار بمبئي مان سائين جن فبروري ۱۹۵۵ع ۾ روانا ٿيا ۽ ڀوپال، اندور، اُجين ۽ دهلي مان ٿيندا،



ڪار- بمبئيءَ ۾ شري پرمانند پنڊار

ڪارڻ شري پرمانند ڀنڊار آشرم جو مهورت سائين جن جي
پرم پٽيهه ٦٠ جنم ڏينهن لئي ١٤ جنوري ١٩٥٨ع لئي ڪرائڻ
جو فيصلو ڪيو ويو. ٽن ڏينهن جو پورو پروگرام ٺاهيو
ويو. جنهن ۾ پرالهڪال جو ڌيان سمرڻ پراڻايام ۽ پوڄ
پاٺ شري سمرت ڏيوجن جي آرتي ڪيا ويندا هئا. اُن
ڪانپوءِ ڏيـڌ لڳيءَ يعني گـائتري منترن سان هوَن ڪيو
ويندو هو. اُن ڪانپوءِ سمشٽي ڀنڊارو چالو ٿيندو هـو.
شام جو ودوان ۽ برهم گياني مهاپرشن جا اُپديش ۽ مشهور
ڀڄنيڪن جا مڌر ڀڄن پاوَ ٿيندا هئا.

اهڙي طرح بمبئي آشرم جي مهورت جو اُتسو وڏي
اُتساهه سان ملهايو ويو ۽ ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سماپت ٿيو.

"ستـ ٽـي سواري، ڪئي جن ڪامل ٿي؛
ويهه ويـا ويساهه ۾، ويهه چڙهـيـا چاڙهي؛
ويهن ۾ ويـجهي ڏني، ڏاڍر ڏيکاري؛
پـرمانند پاٽاري، رهي نـه دنيا دوُر جي."

اُنهيءَ ڪانپوءِ جنوريءَ کـان اُپريل تـائين چار مهينا
سائين جن بمبئيءَ رهندا آهـن. اُتي هرروز صبوح جـو
ساڍي ٧ کان ٩ بجي تائين ڀڄن ڪيرتن ۽ سائين جن جـو
اُپنشدن جي آڌار تي ويدانت جو روُحاني راهه تي وٺي
هلندڙ ست اُپديش ٿيندو آهي، جنهنجي بدرلاءِ بمبئيءَ
مان پري پري کان جهڙوڪ ڪالباديوي، باندرا، ملند،
ڪالبديولي، بورويلي، سيان، ٿاڻي، ڪلياڻ آدڪن

مان سڀ ڀرپور ستسنگي، مائرون ۽ پرش اچي اُتي پالڪ
لاءِ پرارٿنا ڪندا آهن ۽ سائين جن جي هيٺ لهڻ کان
اڳ ۾ نئين ٻهچي وٺندا آهن. پوءِ ٻائين ٻئين ڪيرلن ٿيندو
آهي. پوءِ سائين جن وڏي ڪشادي ايوان ۾ پدم آسڻ هڻي
پنهنجي ٻي ٻها اُنهي وچن جي ورکا ڪندا آهن. ان
ڪانسواءِ هر مهيني شام جو آرتوار ڏينهن سڀني ستسنگين
کي گيان يوگ جو اڀياس ڪرائيندا آهن.

بمبئيءَ ۾ آشرم ٿيڻ ڪانپوءِ ڀوپال ۾ به اُتي جي پريمين
گهڻو ئي خرچ ڪري سٺو آشرم ٺهرايو آهي. اُن ڪانسواءِ
الور ۾ به پريمين آنند منڊليءَ جي لاءِ پنهنجو آستان
ٺهرايو آهي. مطلب ته سائين جن جي مهما ڏينهون ڏينهن
وڌندي آهي ۽ ستسنگي ۽ شيواداريون جي نئين اُڌار لاءِ
ٻڌو واڌارو ٿيندو رهي ٿو. نه ته سائين جن جي ٻاٽي نه
هميشه آنند آهي. هينئر ته اُلهاسنگر ۾ سرڪار رعايتي
ڳهه لئي پلاٽ ڏنو آهي ۽ دهلي ۾ به هڪ پلاٽ ڏيڻ
منظور ڪيو آهي جنهن قبضي ملڻ لئي آشرم ٺهڻ شروع
ٿي ويندو.

”حق ۾ هوئا، حق ۾ جيئا،
حق کي هي صورت هئم يهي؛
حق ۾ پريم پريمي مگن هئم،
حق پنور، قول سگنڌ هئم؛
حق آپ پرمانند هئم،
حق کي حقيقت هئم يهي.“



شري سمرٿ سروپ

سمرٿ سروپ اِستاپنا

”ڪيو اُپڪار مهان، ستگور ديو ديا ڪري؛
سٽايو سواس سواس ۾، سوهنگ ريءَ زبان؛
اگيان اونده نه رهي، ڏنو آتم گيان؛
ساري جيوت سيوا ڪريان، ارپي تن من پراڻ؛
ٿين نه تل سمان، ”پرمانند“ پنڊار جي.“

رهبر جو قدر اُنهي راهيءَ کي هوندو، جنهن اُنهيءَ جي همت جي هٿن سان هن سنسار رُوپي دهشتي درياهه کي پار ڪيو هوندو. اُنهي مرد ملاح جي عشق ۾ رهي اُهي ٿي عاشق رات ڏينهن هنجون هاريندا جن اُنهيجي ٻوڏ جي ٻيڙي ۾ چڙهي صدق ۽ وساهه سان وحدانيت جي ولايت ۾ وڃي واسو ڪيو هوندو. سائين جن کي پنهنجي مرشد مولي ۾ ايڏو ته اَکٽ پريم نبتار پريل آهي ۽ اُنهي سمرٿ ديو جو ايڏو تہ اندر قدر اُنن جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي!

سائين جن جي شهاڻي شڪل مان نماڻو نور اُنهي وقت لجلا ڏيئي نڪرندو آهي، جڏهن پنهنجي مرشد اڳيان بي خود ٿي آرتي ڪندا آهن.

سو سائين جن جو سنڪلپ ٿيو ته هڪ سنگمرمر جي سفيد هلڪي نيري پٿر جي مورتي سمرٿ ديو جن جي نهرائي آشرم ۾ استاپن ڪئي وڃي. سنتن جي سنڪلپ

سڌ ڪرڻ لاءِ ڀڳوان جي مايا هٿ ٻڌو ڪري بيٺي هوندي آهي. سو قدرت سان هڪ اهڙو ئي سنگمرمر جو ٽڪر ملي ويو ۽ هڪ اهڙو ڪاريگر به هٿ اچي ويو. پوءِ به اُهي ڪاريگر مورتي ٺاهڻ ۾ پنهنجي وت آهر چڱي محنت ڪئي ۽ آخر ديوي مورتي تيار ٿي.

سائين جن اِها مورتي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ فبروري ١٩٦٢ع ۾ وڏيءَ ڀروڪ اُهي اَدڀت اَلوڪ مورتيءَ جي اِستاپنا دربار صاحب ۾ ڪئي ويئي جتي اُهي شيءِ ڏسڻ ٿي هون، ٻگهه ۾ ڀنڊارا پڻ ڪرايا ويا.

مورتي ته نه آهي پر لائين پيو ڏسڻ ۾ اچي ته ڄڻ ته ساکيات شري سمرٿ ديوجن ڪئلاش پربت تي پرڀاتي پسر لڳايو، هماليه جي ڪندرائن مان ٻاهر نڪري، ٻئي ٻانهون ۽ هٿ ٻي خوديءَ جي پاوانش ۾ مٿي ڪري نوراني نظر سان سڀني پريمين کي نهال ڪري رهيا آهن.

”گيان ڌيان ۽ سهج سک، سيوا پريم وشواس؛
سمرٿ ڪرپا ٿي پائيئي، نرڀئه پد ۾ واس.“

سائين جن به اِهي شب اوسر تي هميشه وانگر پروگرام جي آخر ۾ آرتي ڪرڻ ڪانپوءِ اُصليت تي پهچڻ

هردوار آشرم جو وڌڻ

"سعيو ڪر سنجم سان، نبتيءَ سان نباءِ؛
پوئرڙا پرپل رکي، اڳتي قدم وڌاءِ؛
پوءِ ٽنهنجي جاءِ، "پرمانند" پنجوار ۾."

سائين جن جي ڏينهون ڏينهن پرتاپ وڌڻ سبب ۽ ٻنهجي ڌڻيا جو هٿ وڌيڪ ڪشادو ڪرڻ سبب هردوار آشرم جي اصلي جڳهه آهستي آهستي شري سمرٿ داس جن جي ورسي مها اُتسو جي ڏينهن ۾ تنگ ٿيندي محسوس ٿيڻ لڳي. اڳ ۾ سائين جن جو رات وارو اڪتاري لي ستسنگ ۽ پرڀاتڪال جو ساڌن اُپاس دربار صاحب جي اڳيان ۽ پاسي ۾ ٺهيل ورانڊي ۾ ٿيندو هو ۽ مهاتمائن جو ويدانت سميلن آشرم جي هڪدم پٺيان پيل سرڪاري ميدان ۾ ٿيندو هو. پر هينئر اهي ورانڊا پورا نه پوڻ لڳا. سائين جن پهريائين ته جيڪو آشرم ۾ کوهه هو، ان کي ڍڪائي، اُتي برمي جو نلڪو لڳارائي، اُتان جڳهه بچائي، اُتي هڪ ڪوٺي ٺهرايائون. وڏي ڦاٽڪ جي پرسان ٺهيل کليل جڳهه تي جتي اڳ گانءِ ٻڌندا هئا، اُتي به ٻه ڪمرا هيٺ مٿي ٺهرايائون. آشرم جي لاڳيتو پيو پلاٽ وٺي اُتي پهريائين ڪچيون ڪکن جون ٻه وڏيون ڪوٺيون ٺهرايائون. پوءِ وقت گذرڻ بعد اُتي ٤ ڪمرا

لاءِ هيئين پرارٿنا ڪئي:

”درشن ماتر سين ڪرتارٿ ڪرڻي والي!
درشٽي ماتر سين، ڀو بنڌنون ڪو هرني والي!
اکنڊ واڻي سين، اکنڊ برهم ڪا بوڌ ڪرا ڪر؛
موکشوُ ڪو جيون مکتي ڪا سک انڀوَ ڪراني والي!
شرن پر آئي هوئي ست سنگي، سرب پريمين؛
شرڌالو، شيواڌاريون پر پرم ڪرپا ڪرني والي!
ڪرپا! ڪرپا!! ڪرپا!!!“

اوم آنند!



هميشه لاءِ ختم ٿي ويئي. سو انهي ڳالهه کي ڏسي سائين جن ١٩٧٨ع ۾ آشرم جي ساڄي طرف لڳو لڳ پيل پلاٽ جنهن جي مٿي واري ٽُڪر ۾ ٻه ڪمرا ۽ ٻه دڪان ٺهيل آهن، سيٺ هولچند لکنؤ واري کان خريد ڪيو ۽ ان سان گڏ خالي پيل ٻيو پلاٽ هڪ گروڪل جي رٽائرڊ ماستر صاحب شري سويت ڪيتو جي معرفت خريد ڪيو ويو. اتي ٻنهي پلاٽن جي خالي پيل جڳهه کي سنئون ڪرائي فرش ٻڌائي ڇڏيائون. اتي هوَن کنڀ ٻه پڪي طرح ٺهرائي ۽ اڳ ٺهيل ٽُڪر ۾ ٽوريون قبر قاريون ڪري، اُن کي ٻه هڪ سنڌر آستان ٺهرائي، واندي مان وڏو در ڪڍائي، ”هري اوم نواس“ سان ڳنڍي ڇڏيائون. مٿان ڪجهه ٽُڪر کي ١٩٧٩ع ۾ مٿان پڪيءَ طرح ڇت ٺهرائي گئلري والگر مالڪن جي وهڻ لاءِ جڳهه ٺهرايائون. انهي ڪري هوَن ٻگهيه ۽ ويدانت سميلن ڪرڻ ۾ جا جڳهه جي تنگي هئي سا ٻه پوري ٿي ويئي.

١٩٧٧ع ٿائين هردوار کان ٻمبئي ويندي ڊسمبر جي مهني ۾ ستسنگي پريمين جي گهڻي زور ڀرڻ تي رستي ۾ ٻين هند جهڙوڪ دهلي، آگري، گواليار، اندور، لکنؤ، ڀوپال، برهانپور، احمدآباد، ڀاونگر، مدراس، بنگلور آدڪ شهرن ۾ ڦيرا ڀائين ٣-٣ سالن بعد پوءِ ٥-٥ سالن بعد وڃي، هر هند هفتو کن رهي اَمرت مئه ورکا

هيٺ ۽ ۴ ڪمرا مٿي ٺهرايائون. اُنهي سامهون وڏي پيل جڳهه لئي ڀنڊاري جي ڪهاڊي جڳهه ٺهرائي. اُن جي مٿان ۾ ۵ ڪمرا ٺهرايائون ته جيئن ورسي صاحب جي موقعي لئي رانڌڻ ڪي ڪا تڪليف نه ٿئي. اُنهنجي پرسان ڪنڊ ۾ هڪ گانءِ جي ڪوٺي ڀي ٺهرايائون. اهڙي هوندي ۽ هر سال پريمين جي وڌيڪ تعداد ۾ اچڻ ڪري جڳهه پوري نه پوڻ لڳي.

٣١ مارچ ١٩٧٠ لئي آشرم سان لڳو لڳ هڪ ۴۴٦٠ چورس فوٽ خالي پيل پلاٽ سيٺ گوبند رام ڀمڀاڻيءَ وارن جي پٽن کان ١٥ هزار روپين ۾ خريد ڪيائون. انهي پلاٽ ۾ هڪ نئون وڏو ستسنگ هال ۽ اُن جي مٿان چار وڏا ڪمرا ٺهرايائون. ستسنگ هال جي اَڳيان ڪجهه ٽڪر ڇڏي چار ڪمرا هيٺ ۽ چار ڪمرا مٿي ٺهرائي، انهي سڄي بلڊنگ لاءِ نومبر ١٩٧٠ع ۾ **ٽرسٽ ناموَ** ناهي ٽرسٽي مقرر ڪري ڇڏيائون. اُنهي ٽرسٽ جا مقصد آهن سڄي ستسنگ جو پرچار ۽ عام جي سيوا ۽ جيڪي ستسنگي ۽ گرڀائي ڪجهه وقت اچي اڪانت ۾ اڀياس ساڌن ڪن اُنهن جي رهڻ لاءِ ۽ نيمن اُنوسار سهوليت ڪئي وئي آهي.

اُن کان پوءِ آشرم جي پنيان پيل سرڪاري پلاٽ، جنتي اَڳ ويدانت سميلن ٿيندو هو، اُتي سرڪار نئين سڙڪ ٺاهڻ شروع ڪئي، جنهن ڪري اُها سهوليت

٢- هي جڳ جيئو ايش جي مايا،
جنهن کي چون موه ۽ مايا؛
ڪٽيو ڪرم جي ڪائي، ستسنگي ۽ گرپائي!

٣- من کي پراڻايام سان جوڙيو،
ريچڪ ۽ ڪنڀڪ سان موڙيو؛
انيڪ ٽئي ته اچائي، ستسنگي ۽ گرپائي!

٤- نشچو آتم رام ۾ رکجو،
سرڳ ۾ نرڳ کي لکجو؛
وَر وَر ملي واڌائي، ستسنگي ۽ گرپائي!

٥- ڪافيون ۽ اُپديش هنڊايو،
ڳُڻا ڳُون ڳجهن کي پايو؛
"پرمانند" پس شاهي، ستسنگي ۽ گرپائي!"

اوم آنند!

ڪري اُلٽي عام ماڻهن کي ڪرتارت ڪندا هئا. پر هيمٽر اُوستا وڏي ٿي وڃڻ سبب اُهو پروگرام بند ڪيو اَٿن ۽ سچن جگياسن ۽ پريمين لاءِ هردوار آشرم ۾ اچي ايڪانت واس وٺي پرمارٿ ۾ واڌاري ڪرڻ جون سڀ سهوليتون ناهي ڇڏيون اَٿن. ان لاءِ سائين جن جي اَڳواڻ آگيا سو ڪو به لائق ستسنگي سچي اُنتيءَ جو ڪانڪي ٤٠ ڏينهن تائين ايڪانت واس لاءِ ناهيل نيمن اَنوسار هلي پنهنجو جيون نئون ڪري سگهي ٿو. اُن ۾ اُهڙن جگياسن لاءِ ساڌن اَڀياس، پراڻايام، شبد وغيره جو سچو پروگرام مقرر ڪيل آهي. اُنهي طرح جلد آتمڪ اُنتي ڪرڻ لاءِ سچ جي شائقن لاءِ سونهري وجهه ڪلي ويو آهي. اَصلي آشرم جنهن اَڳ هو ليڪن هيمٽر به 'هري اوم نواس' آهي. اَهڙا آهن اُسانجا سائين پرمانند صاحب دل جا شاهه، اکنڊ آنند جا بادشاهه! ستسنگين لاءِ ڇا نه سندن پريم ۽ آسيس جي ورکا پئي ٿيندي آهي! سڀني لاءِ سندن آسيس جي مهر جو هٿ سدائين مٿان هوندو آهي ۽ هڪ پڇن ۾ سچي آسيس ۽ پرمارٿڪ اُنتيءَ جي رهت بابت سرل طريقي سان چيو اَٿن:

”نت سکي رهو نل جائي، ستسنگي ۽ گرڀائي!
ا- رهت سچيءَ سان اوم اُچاريو،
سوهنگ سوهنگ ڪري چت کي چاڙهيو؛
رهي نه رنج جدائي، ستسنگي ۽ گرڀائي!

٢. روزاني رهت

سائين جن جي ڏينهن چريا اوائلي رشين منهن جهڙي آهي، تفاوت فقط اهو آهي جو اڳ رشي ۽ مني گهڻو ڪري شهر جي گوڙ گهمسان کان پري ايڪانت جڳهن لي پرڪرتيءَ جي گود ۾ گرهست آشرم پالڻ سان گڏو گڏ شرڌا ۾ آيل وديارٿين ۽ ڪيترن ٻين سچ جي ڪالڪي جگياسن کي وديا دان ڏيندا هئا ۽ هن زماني ۾ سائين جن سمي ۾ ڀاري ڦيري اچڻ سبب اسان سان گڏ سيني جي وچ ۾ رهن ٿا. چاڪاڻ ته اسان جيون ۾ هن زماني ۾، جهنگلن ۾ وڃي ۽ اهڙن رشين وانگر ليائي مئه جيون وتيت ڪري، ڪيچ پرالڻ جي سمرتيي ڪالهي.

سائين جن پرالهه ڪال جو ٣ بجي اٿندا آهن. اُنهي مهل ڪنهن کي نه جاڳائي پنهنجي اُني موج ۾ ويهي رهندا آهن. ٤ بجي اُسر جو سيني کي جاڳائي پاڻ وري ۾ پنهنجي لي آنند ۽ مستيءَ ۾ ويهي رهندا آهن. انهي پرڀات جي ٻن ڪلاڪن ۾ اوچتو اُني ويدانت جي واٽي سلوڪن، ڪافين، ڀڄن ۽ انيڪي ويچارن جي روپ ۾ نڪرندي آهي.

ٺيڪ ٥ بجي هري اوم لال يا ڀائي نارومل ۽ اُنهن جي غير حاضريءَ ۾ ٻيو ڪوئي ڀرمي اچي سائين جن وٽ حاضر ٿيندو آهي جنهنکي اُها انيڪي واڻي لکائيندا آهن. سائين ٦ يا ٧ بجي پنهنجي سرير جي ڪرما

آدرشي نرمل جيون

١. ويدانتي جيون

”گر ساگرو رتناگرو، تت رتن گهڻيري رام،
ڪرمجنو سپٽ سري، من نرمل ميري رام.“
(آسا ڇنت)

پيارا پاٺڪو! سائينجن جي جيون هڪ بي مثال آدرشي جيون آهي. جيڪا به سکيا ڏيندا آهن، اها هنن پنهنجي جيوت يالرا به عمل ۾ آندي هوندي آهي. هنن تورن صفتن ۽ سندن بي شمار وصفن مان ڪن ٿورن جي سنڪيپ ۾ جهلڪ عام جي ڀلي لاءِ هيٺ ڏجي ٿي. اهو اُنهي لاءِ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ته جيئن اسان جهڙن سيني جيون کي خبر پوي ته ويدانتي جيون ئي اصلي جيون آهي. اهو جو ڪن ماڻهن کي وهم وينل آهي ته ويدانت آدمي کي سست ۽ پورالو بڻائي ٿو سو بلڪل بي بنياد آهي.

ڪيترن ماڻهن ۾ اهو وينل آهي ته گيان ۽ جهان ٻئي هڪ ئي وقت هٿ نه ايندا، يا ماڻهو برهم پد کي پائي وڃي جهنگل ۾ سنياسي ٿي وهي اهي خيال به غلط آهن. سائين جن جي عملي جيون اهڙن ماڻهن لاءِ هڪ ڪليل پستڪ جي روپ ۾ عام جي اڳيان آهي.

هڪ ٻجي منجهند جو رسوئي کائيندا آهن. رسوئي ۾ ڦلڪو اُبريل ساڳ سبزي ۽ جنهن ۾ پينل ڪٽڪ جي اَڻ ڇاٽيل ٿلهي اَٽي جي اَٽيي روٽي ۽ سلاد کائيندا آهن ۽ گيهه جي بدران ٿورو مکڻ ڪم آڻيندا آهن. چانور ۽ ميدي جون شيون ڊبل روٽي، بسڪوٽ وغيره اُصل ڪو نه واپرائين. سبزيون فقط هلڪيون جهڙوڪ سايون ٽوريون، ڪدو، ٻينو، گجرون، پرمل، پالڪ جهڙيون هونديون آهن. اُنهي ۾ ساوا ڌاڻا، ڦودنو، اَدرڪ ڪم آڻيندا آهن باقي لوڻ مرچ يا ٻيا مصالح ٻهه ڪو نه وجهائيندا آهن. نڪي ڪي تريل ساڳ کائيندا آهن. ٻيون سواديون پر ڏير هضم سبزيون جهڙوڪ گل گوبي، ڀينڊيون، واڱڻ، ڪچالو، بيهه وغيره ڪو نه واپرائيندا آهن.

ڏيڍ کان اَڍائي ٻجي منجهند جو آرام ڪندا آهن. اُن کان پوءِ وري پنهنجي اَصليت ۾ آرام ڏيڻ واري ويدانتي ڪرت ۾ لڳي ويندا آهن. شام جو جي ڪو اهڙو سڪ وارو سڄڻ اچي ويندو آهي ته اُن کي به ملڻ جو موقعو ڏيندا آهن.

هردوار ۾ هوندا آهن ته نيم سان روزانو ساڍي ٥ ٻجي ويدانت جي مکيه گرنٿ 'پنچ دشي' مان اُپديش ڪندا آهن ۽ پوءِ نيل ڌارا طرف سير ڪرڻ ويندا آهن. قدرت جي موهيندڙ نظارن ۾ اُنهي اَصليت جو ديدار

چڏائيندا آهن.

پاڻ يوڳي پرش نه آهن ٿي، سو سرير جي اِستٿي آهر ڪجهه وقت پراڻايام، آسڻ وغيره ڪري مالش ڪرائيندا آهن، اُن ڪانپوءِ اشنان ڪندا آهن. جي ٻهٽي ۾ هوندا آهن ته ۸ بجي صبوح جو ستسنگ لاءِ هيٺ لهندا آهن ۽ ۹ بجي تائين اُپديش ڪري پوءِ ستسنگ جي سماپتي ڪري مٿي هليا ويندا آهن.

هردوار ۾ اشنان ڪرڻ ڪانپوءِ کير جو پاءُ سوا، ٻِلَ سان وٺندا آهن (ٻل هڪ ڪسارو ڦل جهنگل ۾ هڪ وڻ جي پئداش آهي. اُنهي وڻ جي پنن کي ٻل پتر چئبو آهي جو پريمي ڀڳت شنڪر ڀڳوان جي مورتيءَ تي چڙهائيندا آهن. اُنجو ڦل ڪچو ٿي کائبو آهي. پر اُن کي کائڻ کان اڳ پاڻيءَ ۾ ٽڪائيندا آهن. اهو ڦل رواجي طرح اسان مان ڪو مشڪل سان کائي سگهندو.) لوڻ ۽ کنڊ کائڻ نه سائين جن ڪيتري وقت کان ڇڏي ڏنا آهي. سو انهي ڪساري ڦل سان ڦڪو کير پيئندا آهن، چانهه ۽ ڪافي نه ڏسن نه ڪن.

اُن کان پوءِ ۱۰ کان ساڍي ۱۲ بجي يا هڪ بجي تائين ويدانت جي ڪنهن نه ڪنهن پستڪ جي پڙهائڻ يا پريمين جي آيل ونيه پترن جا جواب لکائيندا آهن. اُنهي وقت ۾ جي ڪنهن پريميءَ جو اڳواٽ ٽائيم ورتل هوندو آهي ته اُن سان به گڏبا آهن.



سائين اوڪ جر بيحد بهاريءَ ۾ سگر

ڪري سدا شانت چت ۽ موهيندڙ مرڪ سان واپس آشرم ۾ سڀ لئي ڪان پوءِ پهچي ويندا آهن جتي دربار صاحب ۾ شري سمرٿ ديو جن کي سيس نوائي پوءِ مٿي پنهنجي ڪمرا ۾ هليا ويندا آهن.

ٻمبئي ۾ هوندا آهن ته اُتي به شام جو جهوُ لي سمنڊ جي ڪناري سان گهڻو پري گهمڻ لڪري ويندا آهن. اُتي به ويدانت جي خيال ۾ ئي جهان کي لوٽي ساهوُندڙي ڇولين کي ڪلپت ماتر سمجهي اَصلي چيتن چدآڪاش ۾ ايڪ ميڪ ٿي، اولده ٽيڻ ڪان پوءِ واپس آشرم ۾ اچي دربار صاحب ۾ شري سمرٿ ديو جن جي آسپس وتي پوءِ مٿي هليا ويندا آهن. اُتي مٿي ڪُڏ لي نيل گگن جي ڇت هيٺان چند ۽ تارن جي صحبت ۾ مٿي ئي ٽڪٽڪي لڳائي پنهنجو پاڻ ۾ ريڌا ويٺا هوندا آهن.

رات جو ٨ بجي ڏاري ٿورو ٽڪيل ٻـل ڦڪي کير سان ئي پيئندا آهن. پوءِ ڪجهه وقت اخبار پڙهائي ساڍي ٩ بجي وڃي آرامي ٿيندا آهن.

اِها آهي سندن ساري ڏينهن جي دائري جنهن موجب سارو وقت ويدانتي يا وحدانيت جي خيال ۾ ئي گذاريندا آهن. ڳالهائين ڪٿا جي روپ ۾ ويدانت، پڙهائين ويدانت، ٻڌن ويدانت ۽ سماري جيون کي سمجهائين به ويدانت. اَهڙو آهي سندن نرليپ ۽ نشڪام جيون. لڌهن چيو اٿن:—

"چاهت ڇپايا، سرون ساڌن يوگ ٽپ؛
ڪرم ڪارڻ پوڄا، سڀ سهجي سمايا؛
ڏسڻ ٻڌڻ پرتيت، سڀ ايشور جي مايا؛
"پرمانند" وسايا، وطن ٻيغم پور جا."

٣. سال جي ڊائري

سڌن سال جي ڊائري به اهڙي طرح گهڙيال جي ڪانٽي وانگر نهي وئي آهي. جنوري کان اپريل تائين چار مهينا بمبئي ۾ رهندا آهن، جتي مٿي ڄاڻايل پروگرام موجب سڌن ستسنگ ٿيندو آهي. پوءِ مئي کان جولاءِ جي پڇاڙي تائين ٣ مهينا مسوري وڃي رهندا آهن. اڳي به ڪڏهن نئنيتال، ڪڏهن سملي وغيره ويندا هئا. پر هاڻي ڪجهه سالن کان مسوري ۾ ويندا آهن ڇاڪاڻ ته اهو پهاڙ هردوار کي ويجهو ۽ وڌيڪ سهوليت وارو آهي. اُتي هر سال ٻه نوان انيڪ پستڪ هڪ هندي ۽ ٻيو سنڌي ۾ رچيندا آهن جي پوءِ هردوار، اجمير يا ٻئي ڪنهن سهوليت واري شهر ۾ ڇپبا آهن.

آگسٽ کان ڊسمبر تائين ٥ مهينا هردوار ۾ رهندا آهن اُتي شري سمرت ديو جن جي ورسي مها اُتسو جون خوب تياريون ٿينديون آهن. سڀني شهرن ۾ پريمين ڏانهن خط لکڻ، نوان پستڪ ڇپائڻ ۽ ڪن پراڻن کي

٤. پريم جو ساگر

"پريم جو ساگر پورڻ پرمانند، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار
سوامي ڀڳتيءَ جو ڀنڊار!"

هڪ ڪويءَ پنهنجي ڪويتا ۾ سائين جن کي "پريم جو ساگر" ڪري سڏيو آهي. ۽ هو سچ پچ پريم جا مها ساگر آهن. ڪير به سندن وٽ هڪ دفعو ئي ويندو ها ويو هوندو ته اهو ڀاڳوان ائين سمجهندو ته مان جهڙو پريم ٻئي ڪنهن سان ورلي هوندن. آهن پراوَن پنهنجا! ڪوهه سنسار جو دکايل جيوَ، ڪيترن ئي زماني جي ڳالهين ۽ چنتائن جا انبار کڻي جي سائين جن وٽ ويندو ته حال ته هڪواري انهن وٽ وڃڻ کان پوءِ اُتساهه ۽ وشواس ۾ ڀرجي شانتيءَ سان ٻاهر نڪرندو.

ورسيءَ مها اُتسو جي موقعي تي هزارين خلق اچي ڪٺي ٿيندي آهي. هرڪو حيرت کائيندو آهي ته ڪيئن نه سڀني سان ساڳئي ۽ سمان پيار ۽ مشڪ سان پيا ڳڏجن ۽ هرڪنهن جي دل ۾ بهاري پيدا ڪري ڇڏين. ڪنهن نه ڪڏهن سندن موهيندڙ مکڙو گهنجهيل ڏٺو هوندو. جڏهن به وڃو تڏهن خماري نيڻن سان نينهن ڀري نگاهه ۽ محبت ڀري مشڪ سان حال احوال پڇندا آهن. حال ته سڀ دک سور وسريو وڃن. اهڙا آهن اٿاهه پريم جا ساگر!

وري سڌاري ڇپائڻ، سنتن مهاتمائن سان لکپڙهون ڪري اُنهن کي ويدانت سڀائن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نينڊ ڏيڻ؛ اُنهي وقت تي اٽڪل هزارن ستسنگين لاءِ رهڻ ڪرڻ؛ ڀنڊاري ۾ گهربل سيڌي سامان جو بندوبست ڪرڻ وغيره جو ڏايو ڪم هوندو آهي. ورسي صاحب کان پوءِ، اڳي سائين جن ڊسمبر جي مهني ۾ ٻرهمين جي سڪ پوري ڪرڻ لاءِ جدا جدا شهرن ۾ واري سِر پنجن پنجن سالن کان پوءِ ويندا هئا. پر ۱۹۷۸ کان وٺي اهو پروگرام بند ڪيو اٿن؛ ڊسمبر جو مهينو بہ هردوار ۾ رهندا آهن.

اِها آهي سندن سال جي ڊائري. اهڙي طرح هنن مهاپرشن جو جيون پراپڪار ۾ گذرندو رهي ٿو جو ۸۳ سالن جي عمر ۾ بہ ڏينهون پوءِ ڏينهن ديسا جا ڀنڊار ڀڄي عام ماڻهن جي ڪلياڻ خاطر مهر جا مينهن وسائيندا رهن ٿا، ڇاڪاڻ هوندي بہ ٻاڻ کي هميشه اڪرتا اڀوڪتا اُنهي اکنڊ اوستا جا والي آنپو ڪندا رهن ٿا.

”تياسي ترنڪال، آيو ديش اڳم جو؛
جيو آتما روپ ٿيو، ڇو رهي بي حال؛
ڪيڏي پول پلال، پهتو “پرماننڊ“ ۾.“

جي ڳلي ۾ وجهڻ چاهيندو آهي ته اُن کي چوندا آهن ته هيٺ وڃي شري سمرٿ ديو جن جي مورتيءَ تي چاڙهيو.

پاڻ جڏهن پارس جي ڏينهن يا ورسي مها اُتسو جي موقعي تي هر روز ٻه دفع شري سمرٿ ديو جن جي آرتي ڪندا آهن يا جڏهن ديو ڳيه هوَن ۾ ٽي ڏينهن شڌ پوڄن ۽ گائتري جي منترن جو اُچارڻ ۽ آرتي ڪندا آهن، اُن وقت اُنهن محسوس ڪيو آهي ته ڀڳت ۽ ڀڳوان ٻئي هڪ روپ ٿي ويا آهن. اهو اسان ساڌارڻ منش لاءِ هڪ اَنوکو آزمودو ۽ زندگيءَ جو سونهري سبق هوندو آهي.

۷. تياڳي

گيتا ۾ جيڪا به تياڳ ۽ نشڪام ڪرم ڪرڻ جي اُپديش سکيا ڀڳوان ڪرشن اَرجن کي ڏني آهي، سائينءَ جن هوبهو اُنهي جا مجسم آهن. ڪنهن به دنيوي پدارٿ ۾ ممتا نه، پاڪستان ۾ هيتري ڇڏي آيل ملڪيت لاءِ رتي ماتر به من ۾ خيال نه ڪرڻ ۽ ساري سنسار جي مال ملڪيت کي فقط ضرورت جي سهوليت سمجهي اُن مان ڪم ڪيڻ جيترو پريوجن رکڻ ۽ سڀني سمبنڌن ۽ سنسڪين سان پريم جو ورتاءُ ڪندي هيان به پاڻ کي سڀني کان نيارو سمجهڻ ۽ شرير، من، اندرين وغيره

۵. آنند جا پڌار

آنند جا ٽي جنسي سروپ آهن. ٻالو ڪي سندن ”ٻرم آنند“ سدائين پنهنجي مستي ۾ اَڳاڏ آنند ۾ مگهن رهن. هردوار ۾ ٽي ڪيترا ساڌ ۽ مهاتمائون ٻه سندن اَکنڊ آنند مَئه اوستا جي رِيس ڪندا آهن. جڏهن ڪو ٻالڪ جهڙو اَنيٺي مهاتما ملندو اُتن ٽه پوءِ ٻيهي اَلوڪڪ اَلمستن جي اَصليت جي ٻهاريءَ جا نهڪ ٻڌي اَچرج لڳيو وڃي. سنسار جو ڪو ٻه دکه ٻا وچوڙو اَهڙو اَثر ڪرڻ جهڙو ٻاڻيءَ ٽي چِت.

”آنند سين آيا، آنند ۾ جايا؛
آنند ۾ ڪـايا، آنند ۾ سمايا.“

۶. ڀـڳـتي

”مکه ڀڳتي هردي، رکه گيان؛
سرير سان سيوا، ڦاني ڏس جهان؛
پائي ”پرمانند“ کي، جڏي نوڙي ٿئي نرباڻ؛
ٽه مالڪ ٿيئي مهربان، پار ڪرئي پلڪ ۾.“

سائين جن پورن برهم گياني هوندي ٻه جڏهن پنهنجن سنگورن صاحبن جي چتر سامهون ايندا آهن لڏهن چا ٽه سندن چهري ٽي ڀڳتي ڀاوُ پرگهٽ ٿيندو آهي! جيڪڏهن ڪو پريمي ستي گڻن جي مالها پيهت ڏري سائين جن

هلندو هو. صبح جو ٥ کان ٦ بجي تائين ستسنگين کي پراڻايام
۽ ابهياس ڪرائي پوءِ ست اُپديش ڏيندا هئا ۽ شام جو
عام ستسنگ ٿيندو هو. دهليءَ جي مٽي مهني جي گرمي
نه مشهور آهي. سو سائين جن کي گرميءَ جو بخار ٿي
پيو. پر وشواس ڪندا نه سائين جن اها ڳالهه ڪنهن سان
به ڪانه ڪئي. پاڻهي اُپواس وغيره رکي قدرتي علاج
ڪندا رهيا ۽ باقاعدي ٻئي وقت پروگرام پورو ڪندا
رهيا. ڪنهنکي به نه جيتري لکا وجهڻ نه ڏنائون.
پوءِ گهڻن ڏينهن بعد خبر پيئي نه سائين جن کي تنهن وقت
بخار جي تڪليف ٿي هئي.

١٩٦١ع ۾ سائين جن دهليءَ آيل هئا ۽ قرول باغ ۾ پوج
سوامي گنگيشورانند آشرم ۾ مٽي لٿل هئا ۽ ستسنگ جو نه
اُتي اُني هيٺ ستسنگ هال ۾ بندوبست ٿيل هو. هڪ
ڏينهن شام جو مهاتما گانڌي جي سماڌيءَ تي راڄ گهاٽ
جو سير ڪرڻ ويا. سائين جن کي مهاتما گانڌيءَ لاءِ
ڏاڍي شرڌا آهي ۽ ڪيس مهاتما ڪري ليکيندا
آهن. اُتي سماڌيءَ تي پهچڻ وقت سندن خيال ڏاڍو مٽي
چڙهي ويو ۽ اُنهي وقت کو ٿابو اچي وڃڻ جنهنڪري
گوڏن ۽ ڪمر ۾ ڏک لڳن. سو ڏاڍو تنهن هوندي
به اُتان سڌو ئي اچي ستسنگ هال ۾ ويهي اُپديش ڏنائون
۽ ڪنهنکي خبر اُني ڪانه پئي نه کو ڪين ذرو به سور
آهي. پوءِ به قدرتي علاج ڪري ٺيڪ ٿيا پر پروگرام

ڪان هميشه الڳ ٿي ۾ رهي، تپاڳ جو به تياڳ ڪرڻ اهو آهي سندن سچ پچ جيوت ۾ عملي تياڳ، جو پاڻ خود ڪري پيا ڏيکارين. نه آئي جو هرش نه گئي جو شوڪ. شال اهڙو بي مثال تياڳ ڪو ڪائڻ سکي!

"عاشق رهن ٽت، جت ڏينهن نه رات ڪا،
نڪي آهن پنج ٽت، نڪا اُپت کپت؛
نڪو ويد نه پران ڪو، نڪا ست است؛
ڪيڏي ممتا مت، سامي مليا سروپ سان."

٨. تپسوي

"جوڳيءَ جڳت ڪري، جيئيو هن جهان کي؛
راز روحانيءَ ٽي، ٿو راتيان ڏينهن ڦري،
ڪال ڪرم جو ڪوتوال، ٽنهن کي ڏسي ڏري؛
سهج سماڌ ڌري، دائم پرمانند ٿيو."

پيارا پاٺڪو! سائين جن جي شروع کان وٺي ٽتکشا يعني سرير جي تپسيا جو جڻ ته ڪو سنڪلپ هميشه لاءِ دڙهه ڪيو هو! سندن متينءَ ڏنل جيون ڪهاڻيءَ ۾ تپي تپي ٽي پاٺڪ سندن ڪٺن تپسيائن جا احوال پڙهي آيا آهن. هت فقط ٻه مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندا.

دهلي ۾ ١٩٥٨ع جي مئي مهيني ۾ ٨-١٠ ڏينهن لاءِ اوچتو آيل هئا. انهن ڏينهن ۾ ٻه وقت ستسنگ جو پروگرام

۾ هن سمي ڪٿي هلڻ گهرجي، اُنهي جو ڪجھ ڪيان پڙهندڙن کي سائين جن جي ٻن پستڪن ”گرهست ۾ برهمچريه“، ”پرورتي ۽ نورتي“ ۽ ”گرهست ۾ يوگ“ مان پئجي سگهندو.

جيڪي لکيو اٿن اُن موجب عمل ڪيو اٿن. اُهو اُپي سنمي، نيم، ڪرتويه پالنا، پر ٽهن سان گڏوگڏ نرليپتا، سڀ ڪجھ ايشور جو ڪري سمجهڻ ۽ اُنجي ڀاڻي تي راضي رهڻ، گرهستين وانگر دان ۽ هون يگيه ڪرڻ، مطلب ته هرهڪ ڳالهه ۾ ڪماليت جا صاحب آهن.

سيٺي مٺن مائٽن، ڪئيائن ۽ ڀينرن، پٽن ۽ ناٺين، سيٺن ۽ سيٺاڻين سان نيڪ طرح سان مريادا انوسار جوڳو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ ڪو ڪاٿي سگهي! ايها لکا ڪونه وجهڻ ڏيندا آهن ته هو ڪو جهان کان مٿي چڙهيل آهن. سيٺي کي پنهنجي جاءِ سنڀال، ڏيکاري، آدر ستڪار ۽ سنمان ڪري، هلندڙ ريتين رسمن انوسار ڏي وٺ ڪندا آهن ۽ هر پارٽ ادا ڪرڻ ۾ ماهر آهن. سيٺن سان پاڪر پائي گڏجڻ، اُنهنکي اُٿي ويهي سنمان ڏيڻ ۽ ڪين جوڳي آسڻ تي وهاري اُنهنجي ڪاڌي پيتي ۽ ٻي سڀ ڪنهن قسم جي خاطرداري ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏيندا آهن.

پنهنجن نڌين پوٽين سان به ائين هلندا آهن، جيئن رواجي ڏاڏا هلندا آهن ۽ اُنهن سان اُهوئي پيار ۽ پرپائڻ

۾ هڪ وقت يا ڏينهن ۾ گهاري نه وڃائون. جن ڀرمين
کي اُنهي ڳالهه جي خبر هئي تن کي چيائون تہ ڪو بہ
خيال نه ڪريو "سور اسان تا لڳايون، ڳالهه اوهان لڳائجو."


هاڻي بہ ورسي مها اُتسو جي موقع تي ٽيئي ڏينهن
اُپواس رکندا آهن ۽ فقط ٿورو کير پيئندا آهن. پر اُن
هوندي بہ پرڀات ڪال ٣ بجي کان وٺي رات جو ١٠-١١
بجي تائين هن ٻوڍ اوستا ۾ بہ هر پروگرام ۾ پاڻ پاڻ
وٺي سڀني جو پريم، نشٽا ۽ اُتساهہ وڌائيندا آهن. شام جو
ويدانت سميلن وقت بہ ۴ بجي کان وٺي رات جو ٩ بجي
تائين هڪ ئي جڳهہ تي آسڻ ٻڌي ويٺا هوندا آهن ۽
آيل سادن ، مهانمائن جو يٿا يوڳ آدر ستڪار ڪري ،
پروگرام هلائيندا رهندا آهن.

اهڙا آهن مها ٻرسوي جن اُڃ، بک، ننڊ، من ۽ اندرين
کي وس ڪري، پاڻ کي هر حالت تي هيري ڇڏيو آهي.

٩. گرهست ۽ مريادا پرشوتم

"سُورن منجهہ سُورا ٿون ڪهيئهہ پورکن مهہ پورکي،
گرهستن ۾ ٿو بڏو گرهستي، جوڳن مهہ جوڳي."
(گوجري محلا ٥)

سائين جن گرهست جو پارٽ بہ جئن اڳيان رشي مني
ڪندا هئا تئن ئي نيڪ طرح ادا ڪيو آهي. گرهست



سائين جن بي پرواهيءَ جي لخت لئي

جو ورتاءُ ڪندا آهن.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ هندستان ۾ ماتا صاحب جي شو لوڪ پڌارڻ کانپوءِ هري اوم لال ۽ راجڪماريءَ جا وهانو ڪيا اٿن. اُنهن موقعن تي ڪوبه ڪونه چوندو ته ڪابه ڪنهن به قسم جي گهٽتائي نظر آئي. هرڪو فرض پوري طرح نباهيو اٿن ۽ نباهيندا اچن ٿا.

سائين مهاتمائن جو به اهڙو سنمان ڪندا آهن ۽ آدر ستڪار سهت شيوا ڪندا آهن، جهڙي گرهستين ڪي ڪرڻ جڳائي. پنڊاري وقت پاڻ سائين سنتن وٽ پيهي پنڊارو پرسائي، هٿ سان دکڻا ڏيندا آهن.

مطلب ته پڳوان شري رامچندر وانگر پورا مريادا پرشوتم ۽ نيتي مريادا ۾ نپڻ سنساري جيون لاءِ هڪ آدرش ڀٽجي گرهست آشرم کي گلزار ڪيو اٿن.

سائين جن جي منهن ۾ مٺيا ۽ حشمت به ڏاڍي آهي. انتظام رکڻ جو ڪوڏيا ۽ سڀ کي پوري ميزان ۾ چڱي طرح هلائي ڄاڻن. سڀ هيڏي ساري سموري ڪاروبار هلائڻ لاءِ فقط سندن اک جو اشاروئي ڪافي آهي. مجال آهي ڪنهنکي جو اُنهنجي سامهون ڪو ڪنهنجي نندا ڪري يا ڪا ڪچي ڦڪي ڳالهه ڪري! اڏهن هڪ ڪوِيءَ سائين جن لاءِ چيو آهي:

”گياني ڏياني عقل اڪابر،
نيتي مريادا جو سيٺ سوداگر،
پنڊت پنيت فقير گداگر،
هر منزل هسوار.“

۱۰. ديا، دان، شيوا ۽ ڀلائي

”سنگورو ساڪي برهم سروپ، شري پرمانند اوتار؛
تن جي ڪريان ڪيتري، وڏيائي وستار؛
سخاوت جا سهڻا ڏٺي، ديا جا داتار؛
گيان ڏيان ڀڳتي پريم جا، آهن اڪٺ ڀنڊار؛
وويڪ وئراڳ سم دم جا، سچا آهن سردار؛
جيڪو اچي شرڻ ۾، تن جو ڪن اُڌار؛
جڏهن صاحب ٿئي ستار،
تڏهن ملڻ ٿئي مهاپرشن جو.“

سائين جن جو هردو ڏاڍو ڪومل آهي. سنسار ۾ دکن جي ڪاڻ آهي. ڪيترا دکيا جيو پنهنجو هينئون هلڪو ڪرڻ ۽ آسيس گهرڻ لاءِ سائين جن وٽ ايندا آهن. ڪنهن کي پئسي جو، ڪنهنکي اولاد جو، ڪنهنکي سرڪار جو، مطلب ته هر ڪنهن کي گهڻو ڪري ڪو نه ڪو دک لڳل آهي. هر ڪنهن سان همدرد آهڙا جو دکين جو دک ڏسي آڌ ٿيو وڃي. سندن دلاسو ئي بس آهي. اهي ٻاهر

"هو رها هئه، سو هوني دو،
ڪڇ ڪسي ڪو مت ڪهو؛
سپن ڪي ٽلوار سي،
ٽم جاگرت نرڀئه رهو؛
گهور نندرا سي جڳايا،
ستگور ني ٻانهون پڪڙ؛
اندر پرمانند پا ڪر،
ٻاهر ڪا سيکي سهو."

هڪ دفع جي ڳالهه آهي ته هڪ ستسنگي مٺي سائين جن سان ملڻ لاءِ اجازت گهري. جڏهن اُنکي مٿي وڃڻ لاءِ سڏ ٿيو ۽ هو ڏاڪڻ چڙهي سائين جن جي ڪمرا ۾ گهڙيو ته ڇا ڏسي ته سندس لاءِ آسڻ پاڻ وڇائي رهيا آهن! اهو ڏسي هو ڏاڍو وسمئه ۾ پئجي ويو. هو نه ڪو وڏو آفيسر ۽ نه ڪو وڏو ڌنوان هو. سائين جن سڀني پريمين کي هڪ نظر سان ڏسندا آهن. اِهو سندن وهنوار ۽ ڪريا اُنهنجي نهنائي ۽ سيوا ڀاوَ جو ڪيڏو نه لاثاني ثبوت آهي.

سائين جن وٽ شرڌا، سڪ ۽ سندن بتايل راهه تي هلڻ ئي قبول پوندي آهي. هو اهڙا ته نشڪام ۽ بيپرواهه آهن جو ڪنهن شاهوڪار يا وڏي ماڻهو ڏانهن اِئين اک کڻي به نه نهاريندا آهن. هڪ دفع هڪ شاهوڪار شش ڪنهن

نڪرڻ نه ٻار ٿيي هلڪو! سندن ڳجهي مدد جا به اَنيڪ مثال آهن جي هٿ لکڻ جي مع آهي. چوندا آهن ته جيڪو پرمارٿ ۾ چڱيءَ طرح سان وڪه وڌائي ٿو ته دنيوي سهوليتون نه اُنهن کي مفت ۾ ڏول ۽ ڏانديڪن وانگر ملنديون آهن جنهن هو اُنهي پٺ ڪرڻ ٿي هري وڃي.

داني وري اَهڙا جو جيڪي پاڻ وٽ وڏيڪ هجين سو دان ڪيو ڇڏين. هردوار جي ساڌن ۽ غريبن کي اُنهي ڳالهه جي وڏيڪ پروڙ آهي تہ ڪئين نه هو ڏيهه جا ڏاتار آهن. اَن جو دان ڪپڙي وغيره جو دان، روڪ پئسن جو دان ۽ سڀ کان وڏو برهم ودِيا جو دان ڪري سڀني پاڳه وارن کي ڪرتارٿ ڪري رهيا آهن.

گمڀير وري اَهڙا جو مجال جو ڪنهنجي ڳالهه سندن وات مان نڪري! سڀ جا ڀيد ڪڻ ۽ ڀول آهن. پين کي بہ چوندا آهن ته مٺان ڪنهنجو پڙدو اُگهاڙيو اَٿو. جيڪا به ڳالهه ڪنهن ڪئي ته جڻ اُها کوه ۾ وئي.

شيرا، نهٺائي ۽ ڪميا به سندن هڪ سينگار آهي. زماني جي وهنوار ۾ جيڪڏهن ڪو به اَڳلو پي واجبي ۽ ڏاپائي جي هلت هلندو آهي تہ پاڻ لڙي پاسو ڪندا آهن، پنهنجن پريمين کي به هدايت ڪندا آهن تہ هن سنسار کي سپنو سمجهي سڀ ڏک سک صبر سان سهو ۽ ڪنهن کي ڪڇ به نہ چئو.

ايءِ ڪمهن ۾ ڪٿي پدارٿ جو واپرائڻ، چانهه ۽ ڪافي جو پيئڻ زهر سمان سمجهندا آهن. ڪنهن کي ته چوندا ته ئي آهن مٺو زهر. پنهنجي شرير کي قدرتي نيمن انوسار هلائي، گهڻا لوگ آسڻ ڪري ٺيڪ رکندا آهن. اهڙا آهن سادگي، سک، سيوا ۽ دان ديا جا ساڪيات سروپ اسان جا سائين!

"گياني سپ گهوري، سک ڇڏيا سڀ سک کو؛
سمجهي ڇڏيائين سرڳ کي به ڏري ۽ منجهه توري؛
اور ويٺو اوري، سدا سپرين سان."

۱۲. سروَ ڪلا سمپن

"عاشق آهي عجب اُداسي،
چمڪي چندرمان چڊ آڪاشي؛
سرو ڪلا سمرٿ سنياسي،
ديا مئه داتار، سوامي ديا مئي داتار."

سائين جن ظاهر ڪوٺي پا ٿي، هر ڪلا جا ماهر آهن. جيون به هڪ ڪلا آهي. سرير کي قدرت جي سهاري بنا زهريلي دوائن جي ڪيئن تندرست رکجي. اها ڪلا ته ڪو ڪانئن سکي!

جيون ۾ راڳ به هڪ ڪلا آهي ۽ مڌر ڳلو انهي مالڪ جي ڏات آهي. سائين جن وٽ اهي ٻئي سوغاتون آهن.

وقت سائين جن وٽ گهٽ ڪجهه پيسا ڪٺا آهن. سائين جن
ولڻ کان صاف انڪار ڪيو ڇاڪاڻ ته هو ڪجهه پرمارٿ
پاسي قدم وڌائيندو ڏي ڪونه هو. گهڻن مٽن کان پوءِ
ٿورو ڪجهه انگيڪار ڪيائون.

جيڪڏهن ڪو پرامي سندن آڳيا جي ورتي هلندو
آهي يا ٿوري ڏي اندرين ڪريا پائڻ لئي پاڻ ڪي ڪا
شيءِ سمجهڻ لڳندو آهي ته سائين جن هن کي ڪو اکر
به نه چوندا آهن. پر فقط اُن ڏانهن اُپرامتا اختيار ڪري
ڇڏيندا آهن. پوءِ ته گهڻين حالتن ۾ هو پاڻهيي پشيمان
ٿي سڌي راه لئي اچي ويندو آهي ۽ ته سائين جن جي
پاڻي آنند هوندو آهي.

"منهنجي مداين جي، ٽوڙي ڪل پرين پيئي؛
ڪڏهن ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي؛
ساجن سيئي، مدايون معاف ڪيون."

۱۱. سادگي

سائين جن کائڻ ۽ پهرڻ ۾ به سادگي اختيار ڪئي آهي.
کاڌيءَ جا ڪپڙا پائڻ ته ڪيترن ورهين کان نيمي هوندي
۾ ئي شروع ڪيا هئائون. کاڌي پيٽي ۾ بـ، مهاتما
گانڌيءَ وانگر اڇي ڪمب، لوڻ ۽ تريل شيءِ جو بـ
ڪيترن ئي ورهين کان تياڳ ڪري ڇڏيو اٿن. چوندا
آهن ته قدرتي ڦلن جو مٺاڻ سري لاءِ ڪافي آهي. آچار يا

بيگم اٿس بيان!
جيئڻ جدائي مان ڇـا ڄاڻي،
آتما جو عاليءِ شان."

١٣. سمان اوستا

"دک سک جهه پرسي نهين ڄڱري ميت سمان،
کهه نانڪ سن ري منا گياني تانهه پـڇان."

سائين جن هر حال ۾ موج ۾ رهندا آهن. "جو بس آوي وهي اُچا" اهو خيال پورو پورو پچايو اٿن. جتي وڃندا آهن اُتي ٻيءِ سڀڪو سائين جن لاءِ سڀ ڪنهن قسم جي سهوليت جو خيال رکندا آهن. ٻئي جي ڪابه ڪمي پيشي هوندي آهي ته ڪنهن کي ڪجهه به نه چوندا آهن. هڪ دفع جي ڳالهه آهي جو سڪندرآباد ويا هئا. جتي سندن رهڻ جو پربند هو اُتي اچي زبردست برسات پيئي. اهڙي قدر جو ڪمرن ۾ به پاڻي لڳي آيو. جڏهن بارش بند ٿي ته پوءِ سائين جن لاءِ ريل جي پٽڙيءَ جي پرسان ٽانهين جاءِ تي ٽنبوءَ ۾ بندوبست ڪيائون. اُنهي حالت ۾ رهڻ ۾ به سائين جن جي ڀاريءَ ۾ ڪو به فرق ڪونه پيو.

پهلگام ڪان هڪ دفع جڏهن امرناٿ ياترا لاءِ ويا ته رستي تي چندن واڙي ۽ ٻين هنڌن تي ٽنبن ۾ رهيا. تڏ اُنهيءَ سال قدرت سان اهڙي اچي پيئي جو ڪيترا

جڏهن پنهنجا بيت ۽ ڪافيون يا ٻين سنتن ۽ صوفي درويشن جي ٻاڻي ڳائيندا آهن تڏهن ٻڌندڙن کي مست ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ ته سندن گلو ڏاڍو سريلو آهي ٻيو سندن آواز آهي بلند. ڳائڻ جي طرزن ناهڻ ۾ به پاڻ ئي ماهر آهن. سندن هردي مان نڪتل آواز ۽ هٿن جي اَدا اهڙي ته نرالي آهي جو سيني کي حال ۽ نام خماري چڙهي ويندي آهي. ڪويتا جي ڪلا جا ته پيدار آهن ئي آهن. اُنجو ذڪر هيٺ الڳ ڪيل آهي. انهن ٻاهرين ڪلائن ڪانسواءِ اندرين يوگ جي ڪلائن ۽ اڌيالمڪ ساڌنا جي ڪل ڪلائن جا مالڪ آهن.

هر ڪو ست سنگي ساک ڀريندو ته ڪيئن نه سيني جي من جي ڳالهه جاڻي وٺندا آهن ۽ ست سنگ ۾ اهڙي طرح اُپديش ڪندا آهن جو جيڪي به شنڪائون ڪنهن جي من ۾ اُٿيل هونديون آهن، اُنهن جو اُتي ئي سماڌان ٿي ويندو آهي.

سائين جن جي منهن ۾ مٺيان، اکين ۾ نوراني نُور، پيشانيءَ تي روحاني جهلڪ، ڳالهائڻ ۾ موهيندڙ ميناج ۽ گهمڻ ۾ شاهاڻي لوڏ ۽ لهارڻ ۾ درويشاڻي ديد ڪنهن کان وسرڻ جون نه آهن. پاڻ چيو اَٿن:-

"بيخود ٿئي سو بيحد ماڻي،
هٿ هٿ وٺو پاڻ سڃاڻي،

جهر جهنگل، نديون ۽ سمنڊ، برفاني پهاڙ ۽ آبشار، انهن کي پاڻ ڏانهن ڪشش ڪندا آهن. ”ذات سڄاڻي ذات کي.“ سائين جن کي به انهي ڪري انهي اَڻ مٽ سونهن سان ڏاڍو پيار آهي. ڪٿي به اهڙو قدرتي جلوو ڏسندا ته هڪدم سهج سماڌي لڳي ويندي اٿن.

سائين جن پاڻ وري ڪماليت (Perfection) جا به ڏاڍا ڪانڪي آهن. ڇاڪاڻ ته ايشور پاڻ هر شيءِ ڪمال جي ٿاهي آهي. ڪهڙي به ڳالهه هجي، پدارٿ هجي، پروگرام هجي، پستڪ جي ڇپائي هجي، جڳهه جي اَڏاوت لوڻي مرامت هجي، سڀ ۾ نيڪ ليڪ پورنتا پڻ ۽ اُنکي سندر بڻائڻ جا شائق آهن. ڪهڙا به پڇن پاو، پوڄا، يگيه هون ۽ ڀنڊارا هجن، انهن سڀني ۾ پريم، پورنتا ۽ ادم جي ڪسر ڪانه ڇڏيندا آهن. چيو اٿن:

”اُٺاهٺ ۾ اوٺ، آهي جن جي آتما،
ٽن کي لڳي ڪانڪا، چاهه چنتا جي چوٽ؛
ڪٽي ستيايون سر ٽان، پاپ پڃ جي پوٽ؛
موُجان ڪوٽيون ڪوٽ، پسن ”پرمانند“ ٿي.“

۱۵. ڪويسر

”جي ٽو بيٺ پائين سي آيتون آهين،
وڃيو من لائين پريان سندي پار ڏي.“

ماڻهو نه ننهن کان ٻاهر ٿي نه نڪري سگهيا. پر سڀني جن قدرت جو نظارو ڏسڻ لاءِ ٻاهر چنڊ جي چانڊنيءَ ۾ هماليه جي برف سان ڇانيل چمڪندڙ چوٽين جي الوڪڪ درشيه ماڻڻ لاءِ ٻنا ڪنهن ٿڌ جي پرواهه جي ڪيترو وقت بيٺا رهيا. هنن لاءِ سرڳ ۾ ٻن هڪ سمان آهي. چيو اٿن :—

"سناهت سنيار، رهي نه رتيءَ جيتري؛
ساجن سڪايل هڪ ٿيو، ڪيئن وڃي ٻئي پار؛
"پرمانند" اسرار، انهيءَ اکين ريءَ ٿيو."

١۴. ڪماليت ۽ سندرتا جا صاحب

"در ديدار درپڻ ٿيا، جت ڏسان تت تون؛
ڪنڪر نڪر پٿر سڀئي. ٿيا آئينا مون."

شنڪر ڀڳوان جي انيڪ نالن مان "ستيم شوم سندرم" ۾ اُن جا نالا آهن. سڄي سرشٽيءَ جي سندرتا ۽ سوڀيا جي پنيان اُنهي سروويا پي پرماتما جي جهلڪ ٿي آهي. اُن جي ستا کان سواءِ ڪنهن به پدارٿ جي سندرتا هڪ سيڪنڊ ۾ غائب ٿي ويندي آهي. درويش به سڄي برهمانڊ ۾ هر ڪنهن قسم جي سونهن ۾ اُنهي هڪ دلبر جو ٿي جلوو پسندا آهن. تنهنڪري سندر پرڪرتي اُنهن کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو

وويڪ ۽ ويراڳ جو، پورو رکي پرماڻ،
سقل سو سڄاڻ، پهتو پرمانند ۾."
پڙهندڙ کي اُنهن تورن ني سلوڪن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو
ته جگياسن کي جيون ڪئن سداري گذارڻ گهرجي، اُن
لاءِ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏيل آهي.
پگتي مارگ ۾ ڀاڻ ڀلائي دلبر کي دل ڏيڻ جو سندر
رستو هينئين ڪافي ۾ ٻڌايل آهي:
"اسان ادا ڪجهه ناهيون واهڻ کي ٿا واهيون.
۱- ٻل دلبر سان ملي پئي آ،
ڏسي هي ڏيل نه پايون؛ اسان ....
۲- سختيون سورسهي سپ سرلي،
مجلس کي ٿا ملهايون؛ اسان ....
۳- دم پل جو ديدار ڪري،
پوءِ وڃي ٿا وطن وسايون؛ اسان ....
۴- لڏي ويا لاهوت ني عاشق،
پرمانند پوءِ پيائون. اسان ....
اُن ڪانسواءِ پنهنجي مٺڙي مرشد جي صفت ۽ شڪر
پگوان جي اُستتي ۾ لاثاني ڀڄن چيا اٿن.
گيان مارگ سان ته سچو 'ڀڄن آنند' ڀريو پيو آهي:
" آهي هڪ ئي اوئنڪار،
نظرڏري نون نوڙي نهار.

سائين جن جي ڪوتا، رواجي شعر بازي نہ، پر الڪہ جي پار وٺان آيل پرهم واڻي آهي. سائين جن جا بي نظير پڄن، ڪافيون ۽ سلوڪ ڪي سنساري شاعرن وانگر لڪمندي جا ٺهيل ڪونہ آهن. اُنهن ۾ ڪرم، ڀڳتي ۽ گيان يوگہ جا ڳوڙها ڀيد ڀنايل آهن. اهي ويچاروان پرشن لاءِ بي بها ڳهڻا آهن.

جگياسين کي هدايت ڪيل آهي:

"تيزي طمع کي ترڪ ڪر،
حرفت حجت سڀ غرق ڪر،
ٿيرن ڦندن ڪون فرق ڪر،
شائق ٿيءُ سچ سار جو."

وري فرمائين ٿا:

"مڪہ ڀڳتي، هردي رکہ گيان؛
سريہ سان سيوا، فاني ڏس جهان؛
پائي پرماند کي، جڏهن نوڙي ٿئي نربان؛
مالڪ ٿئيئي مهربان، پار ڪريئي پلڪ ۾."

❀ ❀ ❀

"گرمکہ سوئي جاڻ، جيڪڙو هن جهان ۾؛
جو ترشنا تۡ اهنڪار کون، پڇي بچائي پاڻ؛
هرکہ شوڪ هٽ ويرکي، هٽي ٻوڌ جو پاڻ؛

ڏيکاريندڙ سواءِ صوفي طريقي جي اُچاريل ڪافين ۾ به وحدانيت جو نعرو واهه جو خوب هنيو اٿن:

" پاڻ منجهارون پاڻ ٿيو،
ذڪر فڪر سڀ ڇڏي ڏناسي،
لڌو ته سچي سان لال لڌو،
١- پاڻ ئي ڦٽل پاڻ ئي مهتل،
پاڻ ٻڌي ۽ پاڻ ڏيئو،
٢- پاڻ ئي اصلي پاڻ ئي نقلي،
پاڻ مري ۽ پاڻ جيئو،
٣- پاڻ ئي گولهو، پاڻ ئي ديولو،
پاڻ پاڪائين پاڻ ليئو،
٤- پاڻ ئي جوڳي پاڻ ئي ڀوڳي،
پاڻ ڪرم ۽ پاڻ ڪيئو،
٥- پاڻ ئي پياسو پاڻ ئي خاصو،
پاڻ ئي پرمانند ٿيئو."

سائين جن هنديءَ ۾ ٻڻ ڪمال جي ڪوتا رچي آهي. ڀڄڻاين ته جيڪا 'اُپيد آرادنا' رچي اٿن اُنهي ۾ برهم جي سرُوپ جو جيڪو ورڻن ڪيو اٿن، اُن جهڙو ڪٿي ڀيو ڪير ڪري سگهندو! ڀڄڻاين ستسنگين لاءِ اهي ته چڻ ويد جون سرتيون آهن. اُها آرادنا ايڏو ته مشهور

١- اڪار مون آدم ٿيو آهي،
اُڪار مون ٿو ديو سڏائي؛
مڪار مون ٿيو مهان وستار،
نظر ڌري ڏسون نوڙي نهار.
٢- لوڪ چون ٽا رت پون جو چولو،
سڪه دکه جو آهي مانش گولو؛
ڀوڳي ڏو جي ڀوڳڻهار،
نظر ڌري ڏسون نوڙي نهار.
٣- ڏوکي ستگور شبد سڻايو،
سرو وياپي برهم بتايو؛
اُڏي نه ڪو جيؤ نه ڀوڳڻ هار،
نظر ڌري ڏسون نوڙي نهار.
٤- گرمکه سو جو غير نه ڄاڻي،
لکه چنتون جون مؤجان ماڻي؛
ڏريا ڏي آڻي اعتبار،
نظر ڌري ڏسون نوڙي نهار.
٥- پرمانند پڌرو ٿيو پاڻي،
اول آخر اوم وکاڻي؛
وچ م مان ڏسون جو وهنوار،
نظر ڌري ڏسون نوڙي نهار."

آهي "ڪولا جو ڪرتار."

١٦. ودوان

"بنا صورت سُجھ، مورت جا محبُوب جي؛
ڇڏ نمُونو نانهن جو، ڪاهوڙي ٿـي ڪوچ؛
اڪر ڇڏ ابوجھ، معنيٰ منجھ مهيت ٿـي."

ساڻين جن جيڪا ڪنهن وديالي يا پاٺشالا ۾ وديا پراپت ڪئي سا اَڳ ۾ بيان ڪيل آهي پر سندن پستڪ ۽ ڪوِتائون پڙهي ۽ ست اُپديش ٻڌي، هرڪو اهو سمجهندو آهي ته ساڻين جن ضرور ڪئي ساندهه ڪيترائي ورهيه ڪنهن وڏي وديالي ۾ رهي سڄو وقت وديا پراپتي ڪئي ڏنو هوندو. پاڻ ڪن ڪي خبر آهي ته سندن جيون جي لگن فقط لڳل هئي يوگ، اڀياس ۽ شري سمرٿ ديو جن جي ٻڌايل اَديت راه لـي هلڻ جي جنهن سان ڪنڊلني شڪتي سهجي ئي ڪلي پوي ٿي. جڏهن ساڻين جن پهريائين شڪارپور ۾ پنهنجي باغ ۾ پارس ٽي عام اُپديش آتم پراڻ ساههون رکي ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن سندن عمر ٢٤ سال مس هئي. اُنهي شاستر جي فقط هڪ ست پڙهي هئي پر پوءِ ته اُنجي سمجهاڻي پنهنجي اَنيؤ مان لئين چوُنت، سرل ۽ روچڪ نموني ڏيندا هئا جو لوڪ دنگ رهجي ويندا هئا.

ساڻين جن ڪو گهڻا شاستر ڪونه اُٿلايا. جي فقط

آهي ۽ هر روز سائين جن جي هر ڪنهن منڊلي ۾ ڪيترن ئي شهرن ۾ اُنجو اُچارڻ ٿيندو آهي جو اُنجو هت ڏيڻ ضرورُ لئو سمجهو وڃي.

اُنهي کان سواءِ "اَسان ديکيا هئه ديدار" ۽ ٻيا سندر هندي اَصليت تي پهچائڻ وارا ٻين مٿي ڏنا ويا آهن. جن مان پاڻکي سائين جن جي هندي ڪوتا جي ڪماليت جو پورو پورو اَنيو ٿي چڪو هوندو.

هڪ دفع جي ڳالهه آهي ته سرڳواسي شري ٻولچند راجپال جيڪو سنڌ ۾ مشهور مئگزين "سنڌو" ڪيندو هو ۽ هندستان ۾ دهلي مان ٻه اها ڪيڻ شروع ڪئي هئائين، اُهو آگري مان لڏي دهليءَ پريس ڪٽي آيو هو. تن ڏينهن ۾ "پارت وديا ڀوَن" ۾ هڪ ڪانفرنس ٿي جنهنجي وشيه هئي "هندي ٻولي جي غير هندي ڪوين جي همت اَفزائي."

اُتي شري ٻولچند راجپال پنهنجو لکيل مضمون پڙهيو. اُن ۾ سنڌ جي ٻين شاعرن سان گڏ سائين جن جي هڪ هندي ڪوتا به پڙهيائين. ڪهڙي ڪوتا پڙهيائين سا هن ليکڪ کي هن وقت ٺيڪ ياد ڪونه آهي. پر سندس انهيءَ ڪوتا پڙهڻ سان جو حاضرين شري ٻولچند کي داد ڏنو ۽ واه واه ڪئي سا اڃا تائين ڪانه وسري آهي. اَهڙي آهي سائين جن جي اَنيوي ۽ رسيلي ڪوتا! تڏهن ئي هڪ ڪويءَ ڪين اُپما ڏني



سائين جن جو نوراني اُپديش ڪرڻ

ڪنهن شاستر جو چڱيءَ طرح سان اڀياس ڪيائون ته اهو هو يوگ وسشٽ، جو ٻيا ڪنهن ٻئي جي سمجهاڻ جي خود بخود پنهنجي اُنهن جي خيالي مان ويا اُن جو گهڻو لٽ سمجهندا. نيڪ نيڪ سمجهيو هئائون ته اصل عجب اسرار جو پتو پوندو پاڻ وچائڻ سان.

"ڪي خيال خوديءَ جو سارو،
ڏس پنهنجو پاڻ نظارو،
مرشد کون معنيٰ وٺي، ڪر وحدت ڏي ڪو وارو،
کولي ڏريون دل جون، پس چؤطرف چمڪارو."

شروع ۾ ٿي سنڌ ۾ ست اُپديش ٻڌي سيٺي سر ولا سڄڻ چوندا هئا ته اهڙي سولي ٻوليءَ ۾ ويدانت جهڙي ڳوڙهي شاستر جي سمجهاڻي اسان ٻئي ڪنهن جي وات ڪڏهن نه ٻڌي آهي. اُن ڪان پوءِ اڄ ڏينهن سائين جن کي اٽڪل ٥٧-٥٨ سال اهڙي طرح ست اُپديش ڏيندي ۽ ويدانت جو پرچار ڪندي ٿيا آهن ته به اهڙي لمبي عرصي ۾ اهائي ڪشش، اهائي سرل ڀاشا، اهو ئي ڪٿا ڪرڻ جو نرالو ڍنگ، درشٽانتن ۽ سلوڪن، ڏوهيڙن ۽ ڪافين سان ڀريل هلندو اچي.

پنڊت گوبند رام شرما جيڪو ڪراچي ۾ شري سمرٿ ديو جن وٽ گڏ هوندو هو، اهو پوءِ ڪين وڃي ڪري ڪراچيءَ وٽي ويندو هو، جتي سنڌس

مندر ۾ جڏهن سائين جن ڪٿا ڪندا هئا ته عام ماڻهن جا ٻچا ڇوُن ڇا ڪرڻ جي مست ٿي ٻڌڻ ويهي رهندا هئا.

پنڊت گوبند رام چوندو هو ته سائين مان ته اوهان کي نيڪي هوندي کڻي ردي ڪارائيندو هوس، هاڻي ڪرپا ڪري جي ڪو وردان ڏيڻو اٿوَ ته اهو عرض اگهايو جو پاڻ جهڙو سرهو گلو ۽ ڪٿا ڪرڻ جو ڍنگ مون کي دان ڪريو. آخر مان به ته برهمڻ آهيان! پوءِ ته نيڪي هوندي جا ٻئي سنگتي اچي کلڻ ۾ ڇٽندا هئا.

سائين جن ليکڪ به اهڙا آهن جو جهڙن ٿهڙن ودوانن جي جاءِ ناهي! هن وقت سوڌو سندن ٧٥ پستڪ ڇپيل آهن. سنڌي ۽ هندي ٻنهي ٻولين ۾ آڪول دوشٽانتن ۽ سلوڪن سان ڀريل ويدانت جا ٻشارت واڪ ۽ روزمره جي جيون کي سڦلي ٻڻائڻ وارن سکيائن سان ڀرپور اهي انمول پستڪ اڄ هر پريميءَ جي ساه جا سينگار آهن. انهن پستڪن ڪيترن جي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو آهي. انهن پستڪن جي لسٽ هن پستڪ جي آخر ۾ الڳ ڏنل آهي.

سائين جن وٽ وڏا ودوان ۽ پروفيسر ويدانت جي ڳوڙهه فلاسافي سمجهڻ لاءِ ايندا هئا. شڪارپور جو مشهور ودوان پروفيسر شيوارام ڦيرواڻي انهن مان هڪ هو. هوُ ڪيترا ڏينهن سائين جن وٽ ايندو رهيو ۽ هر آرتوار تي سامي صاحب جا سلوڪ هر هڪ وشيه تي الڳ الڳ

"وڻج وهائڻ ڪاڻ، ڇو وڃي ٻئي وٽ؛
هيرا ماڻڪ اڻ ملهيا، تن وڻج مڙيوئي وٽ؛
جنهن ۾ نشو نيڻن جو، سا ڪا ڪوڙي پٽ؛
محبت مُول نہ مٽ، سڪ مان ٿيندء سوجهرو."

۱۷. ڪلپ برڇ ۽ آجر جون

"مرشد ۽ مؤليٰ ۾، ڪر جو بہ ڦير ناهي؛
جيڪو ڏسي جدائي، اُنجي اکہ ۾ ڦير آهي؛
محبُوب جي صوُرت ۾، جيڪو فنا ٿو ڪائي؛
اُن ڪان وڃي پڇو، تہ مرشد ڪير آهي!"

پيارا پانڪو هڪ پريمي ستسنگي ٻڌايو تہ هڪ دفع ۱۹۴۲ع ۾ سائين جن جڏهن گرميءَ جا چار مهينا ڪشمير پڌارڻ جي تياري ڪئي تہ هن بہ سائين جن سان گڏ هلڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. هو اڃان ننڍو سائين جن وٽ آيو هو تنهنڪري هنکي ٻکو ڪري پاڻ سان وٺي ويا.

شڪارپور مان نڪري، هڪ رات لاهور رهي ٻئي ڏينهن راولپنڊي پهتا. جيستائين ڊاڪ جي بس جا اُتان سري نگر ويندي هئي، اُن ۾ رزرويشن ملي، تيستائين ٻہ ڏينهن راولپنڊي ترسيا. راولپنڊي مان هڪ ڏينهن 'پنجا صاحب' جو درشن ڪرڻ ويا جتي تلاءَ ۾ اشنان ڪري

ڪري ۽ اڳين ڇاپن ۾ ٿيل غلطين کي سڌارڻ جو ڪم سائين جن جي رهبريءَ هيٺ شروع ڪيائين.

ٻيو هڪ ودوان شري ماڌوداس وڪيل جو شري ڪرشنا مورتي جا ليڪچر ۽ پستڪ جي انگريزي ۾ ڇپيل هئا سي سائين جن کان سمجهڻ لاءِ ڪٺي ايندو هو. پاڻ کي خبر هوندي ته ڪرشنا مورتي ڪنهن زماني ۾ سڄي دنيا جي ٿياسافين جو گرو ڪري مڃيو ويندو هو. پوءِ هن مست فلاسافر سڀ مت متانتر ترڪ ڪري پنهنجي روءِ لڀ ويدانت جا ڳوڙها ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيا ۽ اڄا تائين انهي ڪاريه ۾ رڌل آهي ۽ ساريءَ دنيا ۾ سندس ڪيترائي مشتاق آهن. هن جو ليڪچر شروع ٿي اُٿان ٿيندو آهي جتي ديهه اڌياس آهي ئي ڪونه ۽ رواجي سمجهه کان مٿي هوندو آهي. شري ماڌوداس انهي ڪرشنا مورتي جا ڪيل ليڪچر سائين جن وٽ ڪٺي ايندو هو ۽ سائين جن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائيندو ۽ انهنجي سمجهاڻيءَ لاءِ ويندي ڪندو هو. سائين جن ورتي اُهي ڳوڙها ڳالهيون اهڙي سولي ٻوليءَ ۾ کيس سمجهائيندا هئا جو هو خود حيران ٿي ويندو هو ۽ سندس ڪپاٽ کلي پوندا هئا.

اهڙي طرح عام پنڊتن ۽ ودوانن وانگر وديا نه پڙهيل هوندي به وڏن ودوانن جا به گرو آهن.

هڪدم اُنهن کي ڇپ ڪرائي ڇڏيندا آهن.

سڀ شڪتيءَ جا مالڪ، رڌين سڌين جا خاوند هوندي به، اکنڊ شڪتيءَ کي ائين هضم ڪيو اٿن جئن شنڪر ڀڳوان هلاهل زهر کي!

سندن جهالي ڪرپائن سان ڳڻ جيڪا پريمين کي ساڌن اڀياس ۾ اڏولي سهائتا ڪندا آهن، تنهنجي اُنهن ستسنگين کي جاڻ هوندي جن مالڪن سان اندر جي تار ملائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش ڪئي هوندي!

هڪ ستسنگي ٻڌايو ته هڪ دفعو هن سائين جن کان پڇيو ته سائين! اوهان سان اڏولي تار ملائڻ جو سمو ڪهڙو ٺيڪ آهي؟ سائين جن مشڪي وراڻيو ته ساڍا پنج بجا صبوح جو!

سائين جن جو پنهنجي ديهه اَڌياس جي مٽائڻ جو به هڪ واقع هيٺ بيان ڪجي ٿو:-

هڪ دفعو شڪارپور باغ ۾ ڪجهه ڪٿيا ۾ ڪن ساڌنن ۾ اگر ديس ۾ هئا ۽ جڏهن اُٿيا ته سندن واريءَ جي آڻ جنهن ٿي وڃنا هئا ته ڪجهه سرڪو ٿيو. اُٿيا ته باغائي به اُن وقت اندر آيو جو هڪدم ڀڄي ويو ۽ هڪدم اُن سرڪنڊڙ ٻلا مٿان نڪر جو ڪونڊو رکيائين. اُها هئي 'هڻ ڪڻ' ٻلا، جنهن جو چڪ هڪوار ڪنهن کي پيو ته اُلي ٿي ختم ٿي ويندو. سائين جن کي اهڙا اَڀياس ڪرڻو هو، سو پنهنجي ڪرت کي لڳي ويا ۽

ٽئڪسيلا جو پراچين کوٽيل شهر ڏسي، واپس راولپنڊي آيا. ٻئي ڏينهن تي سري نگر روانا ٿيا.

اُنهي پريميءَ جي آرتڪ حالت ٿن ڏينهن ۾ ساڌارڻ هئي. هڪ ڏينهن سائين جن هميشه وانگر پرسن چت ويٺا هئا تہ هن پرارٿنا ڪئي تہ سائين، شري ستگورن جي شيوا ڪرڻ سان پرمارٿڪ لاڀ تہ ضرور ملي ٿو، پر وهنوارڪ ڪنڌائون ڇو دور ٿين ٿيون؟ سوامي جن چيو تہ:

"ڪلپ ورڪيہ ڪي ٿل وچي، جو مانگو سو هوت؛
جنسي جس ڪي ڀاونا، ويسا ئي ڦل ديت."

ائين چئي سائين جن چپ ٿي ويا.

پريمي ستسنگين جو اهو شخصي آزمودو آهي تہ سائين جن سچ پچ ڪلپ ورڪيہ آهن. جي سندن جهالي ڪرپائن ۽ هرهڪ ستسنگي جي مٿان ٿيل اُپڪارن جو ورڻن ڪجو تہ هڪ وڏو هزارن صفحن جو گرنٿ ٿهي پوندو. پر اهڙي بيان لکڻ جي سندن خاص منع آهي. سائين جن پاڻ ڏاڍو لڪائيندا آهن. ڪرپائون بہ گجهي نموني ڪندا آهن. چوندا آهن تہ گرو ٿي ڪري ڪاٻہ شش جي سهائتا ڪري ۽ اُنهي لاءِ اُن کي ٻڌائي تہ پوءِ اُها ڪرپا ڪهڙي يا گرو ڪهڙو!

ڪيترا پريمي جيڪڏهن سائين جن جي سامهون ساڻن ٿيل گجهي سهائتا جو ذڪر ڪو ورڻن ڪندا آهن تہ

عملي سکيا

(سائين جن جي سکيا جو سار)

١. ستسنگ

"من ري تون کر، سنتن کا سنگ؛
جهان سنگ تي پور تر هري، چڙهي پريم کا رنگ؛
آشا ترشنا چنت ناگني، لگي نه تن کا ڍنگ؛
مان موه مد پرست ناهي، جتسي کمل نسنگ؛
وسي نروکلپ پرمانند، سدا رهت توهي انگ."

پيارا پاٺڪو! سائين جن کو نئون پنٿ کو نه چالو کيو آهي. نه کو ڪوئي کنهن خاص مت متانتر جا حامي آهن. انهنجي سکيا ته اصلي ڀارت جي رشين جي سکيا آهي. انهنجي فلاسافي ته اصل ويدانت جي اوچ فلاسافي آهي، جنهن کي ويدانت جي رشين منين، آدي شنڪر آچاريه کان وٺي سوامي سنتن؛ برهم گياني مهاپرش ڪبير، روداس، نانڪ گرو صاحبن؛ سوامي رام ڪرشن پرم هنس، سوامي وويکانند، سوامي رام تيرٿ جهڙا زندهه رکندا آيا آهن.

ويدانت سدانت جو پرچار ڪو نئون ڪو، اڄيو؛ جهان کان الڳ ورکت ٿي جهنگلن وسائڻ وارو پرچار نه آهي. پر جئن اڳ ۾ لکجي چڪو آهي، سندن سکيا عملي ويدانت جي سکيا آهي. انهي سکيا کي هن جيون ۾ ٿي

پنهنجي ناڻيم لِي اُتي ويا. ڪاٻه رلي ماٺ سڙيو يا اُن بلا جي پرواهه ئي ڪانه هئن. اَهڙو ڪيو هٺائون سڙيو جو وسارو!

بس پاڻڪ اُنهي توري مان سمجهي سگهندا ته سائين جن کهڙي منزل جا صاحب آهن ۽ پورن پد ۾ رهندي هيان ٻه ڪٿن نه ستگروءَ جي اَصلي روپ ۾ پنهنجن پيارن کي هردم مٿي چاڙهڻ جو اُپڪار ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجو نام ۽ روپ صفا گم ڪري ڇڏيو اَٿن!

مطلب ته جي اڃان لکڻ ٻند نه ڪبو ته هت هھڙا هزارين صفحا لکها ته ٻه سندن گڻن روپي اگاڌ سمنڊ مان بوند جو ٻه بيان پورو نه ٿيندو!

اهڙا آهن درياهه دل درويش جن ڪشالا ڪري مرشد کان معرفت جي معنيٰ وٺي، جهد ڪري پرِيم جي هٽيءَ ۾ پاڻ پچائي، وحدت لَي وارو ڪري، لالون لعل ٿي لڪري نروار ٿيا ۽ چوطرف چانڊاڻ ڪري اڻ مٿي چانڊني ڦهلائي اٿائون!

"اٿاسي اوطاق، ٺاڪن بنا تيار ٿي؛
اٿن انعدي سدا، مهر جا مهاواڪيه؛
"پرمانند" پرپاڪ، سوين ستسنگي ٿيا."

ڪري اُنهي اَڌ آهار کان پوءِ رهڻ کپي.

سائين جن جي ڪاڌي جي باري ۾ پاڻ مثال تي ڏيکاريو آهي جنهن بابت مٿي ذڪر اَچي چڪو آهي. جگياسن کي به هدايت ڪندا آهن ته جيترو ٿي سگهي اَچي ڪنڊ ۽ ڏير هضم ٿيڻ وارين کان پاسو ڪرڻ گهرجي. تريل معدي سڙيل. اوبايل ڪاڌي ئي هوڻ گهرجي. ٿامسي ڪاڌن جهڙوڪ آچار، مرچ وغيره ۽ چانهه ڪافي جهڙن خالي گرمي پيدا ڪندڙ چيزن کان به پرهيز ڪرڻ گهرجي. مثال جي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ ماکي، کجور، سکل انگور (مڪا) ۽ ميوو واپرائڻ گهرجي. چوندا آهن ته سرير کي گهرج آهي کارين شين (Alkalis) جي. اُن ۾ آچار جهڙيون تيزاب واريون شيون وجهيون ته شرير بيمار نه ٿيندو ته ڇا ٿيندو!

چوندا آهن ته ڪاڌو ئي انسان لاءِ اوشڌي آهي جي ڪو به ماڻهو ڪاڌي جي نيمن ۾ ٺيڪ بدل سدل ڪري ۽ قدرتي نموني سان هلڻ لاءِ پاڻ کي هيري ته پوءِ ڪنهن دوا جي ضرورت ئي ڪانه پوندي.

شرير کي وقت بوقت چست ۽ ٺيڪ رکڻ لاءِ نيمرسان پراڻايام ۽ آسڻ ڪرڻ تي به سائين جن زور ڏيندا آهن. ڪنهن جاٺو شڪشڪ کان ماڻهو ڪي روزانو ڪرڻ جهڙا آسڻ سکڻ گهرجن. اُنهن کي سڪي هر روز نيم سان ڪرڻ ۽ ڪاڌي کائڻ تي به مٿين طرح سان ضابطو رکڻ سان شرير جي

عمل ۾ آڻي، اهڙو ڪش ساکيات ڪري، پرم پد کي پائي جيون مڪت پد ۾ رهي پنهنجي زندگيءَ جو سفر انهي ئي اوستا ۾ طئه ڪرڻو آهي.

٢. ساريرڪ سکيا

سائين جن جي سکيا هن سرير روپي گهوڙي کان ئي شروع ٿئي. جي هن گهوڙي کي نيڪ طرح سان تندرست رکي ڪانه سگهيو ته نه وٺبو نه منزل مقصود تي ڪٿان پهچي سگهبو! هن شرير کي وشيه ڀوڳ ڀوڳڻ جو واهن نه سمجهي ڪيس پنهنجو مددگار سمجهڻو آهي. انهي ۾ اهي عادتون نه وجهڻيون آهن جو انهن عادتن جي پوري ڪرڻ ۾ ئي لڳو پيو هجي ۽ اڳتي وڌڻ کان نابري واري بيهي. ڪيس ڏاڍي سنجم سان هلائڻو آهي. قدرتي نيمن انوسار ڪيس نيڪ شد سالوڪي آهار تي هيرڻو آهي. اشد آهار ماس مڇي، انڊا، شراب، ڀنگ، تماڪ، آفيم آدڪ وڪاري نشيلي شين کان پرهيز ڪرڻي آهي. پنهنجي گهر کي مساڻ ۽ پيٽ کي قبرستان نه بڻائڻو آهي. ماس آهاري جانور بيهو ڪو به ڪاڏو نه کائي مڙدن کي ئي کائي ماس تي گذر ڪري بيو ڪو به ڪم نه ڪندا آهن؛ جيڪي جانور ماس نه کائيندا آهن اهي ويچارا انسان جي وشمو ڪاڏي جي بچت تي پلبا آهن؛ سڄو ڏينهن انسان ذات لاءِ ڪم پيا ڪندا آهن. انسان کي انهن گؤ نگن گگداهن مان سبق سکي انهن تي ۽ پاڻ تي ديا

سائين جن چوندا آهن ته من اُوهانجو دشمن نه آهي پر اِها اُن ايشور جي ضرورت جي سهوليت لاءِ بخشيل عجيب ڪلا آهي، جا پرميشور هن جيو کي پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ڏني آهي. اُنهي ڪان نيڪ ڍنگ سان ڪم وٺڻو آهي. من ۾ وڏيون شڪتيون ڀريل آهن. هڪ ته جيڪي چاهيس سو ڪرڻ ۾ ٿاهي ويندو پوءِ اهو پدارٿ چاهي ڪيڏو به وڏو ڇونه هجي! ٻيو ڪائي به جڳهه ڪيترو به دور ڇونه هجي، اُتي اک ڇنڀ ۾ پهچي ويندو. اَهڙي من کي وس ۾ رکڻ لاءِ گرو شبد جي هڪ ڏاڪڻ اُن لاءِ تمام ضروري آهي ته جڏهن واندو هجي، ته دم جي ڏور تي اُن تي لهه چڙهه ٻڌي ڪرائجيس. وري جڏهن جهان جو ڪم پوي ته اوڏانهن ساوڌاني سان لڳائي اُن کان اُن پاسي جي سوچ وچار جو ڪم وٺجي.

"دم ۾ دم ٿي اُهو، جنهن ۾ رهين سوڀارو؛
ڪيچ ڪٿ اندر جي، اُهو من سندو مُونجهارو؛
ڏس پنهنجو پاڻ نظارو."

ماڻهو چوندا آهن ته من ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اَهنڪار آدڪ وڪار ڀريل آهن. اُنهنڪان جند آزاد ڪئن ڪرائجي؟ دراصل اُهي ٻه وڪار نه، پر منڙي مالڪ جون هن ٻندي کي ڪلائون بردان ڪيل آهن. اِنسان فقط اُنهن ڪلائن جي ڪلن کي اُبتو سبتو گهمائي، اُنهن جي

ڪڏهن بيمار ٿيڻ جو امڪان ئي نه رهندو.

مٿين ڳالهين کان سواءِ سائين جن گرهست ۾ رهي به برهمچريه ورت پالن تي زور ڏيندا آهن. سندن هڪ پستڪ ”گرهست ۾ برهمچريه“ نالي گهڻن سالن کان سنڌي ۽ هندي ۾ انيڪ دفع ڇپجي چڪو آهي. سنڌ ۾ ملڪ هاءِ سڪول سکر جي پرنسيپال شري ٺاڪرداس اهو پستڪ پنهنجي سڪول ۾ درسي ڪتاب (Text Book) ڪري رکيو هو. اُنهي ۾ گرهست ۾ رهي به برهمچريه جو ڪهڙن نيمن انوسار پالن ڪري سگهجي ٿو، اهو چڱي طرح سمجهايل آهي. سائين جن پاڻ به پنهنجي جيون ۾ اُنهن نيمن جو ٺيڪ پالن ڪري اسان لاءِ زنده مثال قائم ڪيو آئن.

اُنهن سڀني مٿين ڳالهين کي عمل ۾ آڻڻ سبب سائين جن جي ۸۳ ورهين جي عمر ۾ به يادگيريءَ جي شڪتي، دماغ جي اٿاهه شڪتي ۽ هميشه تازگي، ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ ۾ ميٺاج ۽ بلندي، هلڻ چلڻ جي شڪتي ۽ ڪم ڪرڻ جي شڪتي، اُهي سڀ ڪيترن نوجوانن کان به تيز آهن. اسان کي به سندن کان اهو املهه عملي سبق سکڻو آهي.

۳. من ۽ اندرين کي وس ۾ رکڻ

”من ڪي هاري هار هئه، من ڪي جيتي جيت؛
من هي تي پريپ پائيئي، من هي ڪي پرتيت.“

ضرورت ڪرڻ لئي ڪروڌ ظاهر ڪبو ته اهو ڦلدايڪ ۽
واجبي آهي. پر جي پنهنجي لاءِ سک ۽ اهنڪار جي
پورتي لاءِ مال ملڪيت ۽ ڪاڏي پيٽي تي سيڄي سان
ٿوري ٿوري ڳالهه تي ڀائرن، عزيزن سان گهر ۾ ولهي
ٿوٽي ٻاهر ڪروڌ ڪندو ته هرڪو اُن کي چنڊال سمجهي
اُن کان پاسو ڪندو.

لوڀ معنيٰ ڪنهن به گهرج کان وڌيڪ ڪشالا ۽ ڪوڙ
پاپ ڪري ڪٺو ڪرڻ. جيڪڏهن ودپارٿي وديا جو
لوڀ ڪندو ۽ جي ٻيو ڪو به ماڻهو ٻئي جي گڻن کي
ڏسي پاڻ ۾ به اهڙن گڻن ۽ سٺين ڳالهين هٿ ڪرڻ جو
لوڀ ڪندو ته اهو لوڀ نه چئبو. جي ڪوئي اُن کي
لوڀ چئي به، ته اُهو لوڀ فائديمند ۽ ڪرڻ جوڳو آهي.
پر جي جهالي ناسونت پدارٿن لاءِ ٻين سان دولاب ۽ ٺڳيون
ڪري لوڀ جي وس ٿي ڪي ڪڏا ڪم ڪندا ته اهو
لوڀ اُنهنکي پڇيءَ کان ونندو.

موهه به ايشور ۽ ستگرن جي چرنن ۾ رکبو ۽ سنسار
جي ڪڻ ڀنگر پدارٿن ۽ سڱين ساٿين کان نرموهي ٿي
رهندو ته اُهو موهه بدلجي ڀولر ڀريم ٿي پوندو، جنهن
ڪري انسان ديوتا ٿي پوندو، نه ته ساڳيو موهه انسان
کي سنجوڳ ۽ ونجوڳ وقت هاءِ هاءِ ڪرائيندو، جنهن
ڪري سڄي جيون نرڪ بڻجي پوندي.

اَهنڪار يعني هن ڪوڙي مان رهت 'شڌ اهنڪار'

چڪر ۾ پاڻ ڦاسائي وڌو آهي. جيڪڏهن اُهي ڪلاڪون
نه هجن ته زندگيءَ جو هڪ منٽ به نه گهاري سگهجي.
ويچار ڪري ڏسبو ته جي ڪام يعني ڪامنا يعني
اِڇا ڪائي اُٿي نه ته جيوت ۾ ڪابه اُنتي ڪانه
ڪري سگهجي. اِڇا شڪتي ڪانسواءِ جڙ وستن ٽيبل ڪرسي
وغيره ۽ ماڻهوءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي!

جيڪڏهن اُن شڪتيءَ کي شڀ پاسي لڳائبو ۽
سارڀرڪ، مانسڪ ۽ آتمڪ اُنتيءَ ۾ اُن کي خرچ ڪبو ته
لاڀدائڪ ٿيندي پر جي اُنهي اُي شڪتيءَ کي وشيه
پدارٿن گڏ ڪرڻ ۽ اِندرين جي لذت سکن جي سادنن
ڪٺي ڪرڻ ۽ ٻين کي دک ڏيڻ ۽ راڪشسي عادتن پوري
ڪرڻ ۾ لڳائبو ته اها اُي شڪتي پاڻ کي کائيندي،
پوءِ ته هن سڄي حياتيءَ ۾ ته اُن مان جند ڇڏائي نه
سگهبي پر هن شرير ڇڏڻ کانپوءِ به واسنائن جو روپ
اختيار ڪري ٻين جونين ۾ ڀٽڪائيندي رهندي.

"ترشنا نه جيرڻم، ڀيه ميوَ جيرڻا."

اِنسان ويندو پيو ٿيندو پر اِڇا وڌندي پربل ٿيندي.

اهڙي طرح ڪروڌ به هڪ شڪتي آهي. جي اُن
کي پنهنجي وس ۾ رکي ڪيس وقت سر ڪم آڻبو ته اهو
ڪروڌ به سکدائڪ آهي. جهڙي طرح جيڪڏهن اِنهي
شڪتي کي ڪنهن چور ڌاڙيل يا ٻي ڪنهن ٿيندڙ ٻي
واجبي ڪم يا بي اِنصافي کي روڪڻ ۾ ڪم آڻبو ۽

هن جيو کي ڏنيون آهن. جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي
لک روپيا ڪڍي آڇي ته به ڏيندو ڪوئي پنهنجي اک
ڪڍي! يا ڪندو ڪوئي قبول ته لک روپيا وٺي زبان
ڪپي ڏيان!

فرق ڇا هي ته انهن اندرين کي جي شڪ ڪم ۾ لڳائبو
۽ ليکي مريادا ۾ سنجم ۾ نه رکبو ته اهي اندريون سک
ڏيڻ جي بدران هاڃي ڪارڪ ثابت ٿينديون ۽ انسان
کي ديوتا جي بدران دئيت ٻٽائي جانورن جي درجي
کان به هيٺ ڪيرائي ڇڏينديون.

"ڏن جوڀن جي جوش ۾، ٿيو رام کان بي هوش ۾،
پئي ويو گهور نرڪ دوش ۾، پوءِ انڌ جيان انڌا ٿيا،
ڇڏي سوڌي وائڙي ڏس هيٺين وڃي اوجهڙ پيا."

جيڪڏهن نيڪ طرح سان گيان اندرين جي رستي
سڀن فقيرن ۽ ڪرم ۽ گيان يوگي مهاتمائن جا درشن
ڪري، سندن اصولڪ سکيا سٺي، انهيءَ هٿن سان
سيوا ڪري ۽ زبان سان ايشور جا گڻانواد ڳائي، اندر
۾ انهن جي پتابل راه تي نسچو رکي ڪو به جيون
گذاريندو ۽ ڪرم اندرين سان انهن جي سکيا کي هموار
۾ عمل ۾ آڻيندو ته انهي جگياسو جو هي جيون ته سرڳ
جهڙو پوندو ۽ اڳتي لاءِ به جنم مرڻ جي چڪر کان
ڇٽي پوندو.

جيو کي مباح آهي. شرير ڪسان مٿي، من ۽ بُڌيءَ کان
پري جو آتما پنهنجو اصلي پاڻ آهي، اُن کي سڃاڻي ۽
اُن پد ۾ اِستٿت ٿي 'اهم آتما برهم' جو انڀو ڪندو رهڻ
اهڙو اهنڪار برهم پد ۾ پهچائيندو.

"هئہ مئہ ديرگهہ روگہ هئہ، دارون ٻيي اس مانهہ."

باقي هن ڪچيءَ مٽيءَ جي ديهہ ۽ جهان جي جوٽي
مايا سمپتي تي جيڪڏهن ڪو اهنڪار ڪندو تہ اهو
سيني وڪارن ۾ ڦاسي، انت ۾ ساڳي جنم مرڻ جي
چڪر ۾ اچي هي اَمولڪ جيون برباد ڪري ڇڏيندو.

"ڪامنا شڌ ڀاونا، ڪروڌ تياڳہ ۾ آڻ؛
لوڀ ڪهيا ڳڻ جو ڪري، موهہ پريم شڌ ڄاڻ؛
اهنڪار نروڪار ڇوڏاري، پرمانند پس پاڻ."

انسان کي پنج گيان اِندريون ۽ پنج ڪرم اِندريون
ايشور وٽان عطا ٿيل آهن. اُهي سڀ هن سرير روپي
رٿ جا گهوڙا آهن. من روپي لغام آهي ۽ بُڌي روپي
سارٿي اُنهي رٿ کي هلائڻ وارو آهي ۽ آتما روپي
ساڪي سندر سوار اُن تي چڙهيل آهي.

اُهي اِندريون جي ڀڳوان نہ ڏئي ها تہ اسان جي
جيوت جيڪر انڌي، ٻوڙي، گونگي، لُولي لنگڙي
هجي ها! پاڻ ڪو! ڪندو ڪو اهڙي جيوت قبول! اها
تہ مالڪ جي مهر آهي جو اهڙيون اڻ ملهائتيون سوغاتون

سواءِ ڪنهن به ڏس ۾ ڪابه ترقي ٿيڻ محال آهي. انسان جو شخصي واڌارو، ڪٽنب جو واڌارو، شهر، سماج ۽ ديس جي ترقيءَ جو دارومدار ٻڌيءَ جي وڪاسنا لي ئي ٻڌل آهي.

٥. پرشارٿ

”ڪالهه وارو ڪم اڄ ڪر، اڄ وارو هاڻي؛
پل ۾ پرلئه پسندي، ڇڏ ڪوڙي سياڻي.“

يوگ وسشٽ ۾ وسشٽ مني ڀڳوان رام کي بار بار چئو آهي ”هي رامجي، پرشارٿ هي ديو هئه.“ اسانکي ويدڪ ۽ وچار جون ڪلائون پرمارٿ ڪرڻ لاءِ ئي ڏنيون ويون آهن. اُدم ڪرڻ کان سواءِ جهان جي ڪابه وستو ڪانه ٿي ملي. پسوُن پکي به رات ڏينهن پرشارٿ کي ئي لڳا پيا آهن. پر انسان کي پرمارٿ لاءِ پرشارٿ وڌيڪ ڪرڻو آهي جنهن سان اَگيان، نروشپ، نراڌار سک جي پراپتيءَ لاءِ اَصليت کي ڄاڻي پنهنجي سروپ ۾ استٿت ٿيڻو آهي. اُن کان پوءِ سنسار ۾ ورتاءُ سڀ ڪي سک ۽ شانتي ڏيڻ وارو ۽ سنتوش جنڪ رهندو. اهڙي پرشارٿ جي جيتري به ساراهه ڪجي اوتري ٿوري آهي. هي سرير ۽ اُن سان مڙئي ڄاڻايل ڪلائون سڀ انهيءَ شيءِ پرشارٿ ڪرڻ لاءِ ئي مليل آهن. گرنٿ صاحب ۾ به چيل آهي:—

مانش جنم ۾ ئي اهي سڀ ڳالهيون سمجهي عمل ۾ آڻيون آهن. باقي جانور نه ڪجهه ڪونه ڪري سگهندا ڇاڪاڻ ته اُنهن کي ايڏي ٻُڌي مدد نٿي ڪري سگهي.

۴. ٻُڌيءَ جي وڪاسنا

سائنس جن اِنهي ڳالهه تي زور ڏيندا آهن ته ٻُڌيءَ کي اوچو اُٿاريو. "نوُدا" ٻُڌيءَ جي بدران "ليلا" ٻُڌي ٻڌايو. نوُدا ٻُڌي اُن کي چئبو آهي جو جئن لوُد کي سوُئو نيهو آهي ته ٺڪر ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر جي سوُئو ٻاهر ڪڍيو آهي ته ڪو به نشان نه رهندو آهي، لئن کن ماڻهن کي ڪيترو به ڪٽي سمجهائجي ته به اُنهن لي ڪو به اَثر ئي ڪونه ٿيندو آهي. اُهي اُنهي لوُد والڪر ليکيا ويندا آهن پر ٻُڌيمان پرش کي هڪ اَکر به سمجهائبو آهي ته اُنهن کي جئن ٻاڻيءَ جي ٻرابل پاڻ ۾ هڪ ڦڙو تيل جو وجهبو آهي ته سڄي ٻاڻيءَ تي تيل ڇانجي ويندو آهي، لئن اُنهن جي ٻُڌيءَ کي هڪدم سڄيءَ ڳالهه جي سمڪ پئجي ويندي آهي.

ٻُڌيءَ کي تيز ڪرڻ لاءِ ستسنگ، ست شاستر ۽ سرامت پرشن جي صحبت تمام ضروري آهي. اُن سان گڏ اَصليت جي ڄاڻڻ جي تيبر اِڇا، ويچار ۽ وويڪ جو هئڻ ضروري آهي. ٻُڌيءَ جو وڪاس نه فقط پرمارٿ ۾ وهنوار لاءِ به ضروري آهي ڇاڪاڻ ته تيز ٻُڌيءَ کان

ديھہ مانش جي ڏري چڪين، ھاڻي وري نہ ڏر،
پاڻ کي پاڻ ۾ گم ڪر، ٻيو ڪم نہ ڪر."

ہر انھيءَ چيتن جي چاڙھيءَ لي ڪو ڪوئي مسافر چڙھندو آھي نہ نہ نہ ڪيترا ويچارا اڌ ۾ رکندي ٻہ آڏ ۾ اٽڪي پوندا آھن.

"ھن چيتن چاڙھيءَ تي مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو،
ڪو ڪوئي چڙھندو، صافي صاف بڻي رھندو." ٽيڪ

١. بگمين واٽ بنا پنڌ جي، منزل معاف بنا ھنڌ جي،
اڇرج ظاھر پيو ڏيندو، مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو،

٢. ڪن کي چاھہ وڏو ڀاھي، ڪن کي ڪرم ويا ڪاھي،
ڪو ويسو لاھيءَ مان لھندو،
مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو،

٣. ڪن کي مان ٽون جي مايا، ڪن کي جيو ايش چايا،
ڪو ويو پوٽيون پاٺ پڙھندو،
مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو،

٤. چڏ جاني زباني، ھيءَ ڳالھہ ٿي لاثاني،
روحاني رمز سان رڙھندو،
مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو،

٥. پائي گيان گروءَ گادي، ڪر سھجي سماڌي،
پل پل "پرمانند" پسندو،
مسافر ڪو ڪوئي چڙھندو."

" سرنجام لاڳو، ڀؤ جل ترن ڪي؛
جنم ٻرٿا جات، سنگ مايا ڪي."
(آسا محلا ٥)

اهڙو ٻرشارت هن لئي دم، ٻيا ڪنهن آلس جي ڪرڻو آهي. جي نه ڪنداسي ته هميشه لاءِ پڇتائڻو ٻوندو.

٦. ٻاڻ سڃاڻڻ

" آهه سدائين آهي، ٻاسي ٿو سڀ ڪاٿهين؛
پيارو پراڻن ڪان لڳي، جت ٻي ڪا ٻيائي نانهه؛
"پرمانند" نه ڀانءِ، ڀرم ڀولائو ٻاڻ ۾ "

هي سڀ مٿي ڄاڻايل سکيا جو وڃار انهي نتيجي لئي پهچائي ٿو ته انسان جي جيوت جو مؤل مقصد آهي ٻاڻ سڃاڻڻ؛ انهي اڀار آدي گهر کي ٻاڻڻ جنهن کانسواءِ پهنجي لئي ڀرم ۾ ڦاسي ٻاڻ کي وڃڙيل ٿو سمجهي. ان جي ٻاڻڻ کان ٻوءِ ٻيو ڪجهه ٻاڻڻو ڪو نه آهي. انسي پهچڻ کان ٻوءِ ٻيا سڀ ٻند معاف ٿي وڃن ٿا. جنهن منزل لئي رسڻ سان ٻئي ڪنهن هند ٻوءِ وڃڻو لئي ناهي. جنهنجي حاصل ڪرڻ کان ٻوءِ ٻيو ڪجهه ڪرڻو لئي ناهي. لڏهن چيو آهي -

" ڪرڻو هو سو ڪري چڪين،
ڀرڻو هو سو ڀري چڪين؛

ويندي آهي ۽ هيئنئان سندس ننڍو ٻار وٽس پهچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته ماتا ڏسندي آهي ته هڪ اَڌ ڏاڪو چڙهي سگهي ٿو يا نه. جي هڪ ئي ڏاڪو چڙهندو آهي ته ماتا ڏاڍو خوش ٿيندي آهي ۽ خيال ٿيندو اٿس ته متان وڌيڪ ڏاڪا نه چڙهي سگهي ۽ ڪِري نه پوي، اِنهيءَ ڪري ٻيا ڏاڪا پاڻ هيٺ لهي، ٻار کي هٿ ۾ کڻي مٿي هلي ويندي آهي.

سو ستسنگيءَ جو ئي فرض آهي ته ٻنهي راهه تي هلندو رهڻ. پاڻ ماري نماڻو ٿي هلڻ ۽ سڀ ڪجهه اُن هوت جي حوالي ڪرڻ. پوءِ هو لاهوتي لال پاڻهي ڪنهن پار پهچائيندا. "ڪڙا ڪنجون ۽ ڪرف، سڀ ڪر حوالي هوت جي."

هڪ دفعي ڪنهن ٻيڙيءَ تي هڪ مهاتما ۽ سندس شش چڙهيل هئا. ٻيڙي درياهه جي پار پئي ويئي. اوچتو اهڙي ڇولي آئي جو هڪ پيل زنجير وڃي هيٺ پاڻيءَ ۾ پيو ۽ وڏو آواز ٿيو. اُن تي شش گروءَ کان پڇيو ته زنجير ٻيڙيءَ کي ڇا چيو؟ مهاپرش وراڻيو ته زنجير ٻيڙيءَ کي ڏوراهو ڏنو ته مان هيترا سال تو سان سنگت ڪئي پر تو مون کي هيٺ ٻوڙڻ کان ڪو نه بچايو! ٻيڙيءَ جواب ڏنس ته برابر تو مون سان سنگت ته ڪئي پر اُها سڄو وقت اُچاٽري سنگت هئي. مون سان ڪا ميخ ته اَنڪائين ها، پوءِ ڏسين ها ته مان تو کي ڪيئن

اِهي لامڪاني ملڪ لاءِ وشواس، شرڌا ۽ ڀروسو
جي ڀمڀا ڏيئي آهي. اُنهن سالڪن وٽ وڃي سِر
جهڪائڻو آهي جن اِهي پد پنڌ پنيا آهن ۽ منزلون جهاڳي
وڃي اَٽل پد پراپت ڪيو آئن.

اُلي ٻاڻ ماري مٿي ڪرڻو آهي. ڀنڀجو عقل اُنهن
وٽ نه هلائڻو آهي. جيڪا اَڳ دنيوي سياڻپ سکيل
آهي اُن کي ترڪ ڪرڻو آهي. سر کي تيج ڄاڻي اُنهن
جي در جي سيوا ڪري دلدار کي رجهائي سندس
راضپو هٿ ڪرڻو آهي. جيڪي چون اُهو ڪرڻو آهي.

مطلب ته آپ گدوائي شهه ٻائڻو آهي. گلا غيبت جو
ڪو ويچار نه ڪرڻو آهي. ڏکا ڏُومان سڀ سهڻا آهن.
هو ڀ ننگ پرور، نُور ڏڻي آهن ضرور ٻاجهه ڀوندن.
همٿ جا هٿ ڏيئي ڪڍي ويندا.

"جي شائق آهين سچ جو ته سِر ڀ ڪڄاڻ ۽ سنڌ،
ڪن گلا غيبت ڏک ڏما پر محبت مول نه مٽ،
هو ڀ ناميارا ننگ پرور ڏڻي توکي ڪبين گهرندا گهٽ،
پر وچ لئي وٽ ڏرمون سک سچيءَ سان."

سائين جن چوندا آهن ته هيءَ عشق جي چاڙهي اِئين
آهي جئن شيشي جي ديوار. اُن لي ڪيهن جا نين هاريا
پيا آهن ۽ گوڏن ڀر مٿي چڙهڻو آهي.

ڪنهن وقت ڪا ماٿا مٿي ڪُڏ لي ڏاڪڻ چڙهي

٣- لڳي هميشھ رنگ،
ڏُرجن جو سنگ ڏاهڻ نا گهرجي؛
ندي ناو جي ريت،
ڪنهن سان پريت لڳائڻ نا گهرجي.

٤- بنا ڄاڻي پريڏام ڪام ۾،
هاٿ لڳائڻ نا گهرجي؛
ڪُٽڻ ڏينهن جو خيال ڪپٽ جو،
ڄال وڇائڻ نا گهرجي.

٥- ڪل ڪٽنب جي هيٺ پاپ جو،
ڪيٿ لڳائڻ نا گهرجي؛
پنهن جي پير ٽي پاڻ هٿن سان،
چوٽ لڳائڻ نا گهرجي.

٦- ڪرڻو جو شپ ڪارج آج،
سو وقت وڃائڻ نا گهرجي؛
ڪلھ جو ڪهڙو حال،
ڪال کي ڏوُر سڃاڻڻ نا گهرجي.

٧- هاچي لاب جي ڦير گهير ۾، من گهبرائڻ نا گهرجي؛
پنهن جو ڪرڻو پڙڻو دوش،
ڏارين ٽي لڳائڻ نا گهرجي.

نہ ھُن کان ھجايان ھا !

”گرمکہ سو ماڻي، ستگور سندي سکہ کي؛
جو پاڻ ڇڏي پرتيت سان، سر ڌريءِ آڏي؛
رڌو رهي ڌنهن راهہ ۾، بي ڌاڻ نہ ڪا ڌاڻي؛
”پرمانند“ واڻي، وچن صبر جي سيج ڌي.“

سو آتم سمرپڻ ڪري پنهنجي مرشد جي مام ۾ هلي، برهم ودِيا کي پرائي، اُنهي اَپياس کي پچائي، اُنهي اَصلي آتم پد ۾ نواس ڪرڻ ٿي سائين جن جي سکيا جو مول سار آهي. هيٺينءَ ڪافيءَ ۾ سائين جن اُٿي پهچڻ لاءِ جيڪي لکيو آهي سو هندائڻ جهڙو آهي.

ڌرت برهمچريہ ورت ويرن کي،
ڪڌهن پلائڻ نا گهرجي؛
پائي ڌر ڌنُ رڌن سراسر، خاڪ ملائڻ نا گهرجي.

١- سندر ناري ڏسي پياري،
من کي ليائڻ نا گهرجي؛
ست ڌرم گوُرو جو نالو،
ڇڏي ڀڄائڻ نا گهرجي.

٢- هي مايا بجلي جو چمڪو،
چت للچائڻ نا گهرجي؛
وچڙي ويل سنجوگہ پوگہ جو،
روگہ لڳائڻ نا گهرجي.


سائينءَ جي
سيني تي
آسيس

٨- نشو نياڳو ڪري اپاڳو، وڪه ورڏائڻ نا گهرجي؛
جلندي آگـہ ۾ جان پتنگ جيان،
وجي جلائڻ نـا گهرجي.
٩- مت پنٿ مذهب جـي ڦندي،
پاڻ ڦسائـڻ نـا گهرجي؛
پوري گور ڪـي ڪـوجي اگيان جو
ٻـوجهہ اُٺائڻ نـا گهرجي.
١٠- جي چاهين ڏوُن گـيـان،
وشيہ ايمان وڌائڻ نا گهرجي؛
سکيا ساڌن يوگـہ پـرشارث،
ويهي وچائڻ نـا گهرجي.
١١- پراڻايام ويام پارٿ جو، اُصوُل وسارڻ نا گهرجي؛
ڌرمي ودياڌارڻ واري، پڙهي پنائڻ نا گهرجي.
١٢- پرميشوُر آهي ڏـن ۾ بن ۾،
دردر ڊوڙڻ نـا گـهـرجي؛
شيوا سمتا پريم نمرڌا، پاؤ پلائڻ نا گهرجي.
١٣- ڪري ستسنگ نهہ سنـگ رهڻ،
وهنوار ۾ ڊاهڻ نـا گهرجي؛
"پرمانند" ڪي پائڻ ڪان پوء،
پير هٽائڻ نا گهرجي.

سَر رَس سبواڌاري

(i) سبواڌاريءَ جا گڻ

"سر رس سبواڌاري، سوکيم هن سنسار ۾؛
جي سڀن سوايو سر ڪي، ته به نمرت نيزاري؛
جي ويهي وراهن وچ ۾، ته ثابت سچاري؛
جي ٻيهن ٻازارين ٻرن ۾، ته به خالص خماري؛
جي اڇن عجيبن جي اڳيان، ته به اُلم اڏڪاري؛
جي ٻولن ٻيائيءَ ري سدا، لوُنءَ لوُنءَ جن تاري؛
تنهن کي پنڌاري، ڏٺي آسيس آنند ڌام جي."

سالمن جن جي سنگ ۾ سوين هزارين ستسنگي آيا آهن ۽ هر ڪنهن جي اُنتي ساڳي نه رهي آهي. ڪي ته پنهنجي پيهڪ پريم شرڌا ۽ شيوا روپي ڏاڪڻين رستي گهڻو مٿي چڙهي ويا آهن. ڪي وچارا اڃهي رنڌالي راه تي پيا آهستي آهستي اڳتي وڌن. پر هڪ ڏفع سالمن جن جي سنگ ۾ ڪو به اچي سهين ته هو پاڻ کي ضرور اڳي کان گهڻو بدليل سمجهندو. پڇڻ ڪرمن سان مالش جنم مليو آهي. انهور ڪرپا سان ڪنهن ڪنهن ئي انسان کي پرمارٿ جي پاسي هلڻ جي چاهنا پيدا ٿيندي آهي ۽ پوءِ اُنهي اُلڪ جي آڌار ڏيا سان پورن ستگوروءَ سان ملاقات ٿيندو آهي. اُنهن مهاپرشن

سائين جن پنهنجي ڪهڻي مطابق رهت رهي سڀني ستسنگين کي آتمڪ رستي تي هلڻ لاءِ مدد هڪجهڙي ڪندا آهن. پوءِ جيڪو جيترو ويجهو اچي، اُنهي ڪرپا کي هٿ ڪرڻ جو ڪانڪي هوندو، اوترو ئي مٿي چڙهندو.

شروع ۾ سنڌ ۾ جگياسن کي چانڊوڪي راتين ۾ سهاوني موسم ۾ رات جو وارياسي ميدانن ۾ بي خوديءَ جي اَصلي بهاري وٺائيندا هئا. سڀني ستسنگين لاءِ نشان مقرر ڪندا هئا ۽ کين چوندا هئا ته من جا ساڪي تي هلو ۽ ڏسو ته مقرر ڪيل نشان تائين جيستائين نه پهتا آهيون تيستائين ڪوبه سنڪلپ نه اچي.

اُن ڪالهوءَ هر ڪنهنکي چوندا هئا ته هن جڙ نام ۽ رُوپ کي ڀلائي، بي خوديءَ ۾ نهڪنڪ ٿي هلو. پرواه ناهي جي انهيءَ حالت ۾ ڪري به پئو. وارياسي ميدان ۾ ڌڪ ڪونه لڳندو.

اهڙي بي خوديءَ جي بهاريءَ جو سڀني کي اَنڀو ڪرائي، آخري رات جو واپس ايندا هئا.

جن به سائين جن جي اصليت جي سکيا تي عمل ڪري ڪجھ ڪيو، اُنهن مان ڪن جو احوال هيٺ ڏجي ٿو:-

جي ڪرپا سان اها ڏيڍ نصيب ٿيندي آهي جنهن سان
وڏيڪ جاڳندو آهي. اُن ڪان وڌيڪ واڌارو هر ڪنهن
جگياسوءَ جي پنهنجي پاڻ تي ڪرپا ڪرڻ تي مدار
ٿو رکي! جيترو پنڌ پنڌيندو ۽ وساهه رکي پنهنجي
وهنوار کي سنبه جي رستي ٿي هلائي، اوليت ڏانهن
قدم وڌائيندو اوترو ئي هو منزل جي ويجهو پهچندو.

ڪرپا جو اَرٿ آهي 'ڪِر' ۽ 'پاءِ'. جيستائين جيوُ
سڀ ڪجهه پنهنجي هوش جي حوالي ڪري پاڻ انهي
ٻاٻل گَسَ تي گوڏا نه کسائيندو ليستائين هوءَ عشق
جي چاڙهي ڪاڻ چڙهي سگهندو.

"جهوُنو جگياسي، اوُنهو ٿئي ٻرُ پاڙ جيان؛
پراڻو ڏاهڻو ٿوي، جنهن جهرندڙ جاءِ خاصي؛
پرمانند پياسي، پڌرو پرک مان ٿئي."

انهي طرح سائين جن جي پرڻمين ۾ ڪيترا اهڙا لال
ٿي گذريا آهن يا اَچا ٻه آهن، جن هن سنسار کي سچ
پچ اَسار سمجهي انهي يگاني يار جي پائڻ لاءِ ڪمر ڪشي
سڀ تن من ۽ ڌن اُنهن کي اَرپي سچيءَ دل سان
محبوُب جي ملڻ لاءِ ڪمائي ڪيائون ۽ سائين جن جي
سيوا ۾ رهي جنم سڦلو ڪيائون.

اهو پائڻ لاءِ جاڻڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ

ڪالهي آهي. ڪرمچند ڀاڻ ڪڇٽيءَ ۾ ڪنهن وجهي ڪاليندو هو. هو ڏاڍو موڄي ماڻهو هوندو هو ۽ سائين جن جي اُنهيءَ اوستا ۾ چڱي طرح سيوا ڪيائين. اصلي شروعات ۾ ساميءَ جا سلوڪ سائين جن وٽ هو اُئي پڙهندو هو. هوُ سرلي جو ڀتلو هوندو هو.

٢. شري دوارڪاداس ڀيسومل رهيجا

سائين جن جي پيارن سيوادارن مان هيءُ هڪ هو. هي به درويش شڪارپور جو ئي هو. سندس گهر ڪٽ واري ڌرمشالا جي پوئتان ڪجهه واري کوه وٽ هو. سندس ڌندو صرافڪو هو ۽ سيٺ ڏنومل هرڀڳوانداس جن جو ڀائيوار هو. هن جي من ۾ پرماتما جي پاسي جي ڏاڍي اُلڪنا هوندي هئي. گهڻيئي در ڀيٽيا هوائين. سندس ڀاڳ ڀلا هئا. هڪ دفعو سائين جن جو ستسنگ ٻڌائين اُنهي هڪ دفع جي ستسنگ ٻڌڻ سان اُئي سندس سڀ سنسا گم ٿي ويا ۽ من ۾ شانتي محسوس ڪيائين. اُئين ستسنگ ۾ ايندو رهيو پر اَصلي شرڻ پنجن ستن سالن کان پوءِ ١٩٣٠ع ۾ ورتائين. پوءِ اَهڙو نه پريم جو رنگ لڳس جو سڀني کان گوءِ کٽي ويو. جڏهن اَصل ۾ سائين جن قلعه عبدالله ڏانهن ويندا هئا ته دوارڪاداس به ساڻ ويندو هو ۽ سائين جن جيڪي پستڪ اُلي رچيندا هئا اُهي شري دوارڪاداس کان لکائيندا هئا.

(ii) ڪن سيوادارن جو بيان

١. شري ڪرمچند سونارو

جڏھن سائين جن شڪارپور ۾ پنھنجي باغيچي ۾ ھون مستيءَ ۾ ڏينھن رات ھڪ ڪري ساڌن اڀياس ۾ لڳل ھئا، تڏھن ڪرمچند منجھند جي رسوئي گھر مان باغ ۾ سائين جن لاءِ کڻي ايندو ھو. گرميءَ جا ڏينھن ھوندا ھئا. اُتر سنڌ جي گرمي ته مشھور آھي! ھو ويچارو سھڪندو سھڪندو اچي باغ ۾ پھچندو ھو ۽ ھڪڙي ڏينھن انھيءَ تڪليف ڪري سائين جن کي سندس منھن ڪومايل نظر آيو. سائين جن ڪنھن جو ڏک سھي نه سگھندا آھن. سو ڪيس چيائون ته اڄ کان وٺي رسوئي ھڪ ڇڏي ٻئي ڏينھن لئي کڻي ايندو ڪر پر منھن اُصل نه گھبرائج.

شري ڪرمچند اصل شڪارپور جو ئي رھندڙ ھو ۽ سونارڪو ڪم ڪندو ھو. رسوئي ڪرڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ چڱيءَ طرح ڄاڻندو ھو. ڳلي ۾ رس به سٺو ھوس.

جڏھن سائين جن وھانو کان پوءِ ھردوار ۽ رشي ڪيش ڏانھن روانا ٿيا تڏھن پاڻ ڪرمچند ساڻن گڏ ھو. رسوئي ھو ئي ٺاھيندو ھو. سائين جن منجھند جو ساڳ سبزيءَ جو ساڳ ۽ روٽي کائيندا ھئا ۽ رات جو کچڙي انھن سان گڏ ڪٽڪ جي آنيءَ جو ٽڪڙ والڪر پڪل پاپڙ کائيندا ھئا. انھيءَ کچڙيءَ کي اٿين کائيندا ھئا جنن پاپڙ سان

١- سون سنگين ۾ سمنا وارو،
پريم نيم ۾ سڀ کان نيارو؛
رکي اون آشرم جو سارو، پائي ....

٢- اُپديش وني ايڪانت ڪيائين،
سوارٿ ڇڏي سچ سار ڪنيائين؛
ويهه سال وڃايو جنهن وارو، پائي ....

٣- دم دم دئاري پريندو پيرا،
پراُپڪار جا پائيندو قيرا؛
ڪري هر ڪنهن شوڪ کان ڪنارو، پائي ....

٤- ورسيءَ ۾ وسرام ورتائين،
سمرت جن جو پد پاڻائين؛
ڦل سيوا سندو نه ڦولاريو، پائي ....

٥- ڳڻ ڳرمک جا ياد اچن ٿا،
پورا ڀاو جنهنجا ڪين پلن ٿا؛
پاڻو "پرمانند" پنجارو، پائي ....

٣. بابا لکمیچند

بابا لکمیچند اصلي ڪاڪڙن جي ٽلهي جي ڀرسان شڪارپور ۾ رهندو هو. ٻاٽيءَ جا مت ڀريندو هو. هڪ دڪان جي مسواڙ ملندي هئس جنهن مان ٻارڻ ۽ سندس ماتا سنتوش سان ٿوري ۾ راضي رهي غريبي گذر

دوارڪاداس سڀ ڀائيواري وغيره ختم ڪري ڇڙو ٿي ويو، هڪ نڪ ٿي سائين جن جي سيوا ڪيائين.

سائين جن جي شڪارپور آشرم ۾ ته ڏاڍي سيوا ڪيائين. مٿي ڄاڻايل آهي ته جڏهن سائين جن هنرشالا چالو ڪئي تڏهن ڇڙي ٽيڪچند سان گڏ ڇڙي دوارڪاداس ٿي هو جنهنجي ڪلهن تي اُنهيءَ سڀ ڪاروبار جو بار رکيل هو. هو سڄي هنرشالا جو سڄو حساب ڪتاب رکندو هو. سائين جن کي ستگورو ۽ ڀڳوان سمجهندو هو ۽ اُنهي روپ ۾ پنهنجو سڀڪجهه نڇاور ڪري سندن سيوا ڪندو هو. گهڻو وقت ٿيو جو هي سرير ڇڏي ويو شو پد ۾ واسو ڪيو اٿس. سندس پوٽا بمبئي ۾ رهندا آهن. ڌنيو سائين سمرٿ داتا جن جي ديا ۽ ورسيءَ صاحب جي ڏيهن ٿي هي سرير ڇڏيائين ۽ وڃي اُصلي پد ۾ پهتو!

مطلب ته اُهڙو ته صدقي، سيواداري ۽ سچو ستسنگي هو جو فقط هن پياري جي يادگيريءَ ۾ ٿي سائين جن هڪ ڀڄن ٺاهي "ڀڄن آنند" پستڪ ۾ ونو آهي جنهن مان ٿي سندس گڻن جو وستار پورو ڪ پتو پوندو.

"ڀائي دوارڪاداس پيارو،
جنهن سيوا ڪري من ٺاريو؛
ڀائي دوارڪاداس پيارو - ٽيڪ

پنج ڏشي ۽ اُپديشن جا پستڪ جيڪي سائين جن اڳيان رکي ڪٿا ڪندا آهن اهي سڀ هنديءَ ۾ وڏن اکرن ۾ سائين جن لاءِ هٿ سان لکيائين. ڇا ته اهي اکر آهن! ڪنهن ماهر ڪاتب جو به ڪم نه آهي جو اهڙا موتين جهڙا وڏا، ٺلها ۽ ٻيهڪ وارا اکر لکي سگهي!

سندس اهڙي ڪٺن محنت اجائي ڪانه وئي. ڪلول ۾ اهڙو ته سندس جس ڦهليو ويو جو سندس نالو ئي مشهور ٿي ويو "ڪلول والا بابا لکمي چند." اُتان جي ڪپڙي جي مل جو مالڪ سيٺ نٿورلعل ته مٿس عاشق ٿي پيو. پنهنجي باغيچي ۾ ڪيس هڪ ڪٽيا ٺهرائي ڏنائين ۽ سندس سنگمرمر جو پتلو ٺهرائي اُتي براجمان ڪيائين. اهڙي هوندي به نهٺو اهڙو ۽ سائين جن چرنن ۾ اهڙو پريم هوندو هوس جو هرڪنهن سال ورسي مها اُتسو جي موقعي تي اچي گلن جي سيوا پاڻ ڪندو هو. ڊگهو ڪارو چولو پائيندو هو ۽ ڊگهي سفيد ڏاڙهي رکيل هئس. واهه جو درويش جي منهن ۾ مٺاڻ هئي! هينئر ڪيئي سال ٿيا جو سرير ڇڏي وڃي آتم پد ۾ واسو ڪيو اٿس.

٤. شري ڪرشن لعل برهمچاري

هي پيارو ١٩٢٣ع ۾ سائين جن وٽ آيو. وسيل شڪارپور جو ئي هو. جڏهن سائين جن وٽ آيو، تڏهن

ڪندا هئا. پوءِ گرهست ۾ گهڙيو ۽ سندس ٻه ڇوڪريون جلد ئي گذاري ويون ۽ وري شادي نه ڪيائين. پهريائين نه هڪ عجيب قسم جي حيالي گذاريندو هو. آخر ۾ چرش سان ڇڱو واهپو هوندو هوس. پهريائين پهريائين جڏهن سائين جن جي آشرم ۾ آيو ته اُتي ڪيس اَچڻ ئي نه ڏيندا هئا. ڇاڪاڻ ته آشرم ۾ ته ڪنهن به نشي واري چيز جي واپرائڻ جي سخت منع هئي. پر جن کي سچي سڪ جو سور ٿو پيدا ٿئي، اُهو سڀ ڪجهه جالب مٿان گهوري ٿو ڇڏي. سو هن هار نه سيٺي عادتون ڦٽيون ڪري سچيءَ شردا ۽ سڪ سان اچي سائينءَ جي شرن پيو ۽ اهڙي نه اَچي لشڪام ۽ پريم سان شيوا ڪيائين جو گهڻن ڪان گوءِ ڪٽي ويو ۽ چوندو وتندو هو ته:

"سائين سان سر لڳي منهنجو،

حيالئي ڏائين ٻڌل آهيان،

ٻنا ناٽي سچو سارو، ٻڌل ٻانهو ٻڌل آهيان."

آشرم ۾ گهڻو ڪري مَتَن جي شيوا ڪندو هو. ڏاڍي محبت سان ماڻهن کي پاڻي پياريندو هو. پريم ۾ ويهي جهوليندو هو. پوءِ نه ڪيس چوندا ئي هئا لهري بابا.

پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ ڪلول (گجرات) وسايائين. اُتي رهي به سائين جن جي اَنوکي سيوا ڪيائين.

اولاد ڪانه هئي ۽ اِستري به اڳيئي گذاري وئي هئس.

ڀارت جي ورهاڱي ڪانپوءِ ڀرپائن گهڻو وقت پاڻ سان گڏ آگري ۾ رهندو هو. اُتي هڪ به سنڌي ڀرسون هيون ۽ سائين جن جا جيڪي سنڌي پستڪ اُتي ڇپيا هئا، اُنهيءَ پروف ڏسڻ، ڀرس وارن کي ڪاغذ وٺي ڏيڻ ۽ اُنهن سان حساب ڪتاب سمجهڻ جي سموري سيوا هُو ڪندو هو.

پر آهستي آهستي آگري ۾ سنڌي ڀرسون بند ٿي ويون. اُنڪانپوءِ سنڌي پستڪ اَجمير، اِندور ۽ اَحمدآباد ۾ ڇپجڻ لڳا. اَجمير ۾ جيڪي پستڪ ڇپيا هئا، اُنهيءَ ڇپائڻ جي سموري سيوا ڀائي نهالچند ڪندو هو ۽ پنهنجو هيڊ ڪوارٽر اُهو ٽائيم اَجمير ۾ ڪندو هو.

رسوئي ڀائي ٽلسيداس وٽ ڪائيندو هو پر رهندو هو سوامي ڀوڊراج جي آستان تي متي اڪانت ڪنيا ۾ سڄو وقت پستڪن جي سيوا، نام جي ٽالي ۽ سائين جن جي ياد گيري ۾ ڏيندو رهندو هو.

ٻه سال کن ٿيا ته هڪ ڏينهن نيم موجب صبوح جو ٧ بجي ڀائي ٽلسيداس جي گهر چانهه پيئڻ لاءِ ڪو نه پهتو. اُنهي ڪري ٽلسيداس کيس اُون ٿي ۽ وڃي سندس ڪنيا ۾ ڏسي ته نهالچند کي ته دل جو دَورو پيو آهي. هڪدم ڊاڪٽر گهرايو ويو، جنهن دوا وغيره ڏني پر

اُها ٻاراڻي اوستا هيس. نندي اُتي نيڻهن لڳايائين. سائين جن جو چڱو شيواداري هو. سائين جن سان گڏ اُتر ڪاشيءَ ۾ ويو هو ۽ ٻئدل اُترڪاشيءَ کان گنگوتري جي ياترا ۾ ڪئي هوائين. ڳائڻ وڄائڻ جو چڱو هو. سُر ۾ سنو هوس. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ ۾ اُتي ڪجهه وقت رهي سائين جن جو ڪجهه ٻچيل سامان جيڪو شري سخاوترا ۽ شري نارومل نيڪال ڪونه ڪيو هو، اهو ۾ نيڪال ڪري اُنهن مان وصول ٿيل پئسا ڪٺي اچي سائين جن وٽ پهچايا هئائين. هردوار ۾ آشرم ٺهڻ کانپوءِ ڪجهه وقت گهڻي جوابداري اُتي آشرم جي شيوا ڪرڻ جي سندس مٿان هئي. پوءِ برندابن ۾ پنهنجو آشرم ٺهرائي وڃي رهيو. هينئر ٿوڙ پڊ ۾ سمائجي ويو آهي.

٥. ڀائي نهالچند

ڀائي نهالچند هڪ درويش دل، نماڻو، سمجهيل ۽ نهايت صدقي شيواداري هو.

اصل سکر تعلقي جي امروٽ ڳوٺ جو هو ۽ هڪ سرل ڪٽنب ۾ جنم ورتو هئائين.

سائين جن جي شرڻ ۾ سندس اُچين جنمن جا شبيِ سنسڪار ۽ نندي هوندي پتا ماتا جي پوڄر واهو منڊل جا اُثر ڪيس ڇڪي آيا.

ٻچاڙيءَ تائين پوري نباهي ويو. کيس ڪو پنهنجي

جون سرڪيون ٻري، سڌن سمپ ٻا ٻري رهي سڪ سيوا ۽ سادگي جي موج ضرور ماڻي آهي. اِها ٻي ڳالهه آهي ته اهي ڀيرين ٿي پوُر ۾ واڌارو ڪري اچي پيار پهتا ۽ا اَڌ ۾ ئي رهجي ويا ۽ وري ڪوشش ڪري مالڪن جي مهر هٿ ڪئي اٿن. مطلب ته جنهن جيتري ڪمائي ڪئي آهي ۽ وشواس ۽ صدق رکي وچن جو پالن ڪري انهي اَصليت جي آڪاس ۾ اُڏامڻ جو اُدم ڪيو آهي اولرو ئي اُنهن پنهنجي نرباڻ آتم پد جي وڃهو پهتا آهي ۽ ڪي ته انهي اليٽي ديس ۾ واسو ڪري جيون اوستا جي موج ماڻي آهي.

"سچن شائقن لء، مرڻ آ ملاڙو،
ستي سانگو سر جو، ڪيو ٿو ونڪلاڙو.
١. دنيا درنگي، ڦندن ۾ آ ڦندي؛
ڏينهن ڪي رات ڪندي، اِجهو ٿيو سياڙو.
٢. هار جيت حجت مان، ڪنهين ڪين لاڙو؛
بي وطن مسافر، گهمين ٿو ويگاڙو.
٣. ٻڌي ڳالهه برهه جي، جاڳي ڪو جاڳاڙو؛
جنهن کي مليو رهبر، روح جو رهاڙو.
٤. پرين جي پرن سان، "پرمانند" اُڏاڙو؛
ڏيئي دل دلاسو، ڪيو موڪلاڙو.

ڪيس ڪٽ ٽان اُٿڻ کان سخت منع ڪيائين.

ڪجهه وقت ڪالهوءِ ڪيس پيشاب جو خيال ٿيو. ٻائي ٽلسيداس جي ڪيتري به منع ڪرڻ لي ڪٽ ٽان اُٿي هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪيائين پر اُتي ئي مڙس ٻرڪي ويو ۽ ڇت گهٽ ٿي ويئي. پڇاڙيءَ تائين نام جو تالو وات لي هوس ۽ وڃي شو لوڪ پڌاريو. سائين جن کان وٺي سڀني کي پيارو هو ۽ سادگيءَ جي مورت هو. سڀني سنسڪرتين لاءِ نشڪام شيوا، نماڻائي ۽ سرل سڀاءَ جو مثال قائم ڪري ويو.

مٿين پر ٻين ڪالسواءِ سائين جن جا ٻيا به ڪيترا پڙهڻ ۽ لائق شيواداري ٿي گذريا آهن پر ڪيترن جا نالا لکي ڪيترن جا لکجن.

سائين جن جا جيڪي به لائق شيواداري ۽ جگياسو جيڪي شري سمرٿ ڏيو جن جي ڪرپا سان اڃا هن جيوت جي پالنا ڪري رهيا آهن، اُنهن مان ڪن جا نالا نه مٿي هن پستڪ ۾ اَچي چڪا آهن پر ٻين ڪيترن مان ڪنهن جو ذڪر ڪونه ڪيو ويو آهي جو اُنهن سڀني جو وڏي وستار ڪبو نه هڪ نه پستڪ تمام وڏي ويندو پيو نه سڀني جا نالا ۽ احوال لکي به ڪونه سگهبا.

ايترو لکڻ شايد ڪافي ٿيندو ته سائين جن ڪرپا درشٽي ڪري جن به سڄڻن کي ڇڪ ڪري پنهن جي پرلم جي چاشني چکائي آهي، اُنهن هڪوار نه سڪ

نمبر	سال	ورسي نمبر	نالو پستڪ جو	ٻولي
			ورهاڱي کان پوءِ	
.8	1948	26	گيتا جيون	سنڌي
.9	1949	27	موکيه دئار	هندي
.10			آتم پرڪاش	هندي
.11	1950	27	پنچ دشي آديش	هندي
.12	1950	28	انيڪ يوگ	سنڌي
.13	1951	29	چمن چاڙهڻ لي	سنڌي
.14			جيون ڀالرا	هندي
.15	1952	30	آنند ڀنڊار	سنڌي
.16	1953	31	گيان ۽ جهان	سنڌي
.17			گيان انجن	هندي
.18	1954	32	اُپنشد سار	سنڌي
.19	1955	33	ڌرم تتو	هندي
.20	1956	34	برهم وديا	سنڌي
.21	1957	35	اُپنشد سار	هندي
.22			برهم وديا	هندي
.23	1958	36	آتم پرڪاش	سنڌي
.24	1959	37	ٻرودلي ۽ نورلي	سنڌي
.25	1960	38	رام مريادا	سنڌي
.26	1961	39	اوم جو آواز	سنڌي

پستڪن جي لسٽ

سائين پرمانند صاحب جن جي هن وقت تائين
سنڌي، هندي، گرمکي ۽ انگريزي ۾
رچيل ۽ ڇپايل پستڪن جي لسٽ

نمبر	سال	نالو پستڪ جو	ٻولي

ورهاڱي کان اڳ

نمبر	سال	نالو پستڪ جو	ٻولي
1.		گرهست ۽ برهمچريه	سنڌي، گرمکي ۽ هندي
2.		پريم آنند (16 دفعو سال 1980 ۾ ڇپجي رهيو آهي.)	سنڌي، گرمکي ۽ هندي
3.		گرو شش سمواد	سنڌي ۽ گرمکي
4.		اوم جگيت	سنڌي
5.		ڌرم تنتو	سنڌي ۽ گرمکي
6.		ڪرم وڪاس	سنڌي ۽ گرمکي
7.		جيون سڌانت	سنڌي ۽ گرمکي

نوٽ:- ٻيا به ڪيترا پستڪ سنڌ ۾ ڇپايا ويا هئا، پر أنهن جو سلسليوار تفصيل نه هئڻ سبب أنهن جا نالا نٿا ڏجن. أهي گهڻو ڪري هندستان ۾ وري ڇپايل آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:-

نمبر	سال	ورسي نمبر	نالو پستڪ جو	ٻولي
.48	1971	49	گيان ۾ مٺن هون ڌيان ۾ مٺن هون	هندي
.49			سمرت ڪا سمراج	هندي
.50	1972	50	Inaction in action	انگريزي
.51			مت ڀوُلو	هندي
.52	1973	51	ڪرم ۽ اڪرم	سنڌي
.53	1974	52	چيتن چاڙهيءَ لئي	سنڌي
.54			مرڻ سڪ	سنڌي
.55	1975	53	ڳالهه عجب	سنڌي
.56			جيون سدانت	هندي
.57			بات بير لڳي	هندي
.58	1976	54	ڀهنجو گهر	سنڌي
.59			ڀيد ۽ اڀيد	هندي
.60			ڌرم ۽ دنيا	سنڌي
.61	1977	55	اچانڪ	سنڌي
.62	1978	56	هل ڪاهي	سنڌي
.63			جانا پڙيگا	هندي
.64	1979	57	اڪ نه	سنڌي
.65			نيهن ڪنارا	هندي
.66			نشڪام سڌي	سنڌي
.67	1980		ڪهاڻي هڪ ڪامل جي	سنڌي

نمبر	سال	ورسي نمبر	نالو پستڪ جو	ٻولي
.27			مي جڳه اَدلا بدلي هئه	هندي
.28	1962	40	ڀمڀجو ڀاڳ	سنڌي
.29			اس رستي پر آوي ڪؤن	هندي
.30	1963	41	چمتڪار جيون چرتر	هندي
.31			راند عمر ساري	سنڌي
.32	1964	42	Self Enlightenment	انگريزي
.33			گرهست ۾ يوگ	هندي
.34			انيڪ يوگ	هندي
.35			لڪيل لال	سنڌي
.36			آيا وو دن	هندي
.37	1965	43	گياني ڪا گهر	هندي
.38	1967	45	جيوت ڪي ڌارا	هندي
.39			آتم ڪسڪا نام	هندي
.40			سمرت ٻوت	هندي
.41	1968	46	گيتا هردي	هندي
.42			ٻج چاڙ	سنڌي
.43	1969	47	ٻن ڪي ڪيا ڪريگي	هندي
.44			آنند ڌام	هندي
.45			ڀڳوان تي ڀرو ۾	سنڌي
.46			آتم اسرار	سنڌي
.47	1971	49	سمرت ٻوت	سنڌي

نوٽ:- سڀ مٿيان پستڪ بنا ڪنهن نفع ۽ بلڪل واجبي پيسن تي ڏنا ويندا آهن. ڪيترا پستڪ ته شري سمرٿ ديو جن جي ورسيءَ جي شڀ موقع تي پرساد طور آيل پريمين کي مفت ڏنا ويندا آهن. انهي ڪري عام وڪري لاءِ فقط ٿورا پستڪ وڃي بچندا آهن.

❀ اوم آنند ❀

سماپت

Printed by Shri Radhakrishin Pribhdas at the
Amar Bharat Printing Press, Hathi Bhata, Ajmer.
and Published by Sain Parmanand Sahib
S/o Shriman Chokasram, Shri Parmanand Bhandar
Sindhi Ashram P.O. Kankhal (Hardwar) U.P.

8	9
15	16
22	23
29	30

the years of Soviet
ad. Their works have
s foreign readers to
characters of Soviet
of their own destiny
ther in a book form or
and in other foreign

rry articles about the





1980

Y	SATURDAY	SUNDAY
	5	6
	12	13
	19	20
	26	27

